# ديوان جام عشق

## كلام

حضرت فقير سخي

بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر

تحرير و ترتيب

چنا عبدالجبار سائين "عزيز حيدري"



Gul Hayat Institute



حضرت فقير سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر



آخري آرام گاهه حضرت فقير سخي بابا نماڻو سائين

Gul Hayat Institute



حضرت فقير سخي سچل سرمست درازا شريف



حضرت فقير سخي قبول محمد سائين ثاني درازا شريف

Gul Hayat Institute



حضرت فقير سخي بابا محمد شفيع المعروف قلندر علي درازي



حضرت فقير سخي بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر

Gul Hayat Institute



حضرت فقیر سخی بابا رحمدل سائین امنپور شریف لاهور



حضرت فقير سخي نوراني سائين سجاده نشين
درگاهه فقير بابا سخي نماڻو سائين گهوٽڪي



Gul Hayat Institute

حضرت فقيربابا نماڻوسائين، حقنوازعرف پپو سائين (وچ ۾)

۽ عبدالجبار سائين عزيز حيدري

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
سُبۡحَانَ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهِ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ شَهِيۡدٌ

# ديوان جام عشق

ڪلام

## حضرت فقير سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر

تحرير و ترتيب

## چنا عبدالجبار سائين "عزيز حيدري"

ٻانهن ٻيلي

## مشتاق احمد سائين قاضي

Gul Hayat Institute

جمل حقوق بحق مرتب محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| كتاب | ديوان جامِ عشق |
| ڪلام | حضرت سخي سرتاج فقير بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر |
| بااهتمام | فقير نوراني سائين، رائو محمد شاڪر سائين |
| تحرير و ترتيب | عبدالجبار سائين چنه "عزيز حيدري" مسلم ڪالوني اوباوڙو |
| باني بيلي | مشتاق احمد سائين قاضي ڳوٺ صالح ڏهر |
| ڪمپوزنگ | عبدالجبار سائين چنه |
| پروف ريڊنگ | استاد ربنواز ڏهر، استاد ممتاز علي رند، استاد محمد پريل چانڊيو، حاجي اڪبر علي ملڪ |
| طابع | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ناشر | رائو محمد ناصر سائين فقراء درگاه عاليه مرشد پاڪ بابا نماڻوسائين صوفي قادري قلندر نندي امن پور شريف ڳوٺ جلال گهوٽوگهوٽڪي سنڌ |

ملڻ جو هنڌ

درگاه عاليه مرشد پاڪ بابا نماڻوسائين صوفي قادري

قلندر نندي امن پور شريف ڳوٺ جلال گهوٽوگهوٽڪي سنڌ

فون:


Gul Hayat Institute

# انتساب

## فقير امام بخش المعروف فقير ديدار علي سائين

صوفي قادري قلندري رحمة الله عليه

۽ پنهنجي

## پياري والدين

جي نانءُ

جنهن جي محبتن شفقتن

صحبتن فڪر جي راهہ ڏيکاري

۽ سندن دعائن هن قابل بڻايو.

Gul Hayat Institute

# فهرست


**پيش لفظ** ........ 9

**سوانح حيات** ........ 18

ولادت با سعادت ........ 21

خانداني پسمنظر ........ 21

ٻچپڻ ۽ جواني ........ 22

شادي ۽ اولاد ........ 23

مرد خدا سائين ........ 24

نوراني سائين ........ 24

حاڪم علي سائين ........ 25

محمد رفيق سائين ........ 25

ضرورتِ مرشد ڪامل ........ 25

دستِ بيعت ........ 28

ضرورتِ ذڪرالله ........ 29

نالي جو عطا ٿيڻ ........ 33

سلسلہ ۽ طريقت ........ 33

حضرت فقير سخي بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر... 34

حضرت فقير سخي بابا رحمدل سائين صوفي قادري قلندر . 41

عشق مجاز ........ 45

ميخاني جو قيام ........ 46

علم پاڪ جو هٽڻ ........ 47

ساونڻ جي ميلي جي مقرري ........ 47

نفس ۽ ان کي قابو ڪرڻ لاءِ تصورِ مرشد ........ 48

روحانيت ........ 53

مقامِ نسبت ........ 53

ارڪانِ دين جي حقيقت ........ 54

ڪلمہ طيب جي حقيقت ........ 54

نماز جي حقيقت ........ 57

روزي جي حقيقت ........ 59

زڪوات جي حقيقت ........ 60

حج جي حقيقت ........ 61

خلافت ........ 64

حالاتُ واقعات ........ 68

سفر ........ 79

امن پور شريف ڏانهن پيادل سفر ........ 86

فقراء وٽ ملهائيجندڙ ميلا ........ 90

آستانہ عاليہ تي ملهائيجندڙ ميلا ........ 91

عطا ڪيل خلافت ........ 91

خط و ڪتابت ........ 94

سندن پير ڀائي ........ 108

پنجاب جي فقراءَ ........ 109

سنڌ جي فقراءَ ۾ ........ 109

درگاهہ حسين هيلي جي فقراءَ ........ 111

درگاهہ غمدل سائين جي فقراءَ ........ 111

درگاهہ بخت فقير جي فقراءَ ........ 111

درگاهہ نور شاهہ جي فقراءَ ........ 111

درگاهہ عاليہ جهانپور شريف جي فقراءَ ........ 111

درگاهہ جهنگل شاهہ جي فقراءَ ........ 112

درگاهہ داتا ولايت شاهہ جي فقراءَ ........ 112

درگاهہ فقير محمد سائين گهوٽو جي فقراءَ ........ 112

درگاهہ فقير نصير سائين جلالاڻي جي فقراءَ ........ 112

درگاهہ پاڪ پيرل شاهہ سهڪجي جي فقراءَ ........ 112

درگاهہ بيدل بيڪس سائين جي فقراءَ ........ 113

درگاهہ رکيل شاهہ جي فقراءَ ........ 113

درگاهہ جهوڪ شريف جي فقراءَ ........ 113

درگاهہ درازا شريف جي فقراءَ ........ 113

درگاهہ احمد سائين خانگڙهہ جي فقراءَ ........ 113

درگاهہ سوئي شريف جي فقراءَ ........ 113

انهن کان علاوہ ........ 113

ميخاني جي قيام تزئين و آرائش ۾ فقراءَ جون خدمتون ........ 114

طالب فقراءَ ........ 116

سائين جن جو وصال ........ 117

درٻار شريف جي تعمير ........ 118

سائين جن جو ميلو ........ 119

گوندر گهارڻ، گڏ گذارڻ ........ 169
گل مليا ، گوهر كليا ........ 170
گرووڻ پُر جام پيتوسي ........ 170
ڳليون پڇان پئي ڳوٺ ........ 171
محبت كيا جي مشتاق ........ 172
مرد ويا اهي پاڻ سجاڻي ........ 173
مون ڏي رات رانجهن آيو گهر ۾ گهڙي ........ 174
مرشد جو در كعبو قبلو ........ 174
مرشد راز حقاني ........ 174
مهتاب رخ انور، صاحب سونهن جا سرور ........ 175
نہ كو ساجد نہ مسجود ........ 176
حُل هُليو آ حق موجود ........ 176
نائي كر نگاه ........ 177
تو ۾ آهي دوست جو ديرو ........ 177
وحدت بنا نہ واندو ويھ هادي بنا نہ واندو ويھ ........ 178
واھ واھ عجب يار جو، ديدار ٿو پسان ........ 179
هادي تنهنجو نام ........ 180
هادي دي ميخاني تي ........ 181
هڪ عشق اسانجو نواب آهي ........ 182
هر جا ہولي چولي يار ........ 183
مين گهر آئي ڍولي يار ........ 183
هن شهر بحر كان دلڙي ڦري ........ 183
هي دلڙي نماڻي مونجهي ماندي ........ 184
ياد تيڏي من ڀاندي اي ........ 184
ابيات ........ 185
مداح ........ 190
الله الله كا پتا، الله والوں سے ہی پوچھ ........ 194
اس عشق کے میدان میں ........ 195
سوھنی موسم ساون دی ........ 195
ہر وقت تجھ کو، شامل حال دیکھوں ........ 196
قال ڇڏ حال وٺ ........ 197
جتي ناچيز هئي تتي چيز ڏٺم ........ 197

## ديوان نوراني

ديوان نوراني ........ 18
اگن ساڈے یار آویں، سن دانہن میری وے ........ 198
آهي مرضي جو مختيار ........ 199
اندیري ۾ كيو روشن، نوراني نور جو جلوو ........ 200
اي هادي سچا همراز منهنجا، تون راضي آهين تون راضي آهين ........ 201
آهي عاضي آهي عاضي ........ 202
تون طبيب آن كر منهنجي دوا، بيمار پيو هان تنهنجي ٻلي ........ 203
پسند صورت كيم پنهنجي، كڍيم نہ كاڻ ہئي كنهن جي ........ 203
جيكو پنهنجو پاڻ سجاڻي ........ 204
چا عشق عاشقن سان، توايئن كيو آ ........ 205
حسن تنهنجو بيمثالي، هر هر نرالي شان ۾ ........ 206
ڈھول میرا سوھنا، راضی میرا ڈھول بول بول بول، گیت پیار والے بول ........ 207
سكندي كي نہ سكاء پيارا ........ 208
شان جنھیں دا سب توں اعلی ........ 209
عجب دیدار وکھایا یار، سکھایا پیار بسم اللہ ........ 210
عشق اولڑی چوٹ چلیندا ........ 211
کیا ہوا بے تاب دل، کیوں تڑپتی ہے سدا ........ 212
ڳالهيون يارن سان ني صاف ........ 213
مان چوان ٿو مان ئي آهيان تون چوين ٿو تون ئي آهين ........ 214
وکھا نور جمال وے واسطا تینوں تیرے ناں دا ........ 214
واہ واہ یار سجن ہے میرا ........ 215
واھ واھ مالك تنهنجو ڏنڏو ........ 216
واھ واھ عشق كرايو سجدو سجود ........ 217
واھ واھ يار سجڻ ڏاڍو سياڻو آن ........ 218
هي بندي بدكار، آهي نوكر تعبيدار ........ 219

Gul Hayat Institute

اللہ اللہ کا پتا، اللہ والوں سے ہی پوچھ
اور کیا جانے راز اسی کو، میم کے متوالوں سے پوچھ

Gul Hayat Institute

ٿابتي طور پيش ڪرڻ جي جسارت ڪافي حديثون فرمايل آهن جن مان ڪجهه فقر جي حقيقت ۽ ثابتي طور پيش ڪرڻ جي جسارت حاصل ڪندس:

"فقراءَ الله پاڪ جي ڪرامتن مان هڪ ڪرامت آهي". (الحديث)

"اذاتم الفقر فهوالله". (الحديث)

"جڏهن فقير جو فقر پورو ٿيندو آهي ته پوءِ فقير ڪي مقام فنا ۾ حصولِ الي الله هوندو آهي".

"الفقر فخري فافتخرعلىٰ سائر الانبياءِ والمرسلين" (الحديث)

"فقر منهنجو فخر آهي ۽ آءٌ پنهنجي فقر جي سبب سان تمام انبياءَ و مرسلين جي عملن تي فخر ڪندو آهيان".

"حب الفقراءِ من اخلاق الانبياءِ والبغض الفقراءِ من اخلاق الفرعون" (الحديث).

"فقيرن سان محبت ڪرڻ انبياءَ جو اخلاق آهي ۽ فقيرن سان بغض فرعون جي خصلت آهي".

"من نظر الىٰ فقير يسمع ڪلامه يحشره الله تعالىٰ مع الانبياءِ والمرسلين" (الحديث)

"جيڪو شخص فقير ڪي ڏسي ۽ ان جون ڳالهيون ٻڌي ته الله تعاليٰ ان ماڻهو ڪي نبين ۽ رسولن سان گڏ اٿاريندو".

"من تعلم ولم يتصوف فهوتزندق ومن يتصوف ولم يتعلم تفسق ومن جمع بينهما فقد تحقق" الحديث)

"يعني جنهن شخص علم پڙهيو ۽ فقير نه ٿيو اهو بي دين ٿيندو ۽ جنهن فقيري ۾ پير پاتو ۽ علم نه سکيو جاهل آهي اهو ماڻهو فاسق ٿيندو ۽ جنهن ٻنهي علم ۽ فقيري ڪي گڏيو اهو ماڻهو حقيقت ڪي پهچندو".

"الفقر شين عند الناس وخزينته من الله" (الحديث)

"فقر عام ماڻهن وٽ ملامت آهي مگر الله پاڪ وٽ اهو فقر خزانو آهي".

"الفقر بياض الوجه فى الدارين" (الحديث)

"يعني فقر ٻنهي جهانن جو نور ۽ سرخروئي آهي".

سلطان العارفين حضرت سخي سلطان باهو رحمة الله عليه حضور غوث الاعظم رضي الله عنه جي شانِ فقر بيان ڪندي فرمائن ٿا ته "اي عزيز ڄاڻڻ گهرجي ته جڏهن شبِ معراج حضرت جبرائيل عليه السلام، حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله صلى الله عليه وسلم جيڪو مقام فقر ڪي حاصل آهي ان ڪان وڌيڪ ڪوئي ٻ مقام نه آهي تنهنڪري آءٌ ان مقام ڪان اڳي نٿو وڃي سگهان ته الله تعاليٰ جي عطاءِ بخشش سان سلطان الفقر جناب غوث الاعظم سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي روح مبارڪ حاضر ٿي ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڪي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪري الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ پهچايو حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته انهيءَ فقر تي مونڪي فخر آهي". ( سلطان الوهم )

حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ "فقير منهنجو فخر آهي ۽ منهنجي لاءِ باعث افتخار آهي" کان مراد اها فقيري نہ آهي جيڪا بک، غربت ۽ افلاس جي ڪري ماڻهن ۾ مشهور آهي مگر هتي فقر حقيقي مراد آهي جنهن جو مفهوم آهي تہ "الله تعاليٰ کانسواءِ ٻي ڪنهن جو بہ محتاج نہ هجي ۽ ان ذات ڪريم کان سواءِ باقي سيني لذتن ۽ نعمتن جو دل وجان سان ترڪ ڪرڻ"جڏهن انسان مالڪ جي مهرباني سان ان مرتبي تي فائز ٿي وڃي ٿو تہ اهو ئي مقام فنا في الله آهي جو ان ذاتِ وحده لاشريڪ کان سواءِ انسان جي وجود ۾ ڪنهن ٻي جو تصور باقي نہ رهي ۽ ان جي دل ۾ ذاتِ رب العزت کان سواءِ ڪنهن بہ ٻي جو بسيرو نہ هجي.

حضرت غوث الاعظم رضي الله عنه پنهنجي الله تعاليٰ سان الهامي گفتگو تي مبني تصنيف الرسالتہ الغوثيہ ۾ فقر جي انتها ڪي حضور پاڪ ﷺ جي حديث مبارڪ تحت بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ

"كما قال رسول الله صلى الله عليه و آله و سلم الفقر فخري و به افتخر على الانبياءِ و المرسلين و كما قيل فاذاتم الفقر فهو الله"

"جيئن تہ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ فقر منهنجو فخر آهي ۽ آءٌ انهي فقر جي سبب تمام انبياءَ ۽ مرسلين تي فخر ڪيان ٿو ۽ جيئن چيو ويو آهي تہ جڏهن فقر پورو ٿئي ٿو تہ هو عين الله تعاليٰ جي ذات آهي."

صرف فقر ئي انسان کي الله تعاليٰ وٽ پهچائي سگهي ٿو غوث پاڪ جن فرمائن ٿا تہ مون کي الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو تہ

"اي غوث الاعظم پنهنجي اصحاب، احباب ۽ رفقاءَ کي چئو تہ اگر توهان مان ڪوئي منهنجي صحبت چاهي ٿو تہ فقر اختيار ڪري، جڏهن ان جو فقر پورو ٿي وڃي ٿو تہ اهي نتا رهن سواءِ منهنجي" ۽ وري فرمايائون تہ "مون فقر ۽ فاقيو انسان لاءِ بہ سواريون ٺاهيون آهن جنهن بہ انهي تي سواري ڪئي سو منزلن ۽ جهنگلن کي طي ڪرڻ کان پهرين ئي منزل مقصود تي پهچي ويو".

شانِ فقر موٽا ڪپڙا پائڻ ۽ ٻي مزي کاڌو کائڻ ۾ نہ آهي، شانِ فقر تہ تنهنجي دل جي زهد اختيار ڪرڻ ۾ آهي. سچو عاشق سڀ کان پهرين پنهنجي باطن کي صوف جو لباس پارائي ٿو ۽ پوءِ ئي ان جي ظاهر طرف وڌي ٿو. سڀ کان پهرين باطن کي، پوءِ قلب کي، پوءِ نفس کي، پوءِ پنهنجي ظاهري عضون کي ۽ پوءِ جڏهن هو سراپا صوف پوش بڻجي نيڪ ٿي ويندو آهي تہ پوءِ ان جي طرف راحت، رحمت ۽ احسان جو هٿ اچي ٿو ۽ ان مصيبت زده مردِ مولا جي حالت ۾ تبديلي پيدا ڪري ٿو ۽ ان جي جسم تان غم جا ڪپڙا لاهي خوشي جا ڪپڙا پارائي ٿو ۽ غم کي راحت ۾، خوف کي امن ۾، دوري کي قرب ۾ ۽ فقرومحتاجي کي تونگري ۾ بدلائي ٿو.

"فقر و تصوف جدوجهد جو نالو آهي ان ۾ ڪنهن بہ بيهودہ شيءِ جي آميزش نہ ڪر الله تعاليٰ اسان ۽ توهان کي ان جي توفيق جي ارزاني ڪري" هڪ روايت ۾ آهي تہ "فقر ٻنهي جهانن جي روسياهي آهي" جنهن جي معنيٰ هي آهي تہ "فقر نور ذات الاهي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رنگ قبول ناهي ڪندو جهڙي طرح ڪارو رنگ ٻي ڪنهن بہ رنگ کي پاڻ ۾ جذب نتو ڪري، يا جيئن رخِ جميل تي ڪارو تر حسن و جمال ۾ اضافي جو باعث آهي جو ان جي جمال و ملاحت کي دوبالا ڪري ٿو."

”اي الله جا بندا تون فقر ۽ صبر وسلامتي سان گڏ ڪنهن بہ شيءِ کي برابر نہ آڻ، تون پنهنجي فقر ۾ الله تعاليٰ جي قرب سان غني بڻ. فقير بڻجي بي نيازبڻجي وڃ“

”فقير اهو نہ آهي جنهن وٽ ڪجھ بہ نہ آهي مگر فقير اهو آهي جيڪو ڪُن چئي تہ فيڳون ٿي پوي“

غوث پاڪ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ مون کي فرمايو تہ ” اي غوث الاعظم جڏهن تون ڪنهن فقير کي ان حال ۾ ڏسين تہ هو فقر جي باهہ ۾ سڙي ويو آهي ۽ فاقي جي اثر کان شڪستہ حال آهي تہ تون ان جي قريب ٿي وڃ ڇاڪاڻ تہ منهنجي ۽ ان جي درميان ڪوئي پردو نہ آهي“

زير نظر ديوان جامِ عشق بہ هڪ اهڙي ڪامل و مڪمل واڪمل فقير هادي مرشد سخي سرتاج سائين واحد بخش المعروف حضرت فقيرهادي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جي عارفانہ ڪلام تي مبني ۽ سندس فرزندِ ارجمند فقير نوراني سائين جي ديوانِ نوراني مان چونڊ چند ڪلام پڙهندڙ فقراء لاءِ پيش خدمت آهن.

فقير هادي بابا نماڻو سائين جي ذات ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي، پاڻ شهر گهوٽڪي جي ويجهو ڳوٺ جلال خان گهوٽو ۾ بابا جمعوسائين جي گهر ۾ تولد ٿيا. بابا نماڻو سائين جو ڏاڏوسائين واحد بخش گهوٽوجنيدِ وقت حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله عليه ڀرچونڊي شريف وارن جا طالب هئا ۽ بابا نماڻو سائين جو والد صاحب بابو جمعو سائين حضرت احمد سائين رحمة الله عليه خانگڙهہ شريف وارن جا طالب هئا.

فقير هادي سخي نماڻي سائين، منصورِ زمان حضرت فقير سخي سرتاج هادي حافظ محمد حسن المعروف بابا راضي سائين صوفي قادري قلندررح ٽا ٽا چوهنگ لاهور وارن جي هٿ تي بيعت ڪيائون. طريقت جون منزلون طي ڪري، حقيقت جو حال حاصل ڪري معرفت جو ماڳ ماڻيائون.

فقير نماڻي سائين جو ڪلام سراسر همہ اوست جي رنگ ۾ رچيل آهي، پاڻ پيار پريت ۽ محبت جو درس ڏنو آهي.انسان کي پنهنجي حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ فرمايو آهي پاڻ پنهنجي مالڪ رب ڪريم ۽ انسان جي ٽٽل رشتي کي ڳنڍڻ جو درس ڏين ٿا.

فقير هادي بابا نماڻي سائين جي ڪلام ۾ درد ۽ سوز عشق ۽ مستي، وجد ۽ ڪيف،حسن ۽ سينگار محبت ۽ پيار ۽ همہ اوستي رنگ موجود آهي فقير سائين جي ڪلام پڙهڻ وقت ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ پڙهڻ وارو خود انهي سير مان گذري رهيو آهي. زير نظر ڪلام پڻ اهڙي عڪاسي ڪن ٿا.

فقير هادي سخي نماڻي سائين جو ڪلام تعداد ۾ قليل آهي مگر حقيقت ۾ جامع ۽ ڪثير آهي. ڇاڪاڻ تہ سائين فقير نصيرسائين جلالاڻي فرمائن ٿا تہ ”علم جي گهڻائي کي ڇا ڪبو سمجهڻ لاءِ نقطو ئي ڪافي آهي باقي گهڻائي تہ آسمان ۾ ستارن جي پڻ آهي مگر مقصود صرف سچ آهي، باقي نہ سمجھ لاءِ تہ ڪروڙين ڪتاب نہ ڪافي آهن“ بقول ڀٽائي سائين رحمة الله عليه

ڪوڙين ڪتابن ۾ حرف مڙيوئي هيڪ

جي تو نظر نيڪ تہ بسم الله ئي بس ٿئي

فقير هادي بابا نماڻي سائين جن پڻ تصوف جي باريڪ بين نقطن کي سولي طريقي سان سمجهائي جڻ سمنڊ ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي، حق،حقيقت ۽ هيڪڙائي جو درس ڏيندي پاڻ ذات

ڪيتا ذات ظهورا صفات وچون
پئي اي خبر نفي اثبات وچون

پاڻ بہ سرڪار هادي پاڪ نفي اثبات جي مسئلي کي هن طرح بيان ڪن ٿا تہ:

نفي وچون اثبات ٺاهيم... صفاتون ثابت ذات ڪرايم
ٻڪرا تصائي ڪات کهايم . سڀ هي ميرا سير سياحي
مين هان هادي مين همراهي

يا

قيل مقال ڇڏ مسلاتي پائي تون اندر ۾ جهاتي
پنهنجي ڪر تون اثباتي ناهہ نفي ۾ ڪر نابود
حُل هليو آ حق موجود

فقير هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن شيخ محي الدين ابن عربي رحمة الله عليه جي فقر وحدت الوجود جا پرچارڪ آهن. پاڻ ذري ذري ۾ ذات کي ثابت ڪن ٿا. پاڻ اعليٰ الاعلان انا الحق جو نعرو ماريندي نظر اچن ٿا. پاڻ فرمائن ٿا تہ

ڪُن هجي يا فيڪُون. سڀ سليا مون وو مون

يا

شان شوڪت سڀ ميڏي شاهي
مين هان هادي مين همراهي

يا

نينهن نماڻو نام ڏرايم
منصب آهي الله
لنئو اها ئي لايون لايون

فقير هادي سخي نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي ڪلام ۾ اهي سڀ صفتون موجود آهن جيڪي هڪ بلند پائي جي شاعر ۾ هجڻ گهرجن. سندن ڪلام سراسر همہ اوست جي رنگ سان پريل آهي. فقير سائين جي ڪلام ۾ وحدانيت ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن موضوع لاءِ ڪا بہ گنجائش نہ آهي. تنهنڪري اقليمِ سخن جي هن تاجدار جي قلبي مستي ۽ وجداني تجليات کي سمجهڻ لاءِ تصوف جو پس منظر بہ گهرجي ۽ ان سان گڏ وڳڏ ذوقِ سليم بہ گهرجي تڏهن وڃي ڪوئي ان حقيقت تي پهچي سگهي ٿو جيڪا خود فقير سائين بابا نماڻو سائين جن واضع فرمائي آهي.

اگر ڪوئي پڙهڻ وارو فقير سائين جي ڪلام جي تشبيهہ. استعاري. تصريح يا ڪنايع تي ئي رڪيو رهي. تہ اصل حقيقت تائين پهچڻ ناممڪن آهي. اگر اسان ويهي سرڪار جي بيان بدايع تي بحث ڪيون يا سندن جي فصاحت ۽ بلاغت جي گلڪارين جو ذڪر ڪيون تہ هي ممڪن آهي تہ

اسان پڙهڻ وارن لاءِ دماغي عياشي جو سڪون تہ مهيا ڪري سگهون ٿا ليڪن اصل مقصد ختم ٿي ويندو جيڪو اسين فقير نماڻي سائين جي پيغام کان دنيا کي روشناس ڪرائڻ چاهيون ٿا.

فقير هادي نماڻو سائين جن ڪفر ۽ اسلام جي بندهن کان هميشہ بالا تر رهيا آهن انهن جي نظر ۾ سڀ حق آهي ۽ هُو حق ۽ حقيقت ۾ ايترا محو آهن جو انهن جي لاءِ هن دنيا ۾ غير نالي ڪا بہ شئي نہ آهي. مولانا رومي صاحب فرمائن ٿا تہ ”انسان هڪ نوراني مسافر آهي جو لامڪاني بلندين کان هن زمين تي آيو ۽ قدم قدم پنهنجي منزل ڏي واپس روان دوان آهي. ڪيترو نادان آهي اهو مسافر جو دنيا جي عارضي بهارن ۾ گم ٿي ۽ پنهنجي حقيقي۽دائمي منزل کي وساري ڇڏي ٿو.“

سرڪار فقير هادي سخي نماڻو سائين جن جي نظر ۾ انسان خود طالب ۽ خود مطلوب آهي خلق الاآدم عليٰ صورتہِ جي مطابق انسان”الله تعاليٰ“ جو غير نہ آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ جنهن صورت ۾ ذات مطلق موجود آهي ان کي بندو سڏائڻ نہ گهرجي ۽ ان صورت ۾ ٿي ان ذات احديت جو اظهار ٿئي ٿو پاڻ فرمائن ٿا تہ :

شان شوڪت سڀ ميڏي شاهي
مين هان هادي مين همراهي
( نماڻو سائين)

ناهين دور نظر کان، نہ ڪي دليان ڌار
مون ۾ آهين يار، تنبوري ۾ تار جيئان
(شاھ)

جڏهن انسان خود ذاتِ حقيقي آهي تہ ان کي اڪيون ڪولڻ گهرجن خود کي سڃاڻڻ گهرجي، هُو خود ڪان ان ڪري پري آهي جو ان کي دنيا، علم ۽ عقل گمراھ ڪري رکيو آهي، هُو دوئي ۽غير جي ڦندي ۾ ڦاٿل آهي هادي پاڪ فقير بابا نماڻو سائين فرمائن ٿا تہ اگر تون ان بيماري کان نجات چاهين ٿو تہ هن طريقي سان اچ پاڻ فرمائن ٿا تہ:

طالب نہ ٿي تقويٰ سندو اچ عشق جي ايوان ۾
موتو مري ماڻج مزا، محبت جي ميخان ۾
سر ڏيئي ڪر سر جو سودو اڏي جي امتحان ۾
چشمن سنديون چوٽون ڪائي، چاهت جي چوغان ۾
نينهن نماڻا نينهن سان لائج، السري انسان ۾

نہ ٿي واٽڙو نہ وڃ اويڙو چو ٿو وڃين وجدان ۾
تنهنجو تو ۾ سير آ سارو ڳولي ڏس جند جان ۾
دل جو دلبر دل ۾ وسندو تنهنجي مڙهي مڪان ۾
ٿي غواصي ڪاءِ غوطا، توحيد جي طوفان ۾
نينهن نشابر ٿيو نماڻا، السري انسان ۾

فقير هادي نماڻي سائين جو ڪلام معرفت سان سرشار آهي. پاڻ انسان جي شرف ۽ شان جا قائل آهن. انهن جي ڪلام ۾ رندي ۽ بيباڪي آهي، مستي ۽ ڪيف آهي انتظاري ۽ بيقراري آهي ڪڏهن سرڪار خود سراپا حسن آهن تہ ڪڏهن حسن جي تعريف ڪرڻ کان رڪن ئي نٿا. ڪڏهن محويت ۾ محو آهن تہ ڪڏهن هُو ڪائنات جا اسرار ۽ رموز بيباڪي سان بيان فرمائن ٿا ۽ ڪڏهن حيرت جي مقام ۾ مستغرق آهن.

سيدي و مرشدي سخي سرتاج فقير راضي سائين صوفي قادري قلندر جن فرمائن ٿا تہ ذاتِ واحد کانسواءِ ٻي ڪنهن بہ شئي جو حقيقي وجود نہ آهي. پاڻ ڪريم ان کي بہ شرڪ سمجهن ٿا تہ "مان" بہ آهيان ۽ "هُو" بہ آهي پاڻ هر قسم جي شڪ و شبهات کان انڪار ڪرڻ وارا آهن چاهي اهو شرڪ في الذات هجي، شرڪ في الصفات هجي، يا شرڪ في الافعال هجي. حضرت بابا نماڻو سائين جن بہ هر جڳهہ ۽ هر مقام تي ذات جو جلوو جاري و ساري ثابت ڪن ٿا. پاڻ مالڪ واضع فرمائن ٿا اگر انسان پنهنجي اصليت کي سڃاڻي تہ ان کي معلوم ٿيندو تہ ذات احديت کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ شئي جو حقيقي وجود نہ آهي پاڻ فرمائن ٿا تہ انسان ۽ ڪائنات جي ڪثرت تي اگر غور ڪيو وڃي تہ اها حقيقت سامهون ايندي تہ ڪائنات جي هر شئي ان ذاتِ حقيقي جومظهر آهي، ڪوئي مقام ۽ ڪوئي ذرو بہ ان کان بغير نہ آهي.

مطلب تہ بابا نماڻو سائين جن انسان کي خود فريبي کان نڪرڻ ۽ خود شناسي جو درس ڏين ٿا. احساس ڪمتري کان بچائي انسان کي حقيقي شرف ۽ شان سمجهائن ٿا .پاڻ حڪيمانہ انداز ۾ "جز" ۽ "ڪُل" جي حقيقت ۽ انسان جي پنهنجي منزل ۽ مقصود بيان ٿا فرمائن. پاڻ وڏي جرئت ۽ بيباڪي سان حقيقت جا پردا چاڪ ڪن ٿا.

حضرت بابا نماڻي سائين جن پنهنجي ڪلام ۾ انسان کي جهنجهلائي بيدار ڪري اعليٰ منزل تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي، سندن ڪلام زندگي جي تفسير بہ آهي ۽ تعبير بہ. پاڻ سوري ۽ سينگار، مئي و مستي، وحدت ۽ ڪثرت، نفي ۽ اثبات جي مختصر الفاظ ۾ يڪجا ڪري، زندگي جي مڪمل رمز ۽ رموز کي يڪجا ڪري هڪ نصب العين جي نشاندهي ڪئي آهي، اهوئي سبب آهي جو فقير هادي سائين نماڻي سائين جو ڪلام زندگي لاءِ هڪ آئينو بہ آهي ۽ زندگي جي تفسير بہ. ان سان گڏوگڏ اعليٰ و ارفع زندگي لاءِ هڪ پيغام بہ آهي.

فقير هادي سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن پنهنجي مرشد هادي فقير سخي سرتاج بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جي امر سان 1963ع کان ڳوٺ جلال گهوتوتعلقہ و ضلع گهوٽڪي ۾ آستانو قائم ڪري آخري دم تائين پيار محبت ۽ هيڪڙائي جو درس ڏيندا رهيا، دوئي، غير، غفلت، بغض ۽ حسد جون پاڙون پٽي دلين ۾ نورِ معرفت جون شمعون روشن ڪري مالڪ حقيقي سان ملائيندا رهيا.

فقير هادي نماڻو سائين جن جي طالبيت تمام پري تائين پکڙيل آهي سندن فيض جي پالوٽ سدائين جاري و ساري آهي ۽ انشاءَ الله تا قيامت جاري و ساري رهندي فقير سائين جن جي ميخاني تي هر جمعرات هر مهيني جي يارهين شريف ۽ ساليانو ساوڻ مهيني جي چار ۽ پنج تاريخ تي ميلو لڳندو آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ ذوالحج جي 23.24.25 تاريخ تي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو

ويندو آهي. باقي روزانو فقراءَ جو اچڻ وڃڻ جاري و ساري رهندو آهي.

هن بندهءِ مسڪين سائينجن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين سندن ڪلام جي باري ۾ دريافت ڪيو پاڻ فرمايائون تہ فقير ديدار سائين وٽ اسان جو ڪلام موجود آهي. جڏهن فقير ديدار سائين کان قلمي بياض مليو تہ رڳو چاليهہ ڪلامهئا مگر آءٌ هميشہ اسرار ڪندو رهيس تہ سائين هر درويش پنهنجي طالبن ۽ حق جي پانڌيئڙن لاءِ پنهنجو نصب العين ڪلام ذريعي ڇڏيو آهي سو اسان کي بہ پنهنجي مخفي گنج مان عطا ٿئي تہ پاڻ اڪثر فرمائيندا هئا تہ:

ڪلام شعر دا شوق نهين, اي هِن دل ميڏي ديان دانهان

ان اسرار جي باوجود بہ سائينجن جو عارفانہ ڪلام زير نظر "ديوان جامِ عشق " ۾ فقير هادي سخي سرتاج بابا نماڻو سائين جن جا 78 سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام 04 اردو ڪلام ابيات, هڪ محبوب سبحاني سرڪار جي شان ۾ مداح 02 ۽ اقوال زرين چيل آهن. ڪلامن جي ترتيب الف ب تحت رکي ويئي آهي. باقي پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ هُو ڪلام جي حقيقت ۽ مستي ۾ محو ٿي ڪيترو مزو وٺن ٿا.

آخر ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي در بدست دعا آهي تہ الله تعاليٰ لکندڙ پڙهندڙن کي صحيح نموني پڙهڻ سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي ازلي عنايت و لطف ڪرم سان فقر سان محبت سچي فقير جي رفاقت ۽ ان جي پيروي ڪرڻ ۽ روحاني فيض سان سيني کي نوازي (آمين).

پڙهندڙ حضرات جي خدمت ۾ التماس آهي تہ لکڻ ۾ ڪا ڪمي بيشي يا ڪا غلطي ٿي هجي تہ در گذر فرمائن ۽ پنهنجي مفيد مشورن سان اسانکي نوازين.

"والسلام ختم ڪلام قلم بند راضي خداوند"

الله هُو حق موجود

**مسڪين عبدالجبار سائين عزيز حيدري**

11جون, 2016

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

سدا موجود

حق موجود

# سوانح حيات

سڀ تعريف ان لائق ڪلي حمدوثنا الله تعاليٰ جي لاءِ جنهن پنهنجي دوستن تي علم ملڪوت جا دروازا کوليا ۽ پنهنجن چونڊ دوستن کان جبروت جا پردا هٽائي ڇڏيا. پنهنجي پيارن جا خون پنهنجي جلال جي تلوار سان وهائي ڇڏيا ۽ پنهنجي مشتاقن کي وصال جي نعمت سان نوازي ڇڏيو اها مالڪ ڪريم جي ذات ئي آهي جيڪا مرده دلين کي پنهنجي انورات جي ادراڪ سان زندگي بخشي ۽ پنهنجي اسماء جليله جي هڳاءُ سان معرفت جي واس جو مزو ماڻائي ٿي. ڪروڙين رحمتون ۽ سلامتون هجن ان جي رسول ڪريم ﷺ جي ذات پاڪ تي ان جي آل و اصحاب ۽ ازواجِ مطهرات تي.

تاريخ اسلام ۾ تمام اسلامي تحريڪن مان سلاسلِ طريقت جي تحريڪ سڀ کان زياده مظبوط معتبر ديرپا ۽ ڪامياب رهي آهي ان جي وجه هي آهي ته ان جو تعلق باطن سان آهي يعني ذاتِ حق جي قرب و معرفت سان آهي جيڪو سڌو دل جي گهراين تائين لهي وڃي ٿو اسلام جو هڪ ظاهر آهي ۽ هڪ باطن. اسلام جو ظاهري حصو شريعت آهي ۽ باطني حصو طريقت آهي جيڪو حقيقت ۽ معرفت تائين رسائي جو رستو آهي.

سنڌ درويشن جي ڌرتي آهي هن ڌرتي جي ٽڪري ٽڪري جي ڪابه اهڙي وسندي ۽ واهڻ نه آهي جتي الله تبارڪ وتعاليٰ جا ولي، فقير يا درويش نه گذريا هجن. اهوئي سبب آهي جو تصوف جي هر سلسلي ۽ طريقت جي هر فڪر سان سر زمينِ سنڌ معمور ۽ مستفيض آهي. بحر حال جيئن اسلام جو اچڻ سنڌ ۾ قديم آهي تيئن تصوف جو علم به سنڌ ۾ قديم آهي تصوف جو علم سنڌ ۾ مختلف سلسلن جي بزرگن کان پهتو. تصوف جي بزرگن جا سلسلا ته گهڻا آهن. پر سنڌ ۽ هند ۾ چار سلسلا ڪامياب ٿيا.

(1) سلسله قادريه ــ محبوبِ سبحاني، قطبِ رباني، پيرانِ پير دستگير، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه ڏانهن منسوب آهي.

(2) سلسله سهرورديه ــ هي سلسلو حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي ڏانهن منسوب آهي.

(3) سلسله چشتيه ــ هي سلسلو حضرت خواجه غريب نواز معين الدين چشتي اجميري ڏانهن منسوب آهي.

(4) سلسله نقشبنديه ــ هي سلسلو حضرت بهاءُ الدين محمد بن محمد البخاري المعروف خواجه نقشبند رحمة الله عليه ڏانهن منسوب آهي.

ان کان علاوه بقولِ حضرت فقيرالله شاهه علوي جي هتي طريقت جا خالص سنڌي طرز جا بلڪل

نوان سلسلا بہ قائم ٿيا. وقت بوقت انهن سلسلن مان اهڙا ڪامل درويش فقير ۽ اولياء الله پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجي نورِ معرفت سان انسانذات جي ظاهري و باطني اصلاح ڪندا رهيا آهن جن انسانذات کي اونداهي مان ڪڍي روشني جي راهہ تي گامزن ڪيو. نفرت، دوئي، بغض، ۽ ڪلفت کان ڪڍي محبت جا پيڪ پياريا. مالڪ ۽ بندي جي ٽٽل رشتي کي مضبوط ڪان مضبوط ڳنڍيو اهڙن درويشن ۾ سلسلہ قادري قلندري سان منسلڪ درويش فقير مست الست عاشق سالڪ سخي سرتاج فقير هادي و مهدي سائين واحد بخش المعروف فقير بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جي ذاتِ گرامي بہ عشق جي ميدان ۾ سج جيان روز روشن آهي. اها پاڪ هستي ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. جنهن حضرت سخي سرتاج فقير هادي منصورِ زمان فقير حافظ محمد حسن المعروف بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر ﷫ جي هٿ تي بيعت ڪري، طريقت جون منزلون طي ڪري، حقيقت جو حال حاصل ڪري، معرفت جو ماڳ ماڻي، لاهوت جا لڪ لتاڙي، باهوت جي بحر عشق سمنڊ مان بهاري وني، هاهوت جي حد کان لنگهي، لاحد جا لانگها لنگهي، وڃي ڪنتُ ڪنزن جي بحر بيڪران ۾ موجزن ٿيا.

عاشقِ يمني حضرت خواجہ اويس قرني ﷛ جن فرمايو آهي تہ ”مون بلندي جي طلب ڪئي تہ سا مونکي هيناهين ۾ ملي، مون سرداري جي طلب ڪئي تہ سا مونکي خلق جي خير خواهي ۾ ملي، مون ماڻهپي جي طلب ڪئي تہ سا مونکي سچائي ۾ ملي، مون فخر جي طلب ڪئي تہ سا مونکي فقيري ۾ ملي، مون شرف جي طلب ڪئي تہ سا مونکي قناعت ۾ ملي، مون راحت جي طلب ڪئي تہ سا مونکي زهد ۾ ملي، مون محتاج نہ رهڻ جي طلب ڪئي تہ سا مونکي توڪل ۾ ملي“ هاڻ جڏهن انهي سيني صفتن کي يڪجا ڏسڻ جي خواهش ٿي تہ اهڙي صورت سامهون آئي جيڪا بلندين کان بہ بلند هوندي هيناهين، سرداري ۽ خلق جي خير خواهي، ماڻهپو ۽ سچائي، فخر ۽ فقيري، راحت ۽ زهد، لايحتاجي ۽ توڪل جي پيڪر هستي جيڪا خيالن جي اسڪرين تي تري اچي ٿي جنهن لکين عاشقن ۽ عشق جي شاهسوارن جي رهنمائي فرمائي، جنهن هزارين پريت جي پانڌيئڙن کي محبت، حقيقت۽ معرفت جا پيڪ پياريا، اهڙيون بيشمار مردهہ دليون زندهہ ڪيون جن ۾ نفرت، ڪلفت، بغض، حسد ۽ دوئي جي اونداهي هئي، تن دلين کي نگاهِ معرفت سان اهڙو تہ منور ڪرڻ فرمايو جو تن دلين ۾ وحدت جون شمعون روشن ٿي ويون. جيڪي راهن کان ڀٽڪيل هئا تن کي مالڪ حقيقي سان جوڙي ڇڏيو. بقولِ شاعر

ایسا محبوب نہ ہوگا، اور نہ کہیں ہے — بیٹھا ہے چٹائی پر، مگر عرش نشیں ہے
کیا کیا نہیں ملتا دو عالم کو تیرے در سے — اک حرف نہیں ہے جو تیرے لب پہ نہیں ہے

اهڙي هستيءِ حق، سالڪ مست فقير هادي سخي سرتاج مرشدي و سيدي سائين بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر، ڳوٺ جلال خان گهوٽو تعلقہ وضلع گهوٽڪي سنڌ. فلڪ ۾ آفتاب جيان روشن رهيا آهن. جنهن پنهنجي نگاهِ عشق جي مستي سان هزارين اجايل دلين کي جامِ عشق عطا ڪيو ۽ آخري دم تائين پنهنجي مصطفائي فيض جي پالوٽ سان ويران دليون آباد ڪندا رهيا بقول هادي انور سائين:

اجان پڻ آهين، آديسي انور چئي
بر ۾ بينڪ تن جي، ٿا دونهيون دکائين
ڪاڏي نہ ڪاهين، هر جا هيڪاندا ٿيا

فقير هادي نماڻي سائين جن جي ذات گرامي بہ درويش صفت صوفي فقير جن پنهنجي نفس کي تسيہ ڏيئي، قبل الموت جي ڇري ڦيري، من عرف نفسہٗ جو ماڳ ماڻي، فقد عرف ربهٗ جو مقام سڃاڻي، نفي مان نکري، فنا مان فيض پائي، اثباتي جا علم کوڙي، بقا باالله جون حدون اورانگهي وڃي ذات ۾ ذات ٿيا.

بقولِ راضي سائين سرڪار تہ

ذات رلي وڃي ذات سان جاءِ جهلي نہ جسم

انهن مان هڪ هئا.

پاڻ ڪريم فقير بابا نماڻو سائين هيڏي حال وخيال ومقام هوندي، اهڙي سادگي، صفائي، سچائي ۽ نفي ۾ گذاريندا هئا جنهن جو مثال ملڻ تمام مشڪل آهي. ڪڏهن بہ پاڻ ظاهر ٿيڻ کي پسند نہ ڪندا هئا نفي ۾ رهڻ ۾ئي هو پنهنجي اعليٰ اثبات کي ثابت ڪرڻ فرمائيندا هئا فقير سخي نماڻي سائين جن جي ذات گرامي ۾ بحرعميق عشق سمندر سمايل هو جتان ڪيترن ئي شاهسوارن جامِ عشق حاصل ڪيو ۽ ذات ۾ گم ٿي واصل بذات ٿي ويا آهن مگر فقير سائين جن ايڏي اعليٰ منصب تي هوندي بہ ان جي اظهار کان اڪثر گريز ڪرڻ فرمائيندا هئا مگر عالمِ مستي ۾ اڪثر اهڙا ڪلمات نڪرندا رهندا هئا جيڪي همہ اوست جي دلالت ڪندا آهن. ورنہ عالمِ سالڪيت ۾ هميشہ نفي، سچائي هيڪڙائي، پيار محبت ۽ خدمت و رياضت جي تلقين ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ جهاد اڪبر لاءِ وڌ کان وڌ زور ڏيڻ فرمائيندا هئا.

اهڙي مرد قلندر جي ولادت با سعادت هڪ ديندار گهراڻي ۾ ٿي .فقير سائين جن جا والد صاحب هڪ عالم فاضل شخصيت ۽ صاحبِ فقر درويش هئا. جن پنهنجي سڄي زندگي في سبيلِ الله درسِ قرآن پاڪ ڏيندا رهيا. مختلف جاين تي درس و تدريس کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪٺ سالن تائين تعليمِ قرآن پاڪ ۽ گڏو گڏ سنڌي تعليم پڻ ڏيندا رهيا پنهنجي والد صاحب جي شان ۾ سائين بابا نماڻو سائين هن طرح فرمائن ٿا تہ ”منهنجو والد شريف بابا جمعو سائين هڪ درد وارو انسان هو. پاڻ قبلہ احمد سائين خان ڳڙهہ شريف وارن جا طالب هئا. پنهنجي مرشد سان بيحد محبت هئن ۽ هميشہ گهر کان خانڳڙهہ شريف تائين پيادا ويندا هئا ۽ هر نماز جمع خانڳڙهہ شريف ۾ ادا ڪندا هئا. بابا سائين شريعت جا بلڪل پابند هئا پاڻ ڪٺ سالن تائين مختلف جاين جهڙوڪ سڪن وارو بند ۽ ڳوٺ جلال گهوٽو ۾ پڙهائيندا رهيا، پر پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکين. بابو سائين بہ پنهنجي مرشد جيان شريعت جا پابند هوندي بہ صوفي فقير هئا ۽ فقيرن سان بيحد محبت ڪندا هئا. ( هتي هڪ وضاحت ڪندو هلان تہ شريعت جي پابندي مان ظاهري نماز روزي ڏانهن اشارو آهي ورنہ حقيقت ۾ شريعت اپنائي بہ فقير آهي ) پنهنجي علائقي ۾ تقريبن مرد ۽ عورتون بابي سائين جا شاگرد آهن. پاڻ تن کي قرآن شريف جي تعليم ڏيندا هئا تقريبن چاليهہ سال بابي سائين کي گورنمنٽ گرانٽ ڏيندي هئي. بابي سائين درگاهن جا وڏا سفر ڪيا، پٺائي گهوٽ ۽ قلندر شهبازسائين جي درگاهن تي اڪثر ويندا هئا. پاڻ گهڻو ڪري پيادا ويندا هئا. اتي ڏينهن رات رياضت ۽ مجاهدي جي حالت ۾ گذاريندا هئا ۽ روحاني رهاڻيون ڪري فيض حاصل ڪندا هئا.“

## ولادت با سعادت

جيئن تہ پهرين بہ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ سائيجن جي ولادت باسعادت هڪ فقير صفت درويش بابا جمعي سائين جي گهر ۾ بنگل ڳوٺ ۾ ٿي، سائين پاڪ جن جي ڪابہ مستند جنم جي تاريخ نہ ملي سگهي آهي. بابي جمعي سائين پنهنجي هونهار فرزند ارجمند جو نامِ نامي اسم گرامي پنهنجي والد صاحب جي نالي جي نسبت سان واحد بخش رکيو. جڏهن تہ بابي سائين کي ڪافي عرصي کانپوءِ نرينہ اولاد ٿيو هو تنهن ڪري والدہ سندن لاڏ مان واحد بخش بدران سماٽوجي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو هي هڪ فطري عمل آهي تہ جهڙو ٻج تهڙو سلو سو فقير بابا نماڻي سائين بہ هڪ فقير جي گهر چشمِ حيات کولي ۽ پرورش بہ اهڙي طريقي ٿي جو بابي جمعي سائين بہ پالنا ۾ ڪنهن قسم جي گنجائش نہ ڇڏي. تہ جيئن ئي پاڻ پڙهڻ جي لائق ٿيا تہ سندن والد صاحب وٽ ئي قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين تعليم حاصل ڪيائون ان جي باري ۾ خود فرمائيندا هئا تہ "آءٌ بابي سائين وٽ پورو قرآن شريف پڙهيو اسڪول جو باراڻي ۾ پهرين درجي جو امتحان پاس ڪيو ۽ ٻين درجي جي شروعات ۾ اسڪول بند ٿي ويو ۽ پوءِ اسين بہ اسڪول ڪونہ پڙهيا سين اهڙي طرح پڙهائي جو سلسلو بند ٿي ويو."

## خانداني پسمنظر

جيئن تہ فقير هميشہ ئي ذات پات رنگ نسل قوم قبيلي کان بالا تر هوندو آهي هُو ذات ۾ گم ٿي خود ذات بڻجي ويندو آهي پر الله تبارڪ وتعاليٰ ذاتيون صرف سڃاڻڻ لاءِ رکيون آهن ان جي مصداق فقير هادي بابا نماڻو سائين گهوٽا قوم سان منسلڪ هئا جيڪي سنڌ ۽ پنجاب ۾ هڪ وڏي قوم جي حيثيت ۾ رهن ٿا. گهوٽا قوم جو سلسلءِ نسب بہ حضورِ اڪرم نورِ مجسم احمدِ مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سوٽ ۽ اصحابيءِ رسول حضرت عقرمہ رضي الله عنه سان وڃي ملي ٿو.

گهوٽا قوم جو تاريخي پس منظر فقير هادي بابا نماڻو سائين جن جو ڏوهٽو لعل بخش ايڊووڪيٽ عرف لالڻ سائين هن طرح بيان ڪري ٿو تہ "حضرت عقرمہ رضي الله عنه جي اولاد مان عربستان مان ڪيچ مڪران ۾ آيا، بعد ۾ مڪران کان محمد بن قاسم فاتح سنڌ سان گڏجي سنڌ ۾ آيا گهوٽڪي جيڪو ان وقت هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هئي . محمد بن قاسم انهن کي اتي هڪ لک ايڪڙزمين جاگير طور ڏني، ان کانپوءِ اهو ڳوٺ قاسم پور سڏجڻ لڳو.

ڪجھ وقت کانپوءِ ان برادري جو ماڇووارپار سانگي ماڇيلو طرف ويو جتي هڪڙو راجا رهندو هو جنهن سان هن چوپڙ راند ڪيڏي. ان راند جا شرط هئا تہ جيڪڏهن راجا کٽيندو تہ هن وٽ جيڪا رقم آهي سا راجا کي ڏيڻي پوندي ۽ جيڪڏهن راجا هارايو تہ ڏيءَ جو سڱ ۽ جاگير مان حصو ڏيندو. راند دوران راجا هارايو مگر پنهنجي ڪيل معاهدي کان ڦري ويو هن واپاري واپس اچي پنهنجي برادري وارن کي احوال ٻڌايو ۽ هنن منظم نموني سان حملي ڪرڻ جي تياري ڪئي جنهن ۾ گهوٽ ڪنوار جو طريقو اختيار ڪري راجا جي محل اندر گهڙي ويا ۽ راجا کي قابو ڪري ڪيل معاهدي تي عمل ڪرايو. ان کانپوءِ ماڻهن ۾ اهو مشهور ٿي ويو تہ اهي گهوٽ آيا اهي ۽ بعد ۾ گهوٽا سڏجڻ لڳا.

## بچپن ۽ جواني

پنهنجي بچپن ۽ جواني جون سارو ڻيون فقير هادي بابا نماڻو سائين جن هن طرح بيان ڪرڻ فرمائيندا هئا ته "جڏهن ظاهري علم جو سلسلو منقطع ٿيو ته عام ٻارن وانگر زندگي گذرندي رهي جڏهن ڪجهه سمجهه جهڙا ٿياسون ته گهوٽڪي شهر ۾ اچڻ وڃڻ ٿيو. جڏهن ته گهوٽا قوم سائين غوث موسن شاهه جي مريد آهي ان سلسلي ۾ سائينجن جي درٻار ۽ جامع مسجد اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو جتي منهنجي ملاقات حضرت راضي سائين سرڪار ۽ رحمدل سائين سرڪار سان ٿي. هادي پاڪ راضي سائين ﷫ جن اسان ڪان عمر ۾ ٿورا وڏا هئا مگر رحمدل سائين ۽ آءٌ هم عمر هئاسون. هميشه گڏ رهندا هئاسون ايئن سمجهو ته مون راضي سائين جن سان محبت ڪئي هئي. ان وقت هادي پاڪ راضي سائين جن سائين ڪرم الله شاهه جيلاني ﷫ جي زيرِ سايه حضرت غوث محمد شاهه وٽ قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيا هئا. ان ڪانپوءِ به هادي پاڪ راضي سائين جن ڪافي عرصو گهوٽڪي ۾ رهيا، اسان ٽيئي سدائين گڏ رهندا هئاسون. سائيجن جي طبيعت نهايت مانيٽي ۽ سنجيده هوندي هئي خاموشي ۽ اڪيلائي کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ اڪثر حضرت خواجه غلام فريد سائين جو هي شعر پڙهندا رهندا هئا ته:

مفت خريد ڪري ڪوئي ساڪون، تي حال ڏيوي سجنان دا

هادي پاڪ سائين راضي سائين سرڪار هميشه حسن ۽ حسين شين کي زيادا پسند ڪندا هئا، تنهنڪري تعلق اوٻاوڙي جي چڪ شهباز پور جي هڪ حسين و جميل سيد سهگوري سائين جمن شاهه سان مجازي مهميزون اٽڪي ويون ۽ پاڻ گهوٽڪي شهر ڪان سندس والد صاحب بابا ڪريم بخش سائين ۽ رحمدل سائين سميت اچي چڪ شهباز پور ۾ محبوب جي ديس تي ديرا ڄمايائون، جنهن جو تفصيلي ذڪر سائين خيال الله سائين ﷫ جن ديوان درد عشق ۾ ڏنو آهي.

جڏهن هادي پاڪ راضي سائين سرڪار جن چڪ شهباز پور ۾ رهيا تڏهن به منهنجي اچ وڃ ۽ محبت جو سلسلو جاري وساري رهيو ليڪن ٿورڙي ئي عرصي ۾ هادي پاڪ راضي سائين جن سڀ ڪجهه ترڪ ڪري اڻ ڄاتل سفر ڏانهن روانه ٿي ويا. رحمدل سائين گهڻي ڳولا ڪئي ليڪن سائينجن سان ملي نه سگهيا، وچ ۾ ڪوبه رابطو نه ٿيو. رحمدل سائين به ڪڏهن چڪ شهباز پور ۽ ڪڏهن مير پور خاص ۾ رهندا رهيا اسين به پنهنجي گهر ٻار ۽ ٻني ٻاري جي ڪم ۾ لڳا رهيا سون مگر رحمدل سائين ۽ اسان جو رابطو ٿئي پيو جواني جي عالم ۾ پهتا سين جواني جي آڌار تي زماني جي ماڻهن وانگر رهندا آياسون حالات زماني وارا هئا مگر اندروني هلچل ۽ خيالات ۾ مرشد جي تلاش رهي ۽ فقير ٿيڻ جو شوق هو. ماڻهن ڪان لڪي ڪري حسين ٻيلي محمد سائين جي ميلن تي ويندورهندو هوس اڪثر واقف ماڻهن ڪان لڪندو هوس ۽ سوچيندو هوس ته اگر ڪو واقف ماڻهو ڏسندو ته هي شريعت وارا مولوي ماڻهو هيڏي موالين فقيرن ڏانهن ڪيئن آيا آهن.

منهنجو اندروني خيال محمد سائين جي طالب ٿيڻ جو هو مگر اهڙو موقعو ملي نه سگهيو ۽ گهڻو بعد خبر پئي ته قالو بلىٰ جا قول ڪنهن ٻئي روپ سان ڪري آيو هوس ۽ اها ئي وجهه هئي جو آءٌ تمنا هوندي به محمد سائين جو طالب ٿي نه سگهيس، ليڪن محمد سائين جي صحبت جو مون تي وڏو اثر هو.

چاڪاڻ ته محمد سائين اسانجي ڳوٺ اڪثر ايندا رهندا هئا ۽ ڪافي ڪافي ڏينهن رهندا هئا اتي محمد سائين جي خدمت و صحبت ۾ رهبو هو ۽ محبت صحبت ٿيندي هئي. محمد سائين جن جا طالب صاحبڏنو فقير، احمد فقير ۽ اسان پاڻ ۾ ماسات پڻ هئاسون.

## شادي ۽ اولاد

هي هڪ فطري عمل آهي ته هر والدين جي خواهش هوندي آهي ته منهنجي اولاد جلد از جلد جوان ٿئي ان جي شادي ٿئي ۽ شادي ڪانپوءِ وڏيڪ تمنا اولاد لاءِ رهي ٿي. ان جي مصداق بابي جمعي سائين به پنهنجي فرزندِ ارجمند جي شادي پنهنجي عزيز ولي محمد جي نياڻي سان ڪرائي، بابا نماڻو سائين جي ڏاڏي جو نالو واحد بخش سائين هو. جنهن کي ٽي پٽ نالي عبدالرحيم، عبدالغني ۽ بابو جمعو سائين هئا. بابي جمعو سائين کي وري به پٽ ٿيا هر هڪ نالي واحد بخش المعروف فقير بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر ۽ ٻيو فرزند غلام نبي عرف جهنگل المعروف پڏر سائين جن ٿيا پڏر سائين کي صرف ڇهه نياڻيون ٿيون ۽ بابا نماڻي سائين جي اولاد ۾ چار پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون جيڪي هن ريت آهن.






## مرد خدا سائين

محمد صالح المعروف مرد خدا سائين، هادي پاڪ فقير بابا نماڻي سائين جن جا وڏا فرزندِ ارجمند آهن پاڻ سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ ايريگيشن کاتي ۾ آبدار جي حيثيت سان ڊيوٽي سر انجام ڏيڻ شروع ڪئي. پاڻ هادي پاڪ سخي سرڪار فقير بابا راضي سائين جن جي هٿ تي دستِ بيعت ڪيائون ۽ مرشد پاڪ جي امر تحت ڊيوٽي تان ريزائن ڪري ميخاني تي فقراءَ جي خدمت و رياضت شروع ڪيائون ۽ اڄ سوڌو رياضت و خدمت ۾ مشغول آهن. حضرت بابا نماڻو سائين جي وصال ڪان پوءِ فقير سائين جي ڪيل حڪم مطابق پاڻ وڏي هجڻ جي باوجود، سائينجن جي دستار ڪٽي پنهنجي هٿن سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ فقير هادي نوراني سائين جن جي سر تي رکي ۽ سجاده نشيني جي مسند تي ويهاريو. اولاد جو سلسلو هن ريت آهي:

عاشق حسين سائين، عبدالحق سائين، جمال الدين سائين، محمد اويس سائين، عبدالخالق سائين، وقار احمد سائين ۽ ٽي نياڻيون

عاشق حسين سائين جي اولاد ۾ سهيل احمد، شهر يار ٽي نياڻيون

عبدالحق سائين جي اولاد في الحال اولاد نه آهي

جمال الدين سائين جي اولاد ۾ چار نياڻيون

محمد اويس سائين جي اولاد في الحال نه آهي

۽ باقي پٽ في الحال غير شادي شده آهن

## نوراني سائين

محمد حاجن المعروف نوراني سائين جن هادي پاڪ فقيربابا نماڻي سائين جن جا ٻيون نمبر فرزند آهن پاڻ ظاهري تعليم ڪي رستي ۾ خير آباد چئي روحانيت ڏانهن رجوع ٿيا پاڻ به هادي پاڪ فقير بابا راضي سائين جن جي هٿ تي بچپن ۾ ئي دستِ بيعت ٿيا ۽ بچپن ۾ ئي گهوٽڪي کان لاهور تائين پنهنجي هادي پاڪ جي عشق ۾ پيادل سفر ڪيائون، پاڻ پنهنجي زندگي ميخاني جي خدمت و رياضت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. پاڻ محبت و صحبت جا سينگار آهن ميخاني جو انتظام سندن حوالي ڪيل آهي پاڻ پنهنجي حال وخيال جواظهار شاعري جي روپ ۾ پڻ ڪن ٿا ۽ شاعري جو مجموعو "ديوانِ نوراني " جي نالي سان راقم الحروف وٽ قلمي نسخي جي صورت ۾ موجود آهي. نوراني سائين جن جي صحبت، محبت و شفقت سان هزارين مستفيض ٿي رهيا آهن. محبانِ فقراءَ ۽ احباب جو دائرو تمام وسيع آهي .حضرت بابا نماڻو سائين جن کان خلافت پڻ عطا ٿيل آهي طالبيت جو سلسلو به جاري وساري آهي حضرت بابا نماڻو سائين جن جي وصال کان پوءِ، فقير هادي بابا نماڻو سائين جا پهريان سجاده نشين آهن. سندس اولاد جو سلسلو هن ريت آهي.

خادم حسين سائين، ربنواز سائين ۽ چار نياڻيون

خادم حسين سائين جن جي اولاد ۾ صدام حسين، عبدالقادر طارق حسين، فراز احمد هڪ نياڻي

ربنواز سائين جن جي اولاد في الحال نه آهي

## حاڪم علي سائين

حاڪم علي سائين هادي پاڪ بابا نماڻي سائين جن جا ٽيون نمبر فرزند آهن پاڻ تعليم جو سلسلو جاري رکيو ۽ هن ٽائيم سنڌ پوليس ۾ هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي فائز آهن پاڻ فقير هادي بابا رحمدل سائين سجادہ نشين درگاهِ عاليہ امن پور شريف وارن جي هٿ تي دستِ بيعت ڪيائون. حاڪم علي سائين بہ فقراءَ جي خدمت و رياضت ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺندا آهن پاڻ پيار محبت ۽ درد واري صورت آهن ظاهري ڊيوٽي سان گڏ و گڏ فقراءَ جي ڊيوٽي بہ خوش اسلوبي سان سر انجام ڏيندا رهن ٿا. سندن اولاد جو سلسلو هن ريت آهي

آصف علي سائين، بلال احمد سائين، اظهار علي سائين، واجد حسين سائين، ماجد حسين سائين ۽ چار نياڻيون آهن

بلال سائين جي اولاد هڪ نياڻي آهي

## محمد رفيق سائين

محمد رفيق سائين، هادي پاڪ فقيرسخي بابا نماڻو سائين جن جا چوٿان نمبر پٽ آهن. پاڻ بہ زيادہ دير ظاهري تعليم سان نياءُ ڪري نہ سگهيا ۽ روحاني تربيت لاءِ پنهنجي والد صاحب فقير هادي بابا نماڻي سائين جن جي هٿ تي دستِ بيعت ڪيائون آستاني عاليہ تي فقراءَ جي ڊيوٽي ۾ خوب خدمت و رياضت ڪيائون. پاڻ مجذوبي ۽ سالڪيت جي ملي جلي ڪيفيت ۾ رهن ٿا. پاڻ هڪ درد دل ۽ پيار محبت جا پيڪر آهن سندس اولاد جو سلسلو هن ريت آهي.

طالب حسين سائين، محمد صديق سائين، انتظار علي ۽ چار نياڻيون آهن في الحال اولاد غير شادي شده آهي

## ضرورتِ مرشد ڪامل

آقا و مولا حضرت علي عليہ السلام جن جو فرمان ذيشان آهي تہ: "من علمنی حرفا و هو مولا" يعني "جنهن مون کي هڪ حرف ڏسيو اهو منهنجو مولا آهي" تنهنڪري مرشد ڪامل اها هستي آهي جنهن جي پهچ قلب ۽ روح تائين هجي، جنهن وٽ روح جو علم هجي، اسم الله ذات اگر روح جي دوا آهي تہ مرشد ڪامل طبيب آهي اسم الله ذات اگر قلب جي تالي کولڻ جي چابي آهي تہ مرشد ڪامل ان چابي جو مالڪ ۽ قلب جو پاسبان آهي اسم الله ذات اگر محبت جي پودي جي غذا آهي تہ مرشد ڪامل ان جو باغبان آهي غرض تہ مرشد ڪامل کان سواءِ اسم الله ذات جي تجليات جي قلب ۽ روح تائين رسائي حاصل نٿي ڪري سگهجي. مرشد ڪامل اسم الله ذات جي لاءِ مسميٰ جي حيثيت رکي ٿو مسميٰ جي حقيقت هي آهي تہ ڪي درويش صاحبِ اسم ۽ ڪي صاحبِ مسميٰ هوندا آهن ٻنهي ۾ فرق هي آهي تہ اسم صاحبِ ذڪر آهي ۽ مسميٰ صاحبِ استغراق آهي اسم جوصاحب مقام خلق ۾ هوندو آهي ۽ مسميٰ مقام غير مخلوق ۾ هوندو آهي پوءِ صاحبِ مسميٰ تي ذڪر حرام هوندو آهي ۽ ان جو ظاهر ۽ باطن حضورفي الله ۾ غرق هوندو آهي.



Gul Hayat Institute

مرشد ڪامل اها ذات آهي جيڪا الله تعاليٰ جي رنگ ۾ مڪمل طور رنگجي چڪي هجي ۽ اسم الله ذات جي تجليات کي پنهنجي قلب ۾ ان حد تائين سمائي چڪي هجي جو هاڻي هو خود ان تجليات کي منعڪس ڪرڻ لڳي هو خود اسم الله ذات جي متجلي صورت آهي صفات الاهي سان مڪمل طور متصف ٿي چڪو آهي. تنهنڪري جيستائين اسم الله ذات مرشد ڪامل جي توسط سان، ان جي ذريعي سان، ان جي قلب جي واسطي سان ٿي ڪري ذڪر ڪرڻ واري تائين نہ پهچندو تيستائين بي اثر هوندو. مرشد ڪامل انسان کي الله تعاليٰ جي راهہ تي هلائڻ وارو ۽ هن دنيا جي جهنگل جي هر قسم جي آفات کان بچائي الله تعاليٰ جي منزل تائين پهچائڻ وارو رهنما آهي.

الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ عام مسلمانن کي پنهنجي خاص اوليائن جي صحبت اختيار ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي تہ

”يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾“ (سوره توبہ آيہ 119)

ترجمو "اي ايمان وارئو الله کان ڊڄو ۽ سچن ماڻهن جو ساٿ اختيار ڪريو“

”وَّ اتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ“ ( سوره لقمان آيہ 15)

ترجمو ”۽ پيروي ڪر وان شخص جي رستي جي جو مائل ٿيو منهنجي طرف“

” فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧﴾“ (سوره الانبياءِ آيہ 7)

ترجمو ”اهل ذڪر کان پڇي وٺو ( الله جي باري ۾ ) اگر توهان نہ ٿا ڄاڻو“

” وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا وَّ قَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٣﴾“ (سوره حم سجده آيہ 33)

ترجمو ”۽ ان کان بهتر ڳالهہ ڪنهن جي آهي جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪ عمل ڪري ۽ چوي تہ مان فرمانبردار آهيان“

” مَنْ يَّهْدِ اللهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿١٧﴾“ (الڪهف_١٧)

”جنهن کي الله پاڪ هدايت ٿو ڪري ان کي هدايت ڪندڙ هادي رهبر...... الله جي واٽ ڏيکاريندڙ ليندو ۽ جنهن کي الله تعاليٰ گمراهہ ڪري تہ ان کي مرشد ڪونہ ملندو جو الله پاڪ جي ملڻ جي واٽ ان کي ڏيکاري“

” وَ ابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ “ (المائده:35) الله پاڪ جي طرف ڏي وسيلو طلب ڪريو“

تفسير مفتاح الرشد الله ۾ هڪ حديث شريف بيان ٿيل آهي تہ:

”من لا شيخ له فشيخه الشيطٰن“ يا ”من لا شيخ يتخذه الشيطٰن“ (الحديث)

يعني ”جنهن جو مرشد نہ آهي ان جو مرشد شيطان آهي“

”الرفيق ثم الطريق“ ( حديث)

يعني ”پهرين رفيق تلاش ڪريو پوءِ رستي تي هلو“

"ان اولياءَ اذا رو ذكر الله" (حديث)

يعني "اولياءَ الله كي ڏسڻ سان پاڻهي الله پاڪ ياد اچي وڃي"

"الشيخ في قومه كالنبي في امته" (حديث)

يعني "مرشد ڪامل پنهنجي قوم ۾ اهڙي طرح آهي جيئن نبي پنهنجي امت ۾"

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي ته "اهڙي عالم وٽ ويهو جيڪو پنجن شين کان منع ڪري ۽ پنجن شين جي طرف مائل ڪري (1) جهالت کان ڪڍي ۽ دين جو علم سيکاري (2) دنيا جي رغبت کان منع ڪري ۽ زهد و تقويٰ جي طرف سڏي (3) رياڪاري کان روڪي ۽ اخلاص جي طرف راغب ڪري (4) غرور کان روڪي ۽ انڪساري لاءِ آماده ڪري (5) لاپرواهي ۽ سستي کان بچائي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ جي نصيحت ڪري"

"الوسيلتِ درجته العظيم" يعني "وسيلو هڪ وڏو درجو آهي"

"ان اوليائي تحت القبائي لايعرفهم غيري" (حديث)

يعني "منهنجا ولي منهنجي قدرتي ڪڙتي ۾ لڪل آهن مون کان سواءِ انهن کي ڪير نه ٿو سڃاڻي"

"ان اولياءَ الله لايموتون بل ينتقلون من دار الى دار" (الحديث)

يعني "بيشڪ الله تعاليٰ جا اولياءَ مرندا نه آهن بلڪ اهي هڪ گهر کان ٻي گهر ۾ منتقل ٿي ويندا آهن"

فقير هادي سخي نوراني سائين جن اڪثر پنهنجي ڪامل صحبت ۾ فرمائيندا رهندا آهن ته "اصل ۾ عشق ئي سچو اسلام آهي. الله ڪريم جن هن جهان کي جوڙن جي شڪل ۾ تخليق فرمايو آهي، جيئن خالق مخلوق، عابد معبود، عاشق معشوق، محب محبوب، سچ ڪوڙ ڏينهن رات، عالم جاهل ۽ حق و باطل وغيره حق جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ، حضور پاڪ ﷺ، مولا علي عليه السلام امام حسين عليه السلام تمام امامين ڪريمين، انبياءَ اولياءَ ڪرام ۽ باطل شيطان ابو جهل، يزيد وغيره انساني جسم چئن عنصرن جو ميلاپ آهي تنهنڪري عنصرن جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ سان هن ۾ بيماريون پيدا ٿينديون رهنديون آهن تنهنڪري جسماني مرضن سان گڏوگڏ هن ۾ روحاني بيماريون پڻ پيدا ٿي پونديون آهن ان لاءَ هن کي مستند ڊاڪٽر جي ضرورت هميشه کان رهي آهي اهي نبض شناس نبين، پيغمبرن، رسولن امامن اوليائن يا فقيرن جي روپ ۾ هدايت ۽ علاج ڪري رهيا آهن تنهن ڪري هر انسان کي کپي ته ڪنهن به مرض جي دوائي ڊاڪٽر کان پڇي پوءِ کائي، پڇيل دوا کائبي ته شفا ملندي اهڙي طرح هزارين عبادتن مان اگر مرشد ڪامل کان پڇي ذڪر الاهي يا ڪا عبادت ڪبي ته شفا ملندي پڇيل دوا نام الاهي آهي. مرشد پاڪ جو ڏسيل ذڪر ئي طالب لاءِ اسم اعظم آهي. ساڳي طرح اسان ڪنهن به بيماري لاءِ بدل دوا کائينداسون پوءِ توڙي پوري اسٽور جون دوائون کائي وڃون ته اجان بيماري وڌندي ۽ مريض مرندو اهڙي طرح بغير مرشد ڪامل جي ذڪر وعبادت صرف بدل ڪندو ته گمراهه ٿي ويندو وڏي غرور ۽ تڪبر هيٺ اچي ويندو چاڪاڻ ته جنهن جو مرشد ناهي ان جو مرشد شيطان آهي.

ذڪر الاهي ئي اصل ۾ عبادت شفا آهي مالڪ ڪريم جي پسنديده عبادت صرف ان جو نام آهي

رب ڪريم پنهنجي نالي تي ئي خوش ٿيندو آهي. عبادت ظاهري پنهنجي دڪلاوي ۽ خواهشات جي پوڄا عبادتِ شر آهي اڄ جي دور ۾ جيڪا ٻه تباهي يا جنگ برپا آهي اها صرف ظاهري دڪلاوي جي عبادت جو ردعمل آهي ڇاڪاڻ ته مالڪ جي عبادت گهٽ ۽ پنهنجي پوڄا زياده ٿي رهي آهي.

امن جي جڳهه دل آهي اگر دل ۾ محبت پيار خلوص ۽ احساس آهي ته اها دل امن ۾ آهي اگر دليون امن ۾ اچي وڃن ته دنيا امن ۾ اچي ويندي اهو سڀ تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن اسان سڀ ئي دل کي ڪعبو قدسي بڻائي، دل ۾ ئي مالڪ جي عبادت ڪنداسون ۽ پاڻ ۾ ئي مالڪ کي ثابت ڪنداسون حجتہ الوداع جي موقعي تي حضور پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو ته هي پوري روءِ زمين عبادت جي جڳہ آهي جتي چاهيو عبادت ڪري سگهو ٿا ۽ مسجدن کي ڪنوار وانگر نہ سينگاريو. مسجدن تي لکين عربين روپيا لڳائي ڇڏيو ۽ مسڪين ويچارا بکن جي پاهہ مري وڃن.اڄ ڪلهہ ظاهري عبادتن جي گهٽائي، بتن وانگر سينگاريل مسجدون، ڪچا ڪچ نمازين سان پريل مگر مومنن کان خالي سڀ اڄ جي دور ۾ شر جا گهر آهن ڇاڪاڻ ته دوئي غير بغض فرقي پرستي ٽولا بندي هڪٻئي سان نفرت جو باعث آهن ڇو جو انسان اصل ڪعبي کان هٽي ڪري پٿين اڳيان ڪري پيو آهي مخصوص فرقن لاءِ جايون بڻائي، عربين روپيا مسجدن تي لڳائي مخصوص ٽولن لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون آهن ۽ ڪنهن بہ غريب مسڪين بي سهارا جو احساس ختم ٿي ويو آهي انسان زندهہ قبر جي مثال بڻجي ويو آهي محبت پيار ۽ احساس ختم ٿي وڃڻ جي ڪري شر ۽ شيطان بڻجي ويو آهي.

مالڪ جي نالي جي خير ڏيڻ جو طريقو هي آهي ته حديث شريف ۾ اچي ٿو ته خيرات ايئن ڏيو جيئن سڄو هٿ ڏي ته ڪٻي هٿ کي خبر نہ پوي ڇو جو خير ڏيڻ جو مقصد صرف ئي صرف مالڪ ڪريم کي راضي ڪرڻ آهي مالڪ ڪريم هر حال ۾ ظاهر باطن ڏسي پسي رهيو آهي طالبن لاءِ سڀ کان وڏيڪ خير جو مستحق هن جو مرشد آهي هو اگر ڪنهن کي بہ خير ڏيڻ جو ارادو رکي ٿو ته بہ مرشد جي اجازت سان ڏي ڇاڪاڻ ته اسلام جا پنج رڪن آهن پر مرشد ۽ طالب جي وچ ۾ هڪ رڪن آهي اهو هڪ رڪن خدمت ئي آهي. دعوت خير ڪري گهڻن ماڻهن کي گڏ ڪري هزارين ۽ لکين روپيا خرچ ڪري ماڻهن ۾ وڏي واقعي ڇوڙ ته مون خير ڪيو آهي دڪلاوي جي لاءِ جيڪو بہ خير ڪيو وڃي ٿو سڀ شر جو ڪارڻ بڻجي ٿو اڄ ڪلهہ خير بہ پنهنجي شهرت ۽ نالي ڪمائڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو ۽ الله ڪريم ڪارڻ نٿو ڪيو وڃي اهڙي دعوت خير جيڪا مسڪين غريب ۽ امير ۾ فرق پيدا ڪري سا بہ دعوت شر آهي دعوت خير نہ آهي. تنهنڪري اسان سڀني کي گهرجي ته انهن بيمارين کان بچڻ لاءِ مرشد ڪامل جي بيعت ڪرڻ بيحد ضروري آهي ڇاڪاڻ ته الله تبارڪ و تعاليٰ جتي بہ ظلمءِ بربريت وڌي اتي پنهنجن پيارن کي هدايت لاءِ مقرر ڪرڻ فرمائي ٿو.

## دستِ بيعت

جيئن اڳ ۾ ئي اظهار ڪري آيا آهيون ته فقير هادي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن فرمائيندا هئا ته ٻچپن کان ئي حقيقي محبت دل ۾ جان گزين هئي ۽ محمد سائين حسين ٻيلي وارن جي صحبت ۾ رهڻ ۽ سندس جو دستِ بيعت ٿيڻ جو شوق هيو مگر الستي اقرار ته هادي پاڪ راضي سائين سان ٿيل هئا تنهنڪري فقير محمد سائين جا طالب ٿي نہ سگهيا . حضرت سخي داتا سرتاج فقير هادي

راضي سائين جن سان ٻيهر ملاقات جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ " ڪافي سال تقريبن ويھہ ٻاويھہ سالن کان پوءِ رحمدل سائين جن مونکي ٻڌايو تہ سائينجن فقير ٿي ويا آهن ۽ لاهور ۾ رهن ٿا. پوءِ آءُ رحمدل سائين جن کي چيو تہ توهان سائينجن کي محمد سائين جي ميلي تي حسين ٻيلي دعوت ڏيئي وڃي اچو. جتي محمدڻ سائين ميلو ڪَري ٿو. جيڪو محمد سائين جو نياڻو بہ آهي. رحمدل سائين هادي پاڪ کي مذڪورھ ميلي جي دعوت ڏني ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ پهريون ڀيرو محمد سائين جي ميلي تي سائين پاڪ جن سان ميلو ٿيو. جيئن ئي آءُ راضي سائين جن سان مليس تہ پاڻ سائينجن مون کي ڏسي فرمايائون تہ بسم الله الرحمن الرحيم ۽ پاڳر پائي مون کي نرڙ تي چمي ڏنائون. پوءِ آءُ سائيجن کي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيس. پاڻ پيدل سفر ڪري ڳوٺ آيا. چار راتيون مسلسل مون وٽ رهيا، ان وقت سائينجن جي عمر تقريبن ٻائيتاليهہ يا ٽيتاليهہ سال هئي. سائينجن جي سونهاري مبارڪ اڌ اڇي اڌ ڪاري هئي مگر وڏي ۽ سيني کان بہ هيٺ هئي ان دوران پاڻ مون کي لاهور اچڻ جي دعوت ڏنائون ۽ رحمدل سائين کي ذمو ڏنائون تہ اوهان نماڻي سائين کي ساڻ ڪري لاهور اچجو. پوءِ اسان رحمدل سائين سان گڏجي ڪجھہ ٻيا دوست جنهن ۾ جيوڻ خان ڪورائي ۽ گامڻ خان ڪورائي ڳوٺ جمال خان ڪورائي پراڻو مسو واهہ ۽ ڪجھہ مير پور ماٿيلو جا دوست لاهور ويا سون. تنهن وقت سائين جن چلي گاهہ يعني هاڻ جنهن ڪمري ۾ تصويرون رکيل آهن ان ۾ وينل هئا. جڏهن مون سان سائينجن مليا تہ وري بہ بسم الله الرحمن الرحيم پڙهيائون ۽ منهنجي نرڙ تي چمي ڏنائون. لنگر پاڻي ڪري آرام ڪيو سون، صبح جو سموري سنگت رحمدل سائين سميت لاهور گهمڻ لاءِ تيار ٿيا. آءُ بہ تياري ڪئي مگر دلي طور وڃڻ جو ارادو نہ هيو ۽ سنگت کي بہ ڪونہ چيو خاموش رهيس. جڏهن سڀ تيار ٿي ويا تہ مون کي چيائون تہ اُٿو تہ هلون، آءُ خاموش رهيس ۽ هادي پاڪ راضي سائين جن خود فرماين تہ هي هتي آهي اوهان وڃو. سو سڀ فقراءَ خيال سائين کي ساڻ ڪري لاهور هليا ويا.

هاڻ پنيان ميخاني تي سرڪار راضي سائين ۽ آءُ هئا سون. آءُ هادي پاڪ راضي سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبل مون کي طالب ڪرڻ فرمايو تہ سرڪار موجوده دربار شريف جي مين دروازي وٽ هڪ نم هئي تنهن هيٺيان مون کي وحدت جو جام پياري حضرت سچي سائين جي فقر ۾ داخل ڪرڻ فرمايو. اهڙي طرح آءُ سائين جن جو طالب ٿي ويس ۽ هادي پاڪ جن پنهنجي خاص قربت ومحبت عطا ڪئي.

## ضرورتِ ذڪرالله

Gul Hayat Institute

حضرت ابو سعيد خذري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم کان دريافت ڪيو ويو تہ"ڪهڙو شخص قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي نزديڪ افضل ۽ بلند مرتبہ هوندو. رسول ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪرڻ وارا مرد ۽ عورتون. عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ڇا ان شخص کان بہ وڌيڪ ان جو درجو آهي جيڪو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪري حضور اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "هائو" اگر ڪوئي شخص تلوار ڪفار ۽ مشرڪين تي هلائي ايتري تائين جو ان جي تلوار ٽٽي پوي ۽ هو خود رت سان رنگين ٿي وڃي پر پوءِ بہ ذڪرِ الله ڪرڻ وارو ان کان مرتبي ۾ افضل آهي" ( احمد، ترمذي) .

الله تبارڪ و تعاليٰ نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم کي اهلِ ذڪر جي صحبت ۽ غافل کان دوري جو امر

فرمائيندي قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائن ٿا ته :

”وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾“ (سوره الڪهف آيه 28)

يعني ”اي پيغمبر ﷺ تون پاڻ کي انهن ماڻهن سان گڏ ڪر جيڪي مون کي ياد ٿا ڪن. جيڪي رات ڏينهن صبح شام منهنجي طلب ۾ آهن ۽ پنهنجي اک مبارڪ کڻي انهن ماڻهن ڏي نه ڏس جيڪي ماڻهو دنيا ۽ دنيا جي زينت ۽ تلاش ۽ طلب ۾ آهن ۽ انهن جي پيروي نه ڪر جن جي دلين کي اسان غافل بڻايو آهي پنهنجي ياد کان. ۽ اهي ماڻهو پنهنجي خواهش نفس جي رات ڏينهن پيروي ڪندڙ آهن ۽ ڪم حد کان ٽپيل آهن انهن کان پاڻ کي پري ڪريو“

”اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾“ (سوره الرعد آيه 28)

يعني ”بيشڪ ذڪر الله ۾ ئي دلين جو سڪون آهي“

يا ”وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰﴾“ (سوره الجمعه آيه 10)

يعني ”۽ ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪندا ڪريو ته توهان فلاح پايو“

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۶۹﴾ (سوره العنڪبوت آيه 69)

يا ترجمو ”۽ جيڪي ماڻهو اسان جي طرف اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن اسين پاڻ پنهنجون راهون خود آسان ڪندا آهيون“

”تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿۴۴﴾“ (سوره الاحزاب آيه 44)

يعني ”اي ايمان وارو ذڪر الله ڪثرت سان ڪندا ڪريو“ (سوره الاحزاب آيه ٤١)

”وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾“ (سوره الاحزاب آيه35)

يعني ”اسم الله جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ وارن مردن ۽ عورتن جي لاءِ الله تعاليٰ وڏي مغفرت ۽ اجر عظيم تيار ڪري رکيو آهي“

”اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓىِٕكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۲﴾“ (سوره الزمر آيه 22)

يعني ”جنهن شخص جو سينو الله تعاليٰ اسلام لاءِ کولي ڇڏيو اهو شخص پنهنجي رب جي طرف کان نور ۽ روشني ۾ اچي ويو حلاڪت ۽ بربادي آهي ان شخص لاءِ جنهن جو دل ايترو سخت آهي ته الله جي ذڪر ۾ نه ٿو لڳي.“

”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۹﴾“

(سوره المنافقون آيه 9)



Gul Hayat Institute

يعني "اي ايمان وارو توهان جو مال توهان جي اولاد توهان کي الله جي ذڪر کان غافل نہ ڪري جيڪي ماڻھو ايئن ڪندا اهي ئي خساري ۾ آهن"

"اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّ فَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ۝ تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۢ بِاِذْنِ رَبِّهَا" (سوره ابراهيم آيہ 24,25)

يعني "ذڪر بالجهر (آواز سان ذڪر ڪرڻ) ڪلمہ طيبہ جو مثال هڪ وڻ سان آهي جنهن جي پاڙ جر تي آهي ۽ ٽاريون عرش عظيم تي آهن ۽ اهو وڻ الله پاڪ جي اذن سان سدائين ميوو ڏي" ميا وڻ وقت تي ڦر ڏيندا آهن پر هي هميشہ ميوو ڏي.

"سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ" (سوره حم السجده:53)

يعني "اسان انهن ماڻھن کي پنھنجون نشانيون اندر ٻاهر دل ۾ سگهوئي ڏيکاريندا سون پوءِ کين پڪي خبر پوندي تہ بيشڪ الله پاڪ آهي"

حضرت مولا علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ "هڪ دم منهنجو اگر بغير ناليِ الله پاڪ جي وڃي تہ ان ساعت ۾ مان پاڻ مومن نہ ٿو سمجهان يعني انٽي پهر رات ڏينهن تيھ ئي تاريخون منهنجو دم الله پاڪ جو ذڪر ڪندڙ آهي" حضور اڪرم نور مجسم سيد المرسلين شفيع المذنبين رحمت اللعالمين محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پڻ ذڪر الله جو وڏو تاڪيد فرمايو آهي جن مان چند حديثون پيش ڪرڻ جي توفيق حاصل ڪندس.

"لكلِ شيءٍ مصقلته، ومصقلته القلب ذكر الله تعالىٰ" (الحديث)

يعني "هر شيءِ جي لاءِ صيقل آهي ۽ دل جي لاءَ صيقل الله تعاليٰ جو ذڪر آهي"

"عِلامته حُب الله ذكره وعلامته بغض الله عدمَ ذكره" (الحديث)

يعني "الله تعاليٰ سان محبت جي علامت ذڪر الله آهي ۽ الله سان بغض جي علامت عدم ذڪر الله آهي"

"افضل ذكر ذكر الله تعالىٰ" (الحديث)

يعني "سڀ کان بهتر ذڪر الله جو ذڪر آهي"

"ما صدقته من ذكر الله تعالىٰ" (الحديث)

يعني "ڪوبہ صدقو ذڪر الله کان بهتر نہ آهي"

"طلب الخير طلب الله، و ذكر الخير ذكر الله" (الحديث)

يعني "بهترين طلب الله تعاليٰ جي طلب آهي ۽ بهترين ذڪر الله تعاليٰ جو ذڪر آهي"

"الانفاسُ معدودات كُل نفس يخرجُ بغير ذكر الله تعالىٰ فهوَ ميت" (الحديث)

يعني "دم ڳڻيل آهن ۽ جيڪو دم الله جي ذڪر کان بغير نڪري اهو مرده آهي"

"عن جابر رضى الله عنه قال، قال رسول الله صلى الله عليه وسلم افضل ذكر لا اله الا الله و افضل دعاءِ الحمد الله"

يعني "حضرت جابر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: افضل ذڪر لاالہ الا الله ۽ افضل

دعا الحمد الله آهي"

"وعن ابي هريره ﷺ قال, قال رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جد دوا ايمانكم بم يا رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم قال اكثر وامن قول لا الہ الا الله" (الحديث ) يعني حضرت ابو هريره ﷺ فرمائن ٿا تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ پنهنجي ايمان کي ذکر پاک لا الہ الا الله سان نئون ڪريوءِ اڪثر ذڪر جي هلڪي ۾ ويهندا ڪريو"

ان ڪري تمام فقراءَ, درويش, اولياءَ ڪرام پنهنجي مريدن, طالبن پوئلڳن کي ڪثرت ذڪر جي هدايت ڪندا رهندا آهن جيئن هادي پاڪ راضي سائين جن فرمائن ٿا تہ "الله دي بات خاص هي باقي سب بکواس هي" يا هادي پاڪ بابا نماڻوسائين جن فرمائن ٿا تہ:

"هڪ دم اسان جو ڪم آ ٻيو کھڙو اسان کي ڪم آ"

حضرت سچل سرمست سائين فرمائن ٿا تہ

اڪ ڏهاڙي مرشد آکيا چوڙين خلق دي ياري
اڪ نام اسان ڏا ياد رکين ٻي ڏوهين جهان وسارين

تنهنڪري اڪثر درويش مختلف طريقن سان طالبن کان ذڪر جون مشقون ڪرائيندا رهندا آهن ذڪر جي باري ۾ هڪ حڪايت آهي تہ"هڪ لڳا هڪ طالب حضرت غوث الاعظم پيرانِ پير دستگير شيخ عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ کان پڇيو تہ حضورذڪر جي حد ڪٿي ختم ٿيندي آهي پاڻ فرمايائون تہ جتان فڪر شروع ٿيندو آهي طالب عرض ڪيو تہ قبلا فڪر جي حد ڪٿي ختم ٿيندي آهي پاڻ فرمايائون تہ جتان مشاهدو شروع ٿيندو آهي ساڳي طالب عرض ڪيو تہ سائين مشاهدي جي حد ڪٿي تي ختم ٿئي پاڻ فرمايائون تہ جتي مشاهدو خود مشهود بڻجي پوندو آهي"

ڪتاب سر الاسرار ۾ ڪجھ هن طرح تعريف اذڪار بيان ڪئي ويئي آهي باقي فقير جو تہ درس ئي سر سڃاڻڻ آهي باقي ڄاڻ خاطر عمل ڪرڻ وارن لاءِ مشعلِ راهہ آهي.

ذڪر زبان — هي اهو ذڪر آهي جنهن جي بدولت دل ذڪر الاهي جي تجديد ڪري ٿو جيڪو هو يلائي چڪو آهي.

ذڪر نفس — هي اهو ذڪر آهي جيڪو حروف ۽ آواز کان بغير محض بطن جي حس و حرڪت سان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

ذڪر قلب — هي اهو ذڪر آهي جنهن م قلب پنهنجي ضمير ۾ الله تعاليٰ جي جلال و جمال جو مشاهدو ڪري ٿو.

ذڪر روح — هي اهو ذڪر آهي جنهن جو نتيجو تجلياتِ الاهي جو مشاهدو ڪرڻ آهي.

ذڪر سرّ — هي اهو مراقبو آهي جنهن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جا اسرار منڪشف ٿين ٿا.

ذڪر خفي — ذڪر خفي اهو آهي جنهن ۾ عظيم قدرت واري شهنشاهہ جي روبرو مجلسِ صدق ۾ ويهي ڪري انوار و جمالِ ذات احديت جل جلالہ جو معائنو ڪيو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

ذڪر اخفيٰ الخفي. هي اهو آهي تہ جنهن ۾ حق اليقين جي نگاهہ سان الله تعاليٰ جي ان حقيقت کي ڏٺو وڃي ٿو جنهن کان الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ واقف نہ آهي جيئن تہ فرمانِ حق تعاليٰ آهي تہ "الله تعاليٰ چاڻي ٿو خفي پيدن کي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ مخفي اسرارن کي" هي جملہ علوم جي غايت ۽ جملہ مقاصد جي انتها آهي.

## نالي جو عطا ٿيڻ

جڏهن هادي پاڪ جن اسان کي جامِ عشق عطا فرمايو تہ نالو سماٽو هجڻ جي ڪري پاڻ فرمايائون تہ اسان سماٽي جي "س" کڍي اچ اسان توهِ سراپا نينهن جو "ن" ملائي نماٽو فقير بڻايون ٿا چاڪاڻ تہ حضرت سچل سرمست سرڪار جن جو بہ نماٽو فقير هيو اچ کان اوهان اسان جا نماٽا فقير آهيو. ڪجھ وقت امن پور شريف ۾ رهڻ کان پوءِ واپس موٽي ڳوٺ آياسون ۽ هادي پاڪ جن باقاعدگي سان اسان وٽ ايندا رهيا ۽ اسان لاهور ويندا رهيا سون آءُ غالبن 1958ع ۾ سائين جن جو طالب ٿيس.

## سلسلہ ۽ طريقت

فقير هادي بابا نماٽو سائين صوفي قادري قلندري سلسلي سان منسلڪ آهن ۽ سندن شجراءِ طريقت هن ريت آهي.

فقير هادي سخي واحد بخش, المعروف فقير بابا نماٽو سائين صوفي قادري قلندر مدفون آستانہ عاليہ بابا راضي سائين ڳوٺ جلال خان گهوٽو گهوٽڪي سنڌ.

سندن مرشد

رهبرِ طريقت, هادي الحقيقت, مالڪ الملڪ معرفت, محب المشتاقين, سراج السالڪين, تصورا لطالبين, سلطان الفقراءَ, رند قلندر, تارڪ عارف عاشق, معنوي گوهر مرد مجرد, فقير روشن ضمير, ناطقِ تفسير, راضي با رضا, حضرت حافظ محمد حسن سائين المعروف فقير بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر رحمة الله عليه (1975, 1915) مدفون آستانہ عاليہ امن پور شريف ٽاٽا چونگ لاهور

سندن مرشد

رهبرِ طريقت, سالڪ سرمست, رهبرِرندانيت, فقيرروشن ضمير, ناطقِ تفسير, ماهرِ علم جزوي, معنوي گوهر جناب حضرت محمد شفيع درازي صوفي قادري قلندر المعروف قلندر علي درازي رحمة الله عليه (1892, 1957), مدفون نارووال شريف سيالڪوٽ پنجاب

سندن مرشد

پير طريقت, فقير قادر, سلطان العارفين, محب المشتاقين و سالڪين, راحت العاشقين مقصود الطالبين, سلطان الفقر جناب حضرت خواجہ سخي قبول محمد سائين ثاني درازي فاروقي صوفي قادري رحمت الله عليہ (1261هہ,1343هہ, مدفون درگاهہ عاليہ سچل سرمست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

والدِ محترم پيرِ طريقت, قطب العارفين, رهنماءِ سالڪين, تصورالطالبين, جناب حضرت خواجہ نجم الدين سائين فاروقي صوفي قادري درازي رحمت الله عليہ (1239هہ,1272هہ), مدفون درگاهہ عاليہ سچل

سرمست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

سندن والدِ محترم رهبرِ طريقت، جليل القدر، ڪرم فرماء، جيد موحد، پُر اسرار و پُر انوار جناب حضرت خواجه نظر محمد سائين فاروقي صوفي قادري درازي (1201هه،1252هه)، مدفون درگاهه عاليه سچل سرمست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

سندن والدِ محترم، پيرِ طريقت، سرگروهِ سالڪين، امام المشائخين، فيضِ مآب عالي جناب ڪيميا نظر شيخ المشائخ، جناب خليفه حضرت خواجه سخي قبول محمد اول فاروقي، درازي صوفي قادري رحمت الله عليه (1181هه،1245هه)، مدفون درگاهه عاليه سچل سرمست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

سندن والدِ محترم، قطب الاقطاب، مشغول و فارغ، راز پوش، پير ڪامل و اڪمل، سراج السالڪين، سلطان العارفين، مقصود الطالبين، جناب حضرت خواجه عبدالحق سائين فاروقي درازي صوفي قادري مرشدِ حضرت سچل سرمست رحمت الله عليه ( 1120هه،1213هه)، مدفون درگاهه عاليه سچل سر مست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

سندن والدِ محترم، هاديءِ طريقت، راز دانا، مالڪِ ملڪ معنيٰ، سلطانا سر سلطان، جناب حضرت خواجه محمد حافظ عرف صاحبڏنو سائين موراڳي بن ميان عبدالوهاب سائين درازي صوفي قادري بانيءِ درگاهه درازا شريف رحمت الله عليه (1101هه 1192هه)، مدفون درگاهه عاليه سچل سرمست درازا شريف سنڌ

سندن مرشد

پيرِطريقت، قطب العارفين، رهنماء سالڪين، تصورِ طالبين جناب حضرت خليفه حسني و حسيني حضرت عبيدالله شاهه جيلاني صوفي القادري رحمت الله عليه .پاڻ محبوب سبحاني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جا پوٽا طور مشهور آهن هاڻ درگاهه عاليه حضور خواجه غريب نواز معين الدين چشتي اجميري رحمت الله عليه ۾ دفن آهن.

## حضرت فقير سخي بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر

حضرت فقير سخي سرتاج بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جي ولادت باسعادت پنج 05 محرم الحرام سن 1335 هه بمطابق نو 09 جنوري سن 1915 ع بروز سومر تي ٿي. سندن والد صاحب جو نام نامي اسم گرامي بابا ڪريم بخش هو پاڻ خاصخيلي ملڪ خاندان سان تعلق رکندا هئا. حضرت فقير بابا راضي سائين جن جو جنم ڳوٺ ميان ياسين شاهه تعلقو ڪپرو ۾ ٿي. حضرت بابا راضي سائينؒ جن جي جنم جي ڪجهه ئي سالن بعد بابا ڪريم بخش سائين جي گهر ٻيو ٻار پيدا ٿيو جنهن جو نامِ نامي اسم گرامي علي بخش رکيو ويو ان دوران بابا ڪريم بخش جي گهر واري الله تبارڪ وتعاليٰ کي پياري ٿي ويئي ۽ بابا ڪريم بخش سائين پنهنجي ٻنهي معصوم ٻارن کي ساڻ وٺي پنهنجي مرشد حضرت

Gul Hayat Institute

سائين ڪرم الله شاھ جيلاني سجادھ نشين دربارِ عاليہ حضرت غوث موسيٰ شاھ جيلاني گھوٽڪي وارن جي خدمت ۾ اچي رهڻ شروع ڪيو. ان وقت جي ڪامل درويش عالم حافظ غوث محمد شاھ سائين وٽ بابا راضي سائين قرآن شريف حفظ ڪيو. حضرت بابا راضي سائين جو بچپن هڪ ڪامل ولي جي زيرِ سايہ گذرڻ لڳو. پاڻ پنهنجي والد صاحب سان گڏ پنهنجي مرشد جي خدمت و رياضت ۾ بچپن کان ئي لڳي ويا. ٿورڙا وڏا ٿيا تہ علائقي جي سچي حسين ۽ باوفا دوستن سان دوستي ڪرڻ شروع ڪئي جنهن ۾ هڪ خاص نالو حضرت بابا نماڻو سائين گھوٽو جن جو آهي جيڪو بعد ۾ سندن طالب و خليفو بڻيو.

ان دوران چڪ شهباز پور جي هڪ حسين و جميل سيد جمن شاھ سائين سان محبت وعشق ٿي ويو. ان محبوب صورت جي پيار ۾ پاڻ گھوٽڪي شهر ڇڏي پنهنجي والد صاحب ۽ ننڍي ڀاءُ کي ساڻ ڪري اچي چڪ شهباز پور ۾ رهڻ لڳا. مجاز کي حقيقت جي طرف سفر ڪرڻو هو هي پوڙي ڪراس ڪرڻي هئي جو ٿوري ئي عرصي ۾ محبوبن سائين جمن شاھ سائين جن جو انتقال ٿي ويو. ان جي ڪيفيت کي توهان بخوبي سمجهي سگھو ٿا تہ ان وقت عاشق جي حالت ڇا هوندي, اها بيان ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالھ نہ آهي ڇو تہ بابا راضي سائين جن فرمائن ٿا تہ ”دل جو درد بيان ۾ ۽ حق جو مشاهدو زبان ۾ نٿو اچي سگھي.“ پاڻ انهي هڪ ئي ضرب ۾ چُور چُور ٿي ويا, سترهن ڏينهن مسلسل محبوب جي قبر اقدس تي ويٺا رهيا ۽ هڪ ٻئي سان ايئن ڳالهائيندا هئا جيئن هڪٻئي سان روبرو ڪچهري ڪندا هجن. سترهن ڏينهن کانپوءِ پاڻ پنهنجي والد صاحب, ننڍڙي ڀاءُ ۽ دوست و احباب کي خير آباد چئي مرشد جي تلاش ۾ ملتان جو رخ ڪيو. ان وقت علائقي جا چند ماڻهو بہ ساڻ ويا, هڪ مهينو ملتان ۾ رهڻ کان پوءِ واپس موٽي آيا ۽ چند روز پنهنجي چاچي سونهارو جي گھر قيام ڪيو.

بچپن کان ئي الله تبارڪ و تعاليٰ جي محبت ۽ عشق سندن دل ۾ سمايل هو. بچپني ۾ ئي حضرت غوث موسن شاھ جيلاني بادشاھ خواب ۾ بشارت ڏني هئي تہ اسان اوهانجي شادي حق سان ڪري ڇڏي آهي ۽ گڏوگڏ حضرت سلطان باھُو ﷫ جي دربار تي وڃڻ جو بہ امر فرمايو هو. ڪجھ ڏينهن پنهنجي چاچي جي گھر رهڻ کانپوءِ ٻيهر پنهنجي مالڪ حقيقي مرشد محبوب جي تلاش ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ کي پنهنجو حامي وناصر سمجهي نڪري پيا. هند سنڌ جو پيادل سفر ڪيو. دهلي ويا, اجمير شريف خواجہ غريب نواز ﷫ جي عرس مبارڪ ۾ شريڪ ٿيا, مختلف دربارن تي ويندا رهيا. مختلف سجادھ نشينن سان ملاقاتون ڪچهريون, محبتون ۽ صحبتون ڪندا رهيا. پاڻ فرمائن ٿا تہ دورانِ سفر ڇئن درويشن وٽ دستِ بيعت ٿيس, فيض جي غرض سان خدمت و رياضت ڪئي پر بعد ۾ خبر پوندي هئي تہ اهي درويشي جي روپ ۾ ڪجھ ٻيا آهن.

اهڙي هستي اجا نہ ملي رهي هئي جيڪا خود کان فاني ۽ حق تعاليٰ سان باقي هجي, سو سفر ڪندي ڪندي ڪافي عرصي کان پوءِ پاڻ دربار حضرت سلطان العارفين باھُو با خدا تي پهتا. دربار شريف جي حاضري ڏيئي, سجادھ نشين سائين سان مليا ۽ پنهنجي مدعا پيش خدمت رکي. سجادھ نشين حضرت راضي سائين جن کي رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ فقير جي ڊيوٽي پڻ لڳائي تہ هو لنگر باقاعدگي سان سائين جن کي ڏيندا رهن. پاڻ هميشہ روزي ۾ رهندا هئا اهو فقير ٽائيم تي لنگر ڏيئي ويندو هو پاڻ لنگر تناول نہ فرمائيندا هئا ۽ هڪ الماري ۾ لنگر ڪٽي رکي ڇڏيندا هئا سو فقير اهو لنگر واپس ڪٽي ويندو هو ۽ تازو لنگر رکي ويندو هو. انهي اٺنا ۾ اٺ ڏينهن گذري ويا. هاڻ پاڻ کي

Gul Hayat Institute

درويش جي قدم بوس تي ويا. ان درويش وڏي پيار، شفقت، محبت ۽ سڪ مان مٿي اٿاري سيني سان لڳايو سر منهن چمڻ کان پوءِ سنڌي ۾ ڳالهائيندي فرمايو تہ "ٻچا اوهان سچي سائين جي امانت هٿ آيا آهيو" حضرت راضي سائين جن نهايت عاجزي مسڪيني ۽ انڪساري ۾ عرض ڪيو تہ "جي منهنجا مالڪ هي مسڪين هند سنڌ هر جڳهہ اوهان کي تلاش ڪندو رهيو آهي اوهان جي خدمت ۽ اوهان کي حاصل ڪرڻ جي نيت سان حاضر ٿيو آهيان. الله داتا جو بيحد احسان آهي جهڙو مرشد هادي مون کي گهربو هو اهڙو ئي محبوب مرشد مون کي ملايو آهي شڪر الحمد لله رب العالمين" ۽ ان پاڪباز فقير هستي جن فرمايو تہ "آءُ چوڏهن سالن کان حضرت داتا سائين حضور کان اها التجا ۽ دعا گهرندو رهيو آهيان تہ مولا مونکي اهڙو مرد ملائي جيڪو منهنجي مرشد جي علائقي ۽ ان جي زبان ڳالهائيندو هجي يعني سنڌي هجي. جيڪو تارڪ الدنيا، تارڪ الوطن، تارڪ الوجود طالب حق هجي، سو اڄ فيض عالم داتا غريبنوازجن منهنجي دعا قبول فرمائي، مونکي تون مليين، منهنجي دل جي مراد پوري ٿي ۽ تون بہ با مراد ٿئيين. هي الله داتا جو فيض آهي جو هُو ڪنهن کي بہ بي مراد ۽ پنهنجي رحمت کان لااميد نٿو ڪري.

اها پاڪباز هستي فقير درويش حضرت محمد شفيع سائين المعروف قلندر علي درازي صوفي قادري قلندر جن نارووال شريف وارا هئا. حضرت سخي محمد شفيع سائين رحمۃ اللہ علیہ جن بابا راضي سائين جن کي هڪ حمام ۾ وٺي ويا ۽ حجم کي چيائون تہ هن جي ڏاڙهي مبارڪ ۽ سر جا وار صاف ڪيو ان کانپوءِ غسل ڪرايو هٿن ۽ پيرن جا ننهن تمام وڏا ٿي ويا هئا ۽ اهي پاڻ پنهنجي کيسي مان چاقو ڪڍي پنهنجي هٿن سان صاف ڪيا. حضرت راضي سائين جن کي جسم تي هڪ ڦاٽل شلوار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ زيب تن نہ هيو ان وقت محلہ بلال گنج محمد زمان سائين جي گهر وٺي ويا ۽ پنهنجا نوان ڪپڙا پائڻ لاءِ راضي سائين جن کي ڏنا ۽ صاف سٿرو رهڻ جي هدايت ڪئي. ۽ دستِ بيعت ڪري صوفي قادري قلندري سچي سائين جي فقر ۾ پيوستہ ڪيو ۽ طريقت جي اسم سائين فقير راضي سائين جي لقب سان نوازيو.

حضرت بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر رحمت الله عليہ پنهنجي حقيقي محبوب جي تلاش ۾ هند سنڌ ۾ سرگردان ڦري رهيا هئا. ڪوئي حال و خيال جو مرڪز و محور نہ ملي رهيو هو پريشان حال هئا. هيڏانهن محبوب حقيقي مرشد ڪامل چوڏهن سالن کان انهي تمنا ۾ آهن تہ "مولا مونکي اهڙو مرد ملاءِ، جيڪو منهنجي مرشد جي علائقي جو ۽ ان جي ٻولي ڳالهائڻ وارو هجي. حضرت بابا محمد شفيع سائين قلندر علي درازي رحمۃ اللہ علیہ اڪثر فرمائيندا هئا تہ "مون چوڏهن سال فيضِ عالم داتا غريبنوازکان دعا گهرندو رهيو آهيان تہ مون کي الله تبارڪ و تعاليٰ جو اهڙو طالب عطا فرما جيڪو تارڪ الدنيا، تارڪ الوطن، تارڪ الوجود، طالب حق ۽ منهنجي مرشد جي ٻولي ڳالهائڻ وارو هجي يعني سنڌي هجي. سواڄ داتا غريب نواز رحمت الله عليہ جن منهنجي دعا قبول فرمائي ۽ مون کي راضي سائين مليو منهنجي دل جي مراد بہ پوري ٿي ۽ پاڻ راضي سائين بہ بامراد ٿيو. هي الله داتا جو فيض آهي جو هُو ڪنهن کي بہ بي مراد نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي رحمت کان ڪنهن کي بہ محروم نٿو ڪري."

حضرت صوفي سرتاج مرشد هادي سائين محمد شفيع عرف قلندر علي درازي رحمت الله عليہ جن پاڻ سرڪار راضي سائين جن کي تقريبن ٽي مهينا پنهنجي مخصوص صحبت ۾ رکي مجذوبيت ۽ مستي مان ڪڍي سالڪيت ۽ سرت ۾ وٺي آيا علم تصوف جي حقيقت کان روشناس ڪرايو. فقيري فن

راز ورموز کان واقف ڪرايو. طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي حال کان آگاھ ڪرڻ فرمايو ۽ مقام ڪمال باجمال عطا فرمايو. سالڪيت سرمستي وحال محويت محو صحيح حال صحوبحر عميق عشق سمندر ۾ غوط هڻائي وحدت واحد ۾ مقصود الله سان ملائي ڇڏيو. جڏهن هادي پاڪ بابا راضي سائين جن پاڻ کان فاني ۽ ذاتِ حق ۾بقا حاصل ڪري ورتي تڏهن هڪ ڏينهن مرشد هادي حضرت بابا محمد شفيع سائين جن فرمايو تہ "راضي سائين پٽ هاڻي تنهنجي لاءِ ٻہ رستا آهن اگر شادي ڪرڻ چاهين تہ ڪنهن بادشاھ جي گھر ۾ تنهنجي شادي ٿي سگھي ٿي" جڏهن پاڻ شادي جي ڳالھ ٻڌي تہ زارو قطار روئڻ شروع ٿي ويا ۽ روئندي روئندي بيهوش ٿي ويا، حضرت بابا شفيع محمد سائين رحمت الله عليہ جن پيار دلاسو ڏيئي صحيح الحال ڪيو ۽ پاڻ ڪريم جن پڇڻ لڳا تہ "پٽ تون روئڻ ڇو شروع ٿي وئين تہ پاڻ سرڪار راضي سائين جن عرض ڪيو تہ اي منهنجي دل جا ڀيدي، هر حال و خيال کي ڄاڻڻ وارا همراز مالڪ هي مسڪين تنهنجي ذات پاڪ جي محبت، يگانيت، عشق حقيقي ۽ درد عشق کانسواءِ ٻي ڪنهن بہ شئي جو طلبگار نہ آهي صرف  توهان مان توهانکي ڏسڻ چاهيان ٿو. اوهان جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نٿو ڄاڻان ۽ باقي تمام رستا ڀلائي چڪو آهيان سوائي تنهنجي ذات ختم ڪل بات. ۽ اوهان مالڪ ڪريم جي زبان اطهر مان ٻن رستن واري ڳالھ ٻڌي برداشت نہ ڪري سگھيس روئي پيس. اهڙو سمان هو جو خود حضرت بابا محمد شفيع سائين جن بہ سائين راضي سائين جن سان گڏ روئندا رهيا ۽ روئندي فرمايائون تہ اي راضي پٽ تون تہ منهنجو ڪليجوئي لٽي ورتو آهي سبحان الله الحمد لله جهڙو صادق طالب گھرندو هوس داتا سائين جن اهڙوئي طالب، عاشق، دردمند، مردِ مولا ۽ سچو فقير مون کي عطا ڪيو آهي سو هل پٽ اگر فقير ٿي ٽيٽو آهي تہ ڪٿي ميخانو هلي آباد ڪر ۽ جوڳِ عشق ڪما. حضرت راضي سائين جن عرض ڪيو تہ سائين ميخانو ڪٿي ۽ ڪهڙي طرف هجي تنهن تي بابا محمد شفيع سائين سرڪار جن فرمايو تہ اهو اندر وڃي داتا صاحب کان پڇي وٺو ۽ گڏوگڏ هي بہ فرمايائون تہ لاهور جي اندر داتا صاحب جي نگري ۾ هجڻ گهرجي،عام رستي ۽ شهري آبادي کان پري جتي ويراني ۽ جهنگ وانگر تنهائي هجي ۽ رات جي اونداهي ۾ آسمان ۾ تارا نظر اچن"

هي حڪم ملندي ئي پاڻ سڌو حضور داتا صاحب جي دربار اندر هليا ويا ۽ روحاني طور رجوع ڪيو اجازت ورتي، ذڪر طرف منهن ڪري روانا ٿيا. اڳتي اچي شاخ جي ڪناري سان هلندا رهيا جڏهن تيرهين ميل تي پهتا تہ سندن قدم رڪجي ويا ۽ پاڻ هيڏي هوڏي نهاري ڏٺو تہ هڪ واٽر جيڪو شاخ مان نڪري ٿو ۽ ڪافي جهنگ ۽ ٻوٽا واٽر مٿان آهن پاڻ عوام الناس کان لڪي ان جهنگ ۾ هٿ سان جڳھ ٺٽائي مالڪ کي ياد ڪرڻ لڳا. ڪنهن کي خبر بہ نہ هئي ڪجھ ڏينهن کان پوءِ (چرواهن) ڏنارن جڏهن سائين راضي سائين جن کي ڏٺو تہ شڪ ڪرڻ لڳا پر جڏهن اهي سرڪار راضي سائين جن سان مليا ۽ مالڪن جو قرب اخلاق، پيار ۽ مسڪيني ڏٺي تہ نهايت ئي متاثر ٿيا، پاڻ سرڪار راضي سائين انهن ماڻهن کي فرمائڻ لڳا تہ اي منهنجا ڀائرو! اوهان جيڪو گمان ڪري رهيا آهيو آءُ اهو نہ آهيان آءُ تہ هڪ مسڪين درويش فقير آهيان جو محض الله پاڪ جي محبت ۾ مستانو ديوانو ٿي خلق کان روگرداني ڪري اچي هن جهنگ ۾ ويٺو آهيان. سائين پاڪ جون اهي ڳالهيون ٻڌي اهي پاڻ سان اهي ماڻهو پيار ڪرڻ لڳا، انهن ماڻهن ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اوڀر طرف اشارو ڪندي سائين پاڪ جن کي چيو تہ اگر اوهان درويش آهيو تہ هن دڙي تي وڃي ديرو لايو پاڻ تيرهن ڏينهن ان دڙي طرف هليا ويا اچي ڏٺائون تہ

تمام خطرناڪ زهريلا نانگ ٻيون بد بلائون وغيره ڪافي آهن ۽ جنن جو ٻہ ڳڙه آهي هتان جان قريبي ماڻهوان جڳهہ کان تمام پري کان گذرندا هئا پاڻ مالڪن کي هي جڳهہ تمام پسند آئي ۽ اتي ئي پنهنجي هٿن سان رياضت شروع ڪري ڏني بعض دفعا تہ هٿن ۾ نانگ وغيرهہ بہ اچي ويندا هئا پاڻ نانگن کي ماريندا ۽ صفائي ڪندا رهيا پاڻ هٿن سان هڪ ننڍڙي ڪوني ناهي جنهن ۾ رڳو ٻہ ماڻهو ويهي ٿي سگهيا . پنهنجي هادي پاڪ جي امر سان روزانو گدا تي ويندا هئا جو ڪجهہ بہ ملندو هو سو ڪوبلين ۽ ٻين جانورن کي کارائي ڇڏيندا هئا ۽ انهن سان ئي دل بهلائيندا هئا. رات جو جاڳندا ۽ با آواز بلند قران پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا اتي هڪ تمام پراڻي وڻ جي منڍ ۾ هڪ ڪارو نانگ لڪل هوندو هو رات جو پاڻ ڪريمن جي تلاوت جي آواز تي ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ اهو نانگ مستي ۾ اچي ويندو هو چاڪاڻ تہ پاڻ قرآن بہ ايڏو پُر درد ۽ سوزو آواز سان پڙهندا هئا. اهڙي طرح آستانہ عاليہ امن پور شريف جو قيام عمل ۾ آيو.

هوڏانهن حضرت محمد شفيع سائين المعروف قلندر علي درازي ﷫ جن هر وقت پنهنجي سچي طالب فقير جي فڪر ۾ رهندا هئا تقريبا ٻن مهينن جي عرصي کان پوءِ پاڻ پنهنجي طالبن ۽ رفيقن کي فرمائڻ لڳا تہ اي طالبان فقراءَ اوهان سڀ گڏجي راضي سائين کي تلاش ڪرو اهو هن وقت ڪٿي آهي؟ تہ انهن گڏجي عرض ڪيو تہ جناب هو سنڌي ماڻهو هيو واپس هليو ويو هوندو ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو ماڻهو هتي پنجاب رهي نہ سگهندو تنهن تي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ ايئن ڪڏهن نٿو ٿي سگهي تہ هو سنڌ هليو وڃي, وڃو ۽ وڃي ان کي تلاش ڪرو. ان کان پوءِ اهي فقراءَ لاهور جي بازارن مزارن ۽ درٻارن تي ڳولڻ لڳا صبح جو وڃي شام جو واپس اچي مرشد محبوب کي عرض ڪن تہ سائين اسين راضي سائين کي ڏاڍو ڳوليو مگر هن جو ڪوبہ پتو نٿو پوي, هڪ ڏينهن هادي پاڪ بابا محمد شفيع سائين سڀ کي دڙڪي واري انداز ۾ فرمايو تہ هو مزارن ۽ درٻارن تي نہ ملندو وڃي ان کي جهنگل ويراني ۾ تلاش ڪريو اهوڪنهن ويراني جهنگ ۾ هوندو. ان وقت هڪ مکڻ فقير نالي بابا شفيع محمد سائين جو طالب اتي موجود هو شروع ۾ هو چور پيشہ شخص هوءِ بعد ۾ بابا سائين جي هٿ تي بيعت ڪري توبہ تائب ٿيو پاڻ ڪريمن مکڻ فقير کي چيو تہ مکڻ سائين تون هتان جي رستن جو واقف آهين ۽ تون ئي راضي سائين کي تلاش ڪري سگهين ٿو سو تون راضي سائين کي تلاش ڪر. قدرت الله پاڪ جي جو مکڻ فقير بہ انهي ئي ڏينهن اتفاقا چوهنگ جي طرف ئي آيو اتي اچي ماڻهن کان پڇڻ لڳو تہ هت ڪو نوجوان درويش هن هليي جو اوهان ڏٺو آهي جن جن ماڻهن سائين راضي سائين کي ڏٺو هو تن ان کي ٻڌايو تہ اسان ان شڪل و صورت جو درويش ڏٺو آهي تنهن تي مکڻ فقير انهن ماڻهن کي چيو تہ هلي مون کي ڏيکاريو اهي گڏجي آيا اچي ڏسي تہ سائين راضي سرڪار موجود وينو آهي اچڻ سان الله حق موجود چيو هادي پاڪ بابا شفيع محمد سائين جا سلام و پيغام ڏنا ۽ چيائين تہ سائين پاڪ جو حڪم هيو تہ اسان اوهان کي تلاش ڪريون اها ڊيوٽي منهنجي مٿان هئي سو اج اوهان اسان سان مليا آهيو بيحد خوشي ٿي آهي ۽ آءٌ هاڻ ئي وڃي سائين پاڪ کي اطلاع ڪريان ٿو.

مکڻ فقير راضي سائين سان ملي اچي هادي پاڪ بابا شفيع محمد سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين آءٌ راضي سائين کي ڏسي آهيو آهيان هو ٽاٽا چوهنگ جي اوپر طرف هڪ دڙي تي آستانو قائم ڪري وينو آهي. پاڻ حضرت بابا شفيع محمد سائين انهي امر فرمايو تہ

هيئنئر ئي مون کي اوڏانهن وٺي هلو مون کي راضي سائين سان ملايو منهنجو دل ان لاءِ تمام اداس آهي.
پاڻ ڪريم تنهن ئي وقت فقراءَ سميت ٽانگي ۾ چڙهي اچي راضي سائين جي آستاني تي تشريف وٺي
آيا پاڻ راضي سائين سان پيار ڪيائون ۽ دعائون ڏنائون تہ الله سچا سائين اوهان جي فقر کي روشن
ڪري ۽ عشق حقيقي ۾ ثابت قدم و سرفراز رکي. پاڻ هادي پاڪ جهوپڙي ۾ ويهي رهيا ۽ ٿوري دير بعد
پنهنجي طالبن کي فرمائڻ لڳا تہ توهان سڀئي هليا وڃو وڃي پنهنجو پنهنجو ڌنڌو ڪريو ڪم ڪاج
ڪريو ڇاڪاڻ تہ توهان ڪاروباري پيشہ نوڪري وارا ماڻهو آهيو مان راضي سائين جي لاءِ آهيان ۽
راضي سائين منهنجي لاءِ آهي هي منهنجو ۽ مان ان جو آهيان جنهن راضي سائين کي ڏٺو ان مون کي ڏٺو
هاڻي مان ان سان گڏ ئي رهندس.

ان ڪان پوءِ هي طالب مطلوب ان جهوپڙي ۾ سردي جي موسم ۾ هيٺ مٽي پلال ڏيئي گذارو ڪندا
رهيا. ڪانن جي هن جهوپڙي کي محل ڪان بهتر سمجهيو ۽ پلال جي بستر کي گلن جي سيج ڪان افضل
ڄاتو ذڪن کي سڪ سمجهي ڪري ڏڪن سان پيار ڪيو ليڪن ڪنهن جي آڏو سوال نہ ڪيو تہ اسان
کي بستر وغيره جي ضرورت آهي. حضرت بابا راضي سائين جن سر ۽ پيرن اگهاڙي نزديڪي ڳوٺ
ناصر گنج ڪان پاڻي جا مٽ ڀري اچي ايندڙ ويندڙ کي پاڻي پياريندا هئا ماڻهو پاڻي ضايع ڪندا هئا تہ
پاڻ ٻيهر ڀري ايندا هئا اڪثر ماڻهو حقو پيئڻ خاطر ايندا هئا پاڻ انهن لاءِ مچ جو انتظام پڻ ڪندا هئا
هڪ ڀيري جو ذڪر آهي تہ حضرت بابا راضي سائين جن هڪ پاڻي پيئڻ واري کي پاڻي ضايع ڪرڻ
تي چيو تہ ادا هي پاڻي پيئڻ لاءِ آهي نہ ڪي ضايع ڪرڻ لاءِ. تنهن تي حضرت بابا محمد شفيع سائين
جن هادي پاڪ راضي سائين جن کي پنجابي ٻولي ۾ فرمايو تہ ”اے بیٹے پانی ڈولن دا مچ پھولن دا تے فقیرا تیرا کی
کم وچوں بولن دا“ ان ڪان پوءِ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪجھ بہ نہ چيو. حضرت بابا محمد شفيع سائين
هر جمعرات داتا صاحب جي حاضري تي ويندا هئا ۽ ساڻ بابا راضي سائين جن کي پڻ نيندا هئا ۽ ٻئي
ڏينهن واپس موٽي ايندا هئا.

هڪ ڀيري حضرت سخي بابا فقير محمد شفيع سائين جن فرمايو تہ ”مان پڻ ايئن ئي چاهيندو
هيس تہ ڪنهن اهڙي جڳہ تي رهان جتي رات جو صرف چنڊ ۽ تارا نظر اچن. رات جي اونداهي ۾ تنهائي
۾ الله تبارڪ وتعاليٰ سان ڳالهيون ڪجن. اوهان جي هي جهوپڙي مون کي دل سان پسند آهي هتي
سڪون ۽ امن آهي شهر وانگر شوروغل نہ آهي. رات جي تاريڪي، ستارن جي چمڪ ۽ چنڊ جي روشني
سان دل ۽ اکين کي سڪون و راحت ملي ٿي ۽ محبوب حقيقي جي محويت ۽ حال و خيال ۾ ڪوئي
حجاب حائل نہ هوندو آهي اڄ ڪان پوءِ اوهان جي هن جهوپڙي جو نالو امن پور شريف آهي انشآءَ الله
آهستي آهستي هن جهوپڙي مان آستانہ امن پور آباد ٿيندو اوهان جو فقر روشن ٿيندو اوهان جو پنهنجو
ديوان هوندو ۽ درس وحدت و توحيد و فقر جو گهر هوندو مون توکي هن علائقي جو راجا بڻايو آهي اوهان
راجا بادشاه آهيو.“

حضرت فقير سخي سرتاج بابا محمد شفيع سائين جن حضرت بابا راضي سائين جن کي فقر جي
جوڳ عطا ڪئي. مجاهدي ۽ رياضت ۾ هميشہ مشغول رکيو ۽ خوب مجاهدو ڪرايو پاڻ پنهنجي مرشد
جا ديوانہ عاشق هئا ۽ ايتري ڪمال جي محبت جو پاڻ سدائين مرشد پاڪ کي ڏسندا رهندا هئا ۽ ڏسڻ
ڪان ڪڏهن بہ ٿڪندا نہ هئا پاڻ پنهنجي مرشد پاڪ ۾ ايترو فنا ٿي چڪا هئا جو سواءِ مرشد جي ٻيو

ڪجھ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو ھُين چاڪاڻ تہ طالب جو مقصود صرف فنا في الشيخ ٿيڻ ئي آھي جڏھن طالب فنا في الشيخ ٿي ويندو آھي باقي سڀ مقام بشمول مقام بقا با الله جي آسان ٿي ويندا آھن جيستائين طالب مطلوب ۾ فنا نٿو ٿئي تيستائين ھو ھر حال و خيال ۽ مقام کان بيخبر رھندو آھي چاڪاڻ تہ جنھن بہ پاتو ان محبت سان ئي پاتو آھي پاڻ فرمائن ٿا تہ ”يار مون کي محبت ۾ مليو ۽ سوزوگداز ۾ ڏنو ھن لطافت ڪنھن بہ احاطي ۾ نہ آھي ۽ ذري ذري ۾ ھن جو ظھور آھي ھادي پاڪ مرشد جن مون کي ڪفر و اسلام ۽ تمام مذاھب کان آزاد ڪرايو ۽ وحدت حقيقي جو جام پياريو. مون پنھنجي مرشد محبوب پاڪ جھڙو سچو فقير پُر نور شفقت وارو مخلص درويش ڪوبہ نہ ڏٺو آھي جنھن مون کي پنھنجي ھستي مان ڪڍي الله جي عشق و محبت ۾ سر مست بڻايو ھاڻي آءٌ سواءِ الله پاڪ جي ڪجھ نٿو ڄاڻان“

حضرت سخي فقير بابا محمد شفيع سائين جن جو وصال بتاريخ 2,3 رمضان المبارڪ 1367 ھجري 3,4 اپريل 1957ع 21,22 چيٽ 2013 بڪرمي اربع و خميس جي درمياني رات 2 بجہ واصل حق ٿيا سندن آخري آرامگاہ نارووال شريف ۾ سيد احمد علي شاہ جي آستاني ۾ آھي جتي ھر سال چھلم جي تاريخ 13 شوال تي رڪيل ميلو وڏي عقيدت و احترام سان ملھايو ويندو آھي

مرشد پاڪ جي وصال کان پوءِ حضرت بابا راضي سائين سرڪار جن ھجر فراق جي ڪيفيت ۾ رھڻ لڳا ان حال ۾ في البديع ڪلام چوڻ شروع ڪيو ۽ ”ديوان درد عشق“ جيڪو سائين پاڪ جن جي الھامي ڪلام تي مبني آھي جيڪو 1968ع ۾ مالڪن جي حيات طيبہ ۾ ئي شايع ٿيو ھن مھل تائين ٽي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آھن باقي مالڪن جي سوانح حيات ديوان درد عشق ۾ مفصل ۽ جامع طور ڏنل آھي حضرت بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جو وصال بتاريخ 07 ذوالحج 1395ھ بمطابق 11 ڊسمبر 1975ع بروز خميس شام 4 بجہ واصل بحق ٿيا . سندن ساليانو عرس مبارڪ 5,6,7 ذوالحج تي وڏي عقيدت و احترام سان ملھايو ويندو آھي جتي سنڌ,پنجاب بلڪ پوري پاڪستان کان فقراءَ شرڪت ڪري ٿي.

## حضرت فقير سخي بابا رحمدل سائين صوفي قادري قلندر

حضرت فقير سخي بابا رحمدل سائين صوفي قادري قلندر سجادہ نشين درگاہ عاليہ امن پور شريف ٽاٽا چوھنگ لاھور جن فقير ھادي شھنشاھ بابا راضي سائين جن جا ننڍا برادر حقيقي آھن سندن والد جو نالو حضرت بابا ڪريم بخش آھي رحمدل سائين جن جي جنم کان ڪجھ عرصو بعد سندن والدہ ماجدہ لاڏاڻو ڪري ويئي ۽ پاڻ دُرِ يتيم جي بي بھا نعمت سان نوازيا ويا. پاڻ پنھنجي معصوميت ۾ ئي پنھنجي والد صاحب ۽ وڏي ڀاءُ بابا راضي سائين سان گڏجي( لوءِ صاحبان) گھوٽڪي پھتا ۽ سرڪار ڪرم الله شاہ جيلاني سجادہ نشين درگاہ غوث موسن شاہ جي زيرِ سايہ پرورش پائڻ لڳا ظاھري تعليم سان بنھ نہ لڳي ڪمسني ۾ ئي فقير بابا نماڻو سائين جن سان سنگت و صحبت ٿي ويئي حضرت بابا راضي سائين, رحمدل سائين ۽ بابا نماڻو سائين جن جو پاڻ ۾ ايترو تہ پيار ھو جو ھڪ جھڙو لباس ھڪ جھڙو رھن سھن ڪائڻ پيئڻ مطلب تہ ڪابہ اھڙي شيءِ نہ ھئي جيڪا ھم مشابہ نہ ھجي طالب مطلوبي وارو رنگ ھيو جيڪو بعد ۾ پڻ حقيقي طرح بہ ھڪ ٿي ويو. حضرت بابا راضي سائين جڏھن گھوٽڪي

چڏي اچي چڪ شهباز پور ۾ رهيا ته بابا رحمدل سائين پڻ گڏجي چڪ ۾ آيا. جڏهن هادي پاڪ هجر فراق جي ضربيلي چوٽ کائي پنهنجو سڀ ڪجھ چڏي مجاز جي پوڙي ڪراس ڪري حقيقت ڏانهن راهي ٿيا ته بابا رحمدل سائين چڪ شهباز پور ۾ ئي رهجي ويا ۽ بابا نماڻي سائين جن سان تعلق قائم رهيو. پاڻ ڪجھ عرصو پنهنجي اباڻي علائقي مير پور خاص رهيا پوءِ وري به اچي چڪ وسايائون جتي اوائل دور ۾ پنهنجو ڌنڌو يعني دوڪانداري وغيره پڻ ڪيائون جتي خيال الله سائين بچپني ۾ سائين سان گڏ دوڪان تي ڪم ڪندا هئا جيڪي بعد ۾ بابا رحمدل سائين جي معرفت پنهنجي ڪمسنيءَ ۾ هادي پاڪ بابا راضي سائين جن جا طالب ٿيا بعد ۾ ڪيس تن طالب ۽ محبوب جو درجو مالڪن ڪان عطا ٿيو پاڻ مرد مجرد رهيا پاڻ ترڪ الدنيا ۽ تارڪ الوطن هئا سڄي عمر هادي پاڪ جي خدمت و رياضت ۾ گذاري. پاڻ راضي سائينجن جي ڪلام ديوان درد عشق، فرحت الفقر، اسم ذات جسم فقير جا مرتب پڻ آهن مرشد پاڪ جي محبت ۽ عشق سمندر سندس سيني ۾ ٺاٺيون هڻندو هو مالڪن ڪان ڪيس خلافت عطا ٿي سندن طالبيت جو سلسلو پڻ وسيع آهي. سندن دربار شريف المصطفائي آستانه امن پور شريف لاهور ۾ آهي.

هادي پاڪ بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جڏهن امن پور شريف ۾ آستانو قائم ڪيو بعد ۾ پاڻ رحمدل سائين سان رابطو ڪري لاهور گهرايو جنهن جو تفصيل محمد سهيل سائين پڻ ديوان درد عشق ۾ ڏنو آهي ۽ پنهنجي مرشد مربي هادي محمد شفيع سائين جن جي آڏو طالب ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ته پاڻ مالڪ ڪريمن فرمايو ته راضي سائين هي اوهان جو طالب آهي ليڪن آهي لوهي ڪمان هن ڪي موڙڻ ۾ وقت لڳندو پاڻ راضي سائين جن جا پهريان طالب پڻ آهن تمام فقراءَ ان ڳالھ جو گواھ آهي ته رحمدل سائين پنهنجي شروعاتي دور ۾ تمام سخت مزاج، دلير ۽ اٽڙ هوندا هئا خود محمد سهيل سائين پڻ ديوان درد عشق ۾ ان امر جو اقرار ڪري ٿو پر جڏهن سلسله طالبيت ۾ داخل ٿيا ۽ رحمدل سائين جي اسم سان نوازيا ويا ته سموريون ارڏايون ختم ٿي ويون پاڻ سخا ۽ رحمدلي جا پيڪر ٿي پيا ۽ جن به قريب کان ڏٺو آهي سي ان ڳالھ جا گواھ آهن. اگر اڄ اسين رحمدل سائين جن جي سو ساله زندگي کي ڏسون ٿا ته اسان کي سڀ سمجھ اچي ويندو ته ان سخت مزاجي دليري ۽ اٽڙي جي حقيقت ڇا هئي هي جگر شير شخصيت ئي آهي جنهن ايترن ڪٺن مراحل مان گذري پنهنجي هادي پاڪ جي مشن کي جاري، چراغ روشن ۽ درگاه امن پور شريف کي جنت بڻائي رکيو آهي ورنه هتي ڪنهن به ليسو پيسو ماڻهو جي جاءِ نه آهي.

طالب ٿيڻ کان پوءِ هادي پاڪ جي امر سان اچي چڪ شهباز پور ۾ ميخانو قائم ڪيو ۽ فقراءَ جي شيوا خدمت ڪرڻ لڳا سندن ميخاني جو نالو درازي ميخانو هيو. لاهور کان موٽندي ئي پاڻ بابا نماڻو سائين جن سان ڳالھ ڪيائون جنهن جو تفصيلي ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري چڪا آهيون بابا نماڻو سائين جن جي طالب ٿيڻ کان پوءِ دوستي روحاني رشتي ۾ بدلجي ويئي. محب محبوب ۽ طالب مطلوب جو رنگ اچي ويو بابا نماڻو سائين جن هميشه رحمدل سائين کي پنهنجو مرشد تسليم ڪندا هئا نه ڪي پير ڀائي .پاڻ فرمائيندا هئا ته جنهن جي طفيل مرشد مليو پهرين اهو مرشد هوندو آهي پاڻ هڪ واقعو بيان ڪندا هئا ته چڪ ۾ رحمدل سائين جي آستاني تي رحمدل سائين، آءٌ ۽ جمال الله سائين چاچڙ جيڪو رانوتي جي رهڻ وارو ۽ پير ڀائي پڻ هيو ويٺا هئاسون دوران صحبت جمال الله سائين ڪنهن ڳالھ

Gul Hayat Institute

تي رحمدل سائين سان گستاخي ڪرڻ لڳو جڏهن مون ڏٺو ته هن جي هندرمي وڏي رهي آهي ته آءُ اٿي رحمدل سائين جي قدمن ۾ سر جهڪائي ڇڏيو ۽ چيو ته جمال الله سائين منهنجو مرشد رحمدل سائين آهي تنهن تي جمال الله سائين ٻاڪٽ ڪري روئڻ شروع ڪيو ۽ رحمدل سائين جن جي قدمن ۾ ڪري معافي وٺڻ لڳو.

هادي پاڪ راضي سائين جن پنهنجي طالبن ۾ صرف ٻن طالبن کي سنڌ ۾ آستانه ۽ علم هٽي ڏنا هئا جن ۾ هڪ بابا رحمدل سائين ۽ ٻيو هادي پاڪ بابا نماڻوسائين .انهي ٻنهي جي محبت جو اهو عالم هوندو جو هڪٻئي جا محبوب هئا ملڻ وقت ديوانن وانگر هڪٻئي جا چهرا چمندا هئا سدائين هڪٻئي ڏانهن پنڌ هوندا هين اڪثر ايئن ٿيندو هيو ته بابا نماڻو سائين رحمدل سائين ڏي وڃي رهيا آهن ته پريان رحمدل سائين سائيڪل تي نماڻو سائين ڏانهن اچي رهيا آهن پوءِ جنهن جو پنڌ ويجهو هوندو هيو اوڏانهن هليا ويندا هئا يعني تڙپ تمنا راز حال خيال هڪ هوندو هين. پاڻ هڪٻئي جا حال محرم ڀيدي همراز ۽ ظاهر باطن جي مقام کان واقف هئا. بابا نماڻو سائين جن اڪثر فرمائيندا هئا ته اسان ملان هئاسون لولا ڪائيندا هئا سون رحمدل سائين ڪرم ڪيو جو هادي پاڪ جن سان ملايو جنهن اسان کي ملن مان ڪڍي سچو فقر عطا ڪيو ونڻ وارن مان ڪڍي ڏيڻ وارو بڻائي ويا. ڪفر اسلام کان آجو ڪري مذهبن جي قيد کان ڪڍي محبت هيڪڙائي ۽ وحدت جو جام پياريو هاڻ آءُ سواءِ يار جي ٻيو ڪجهه به نٿو ڄاڻان جيڪو ڪجهه به ڄاڻان ٿو سو يار ئي ڄاڻان ٿو. اڄ سوڍو نوراني سائين پڻ اهو ساڳيو ئي ڪلمو پڙهي رهيا آهن پنهنجي صحبتن ۽ ڪلامن ۾ والهانه محبت جو برملا اقرار ڪري رهيا آهن. محبت جو اهو عالم هيو جو مرد خدا سائين ٻڌائن ٿا ته منهنجي ۽ نوراني سائين جي شادي گڏ تي هئي مگر شادي جي رات پڻ نوراني سائين ۽ آءُ سڄي رات رحمدل سائين سان هڪ هن ٻانهن تي هڪ هن ٻانهن تي ستا رهياسون ليڪن گهر نه وياسون. پنهنجي محبتن جا داستان سرِ محفل بابا رحمدل سائين ۽ بابا نماڻو سائين جن وڏي فراخدلي سان بيان ڪندا هئا تنهن وقت مالڪن جي چهرن جي چمڪ، خوشي مسرت ۽ پيار ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اگر محبتن جا بيان لکڻ شروع ڪياسون ته ڪئي باب ٻڌجي ويندا ڪئي ديوان ٺهي ويندا تنهنڪري اشارن مان ڪم وٺي اڳتي هلنداسون.

هادي پاڪ بابا راضي سائين جن سانوڻ جي پهرين تاريخ تي بابا رحمدل سائين وٽ ساليانو ميلو مقرر ڪرڻ فرمايو هو جتي پاڻ هميشه بمعاءِ فقراءَ ايندا رهندا هئا بابا نماڻو سائين جن اڪثر فرمائيندا هئا ته رحمدل سائين ۽ آءُ هادي پاڪ جي خدمت ۾ عرض ڪندا هئاسون ته سائين اسان کي پاڻ سان گڏ لاهور ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وڃي پر پاڻ هميشه اهو امر صادر ڪرڻ فرمائيندا هئا ته اهي به منهنجا ئي آستانه آهن رڳو اوهان جي ڊيوٽي اتي لڳائي وئي آهي.

حضرت بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن پنهنجي آخري دور ۾ پنهنجي تمام طالبن کي هڪ موقعي تي فرمايو ته ”مون کان پوءِ هن آستانه عاليه امن پور شريف جو انتظام ڪير سنڀاليندو اسان جو چراغ ڪير روشن ڪندو اگر ڪو به ان جي اهل پاڻ کي سمجهي ٿو ته اڄ اظهار ڪري اهو ارشاد ٻڌي سڀ طالبن عرض ڪئي ته مالڪ اهو وزن کڻڻ اسان جي وس جي ڳالهه نه آهي ۽ نه ئي اسان پاڻ کي ان جي لائق سمجهون ٿا اوهان ئي بهتر ڄاڻو ٿا. تنهن تي سرڪار راضي سائين جن فرمايو ته پوءِ اگر آءُ ان جاءِ تي اگر ڪنهن کي نامزد ڪيان ته پوءِ ان سان اوهان جو رويو ڪهڙو هوندو اهو امر ٻڌي سيني

خاموش ٿي ويا حضرت بابا راضي سائين سان رجوع ڪيو شادي جي اجازت ۽ اولاد جي بشارت ملي پنهنجي فقراءَ سان مشورو ڪيو انهن بہ ان ڪي منشاءِ ايزدي سمجهي شادي ڪرڻ جو ئي مشورو ڏنو ان ڪان پوءِ پاڻ اهو رشتو قبول ڪيو ۽ رب جي رضا سمجهي شادي ڪيائون سال ڪان پوءِ هڪ پٽ عطا ٿيو ان جو نالو الله راضي محمد شفيع علي رکيو ويو سال جي وقفي ڪان پوءِ پاڻ ڪي هڪ ٻيو فرزند عطا ٿيو ان جو نالو الله علي ڪريم بخش رکيو ويو اڳتي اولاد جو سلسلو بند ٿي ويو. تاريخ 15 شعبان سن 1434ھ تي سندن ننڍو فرزند الله علي ڪريم بخش الله تعاليٰ ڪي پيارو ٿي ويو آهي باقي سندس وڏو فرزند الله راضي سائين جن فقراءَ جي نگهباني ۾ مصروف آهن رحمدل سائين جن ۽ سندن فرزند الله راضي سائين جن ڪي مالڪ ڪريم خضري حياتي عطا ڪري ۽ سندس سايو تادير فقراءَ تي قائم و دائم رهي.

## عشق مجاز

فرمان ذيشان آهي تہ "اللهُ جميل و يحب الجمال" الله تبارڪ و تعاليٰ حسين آهي ۽ حسن ڪي پسند فرمائي ٿو. تنهنڪري حسن ڪي پسند ڪرڻ ازلون انسان جي خمير ۾ مليل آهي ۽ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪي ان ڪي مخفي رکن ٿا تہ ڪي نغاري جي چوٽ تي ڪن ٿا ليڪن عشق ۽ مشق لڪندا نہ آهن. هن ڪائنات جي تخليق بہ محبت جو ڪارڻ آهي ۽ "ان" حسن جو نکار آهي جنهن جي اظهار واڪاڻ ۽ تعريف لاءِ هي مڪمل ڪارخانو ٺهيو آهي. تنهنڪري فقر حال جو تہ پهريون ڏاڪو ئي مجاز آهي جنهن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ "مجاز حقيقت جي پوڙي آهي" تہ پوءِ هر حقيقت ڏانهن وڃڻ وارو مجازي پوڙي تان ئي گذر ڪندو آهي، ان سلسلي ۾ جڏهن هادي پاڪ فقير بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر ڪان دريافت ڪيو ويو تہ پاڻ مسڪرائي فرمائن ٿا تہ "بچپن ڪان ئي هڪ دوست نالي الهڏنو حجم وينل عادلپور سان محبت ڪئي جيڪا ڪافي وقت تائين هلي هڪ پيرو تہ سرڪار راضي سائين جن بہ مون سان عادلپور هليا هئا تنهن وقت سائين پاڪ طالب فقير نہ هئا پهرين جي ڳالهہ آهي .اهو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو پر جڏهن طالب ٿيس تہ هادي پاڪ راضي سائين ان مان ڪڍي حقيقت ڏانهن وڏائي ڇڏيو هاڻ تہ پوري ڪائنات جي ذري ذري سان عشق ۽ پيار آهي .ذري ذري ۾ اهو يار ئي وسي رهيو آهي"

حقيقي هادي پاڪ جي عشق جي اوهان ڪي هڪ ڳالهہ ٻڌايان تہ سرڪار جي محبت، عشق، جنون ۽ تصور ايترو تہ غالب رهندو هوجو مون ڪي ڪجهي جي گوشن ۾ ڪارڪن بجاءِ هادي پاڪ جي تصوير نظر ايندي هئي. وڻن جي پنن جي جاءِ تي بہ سرڪار نظر ايندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو هو تہ جتي پير رکڻ جي ڪوشش ڪندو هوس تہ سائين جن نظر ايندا هئا تہ آءُ يڪدم ٽپ ڪائي پري ٿي ويندو هوس، باقي فقراءَ مذاقون ڪندا هئا تہ هي ڪهڙي چرڪٽي فقيري تو ڪي ملي آهي آءُ مسڪرائي خاموش رهندو هوس.

هڪ ڀيري هادي پاڪ جو تصور ۽ حال ايترو تہ اچي غالب ٿيو جو آءُ بي ساختہ ٿي پاڻ ڪي کوهہ ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيهر پاڻ ڪي ڇري هڻڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن هادي پاڪ جو شاملِ حال هجڻ ۽ مالڪن جي خيال ملائڻ سان انهن خيالن ڪان لهي پئي ويس جڏهن هادي پاڪ راضي سائين جن سان روبرو صحبت ٿي پاڻ فرمايائون تہ "نماڻا سائين اسان تہ اچا توهان سان جمال جي نگاهہ ملائي

Gul Hayat Institute

آهي نہ ڪي جلال جي" مالڪن جي انهي لفظن ۾ نظر ملائڻ جي اهڙي تاثير هئي جو بعد ۾ گوناگون گنج سمائي ڇڏيو ۽ ڀڙڪ ٻاهر بہ نہ نڪتي. بقول ڀٽائي سائين جن جي تہ

نهائين مان نينهن، سڪ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

## ميخاني جو قيام

ميخاني جي قيام جي باري ۾ هادي پاڪ فقير بابا نماڻو سائين جن هن طرح فرمائن ٿا تہ "شروعات ۾ ميخانو نہ هيو ۽ هادي پاڪ راضي سائين جن بہ ايندا هئا تہ عزيزن جي اوطاق هئي اتي يا وري فقراءَ سميت گهر ۾ رهندا هئا. ڪجهہ وقت کان پوءِ هاڻ جتي مرد خدا سائين جو گهر آهي اتي اسان پنهنجي اوطاق ٺاهي پوءِ سائينجن ان ڪوٺي ۾ رهندا هئا روبرو مون کي ميخاني هڻڻ لاءِ نہ چوندا هئا مگر خطوط جي ذريعي اهڙو اظهار فرمائيندا هئا تہ مرد ميداني هوندو آهي، فقير گهرن ۾ نہ بلڪ ميخاني ۾ سٺو لڳندو آهي تنهنڪري توهان بہ باغ وٽ ميخانو ٺاهي ويهي رهو. اهڙو اظهار ڪافي خطن ۾ ڪيو ويو اهڙي طرح سائين جن تقريبن ڇهہ سال گهر ۾ ايندا ۽ رهندا رهيا.

هڪ ڀيري سائين پاڪ امر ڪيو تہ "نماڻا سائين لوٽو کڻو تہ ٻاهر هلون" مون عرض ڪيو تہ سرڪار پاڻي اتي موجود آهي، اگر حڪم هجي تہ لوٽو بہ کڻي هلون، پاڻ فرمايائون تہ پوءِ لوٽي جي ضرورت نہ آهي گهران نڪري جڏهن ڊوري وٽ آياسون تہ ڊوري ۾ پاڻي هيو آءٌ اڳيان اچي ويهي رهيس تہ سائين اوهان منهنجي ڪلهن تي چڙهو آءٌ اوهان کي ڪٽي پاڻي ڪراس ڪندس تہ پاڻ انڪار فرمائي جتي لاهي هٿ ۾ ڪٽي پاڻي ۾ گهڙي پيا. جڏهن هادي پاڪ حاجت پوري ڪري واپس آيا ۽ اچي کوهہ تي ويٺا. کوهہ تي هڪ وڏو سرهين جو وڻ هو ۽ هڪ پڳل ڪوٺي، جنهن مٿان ڇت بہ نہ هئي ۽ ان جو بنياد بہ ڪمزور هو ۽ هٿ هڻڻ سان لڏندي هئي پاڻ سرڪار هادي پاڪ جن ايندي سان ئي فرمايو تہ نماڻا سائين هن ڪوٺي کي آباد ڪيو ۽ هتي پنهنجو ديرو لايو. مون عرض ڪيو تہ سائين هي ڪوٺي تمام ڪمزور آهي اندر ڏسو ڪانديرا ٿي ويا آهن ۽ بنياد ختم ٿي چڪو آهي، هي ڏسو ديوارون هلي رهيون آهن ۽ مون ديوارون سائين جن کي هلائي ڏيکاريون، تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ هن کي پستي ڏيئي ڇت پايو ۽ اسان آئندا سال هن ڪوٺي ۾ ويهنداسين. اهو ارشاد امر فرمائي پاڻ سائين پاڪ جن گهر ڏانهن رواني ٿيا. جيڪو عرصو رهڻو هين سو رهيا ۽ پوءِ لاهور روانا ٿي ويا. هتي هڪ ٻي وضاحت ڪيان تہ اجا آءٌ طالب بہ نہ هيس ۽ ڪيتي ٻاڙي جو ڪم ڪندو هوس تہ هڪ ڀيرو فقير محمد سائين حسين ٻيلي وارا آيا ۽ اچي کوهہ تي ويٺا ۽ فرمائڻ لڳا تہ هن جڳهہ تي مون کي روحاني سڪون محسوس ٿي رهيو آهي اڄ اها حقيقت منهنجي مٿان ظاهر ٿي.

هادي پاڪ راضي سائين جن جي لاهور رواني ٿي وڃڻ جي فورن بعد اسان ڪوٺي جي مرمت شروع ڪئي، ان کي پستي ڏني، ڇت پاتي، صفائي ڪئي مطلب تہ اهڙي طرح ان کي سينگاريو ڄڻ تہ نئين هئي اهڙي طرح ميخاني جو بنياد پيو. بقول مرد خدا سائين تہ اهو 1963ع سال هيو ۽ ٻئي سال جڏهن هادي پاڪ راضي سائين جن تشريف فرما ٿيا تہ هي ڪوٺي تمام سهڻي نموني تيار هئي. هادي پاڪ جن پنهنجي تمام فقراءَ سميت اچي ان ڪوٺي ۾ قيام ڪيائون تمام بيحد خوش ٿيا ۽ ميخاني جي شروعات ٿي.

ميخاني جي قيام کان بعد ۾ سائين هادي پاڪ جن ڪئي آزمائشون ورتيون ڪي ظاهر جون ته ڪي باطني به هيون. جن مان هڪ اوهان کي ٻڌايان ته هادي پاڪ جڏهن به هت ايندا هئا ته گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڏينهن هتي رهندا هئا هڪ پيرو ته مالڪن ٻاويهه ڏينهن به قيام فرمايائون. سو ڳالهه پئي ڪئي ته هڪ پيرو فقراءَ تمام گنج هجي ۽ پاڻ مالڪن مون کي گهرائي فرمايائون ته "نماڻا سائين فقراءَ ۽ هاٿي هڪ برابر هوندو آهي اڄ فقراءَ تمام گنج آهي" تنهن تي مون عرض ڪيو ته مالڪ سائين پورو گهوٽڪي شهر اچي وڃي ته به پاڻ کي پرواهه ۽ فڪر ناهي. تنهن تي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا.

سائين هادي پاڪ راضي سائين سرڪار هميشه لاهور جو چيٽ وارو ميلو ڪري پوءِ سنڌ روانا ٿيندا هئا. پهريائين اسان ڏانهن ٽيليفون يا خط لکي آگاهه ڪندا هئا ۽ پنهنجي پروگرام جو تفصيل لکندا هئا. پوءِ مقرر پروگرام ۾ ترُ جيترو به فرق نه پوندو هو. پاڻ قول ۽ واعدي جا پڪا ۽ سچا هوندا هئا ۽ واعدي جي پڪي ۽ سچي ماڻهو کي ئي پسند فرمائيندا هئا.

## علم پاڪ جو هڻڻ

علم پاڪ جي هڻڻ جي باري ۾ هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن فرمائن ٿا ته " ميخاني جي قيام جي چند سالن بعد ( بقولِ مرد خدا سائين ته 1965ع ۾) هادي پاڪ فقير بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر رحمة الله عليه جڏهن سنڌ تشريف فرما ٿيا ته هڪ ڏينهن هادي پاڪ سائين جن مون کي گهرائي امر فرمايو ته نماڻا سائين اسان جو خيال آهي ته علم پاڪ هڻون. اوهان جي ڇا منشا آهي. مون عرض ڪيو ته قبلہ سائين اوهين مالڪ آهيو. پاڻ سرڪار اٿيا ڪوٺي مان نڪري اچي ڪوهه تي ويٺا ۽ چوطرف نگاهه ڦيرائي اچي ان جڳه تي ويٺا جتي هاڻ علم پاڪ نصب ٿيل آهي فقير خيال الله سائين کي امر فرمايائون ته "خيال سائين اوهان علم جو ڏڪو ناهيو آڻ ۽ استاد سعادتمند سائين تنهن ئي وقت گهوٽڪي شهر هليا ويا سين بانس جو لڪڙو ۽ بيرڪ ورتو سون ۽ يڪدم واپس آياسون خيال سائين ڏڪو ناهي چڪو هو. جڏهن واپس پهتا سون ته سائين پاڪ سرڪار راضي سائين جن اچي علم پاڪ جي جڳهه تي ويٺا ۽ ڪل فقراءَ کي گهرائي امر فرمايائون ته سڀ درود شريف پڙهو پوءِ پاڻ هٿ کڻي دعا گهريائون ۽ پنهنجي دست مبارڪ سان علم کوڙيائون ۽ ڪل فقراءَ سنڌ پنجاب ۾ پنهنجي هٿن سان علم صرف گهوٽڪي ۾ کوڙيائون ۽ ميخاني کي ننڍي امن پور شريف پڻ سڏيندا هئا.

## ساونڻ جي ميلي جي مقرري

ساونڻ جي ميلي جي باري ۾ سرڪار بابا نماڻو سائين جن هن طرح فرمائن ٿا ته "ڪوٽ لکپت لاهور جي فقراءَ پاڻ ۾ مشورو ڪيو ته سنڌ ۾ ميلي جي لاءِ ڪومقرر تاريخ جو تعين ڪيو وڃي. تنهن تي سڀ فقراءَ گڏجي هادي پاڪ وٽ وڃي عرض ڪيو ۽ پنهنجي منشا پيش خدمت ڪئي، ان تي پاڻ سرڪار فرمايو ته موسم جي لحاظ کان ساونڻ جي موسم سٺي ٿئي ٿي ۽ ڪجين جي پڪڻ جي موسم به آهي تنهنڪري ساونڻ جي ڪابه تاريخ مقرر ڪئي وڃي جنهن تي باهمي مشوري سان سڀ کان پهرين ڪمون شهيد ۾ رنگيلي سائين وٽ آهڙ جي 30 تيهه تاريخ مقرر ٿي ان کان پوءِ چڪ شهبازپور ۾ رحمدل سائين وٽ ساونڻ جي پهرين ۽ ٻين تاريخ مقرر ٿي ۽ اتان سڌو گهوٽڪي اچڻ لاءِ ٽي تاريخ مقرر ٿي، تي

نفس.... گناهن ڏانهن لاڙو آهي.

دل جا ٽي قسم آهن. 1 دل سليم 2 دل منيب 3 دل شهيد

دل سليم ..هي اُها دل آهي جيڪا الله جي معرفت کانُ سوَاءِ ڪجھ نہ ڄاڻي.

"يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَ اُزۡلِفَتِ الۡجَنَّةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۹۰﴾ " (الفرقان:25)

يعني "قيامت جي ڏينهن انهن ماڻهن کي مال دولت ۽ اولاد نفعو نہ ڏيندو مگر جن الله وٽ سليم قلب آندو ۽ بهشت پرهيز گارن لاءِ تيار آهي" قلب سليم اهو آهي جنهن ۾ ما سوي الله ٻيو گند نہ هجي

دل منيب هي اها دل آهي جيڪا الله پاڪ کان رجوع هجي.

دل شهيد هي اها دل آهي جيڪا جو هر شيءِ ۾ الله پاڪ جي قدرت جو مشاهدو ڪري.

قسم تجليات، تحقيقات و مقامات نفس

مخفي نہ رهي تہ تجلي مان مراد روشني آهي انهي جا سورهن قسم آهن ۽ هر هڪ قسم جي لاءِ مقام مخصوص آهي ۽ هر مقام تي ان جا نشان ظاهر هوندا آهن.

- پهرين تجلي شريعت جي آهي اها اکين سان متعلق آهي جو اکين سان معائنو ڪري.
- ٻين تجلي طريقت جي آهي هن ۾ قلب جو نور زياده ٿيندو آهي.
- ٽين تجلي حقيقت جي آهي هن ۾ روح جو نور ٿيندو آهي.
- چوٿين تجلي معرفت جي آهي هن ۾ سر زياده هوندو آهي.
- پنجين تجلي عشق جي آهي هن ۾ اسرار الاهي جو نور زياده هوندو آهي.
- ڇهين تجلي پنهنجي مرشد جي آهي هن ۾ نور محبت ۽ پنهنجي مربّي سان خلوص زياده هوندو آهي.
- ستين تجلي فقر جي هوندي آهي هن ۾ نور حق جو زياده هوندو آهي.
- اٺين تجلي ملائڪن جي هوندي آهي هن کان نور تسبيح جو زياده هوندو آهي.
- نائين تجلي جُن جي هوندي آهي ان ۾ جنون ۽ ديوانگي زياده هوندي آهي.
- ڏهين تجلي نفس جي هوندي آهي هن کان خواهشات نفساني زياده هوندي آهي.
- يارهين تجلي شيطان جي آهي هن ۾ مصيبت ۽ گناھ ڪرڻ زياده هوندا آهن.
- ٻارهين تجلي شمس جي آهي هن کان نور برق زياده هوندو آهي.
- تيرهين تجلي قمر جي آهي هن ۾ نور جو پرتوو زياده هوندو آهي.
- چوڏهين تجلي اسم الله ۽ اسم محمد ﷺ ۽ لَهُ ۽ اسمهُ ۽ اسماءِ نوانوي نام محمد ﷺ جي آهي هن ۾ هڪ هڪ حرف فتيلہ شمع ٻرندڙ جي طرح تابان ۽ روشن هوندو آهي.
- پندرهين تجلي ڏينهن جي هوندي آهي هن ۾ وجهِ معاش هوندو آهي.
- سورهين تجلي رات جي هوندي آهي هن ۾ پردو ۽ سڪون هوندو آهي. جنهن لاءِ الله ڪريم پنهنجي ڪتاب قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ "وَّ جَعَلۡنَا الَّيۡلَ لِبَاسًا ﴿۱۰﴾ وَّ جَعَلۡنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿۱۱﴾" (النبا_10) يعني "رات اوهان لاءِ پردو ٿاهي اٿم ۽ ڏينهن اوهان لاءِ ذريعہ معاش بڻايو اٿم".

معلوم هجڻ گهرجي تہ مشاهدي جا ٻہ پندرهن قسم آهن. ان ۾ چوڏهن مقام ناسوت ۾ ۽ باقي هڪ قسم لاهوت ۾ آهي جو خاص مقام سرف توحيد ذاتِ باري تعاليٰ جو آهي مقام مشاهدا هي آهن 1 تسبيح زبان 2 نفس 3 قلب 4 روح 5 سج 6 چنڊ 7 جن 8 ملائڪ 9 شيطان 10 باه 11 پاڻي 12 مٽي 13 هوا 14 صورت مرشد ڪامل. اهي سڀ مقامات ناسوت جا آهن باقي 15 مشاهده مقام توحيد فنا في الله بقا با الله اهو مقام لاهوت ڪان آهي.

دورِ حاضر نفسا نفسي ۽ روحانيت ڪان خالي دور آهي اڪيلو انسان پنهنجي نفس کي قابو ڪرڻ جي طاقت نٿو رکي تنهنڪري نفس کي قابو رکڻ لاءِ تزڪيۂ نفس تمام بيحد ضروري آهي ۽ هي مرشدِ ڪامل جي مڪمل صحبت ۽ مهرباني سان ئي تزڪيۂ نفس ٿي سگهي ٿو. اگر انسان پنهنجي نفس کي قابو ڪري وٺي تہ هي آدميت جي ڪمال درجي تي پهچي سگهي ٿو هي روحاني سفر دنيا وآخرت ۾ انسان جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو. مالڪ ڪريم شل تزڪيۂ نفس. ۽ پنهنجي محبت. صحبتۂ نگاهِ خاص عطا ڪري. حضرت خواجہ حسن بصري رحمت الله عليہ فرمائن ٿا تہ ڪتي ۾ ڏهہ اهڙيون خصلتون آهن جيڪي هر مومن ۾ هجڻ گهرجن پاڻ فرمائن ٿا تہ هُو بکيو اجيو رهي ٿو هي آداب صالحين ڪان آهي. هو ٿوري شيءِ تي قناعت ڪري ٿو هي علامت صابرين جي آهي. هو رات جو تمام ئي گهٽ سمهي ٿو هي صفات شبِ بيداران يعني رات جو جاڳڻ وارن ۽ علامات محبين يعني محبت ڪرڻ وارن جي آهي. هن جو ڪوبہ ذاتي گهر ناهي هوندو هي علامت متوڪلين يعني توڪل وارن جي آهي. جڏهن مري ٿو تہ پنيان ڪابہ ميراث ڇڏي نٿو وڃي هي صفت زاهدين يعني مال جو ارادو نہ ڪرڻ وارن جي آهي. هي پنهنجي مالڪ کي ڪنهن بہ حالت ۾ ڇڏي ناهي ويندو چاهي اهو ان سان جفا ڪري يا ان کي ماري هي علامت مريدانِ صادقين يعني سچي مريد جي آهي. هو ادنيٰ جڳہ تي ئي راضي ٿي وڃي ٿو هي علامت متواضعين يعني عاجزي ڪرڻ جي آهي. اگر ڪو بہ ان جي جڳہ تي قابض ٿي وڃي ٿو تہ ان کي ڇڏي ٻي جڳہ تي هليو وڃي ٿو هي شان راضيين يعني رضا تي راضي رهڻ وارن جي آهي. ان کي ماريو ۽ وري ان کي ٽڪر ستيو تہ هو فورن هليو ايندو مار جو ڪينو ۽ بغض نٿو رکي هي علامت خاشعين يعني جهڪي وڃڻ وارن جي آهي ڪاڏو سامهون رکيل ڏسي ٿو پر پري ڪان صرف ڏسندو رهي ٿو هي علامت مساڪين يعني درويشن جي آهي. جنهن گهر ڪان ڪوچ ڪري وڃي ٿو تہ وري ان گهر التفات يعني توجہ نٿو ڪري هي علامت مخرونين يعني ڪمال عقل وارن جي آهي. تزڪيۂ نفس جي پهرين شرط دنيا جي محبت کي دل ۾ جڳہ نہ ڏيڻ. مخلوقِ الله ۾ ڪنهن بہ قسم جي غرض نہ رکڻ ۽ پنهنجي ذات جو خود محاسبو ڪرڻ آهي ۽ هي سڀ ڪجھ مرشد ڪامل جي صحبت و نصيحت تي مڪمل ڪاربند رهڻ ڪان سواءِ حاصل ڪرڻ نہ ممڪن آهي. اگر ايئن نہ ڪندو تہ دل مردهہ ٿي ويندي آهي.

اهل عمل لوگ چوندا آهن تہ انسان جي وجود ۾ نوَ(9) جذبا هوندا آهن ۽ انهن جو علاج پڻ ٻڌايو ويو آهي سي جذبا ۽ سندن علاج هن ريت آهي.

- پهريون شهرت جو جذبو... ان جو علاج روزو رکڻ آهي.
- ٻيون شهوت جي نظر جو جذبو... ان جو علاج ذڪر پاڪ ڪرڻ سان آهي.
- ٽيون حرص و حوا جي باه جو جذبو.... ان جو علاج موت کي ياد ڪرڻ سان آهي.
- چوٿون غفلت جو جذبو..... ان جو علاج الله پاڪ کي ياد ڪرڻ سان آهي.

- پنجون جهالت جو جذبو..... ان جو علاج فقراءَ ۽ عالمن جي صحبت ۽ علم حاصل ڪرڻ آهي.
- ڇهون پيٽ جي باه جو جذبو.... ان جو علاج حلال رزق ڪائڻ سان آهي.
- ستون زبان جو جذبو.... ان جو علاج قرآن پاڪ جي تلاوت سان آهي.
- اٺون گناهن جو جذبو.... ان جو علاج توبهہ ۽ استغفار پڙهڻ سان آهي.
- نائون نفس جو جذبو.... ان جو علاج نڪاح ڪرڻ سان آهي.

فقير جي هر ڳالهہ ۽ هر عمل من جانب الله هوندو آهي ۽ جڏهن طالب پنهنجي نفس جي مخالفت ڪندو آهي تڏهن هو الله ڪريم جو دوست هوندو آهي. اگر نفس جي پيروي ڪندو آهي تہ هو پنهنجي پاڻ جو دشمن هوندو آهي.

مرشدِ ڪامل جو تصور ۽ قرب روح ۽ دل جو سڪون آهي ۽ جڏهن هي تصور قائم ٿي وڃي ٿو تہ طالب دنيا جي فضول ڪمن کان بيزار ۽ بي نياز ٿي وڃي ٿو ۽ هي انهن ڪمن ڏانهن مائل ٿي وڃي ٿو جيڪي عمل پسنديدهہ هوندا آهن ۽ غير پسنديدهہ ڪمن کان رڪجي وڃي ٿو. نيڪي ۽ نيڪ ڪم زندگي جو ڀريون انعام آهي.

معلوم هجڻ گهرجي تہ طالب جي وجود ۾ ستر (70) مقام آهن جيڪي هن ريت آهن پنج پنج هر هڪ اک ۾ ڏهہ ڏهہ ٻنهي ڪنن ۾ هڪ زبان ۾ پنج سيني ۾ پنج قلب ۾ ڏهہ ڏهہ ٻنهي پاسن ۾ پنج دن ۾ ۽ چار عقل ۾ ٽوٽل ستر. هي نفس کي مارڻ لاءِ هٿيار آهن خاص حضوري فقيرن جو ڪم ۽ مرتبو آهي جن جي حاصل ڪرڻ ۾ توحيد، معرفت الاهي جا انوار روشن هوندا آهن ۽ اهي صبح شام مشق وجوديہ ڪرڻ سان حاصل ٿيندا آهن هن وجوديہ مشق جي ابتدا ۾ لي مع الله ۽ انتها ۾ فنا في الله حاصل ٿيندي آهي ۽ هر هڪ لطيفي کان هئي لطيفي تائين علم الغيب ڪلندو آهي ۽ نور حضور حاصل ٿيندو آهي ۽ ان نور حضور مان تمام جواب باصواب باشعور هوندا رهندا آهن.

ڏن انسان جو عرش عظيم آهي ڏن کان مٿي عالم امر آهي ۽ ڏن کان هيٺ عالم خلق جو آهي. ڪويہ طالب مولا پاڪ جو ذڪر ڪري تہ پاڻ کي ايئن سمجهي تہ مان عرش پاڪ تي ويهي ذڪر ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ "من له المولیٰ فله الكل" يعني "جنهن جو رب تنهن جو سڀ"

اهل فقر درويش معرفت جون پڙ اٺويهہ واڻون ٻڌائن ٿا. جيڪي هن ريت آهن.

1، معرفت قلب 2، معرفت نفس 3، معرفت روح 4، معرفت سر 5، معرفت خلق 6، معرفت شيطان 7، معرفت فن 8، معرفت ملائڪ 9، معرفت وردوظائف 10، معرفت قرآن پاڪ 11، معرفت فنا في الله 12، معرفت فنا في الرسول 13، معرفت فنا في الشيخ ( جنهن سان پنهنجي شيخ جي تصور ۾ غرق رهي ) 14، معرفت الاهي ( جو توحيد اندر غرق رهي ) 15، معرفت غوث قطب ( جنهن سان عرش کان وٺي تحت الثريٰ تائين ساري ملڪ تي نظر پويس ۽ انهن جو سير بہ ڪري ) 16، معرفت تصديق 17، معرفت ابد 18، معرفت عقبيٰ 19، معرفت دنيا (جنهن ۾ موتو قبل الموتو سچاپي ۽ جنهن سان اهو لقاءِ الاهي کان مشرف ٿئي )

حديث قدسي شريف ۾ آهي تہ "الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اولاد آدم جون دليون منهنجي قدرت جي ٻن آڱرين ۾ آهن جاڏي چاهيان اوڏانهن ڦيريان" الله تعاليٰ جي هڪ آڱر جلالي آهي ۽ ٻي جمالي. جنهن کي جلال اچي ....... سمجهي تہ ان کي حيراني ۽ افسوس پيدا ٿيو آهي ۽ جنهن کي جمال اچي ...... سمجهي تہ ان کي جمعيت، ذوق، شوق ۽ اخلاص آهي. "من كان فى قلبه ذره من تكبر لا يدخل الجنته" (حديث)

يعني "جنهن بہ شخص جي دل ۾ ذرهہ برابر بہ تکبر ۽ غرور آهي اهو بهشت ۾ داخل نہ ٿيندو" هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ "الرويته الوجهه الظالم يسود القلب" يعني "ظالم جو منهن ڏسڻ دل کي ڪارو ڪندو آهي" اهڙي ٻي حديث پڻ آهي تہ "صحبت الغنى سما قاتلا لا دواله" يعني "دولتمند جي صحبت زهر قاتل آهي جنهن جو ڪوبہ علاج نہ آهي" حضرت شمس تبريز رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ جنت ۽ دوزخ جي ڳولا مستقبل ۾ نہ ڪر ڇاڪاڻ تہ اهي هئي حال ۾ موجود آهن. جڏهن اسان توقع ۽ حساب ڪتاب کان سواءِ محبت ڪندا آهيون تڏهن اسان جنت ۾ رهندا آهيون ۽ جڏهن اسان پاڻ ۾ وڙهندا آهيون تڏهن اسان دوزخ ۾ هوندا آهيون.

طريقت ۽ معرفت جي پهرين پوڙي تصور مرشد آهي. انسان جي لاءِ ڪنهن بہ شئي جو بغير ڏٺي تصور ڪرڻ تمام مشڪل آهي صرف مشڪل ئي نہ بلڪ محال پڻ آهي. اسان الله تبارڪ و تعاليٰ کي ناهي ڏٺو ۽ نہ ئي اڪثر طالب حضورِ اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي زيارت کان بامشرف آهن ان ڪري مرشد ڪامل جو تصور ئي اسان جي ان طرف مڪمل رهنمائي ڪري ٿو. طالب پنهنجي مرشد ڪامل سان محبت ئي ان ڪري ڪري ٿو تہ هو الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ حضورِ اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ديدار ۽ ميلاپ جو ذريعو آهن.

حضرت مجددِ الف ثاني رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ "تصور مرشد قائم ٿي وڃڻ ئي طالب و مطلوب جي وچ ۾ ڪامل نسبت جي علامت آهي بارگاهہ الاهي ۽ بارگاهہ رسالتِ مآب صلى الله عليه وسلم ۾ پهچڻ جو ان کان قريب ٻيو ڪو بہ رستو نہ آهي" تصورِ مرشد جو قائم ٿي وڃڻ ئي نفس کي قابو ڪرڻ آهي. جڏهن اسان کي هر طرف مرشد ڪامل ڏسڻ ۾ ايندو تہ اسان مان ڪوبہ غلط ڪم نہ ٿيندو ۽ نفس مڪمل قابو ۾ رهندو.

حضرت سخي سرتاج فقير هادي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جڏهن تزڪيہءِ نفس ۽ تصورِ مرشد ڪامل جي پهرين پوڙي عبور ڪري رهيا هئا تہ سندن ڪيفيت اها هوندي هئي جو پاڻ فرمائن ٿا تہ "سائين پاڪ جو تصور ايترو تہ حاوي هوندو هو جو مون کي وٽن ۾ پنن بجاءِ سائين جن نظر ايندا هئا. ڪجين جي گوشن ۾ ڪارڪن جي بجاءِ سائين جن جي تصوير نظر ايندي هئي اڪثر اهڙو عالم بہ رهيو تہ جتي پير رکٽو هوندو هو تہ اتي سائين جن نظر ايندا هئا ۽ آءُ ٽپ ڪائي ويندو هوس ۽ دوست احباب چوندا هئا تہ هي کهڙي چرکٽي فقيري توکي ملي آهي" ڇاڪاڻ تہ توحيد مطلق جي حقيقت هي آهي تہ توحيد صاحب تصور ڏانهن تمام نهايت تيزي سان رخ رکندي آهي ۽ نفس دل ۽ دل روح ٿي ويندي آهي ۽ روح سر ۽ سر مقام خفي ۾ مقام انا ۾ اِيندو آهي ۽ انا اخفا ۾ ايندو آهي. انهي کي ئي توحيد مطلق چوندا آهن ۽ پڇاڙي اول ۾ متعلق هوندو آهي جهڙي طرح اول توحيد کان نور محمدي صلى الله عليه وسلم ظاهر ٿيو ۽ نور محمدي کان روح ۽ روح کان نور اسم جسم قلب نفس قالب چار عناصر پيدا ٿيا. تڏهن تہ تصور جي باري ۾ حضرت احمد سائين خانگڙهہ شريف وارا فرمائن ٿا تہ:

صورتِ پيرِ مغان، رک طالبا تون روبرو
روبرو جي رمز مان، ٿئي حال حاصل هو بهو

حديث شريف ۾ پڻ اچي ٿو تہ "من عرف نفسه فقد عرف ربه. جنهن سڃاتو پنهنجي نفس کي، تحقيق تنهن سڃاتو پنهنجي رب کي"

## روحانيت

الله تبارڪ و تعاليٰ سورت فاتح ۾ فرمائي ٿو تہ ”سڀ تعريف الله تعاليٰ جي لاءِ جيڪو رب العالمين آهي، وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي، روزِ جزا جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪيون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا، ڏيکار اسان کي سڌو رستوانهن ماڻهن جو جن تي تون پنهنجو انعام ڪيو نہ ڪي انهن ماڻهن جو جن تي تون پنهنجو غضب ڪيو“

مرشد ڪامل جي دامن سان وابسط ٿيڻ هڪ وڏي سعادتمندي آهي. موجوده دور ۾ قريب قريب روحانيت ختم ٿي رهي آهي، چند الله تبارڪ وتعاليٰ جا بندا، فقير، اولياء الله ئي ان ڪم ۾ غوط زن آهن. انهن ڪامل درويشن، فقيرن ۽ اولياء الله جي دم سان هي دنيا ۽ انهي جو ونهوار هلي رهيو آهي جنهن ڏينهن روحانيت جي روح ختم ٿي ويئي تہ هي دنيا خبر نہ آهي تہ ڇا مان ڇا ٿي وڃي.

اڄ جي دنيا جو هر انسان پريشان آهي ۽ ان جو سبب دنياداري آهي انسان جيترو دين کان پري رهندو اوترو ئي پريشان رهندو ڪنزالايمان ۾ هڪ حديث شريف نقل ٿيل آهي تہ ”ماڻهن تي هڪ زمانو ايندو. جو انهن جو مقصد صرف انهن جو پيٽ هوندو ۽ دولت انهن جي عزت هوندي. ۽ عورت انهن جو قبلو هوندي ۽ پيسو انهن جودين هوندو ۽ اهي ئي بدترين لوگ هوندا ۽ آخرت ۾ انهن جو حصو نہ هوندو“ صرف الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ حضور اڪرم ﷺ جي محبت، اولياء الله ۽ مرشد ڪامل جي صحبت واطاعت ئي ذريعہ نجات آهي.

الله تبارڪ و تعاليٰ سورت فاتح ۾ پنهنجي ڪامل بندن جي نشاندهي ڪرڻ فرمائي آهي انعام يافتہ ماڻهو ڪهڙا آهن؟ يقينن اهي ماڻهو آهن جن کي الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجو دوست يعني ولي الله فرمائي ٿو. هي الله تبارڪ وتعاليٰ جا ڪامل بندا هر حال ۾ ان جو شڪر بجا آڻن ٿا الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات جي پرچار ڪرن ٿا. ۽ ان جي صفت و ثنا ڪرن ٿا. هي الله تبارڪ و تعاليٰ جو فضلُ ڪرم آهي جو ماڻهوانهن جي طرف متوجہ ٿين ٿا.

الله تبارڪ وتعاليٰ هر ان گروهہ کي پسند فرمائي ٿو جيڪو ان جي نام ۽ ان جي محبوب حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نالي تي ڪٺو ٿئي ٿو ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ خوشي سان انهن جو ذڪر پنهنجي مقرب فرشتن ۾ ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ پنهنجي انهن پيارن ٻانهن کي انهي مقام تي پهچائي ٿو جتي قرآن پاڪ فرمائي ٿو تہ ”هُو الله تبارڪ و تعاليٰ سان محبت ڪن ٿا ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن سان محبت ڪري ٿو. يا هُو الله تبارڪ وتعاليٰ مان راضي آهن ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن مان راضي آهي“ انهن لاءِ مقامِ ولايت جي عطا ڪري ٿو-

## مقامِ نسبت

” اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ (يونس_62) “ ترجمو ”بيشڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جي اوليائن کي نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ ڪو ڏر“ قرآن پاڪ جي ان آيت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي دوستن جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي تہ منهنجا بندا منهنجا دوست خوف ۽ ڏر کان مبرا آهن مفسرين حضرات فرمائن ٿا تہ نہ صرف اولياء الله بلڪہ ان سان نسبت رکڻ وارا بہ ان خوف ۽ ڏڄ کان نجات پائن

ٿا. نسبت ڇا آهي؟ نسبت وڏي شئي آهي.
عربي گرامر جي اصول مطابق اگر اسم نڪره جي نسبت ڪنهن اسم خاص سان ٿي وڃي ٿي. مثال طور هڪ وڻ جي ڪاٺي جنهن جي هڪ حصي مان ڪرسي ٺاهي ويئي ٻئي حصي مان قرآن پاڪ جو رحل ٺاهيو ويو. ڪرسي تي پاڪ ناپاڪ ويهي سگهي ٿو ڪرسي جو ڪوبه احترام نٿو ڪيو وڃي مگر اها ڪاٺي جنهن مان قرآن پاڪ جو رحل ٺهيو اها قرآن پاڪ جي نسبت جي ڪري قابلِ احترام ٿي ويئي. هڪ ئي ڪارخاني مان ٺهيل ڪاغذ هڪ تي ناول، قصو يا ڪهاڻي لکي ويئي ۽ ٻئي تي قرآن پاڪ لکيو ويو. جنهن ڪاغذ تي قرآن پاڪ لکيو ويو اهو ڪاغذ قرآن پاڪ جي نسبت سان قابلِ تعظيم ٿي ويو.

پاڻي دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهي سمنڊ پريا پيا آهن درياء ۽ ڍنڍون وهي رهيون آهن مگر اهو پاڻي جنهن کي حضرت اسماعيل ؑ جي قدمن سان نسبت ٿي ويئي ته اهو پاڻي آبِ زم زم بڻجي ويو.

اِها اُهائي نسبت آهي جيڪا عام ماڻهو خاص ماڻهو ۽ خاص الخاص ماڻهو ۾ امتياز پيدا ڪري ٿي. جڏهن عام ماڻهو جي نسبت ڪنهن خاص ماڻهو سان ٿئي ٿي ته اهو عام ماڻهو به خاص ماڻهن جي زمري ۾ اچي وڃي ٿو.

مرشد ڪامل جي نسبت جي لاڄ رکندي طالب گهڻن گناهن ۽ براين کان بچي وڃي ٿو. جڏهن هي نسبت ڪامل ٿي وڃي ٿي ته انسان اولياء الله ۾ شمار ٿئي ٿو. حضور غوث الاعظم محبوب سبحاني سرڪار طالب المولىٰ جيڪو مطلوبِ الاهي پڻ آهي ان کي ارادتمند جي نالي سان ياد ڪرڻ فرمائن ٿا پاڻ ارادت جي تعريف ڪندي فرمائن ٿا ته "پنهنجي عادتن کي ترڪ ڪرڻ ئي اصل ارادت آهي ۽ ان اجمال جي تفصيل هي آهي ته پنهنجي دل کي الله تبارڪ و تعالىٰ جي طلب ۾ ترڪ ما سوئ جي لاءِ مستعد بنائڻ ئي اصل اِرادت آهي. جڏهن انسان ان عادتن کي ڪلي طور ڇڏي ڏيندو جيڪي دنيا و آخرت جون لذتون سڏائن ٿيون ته ان جي ارادت، ارادتِ ڪامل هوندي ۽ هر معاملي ۾ اها ئي ارادت سڀ کان مقدم هوندي آهي.

## اَرڪانِ دين جي حقيقت

هي تحرير جناب حضرت سلطان الهند قطب الاولياءَ حضور غريبنواز خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمت الله عليه جن جو پنهنجي خليفهءِ خاص حضرت خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي ؒ جن ڏانهن لکيل خطوط مان هڪ خط جو ترجمو آهي جيڪي اسرار حقيقي جي نالي سان اردو ۾ ڇپيل آهي خط ۾ پاڻ هن طرح ارشاد فرمائن ٿا ته.

محبت همراز اهلِ يقين برادرم خواجه قطب الدين دهلوي ربّ العالمين هر ڪم ۾ اوهان جي رهنمائي فرمائي. از جانب فقير معين الدين چشتي

## ڪلمه طيب جي حقيقت

واضع هجي ته توحيد جا چند نقطه ۽ هدايت جا چند رموز و آثار بارگاهه رسالت آنحضرت احمد

حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو تہ پوءِ ڪلمي طيبہ جو اصل مقصد ڇا آهي؟

جناب سيد المرسلين صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ ڪلمي جي معنيٰ هي آهي تہ سوائي ذاتِ وحده لاشريڪ جي دنيا ۾ ڪوئي موجود نہ آهي ۽ محمد (صلي الله عليه وآله وسلم) مظهرِ خدا آهن. بس طالب الاهي کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ غير الله جو خيال تڪ نہ اچڻ ڏي ۽ ذاتِ خداوندي کي ئي هر جڳہ موجود سمجهي. جڏهن ارشاد الاهي آهي تہ "فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجۡهُ الله" يعني جيڏانهن بہ ڏسو خداوند تعاليٰ جو ظهور آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) جڏهن سالڪ پنهنجي تمام صفات کي معدوم سمجهي ۽ صرف ذاتِ الاهي کي ئي موجود سمجهي ٿو ان وقت اهو سالڪ مرتبہ ڪمال تي پهچي ويندو آهي ان مقام تي سالڪ جي حالت حديث "مَن عَرَفَ رَبَہٗ فَقَد ڪَلَّ لِسَانُہٗ وَ قَطِعَ اَرجُلُہٗ" جو صحيح مصداق بڻجي ويندي آهي يعني جنهن شخص کي پنهنجي رب جي معرفت حاصل ٿي ويئي اهو گونگو ۽ پوڙو ٿي ويو.

اسم الله ذوق بخشيد با وصال
بي زبان گويد سخن بس قيل و قال

مطلب هي آهي تہ ان وقت عارف ڪامل تي سڪوت و سڪون جي حالت طاري ٿي ويندي آهي ڇاڪاڻ تہ آه و زاري ۽ اضطرابي حرڪات ان وقت تائين دامنگير رهندي آهي جيستائين ان کي مطلوب جو وصال حاصل نہ ٿيندو آهي جڏهن طالب کي مطلوب ملي وڃي تہ پوءِ لازمي امر آهي تہ آه و فعال ۽ حرڪات مضطربانہ طلب جي حالت ۾ جيڪي ان سان دامنگير رهندا آهن انهن جو سلسلو ختم ٿي ڪري ان جي حالت پُر سڪون ٿي ويندي آهي ۽ بجاءِ آه و بڪا ۽ قلق واضطراب جي ان کي نهايت ئي دل جمعي ۽ سڪوت و سڪون حاصل ٿيندو آهي تڏهن ئي تہ عارف ڪامل صحيح معنيٰ ۾ شهنشاه ٿي ويندو آهي. ان کي سواءِ ذات خداوندي جي نہ ڪنهن مان اميد هوندي آهي ۽ نہ ڪنهن جو خوف. اهڙن ماڻهن جي حق ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي تہ "لَاخوف عَلَيهِم وَ لَا هُم يَحزَنُون". يعني اولياءَ الله کي نہ ڪنهن جو خوف هوندو آهي ۽ نہ ڪنهن جو غم.

عارف ڪامل جي حالت ياد الاهي ڪان بہ گذري وڃي ٿي. اي عمر! (رضي الله عنه) يقين ڄاڻ تہ جيستائين سالڪ غير الله جو وجود تائين بہ پنهنجي خيال ۽ پنهنجي دل مان نٿو ڪڍي تيستائين هڪ قدم بہ منزل عرفان جي راهہ تي رکي نٿو سگهي ۽ نہ ئي وري عارف ڪامل بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ ياد بہ هڪ قسم جي دوئي آهي ۽ دوئي عارفين جي وبجهو ڪفر آهي هي آهي ڪلمہ طيبہ جي حقيقت.

جيستائين ان حقيقت تائين نٿو پهچي ان وقت تائين طالب سچو موحد نٿو بڻجي سگهي ۽ پنهنجي موحديت ۾ سراسر ڪوڙو آهي.

## نماز جي حقيقت

نمازِ حقيقي متعلق حضور پُرنور صلي الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ اي عمر! (رضي الله عنه) "لَا صلٰوت اِلَّا بِحَضُورِ القلب" يعني نمازحقيقي سان ئي مومن ڪامل ۽ عارف الاهي کي دائمي حضوري حاصل ٿيندي آهي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن وڌيڪ ارشاد فرمايو تہ نماز ٻن قسمن جي هوندي آهي هڪ نماز علماءَ و فقهاءِ ظاهري ۽ زاهدانِ خشڪ جي. جيڪا صرف قول و فعل تائين ئي محدود هوندي آهي ۽ ان سان وصال

الاهي حاصل نہ ٿيندو آهي اها ئي وجہ آهي جو ان جي رسائي بہ عالمِ ملڪوتِ نفساني تائين محدود هوندي آهي. ٻي نماز انبياءَ ۽ اولياءَ ۽ خلفاءَ جي جيڪا حضورِ قلب سان ادا ڪئي ويندي آهي ان جو ثمر وصال الاهي آهي ۽ ان جي رسائي عالمِ جبروتِ رحماني تائين محدود هوندي آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) نمازِ حقيقي در اصل اها ئي رحماني نماز آهي ورنہ نماز جيڪا عوام الناس ظاهري طور بنا حضوري قلب پڙهندي آهي اها نماز نفساني آهي رحماني نہ آهي. نبي الرحمتہ ﷺ جن جو ارشاد ذيشان آهي تہ "مَن صَلّٰى صَلوتَين طَويلَتَين فى المسجِدِ وَزَينَ البَدَنَ بِالعَمَامَتِ فِى نَاظِرِ الخَلَائِقِ وَ مَاكَانَ فِى قلبه من عِجزٍ فَهُوَ مَحجُوبُن وَلَا صَلوٰتَ وَلَا وِصَال" جنهن جومطلب هي آهي تہ علماءَ ظاهر پرست ۽ صوفيانِ رياڪار ظاهري شان و شوڪت ۽ ٺاٺ باٽ ٺاهڻ لاءِ محض رياڪاري جي نماز پڙهندا آهن انهن جا نفس مغروري، خود پسندي جي قصرِ مُزلت ۾ گهريل هوندا آهن انهن جي نماز ڪهڙي حقيقت رکندي آهي ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو نفس جا بنده هوندا آهن ۽ نفساني ماڻهو دراصل شيطان بقالبِ انسان هوندا آهن ۽ شيطان با الاتفاق ڪافر ۽ گمراهہ آهي بس نتيجو هي حاصل ٿيو تہ اهڙا ماڻهو درحقيقت گمراهہ ۽ ڪافر آهن انهن کي گهرجي تہ ڪنهن مرشد ڪامل جي صحبت ۾ رهي ڪري پنهنجي دل کي غرور نفسانيت جي خس و خاشاڪ کان پاڪ و صاف ڪن ۽ دلين کي معرفت الاهي سان معمور ۽ آباد بڻائن تہ جيئن اهي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻجي پون ۽ گمراهي کان نڪري راهِ راست تي اچي وڃن تڏهن ئي انهن جي نماز حقيقي نماز ٿيندي ۽ اها ئي نماز بارگاهِ الاهي ۾ قابل قبول هوندي ۽ خوش قسمتي سان اهڙو حقيقي نمازي هزارن لکن مان هڪ اڌ بہ ملي وڃي تہ ان جي خدمت و صحبت اڪسيرِ احمر کان بدرجا بهتر آهي.

هي گمراهہ دراصل بت پرست آهن ۽ وري تعجب هي آهي تہ پنهنجي بت پرستي تي نازان بہ آهن ۽ ماڻهو بہ عجيب باطن کان ڪورا ۽ نادان آهن جو رياڪارن کي نمازي شمار ڪندا آهن اهڙي بي حقيقت نماز مان ڪهڙو فائدو؟ حديثِ قدسي "اَلاَنبِياءُ وَ اولِياءُ يُصَلُّونَ فِى قُلُوبِهِم دَآئِمُونَ" يعني انبياءَ ۽ اولياءَ هميشہ حضوري قلب سان نماز پڙهندا آهن (يعني نمازِ حقيقي)

نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "صَلوٰتُ اَلاَنبِيَاءِ وَاَولِيَآءِ حَبسُ الحَوَاسِ وَعَدَدَ الاَنفَاسِ" يعني انبياءَ ۽ اولياءَ جي نماز درحقيقت اها نماز هوندي آهي تہ جڏهن هو نماز ۾ ويهندا آهن. بلڪ هر وقت ئي انهن جا حواس خمسہ غيرالله کان بند ٿي ويندا آهن ۽ انهن جو هڪ هڪ دم يادِ الاهي ۾ گذرندو آهي ۽ اهي پنهنجي هڪ هڪ دم جو شمار رکندا آهن تہ ڪٿي غفلت ۾ نہ گذري وڃن اهي ئي ماڻهو دراصل نمازي آهن.

اي عمر! (رضي الله عنه) نمازِ حقيقي رحماني آهي ان نماز سان ئي پروردگارِ عالم جو وصال ٿيندو آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ رحمت الله عليهم هميشہ ذڪرِ خفي ۾ رهندا آهن نبي عليہ الصلوٰتُ والسلام جن ارشاد فرمايو تہ " ذِكرُ اللِّسَانِ لَقلَقتُ وَ ذِكرُ القَلبِ وَسوَستَن وَ ذِكرُ الرُّوحِ مُشَاهِدَتُن وَ ذِكرُ الخَفِى دَائِمَن" يعني زباني ذڪر هڪ لقلقو آهي ۽ قلبي ذڪر هڪ قسم جو وسوسو آهي ۽ روحاني ذڪر مشاهده الاهي جو موجب آهي ۽ ذڪر خفي هميشہ ٿيندو رهندو آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) ذڪر خفي ۽ نمازِ حقيقي ترڪِ وجود آهي. ( عابدن جي نماز سجده سجود تي مبني هوندي آهي)

نمازِ زاهدان سجده سجود است
نمازِ عاشقان ترڪِ وجود است

Gul Hayat Institute

يعني الله عزوجل کان سواءِ ڪنهن ڪي بہ موجود نہ سمجهڻ ۽ غير الله جو وجود بہ دل مان ڪڍي ڇڏڻ ئي حقيقي نماز آهي.

## روزي جي حقيقت

اي عمر! (رضي الله عنه) روزي جي حقيقي تعريف هي آهي تہ انسان پنهنجي دل کي تمام ديني و دنيوي خواهشات کان بند رکي. ڇاڪاڻ تہ خواهشات ديني (يعني خواهش بهشت ۽ حور و قصور وغيره) عبد ۽ معبود جي وچ ۾ حجاب آهن انهن جي هوندي بندو پنهنجي حقيقي معبود جو وصال حاصل نٿو ڪري سگهي ۽ خواهشات دنيوي (مثلا خواهش جاه و مال، خواهش نفساني وغيره) تہ سراسر شرڪ آهن.

غيرالله جي طرف فڪر و خيال ڪرڻ، قيامت جو خوف بهشت جي هوس ۽ آخرت جو فڪر هي سڀ حقيقي روزي کي ٽوڙڻ واريون شيون آهن روزو حقيقي ان حالت ۾ درست رهي سگهي ٿو جڏهن انسان الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ کي پنهنجي دل مان ئي ڪڍي ڇڏي يعني غيرالله جو ان کي مطلق علم ئي نہ رهي ۽ هر قسم جي اميدن ۽ هر قسم جي خوف کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏي.

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "رَغَبستُ عَبَّادُونَ الله" يعني الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو ديدار مون کي مطلوب نہ آهي ۽ روزي حقيقي جي افطاري صرف ديدارِ الاهي آهي. نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ" صُومُوا بَرِدَيِته وَ اَفطِرُو بِرِدَيِته" اي عمر! (رضي الله عنه) روزي حقيقي جي شروعات ابتدا بہ ديدار الاهي سان ٿئي ٿي ۽ انتها بہ ديدار الاهي تي ٿيندي.

اي عمر! (رضي الله عنه) روزي حقيقي جي ابتدا ۽ انتها کي بخوبي ذهن نشين ڪري وٺڻ گهرجي. يعني ڄاڻڻ گهرجي تہ حقيقي روزو ڪهڙي شيءِ تي رکيو ويندو آهي ۽ ڪهڙي شيءِ سان افطار ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري واضع هجي تہ حقيقي روزي جي ابتدا هي آهي تہ انسان بتدريج معرفت الاهي حاصل ڪري ۽ ان جي انتها يعني افطارهي آهي تہ قيامت ۾ ان کي ديدار الاهي نصيب ٿئي.

ارشادِ نبوي صلى الله عليه وسلم آهي تہ "لِلصَّائِمِ فَرحَتَانِ، فَرحَتُن عِندَالاَفطَارِ وَ فَرحَتَن عِندَ لِقَاءَ رَبِه" يعني روزيدار جي لاءِ بہ خوشيون آهن هڪ افطار جي وقت ۽ ٻي ديدار الاهي جي وقت. اي عمر! (رضي الله عنه) عوام الناس جي روزي ۾ پهريون روزو ۽ آخر ۾ افطار آهي ليڪن حقيقي روزي ۾ اول افطار ۽ آخر ۾ روزو آهي. ڏسو مجذوب سالڪ جيڪي خدا رسيده آهن اهي هميشہ ئي صائم يعني روزي ۾ رهندا آهن ڪنهن وقت بہ انهن جي افطار نہ ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ حقيقي روزي لاءِ افطار شرط نہ آهي تہ ڪڏهن روزو رکو ۽ ڪڏهن افطار ڪرو. مگر هو هميشہ ئي روزيدار رهندا آهن.

اي عمر! (رضي الله عنه) تمام انسان روزا رکندا آهن جنهن ۾ کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان اجتناب ڪرڻو پوي ٿو. هي حقيقي روزو نہ آهي بلڪ هي مجازي روزو آهي. فنا جي هي معنيٰ آهي تہ اسرار الاهي انهن کي حاصل نہ ٿيو آهي هو زينتِ ظاهري ۾ مبتلا آهن ۽ حقيقت کان بي فيض. ليڪن هن مجازي روزي ۾ غيرالله جو ترڪ نہ ٿيندو آهي ۽ تمام انساني و نفساني خطرات ان ۾ حائل ٿيندا رهندا آهن اهڙي روزيدارن جا قول و فعل سڀ غير الله آهن. اهڙو روزو يعني مجازي روزو هرگز هرگز حقيقي ۽ رحماني نٿو ٿي سگهي ان ظاهري ۽ مجازي روزي سان سواءِ ان جي ٻيو ڇا حاصل ٿي سگهي ٿو تہ انسان روزو رکي نادارن ۽ مفلسن جي بک ۽ اڃ جو احساس ڪري سگهي ۽ غريبن مسڪينن جي مدد ڪري سگهي ۽ ان

کان سواءِ هن ظاهري روزي مان هيو ڇا فائدو متصور ڪري سگهجي ٿو.

نبي ڪريم عليہ الصلوت والسلام جو ارشادِ فريضِ بنياد آهي تہ "مَن لاشيخ له لَا دِينَ لَه وَمَن لَا دِينَ لَه لَا عِرفَانَ لَه وَمَن لَاعِرفَانَ لَه لَا حِزبَ لَه وَمَن لَا حِزبَ لَه لَا اُنسَ لَه وَمَن لَا اُنسَ لَه لَا مَولیٰ لَه" يعني بي مرشد بي دين ٿيندو آهي ۽ بي دين معرفت الاهي کان بي فيض هوندو آهي ۽ جيڪو معرفت الاهي کان خالي آهي ان جو ڪنهن بہ صحيح جماعت سان تعلق نہ هوندو آهي ۽ جنهن جو ڪنهن صحيح جماعت سان تعلق نہ هوندو آهي ان جو ڪوبہ مونس و غمخوار نہ هوندو آهي ۽ جنهن جو ڪوبہ مونس و غمخوار نہ هجي ان جو ڪوئي دوست يار نہ هوندو آهي. حديث "اِنَّ اولِيائِی تَحتَ قَبَائِی لَا يَعرِفُهُم غَيرِی" يعني منهنجا اولياءَ منهنجي قبا هيٺ آهن انهن جي مرتبي کي مان ئي ڄاڻان ٿو ۽ ٻيو ڪوئي ڄاڻي نٿو سگهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) سالڪانِ غير مجذوب مرشد ڪامل جي صحبت کان سواءِ معرفت الاهي حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ نہ ئي باطني اصلاح جي بغير عالمِ جبروت تائين انهن جي رسائي ٿي سگهي ٿي. اهي عالمِ ناسوت و ملڪوت ۾ ڀٽڪندا رهندا آهن. هي لوگ شهوت پرست ۽ طالبِ شهرت آهن.

اي عمر! (رضي الله عنه) جيڪي علماءَ فقهاءَ ۽ سالڪين غير مجذوب آهن ۽ اهي ڪنهن بہ مرشد ڪامل جي صحبت جي فيض کان مستفيض نہ ٿيا آهن. اهي جذبہءِ اسرار الاهي کان بلڪل بيخبر آهن هي ماڻهو دنيوي زينت ۽ شهوتِ نفساني پٺيان ماريا ماريا ڊوڙي رهيا آهن. جڏهن تہ اهي جبہ ۽ دستار ۽ صوفياءِ ڪبار جي جامي ۾ ملبوس هوندا آهن ليڪن درحقيقت انهن جي اندروني حالت هي هوندي آهي تہ حرص هوا دنيوي ۽ خواهشاتِ نفساني ۾ گرفتار هوندا آهن هن جامہءِ فقيري ۾ هنن جو مقصود خداپرستي نہ هوندو آهي بلڪ هو طالبِ جاهُ مال هوندا آهن انهن جو ڪلمو نمازءِ روزو ڪهڙي حقيقت رکندا آهن.

جيڪو شخص محقق سالڪن جي زمري ۾ داخل ٿي وڃي ۽ معرفت الاهي ۾ پايہءِ تڪميل تي پهچي وڃي تہ ان تي فرض ۽ لازم ٿي ويندو آهي تہ هو پنهنجي هستي ۽ خودي يڪسر مٽائي ڇڏي جيڪي ماڻهو پنهنجي خودي کي نٿا مٽائن خواه اهي صوفيانہ لباس ۾ ملبوس هجن ليڪن اهي منزل عرفان ۾ قدم نٿا رکي سگهن انسان معرفت الاهي ۾ ان وقت پهچي سگهي ٿو جيستائين هو پنهنجي خودي ۽ هستي کي يڪسر ڀلائي نہ ڇڏي ۽ محض ذاتِ الاهي ئي هر دم ان جو مطلوب هجي.

## زڪوات جي حقيقت

اي عمر! (رضي الله عنه) ٻڌو. از روءِ شريعت ہر سو دينار مان پنج دينار زڪوت ادا ڪرڻ فرض آهي ۽ اهلِ طريقت جي نزديڪ ہر سو دينار مان پنج دينار پاڻ وٽ رکڻ گهرجن ۽ باقي سڀ زڪوت ۾ صرف ڪرڻ لازمي آهن ليڪن ياد رکڻ گهرجي تہ زڪوت آزاد تي فرض آهي غلام تي فرض نہ آهي. جيستائين انسان نفس جي بندگي کان نجات حاصل نٿو ڪري سگهي تيستائين آزادن جي زمري ۾ داخل نٿو ٿي سگهي ۽ جڏهن آزاد ئي نہ هجي تہ پوءِ ان تي زڪوت ڪيئن فرض ٿي سگهي ٿي.

نفس جي بندي کي سڀ کان پهريائين نفس جي بندگي کان آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو حقيقي زڪوت ادا ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهي.

جڏهن تہ زڪوت عاقل ۽ بالغ تي فرض آهي ديواني ۽ نابالغ تي فرض نہ آهي. بس جنهن شخص تي غفلت ۽ نفسانيت جو ڀوت سوار هجي ۽ اهو همہ تن نفس ۽ شيطان جي پنجي ۾ گرفتار هجي عارفان

الاهي جي نزديڪ اهو عاقل و بالغ نه تو ٿي سگهي بلڪ هو هڪ نابالغ ٻار جي مثال آهي ۽ اهلِ طريقت جي ويجهو اهو ڪالعدم سمجهيو ويندو آهي ان تي زڪوت حقيقي ڪهڙي ريت فرض ٿي سگهي ٿي. بس سڀ کان پهريائين هي لازم آهي ته بندو نفس جي بي شعوري کان نجات حاصل ڪري ته جيئن هو معرفت الاهي جي آزادي ۽ عقل کان سرفراز ٿي ڪري حقيقي زڪوت ادا ڪرڻ جي قابل بڻجي وڃي.

ظاهري زڪوت جيڪا شرعن دنياوي مال تي فرض ٿيندي آهي ان ۾ محض هي حڪمت آهي ته جيئن امير ماڻهو زڪوت جي بهاني سان غريبن ۽ مفلسن جي مدد ڪري سگهن ۽ غرباءَ پنهنجي ضرورياتِ زندگي جو انتظام سهولت ۽ آساني سان ڪري سگهن.

اي عمر! (رضي الله عنه) گنج حقيقي جي عارفانِ الاهي کان سواءِ ڪنهن کي به خبر نه آهي گنج حقيقي دراصل سرِ ربوبيت آهي ۽ عارفين جا دل ان سرِ ربوبيت جا خزانا هوندا آهن انهن عارفن تي فرض آهي ته اهي پنهنجي حقيقي خزانن مان اسرار الاهي جي زڪوت گمراهن ۽ نادانن کي عطا ڪن ۽ گُم گُشتگانِ باديءِ ضلالت جي رهنمائي فرمائن. ڇاڪاڻ ته مستحق کي ان جو حق ڏيڻ عين زڪوت آهي.

## حج جي حقيقت

اي عمر!(رضي الله عنه) يقين ڄاڻ ته خانءِ ڪعبه انسان جي دل آهي جڏهن ته ارشاد نبوي صلى الله عليه وسلم ته "قَلبُ الاِنسَانِ بَيتُ الرَّحمٰنِ" يعني انسان جو دل ئي در اصل خانه ڪعبه آهي بلڪ فرمانِ مصطفوي صلي الله عليه وآله وسلم آهي ته "قَلبُ المُومِن عَرَشُ اللهِ تعاليٰ" يعني مومن جو دل عرش الاهي آهي بس ڪعبه دل جو ڪرڻ گهرجي.

طواف ڪعبهءِ دل ڪُن اگر دلي داري — دلي است ڪعبه اعظم تو گل چه پنداري
زعرش و ڪرسي ولوح و قلم فزون باشد — دلي خراب ڪه اوران هيچ نه شماري

---

قلب از نورِ وحدت گشت پيدا — زاز ما در پدر باشد هويدا
نه زاز بادونه آتش آب خاڪي — قلب نوربست قدرت شدز پاڪي

تنهنڪري دل ڪعبه کان افضل آهي.

دل بدست آور ڪه حج اڪبر است — از هزاران ڪعبه يڪ دل بهتر است

حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو ته يارسول الله صلى الله عليه وسلم ڪعبهءِ دل جو حج ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

حضور عليه الصلوت السلام جن فرمايو ته انسان جو وجود هڪ بمنزله چوديواري وانگر آهي اگر ان چوديواري منجهان شڪ ۽ وهم غير الله جو پردو دور ڪيو وڃي ته دل جي صحن ۾ خدا پاڪ جي ذات جو جلوو نظر ايندو. حج ڪعبه جو اهوئي مقصد آهي.

دل ڪعبه اعظم است بڪن خالي از بتان
بيت المقدس است مڪن جائي ديگران

مگر اهڙي حقيقي حج ڪرڻ جو هي به مقصود آهي ته انسان پنهنجي خودي ۽ هستي کي اهڙي طرح

متائي ڇڏي جو هستي جو ذرو بہ باقي نہ رهي حتاڪ ظاهر وباطن مڪمل پاڪيزه ٿي وڃي ۽ دل صفاتِ الاهي سان متصف ٿي وڃي.

حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو تہ حضور صلى الله عليه وسلم پنهنجي هستي ڪي ڪهڙي طرح فنا حاصل ٿي سگهي ٿي؟

حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو تہ محبوب حقيقي يعني خدا تعاليٰ جي عاشق ٿيڻ سان. جيڪو شخص عاشق الاهي ٿي ويو اهو فنافي الله ٿي ويو ۽ جيڪو فنا في الله ٿي ويو اهو ذاتِ حق جو مظهر ٿي وڃي ٿو.

وري حضرت عمر رضي الله عنه سوال ڪيو تہ حضرت! صلى الله عليه وسلم دل کي خانہ خدا ۽ عرشِ الاهي ڇو قرار ڏنو ويو آهي؟

سرڪارِ دوعالم صلى الله عليه وسلم جن جواب ۾ ارشاد فرمايو تہ ارشادِ باري تعاليٰ آهي تہ "وَفِي اَنفُسِكُم اَفَلَا تُبصِرُونَ" يعني خداوند تعاليٰ فرمائي ٿو تہ لوگو! مان اوهان جي اندر آهيان پوءِ اوهان مونکي ڇو نٿا ڏسو.

اي عمر! (رضي الله عنه) رهڻ جي جڳهہ کي گهر سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ خدا تعاليٰ دل ۾ رهندو آهي تنهنڪري خانہ خدا سڏيو ۽ عرش الاهي قرار ڏنو.

پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه سوال ڪيو تہ يا رسول الله صلى الله عليه وسلم هن خاڪ جي پتلي ۾ ڳالهائڻ وارو ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو ڪير آهي ۽ اهو ڪيئن آهي؟

پيغمبرِ خدا صلى الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو تہ اهوئي (خدا) ڳالهائڻ وارو اهوئي ٻڌڻ وارو ۽ اهوئي ڏسڻ وارو آهي.

حضرت عمر رضي الله عنه پرسيد. يارسول الله صلى الله عليه وسلم ذاتِ خاص حضرت چہ باشُد؟

پيغمبرِ خدا صلى الله عليه وسلم فرمود "اَنَا اَحمَد بِلاَ مِيم"

حضرت عمر رضي الله عنه پڇيو تہ حضرت! ڪعبہ دل جو حج ڪير ادا ڪندو آهي؟

پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "خود ذاتِ خداوندي" يعني جڏهن بندگيءِ نفس جو پردو دور ڪيو ويندو آهي ۽ معبد و معبود جي وچ ۾ ڪوئي پردو باقي نہ رهندو آهي تہ هو صفاتِ الاهي سان متصف ٿي ويندو آهي ۽ ان جي دل ۾ ذاتِ الاهي سمائجي ويندي آهي. خدا تعاليٰ جو بندي جي دل ۾ سمائڻ ئي ڪعبہ دل جو حج آهي يعني حج حقيقي.

حضرت عمر رضي الله عنه جن وري سوال ڪيو تہ حضور صلى الله عليه وسلم جڏهن سڀ ڪجهہ انهي ئي ذاتِ مقدس جو ظهور آهي تہ پوءِ هي رهنمائي ڪنهن جي ۽ ڇا لاءِ آهي؟

حضور پُرنور صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ هو خود ئي رهنما آهي ۽ خود پنهنجي ئي رهنمائي ڪري ٿو.

حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو تہ حضور صلى الله عليه وسلم تہ پوءِ هي گوناگون نقش نگار ڇا لاءِ آهن؟

پيغمبرِ خدا عليہ الصلوت والسلام جن فرمايو تہ رهنمائي جي مثال هڪ سوداگري جي آهي جنهن شيءِ جو گراهڪ هوندو سوداگر ان کي اها شيءِ ڏيندو آهي ڪٽڪ جي خريدار کي جَو هرگز نہ ڏنا ويندا آهن ۽ نہ ئي جَوجي خريدار کي ڪٽڪ ڏني ويندي آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) پيغمبرن جي مثال ايئن آهي جيئن اطباءَ. يعني جهڙي طرح طبيب مريض جي

طبيعت ۽ مرض جي موافق دوا ڏيندو آهي ۽ انهي طبع موافق دوائي جي ڪري ان مريض کي شفا حاصل ٿيندي آهي اهڙي طرح پيغمبر ٻہ روحاني ايماندارن کي ان جي باطني استعداد ۽ روحاني مرض جي موافق دواءِ معرفت عطا فرمائيندا آهن جنهن جي بدولت مريض روحاني شفاءِ ڪلي حاصل ڪري عارف الاهي ٻجي ويندو آهي.

اي عمرا (رضي الله عنه) سالڪانِ طريقت ٽن گروهن ۾ منقسم آهن ۽ انهن ٽن گروهن ۾ بلحاظِ مراتب و استعدادِ باطني زمين و آسمان جو فرق آهي.

پهرين گروهہ عوامِ عالم ۾ عام مسلمانن جو آهي هي لوگ اربابِ ظاهر چوائيندا آهن ۽ راهِ شريعت تي هلڻ وارا هوندا آهن عشق الاهي جي ٽن سيڙهين منجهان پهرين سيڙهي تي اهل شرع گامزن هوندا آهن. ليڪن اگر انهي ئي سيڙهي تي رهن ۽ معرفت الاهي جي اڳلي پوڙي تي هلڻ جي ڪوشش نہ ڪن. حتاڪہ انهن جي عمر ختم ٿي وڃي تہ هي ماڻهو دين ودنيا کان محروم ۽ ظاهر پرست ٿي ڪري مري ويندا آهن هي گروهہ اهلِ شريعت سڏائيندو آهي.

ٻيو گروهہ عوام الخاص جو آهي انهن ماڻهن ۾ ٻئي پهلو پاتا وڃن ٿا عوام جو ٻہ ۽ خاص جو ٻہ هي گروهہ روحانيت ڏانهن متوجہ تہ هوندو آهي ليڪن رموزِ باطني کان بيخبر هوندا آهن ڪڏهن دنيا جا طالب هوندا آهن تہ ڪڏهن دين جا طالب. تنهنڪري انهن جون باطني اکيون نورِ باطني سان مڪمل طور منوّر نہ هونديون آهن. ان گروهہ کي اهلِ طريقت چوندا آهن.

ٽيون گروهہ هي خاص الخاص جو آهي انهن کي اهلِ معرفت چوندا آهن اي عمرا (رضي الله عنه) هدايت و رهنمائي طالب جي استعداد ۽ جنس جي موافق ڪئي ويندي آهي هي اسرار الاهي جي نعمتِ عظميٰ نا اهل عوام الناس کي نہ ڏني ويندي آهي ڇاڪاڻ تہ ان کي اهڙي نعمت ڏيئي ڇڏڻ ان نعمت جي ناقدر شناسي آهي. اصل حقيقت هي آهي تہ اهي ان نعمت جا متحمل نٿا ٿي سگهن تنهنڪري انهن جي گمراهہ ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي.

حضرت عمر رضي الله عنه وري سوال ڪيو تہ ذاتِ رحمن ڇا آهي ۽ ٻيون شيون ڇا آهن؟

حضور سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن جواب ڏنو تہ تمام اشياءِ مظهرِ الاهي آهن در حقيقت سڀ هڪ ئي آهن مگر ظهور جون صفات مختلف آهن جهڙي ريت مطلب هڪ هوندو آهي مگر ان مطلب کي مختلف عبارتن سان ادا ڪيو ويندو آهي اهڙي طرح ذات هڪ ئي آهي ليڪن ان جا مظاهر مختلف آهن.

ارشادِ خداوندي آهي تہ "اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ" يعني الله تعالي هر شيءِ تي احاطو ڪيل آهي. ليڪن انسان کي ٻي تمام مخلوقات تي شرف ۽ بزرگئ حاصل آهي "اِنَّ اللّٰهَ خَلَقَ اٰدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ" يعني خدا تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي.

حضرت عمر رضي الله عنه جن پڇيو تہ حضرتا صلى الله عليه وسلم جڏهن انسان اشرف المخلوقات ٿيو تہ پوءِ ان ۾ خاص عام ۽ ڪافر مسلمان ٿيڻ جو باعث ڇا آهي؟

پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ارشادِ باري تعاليٰ آهي تہ " فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ" يعني اسان بعض کي بعض تي فضيلت بخشي آهي وڌيڪ ارشاد آهي تہ" كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ" يعني هر شخص کي موت جو مزو چکڻو آهي موت دراصل هن حديث شريف مطابق هجڻ گهرجي "اَلْمَوْتُ جِسْرٌ يُّوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ" يعني موت هڪ پل آهي جنهن کي طالب عبور ڪري واصل الاهي ٿيندو آهي.

اي عمر! (رضي الله عنه) پنج بناءِ اسلام جي حقيقت جيڪا مومنيت جو درجو رکي ٿي. سا مفصل بيان ڪئي ويئي آهي في الحال تنهنجي لاءِ ڪافي آهي جڏهن تون ان ڪان اڳتي انتهائي ڪمال طرف وڌڻ چاهيو ته جميع الصفات ۽ اسرار خود تنهنجي اندر موجود آهن چاڪاڻ ته "مَن عَرَفَ نَفسُه فَقَد عَرَفَ رَبَّه" جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تحقيق ان پنهنجي رب کي سڃاتو.

اي منهنجا همراز قطب الدين! هي پوشيده نقطا ۽ مخفي راز جيڪي حضور سرورِڪائنات صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي خليفي ۽ پنهنجي همراز حضرت عمر رضي الله عنه کي تعليم فرمايا هئا سي توکي لکيا آهن اسان کي اميد آهي ته تون ان نقطن تي اعتبار ۽ اقرار ڪندين. اسان کي ڪج فهم يعني علماءَ ظاهري سان ڪوبہ سروڪار نہ آهي. انهن جو علاج الله تعاليٰ ئي ڪري سگهي ٿو چاڪاڻ ته سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي قبضي ۾ ئي آهي "لَا تَتَحَرَّكُ ذَرَّةٌ اِلَّا بِاِذنِ الله" يعني الله تعاليٰ جي حڪم جي بغير ڪابہ شيءِ حرڪت ڪري نٿي سگهي. اهوئي هر مسلمان جو اعتقاد آهي ۽ ان تي ئي ايمان آهي.

وَصَلى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ خَيرِ خَلقِه سَيِّدنا مُحمد صلى الله عليه وسلم وَآلِه وَاَصحابه وَاَهلِ بَيتِه وَاَزواجه وَ ذرِّيَتِه اَجمَعِين بِرَحمَتِكَ يَا اَرحَمَ الرّحِمِين اٰمين. (بحوالہ اسرار الاهي صفحہ نمبر 06 تا 24)

## خلافت

الله تبارڪ و تعاليٰ جو عشق عبادت جي جان آهي ان ڪان بغير سڀ ڪجهه بيڪار آهي هي عشق اگر صرف دعويٰ نہ آهي بلڪ حقيقتن موجود آهي تہ ان جي شدت ۽ تڙپ روح کي جسم ڪان ريهائي ڏياري الله تعاليٰ تائين معراج عطا ڪري ٿي. جتي ديدارِ ذات پاڪ ڪان پوءِ ئي حقيقي عبادت جو لطف ممڪن ٿئي ٿو. رسالہ غوثيہ ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ حضور غوث الاعظم جن کي فرمائن ٿا تہ "اي غوث الاعظم معراج مون ڪان سواءِ هر شيءَ ڪان بلند و ارفع ٿي وڃڻ آهي ۽ معراج جو ڪمال "مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾" (سوره النجم آيہ 17) آهي يعني "۽ نہ اک جهمڪي ۽ نہ حد ڪان وڌي" (يعني الله تعاليٰ ڪان سواءِ ڪنهن بہ ٻي شيءِ ڏانهن مائل نہ ٿي) اي غوث ان جي نماز ئي نٿي ٿئي جنهن کي منهنجي نزديڪ معراج نہ ٿئي اهو نماز ڪان محروم آهي" انهن صاحب معراج لوگن جي هميشہ صدا ئي اها هوندي آهي تہ "ربِ زدني" يعني "منهنجا رب اڃان بہ تجلي زياده ڪر" بار بار "هل من مزيد" يعني "ڇا اڃان بہ وڌيڪ آهي؟" جا نعرا بلند ڪندا آهن انهن لاءِ رب پاڪ فرمائي ٿو تہ " اشتياق مجتبىٰ الى الحبيب" يعني "منهنجو عشق ۽ محبت پنهنجي دوستن طرف وڌيڪ هوندي آهي" ۽ ان جي نشاني "يحي ويميتُ" يعني "مرده دليون زندهہ ڪندو آهي" ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ "الانسان سري وانا سره" يعني "انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان"

الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو تہ "يَاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ﴿٦﴾" (سوره الانشقاق آيہ 6) يعني "اي انسان تون الله جي طرف ڪوشش ڪندڙ آهين ۽ ان سان ملاقات ڪندڙ آهين" "اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢٠﴾" (سوره الفرقان آيہ 20) يعني "آيا تون صبر ڪري وينو آهين مگر تنهنجو رب تنهنجي طرف ڏسي رهيو-آهي ۽ تنهنجو منتظر آهي" "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ۭ" (سوره البقره آيہ 207) ترجمو "۽ ماڻهن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي الله جي رضا ۾ پنهنجي جان تڪ وڪڻي ڇڏيندا آهن" ٻي هنڌ ارشادِ باري تعاليٰ آهي تہ " اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ " (التوبہ:111) يعني "بيشڪ الله تعاليٰ مومنين کان سندن جانيون خريد ڪري ورتيون آهن جنت جي عيوض"

آقاءِ نامدار فخر موجودات سرور ڪائنات شفيع المذنبين رحمت اللعالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو فرمان ذيشان آهي تہ "كنتُ كنزمخفيا فاجبت انا اعرف فخلقت الخلق" ( حديث قدسي ) ترجمو "الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي تہ مان ڪاڻ خزانءِ مخفي جي هُيس پوءِ مون کي هي ڳالهہ وڻي تہ ظاهر ٿيان ۽ سڃاتو وڃان تہ پوءِ مان عام مخلوق کي خلقيم" هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ "من طلبني وجدني ومن وجدني عرفني ومن عرفني احبني .... " ( حديث قدسي) ترجمو "الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جنهن مون کي طلب ڪيو سو مون کي لهندو جنهن مون کي لڌو تنهن مون کي سڃاتو جنهن مون کي سڃاتو انهي مون سان محبت ڪئي، جنهن مون سان محبت ڪئي انهي مون سان عشق ڪيو پوءِ انهي کي مون پنهنجي عشق ۽ محبت ۾ ڪُٺو" جيڪو ڪنهن کي قتل ڪندو آهي تہ هن جي ديت پري ڏيندو آهي پوءِ انهي عاشق جي ديت مون الله پاڪ آهيان يعني اي منهنجا ٻانها انهي ديت ۾ مون الله پاڪ جل شانہ جو سر وٺ ( يعني وصال ڪر)"

حديث شريف ۾ آهي تہ "من طلب شيئا وجد وجد" يعني "جو شخص جنهن بہ شيءِ لاءِ ڪوشش ۽ جهد ليڻ لاءِ ڪندو آهي انهي کي اها شيءِ ليندي ۽ ملندي" هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ "ان في جسد آدم مضفته في فواد وفي فواد قلب الروح في الروح سر خفي وفي الخفي انا" ( حديث قدسي) يعني "انسان جي جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪڙو آهي فواد ۾ آهي ان فواد ۾ قلب آهي قلب ۾ روح آهي روح ۾ سر آهي ۽ سر ۾ خفي آهي ۽ خفي ۾ انا يعني مان الله پاڪ آهيان" الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن مجيد والفرقان حميد ۾ فرمائي ٿو تہ لَا يَسَعُنِي اَرْضِي وَلَا سَمَائِي اِلَا يَسَعُنِي قَلْبُ عَبْدِيَ الْمُؤْمِنِ. يعني "مون کي ست زمينون ۽ ست آسمان نہ ٿا ماپائن مگر مومن جي دل ۾ مان الله پاڪ ماپي ٿو وڃان"

حضرت مولا علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا تہ "ما رايت شيئا الا رايت الله فيه" يعني "مون ڪا بہ شيءَ نہ ڏٺي مگر ان ۾ الله جل شانہ جو جلال ۽ نور ڏٺم" قرآن پاڪ ۾ پڻ الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ "فَاَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ ط "(سوره البقره آيہ 115) يعني "توهان جاڏي بہ ڏسندو تہ اوهان کي الله جو چهرو ئي نظر ايندو" هڪ ٻي آيت مبارڪ آهي تہ "وَ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ط اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٢١﴾ " ( سوره الذاريت) يعني "۽ مان توهان جي اندر موجود آهيان ڇا توهان نٿا ڏسو"

حضور پاڪ ﷺ جن فرمائن ٿا تہ "من راني فقد راءِ الحق" يعني "جنهن مون کي ڏٺو تحقيق انهي پنهنجي رب کي ڏٺو" ڇاڪاڻ تہ "ان الشيطٰن لا يتمثل بي" (حديث) يعني "شيطان منهنجي صورت ۾ نٿو ٺهي سگهي" حديث شريف ۾ آهي تہ "كل مخالف الظاهر فهو باطل" يعني "جو باطن ظاهر کان مختلف آهي اهو باطل آهي " هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ "من تزهد بغير علم جن في آخر عمره اومات كافرا" يعني "بنان علم جي جنهن زهد ڪيو انهي جاهل زاهد کي آخر ۾ شيطان پاگل ڪري ڇڏيندو يا ان جو موت ڪفر تي ٿيندو" حضرت محمد ﷺ جن ساڳي علم جي حقيقت بيان ڪندي پڻ فرمائن ٿا تہ "جنهن شخص علم مال گڏ ڪرڻ واسطي پڙهيو اهو جاهل جي موت مرندو ۽ جنهن حجت بازي واسطي علم پڙهيو اهو منافق تي مرندو ۽ جنهن جهيڙي جي گفتگو لاءِ علم حاصل ڪيو ۽ سکيو اهو گندو گناهگار تي مرندو ۽ جنهن بہ وڏائي لاءِ علم حاصل ڪيو سکيو ۽ پڙهيو اهو زنديق (بي دين) تي مرندو ۽

خلافت جي باري ۾ جڏهن حضرت بابا سخي فقير نماڻو سائين کان دريافت ڪيو ويو ته پاڻ فرمائڻ لڳا ته "آءُ سرڪار راضي سائين جي طالبن جو به هڪ ادنيٰ خادم، غلام ۽ طالب آهيان فقير ته منهنجا مرشد پاڪ آهن ۽ آءُ انهن جو هڪ عاجز بندو، مسڪين ٻانهو آهيان مون کي ڪنهن به خلافت بزرگي يا شيخي مشائخي جو ڪو به شوق خيال ۽ دلي تمنا به نه هئي آءُ ته سائينجن سان امن پور شريف ۾ مستقل رهڻ جو ارادو رکندو هوس مگر سرڪار هر بار اهو فرمائيندا هئا ته هي به اسان جو آستانو آهي هي ننڍي امن پور شريف آهي رڳو اوهان جي هتي ڊيوٽي لڳائي وئي آهي. سو اسان به پنهنجي ڊيوٽي عشق، ذوق، شوق ۽ سچائي سان نڀائي رهيا آهيون. گهڻي ڳالهه بجائي بس ايترو چوندس ته آءُ هڪ ڏينهن ڪجھ دوستن هر هڪ 1 خان محمد سائين ڪوري ساڪن ڪچو ٻنڌي 2 گل پڳٽ سائين ديوان ساڪن گهوٽڪي شهر کي سائينجن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو ۽ عرض ڪيو ته سرڪار هي فقراء اوهان جي دستِ بيعت ٿيڻ جي اشتياق ۾ بيتاب آهي پاڻ مالڪ ڪريم ٻنهي سان گفتگو ڪرڻ کان پوءِ فرمايو ته "نماڻا سائين هي تنهنجا طالب آهن ۽ اوهان انهن کي دستِ بيعت ڪيو" آءُ عرض ڪيو ته سرڪار آءُ ته فقراء جو هڪ ادنيٰ غلام آهيان ۽ نه ئي پاڻ کي ان جي لائق سمجهان ٿو ۽ نه وري اهڙي ڪا تمنا به اٿم، اوهان مالڪ آهيو هن بندي کي ڪهڙي طاقت آهي جو ڪنهن جو وزن ڪٽي سگهي. پاڻ فرمايائون ته "نماڻا سائين هي اسان جو امر آهي بس اوهان دستِ بيعت ڪندا سچي سائين جي فقر ۾ داخل ڪندا وڃو باقي اسان ذميوار آهيون.

هميشه سرڪار بابا نماڻو سائين جن اهو فرمائيندا هئا ته "بابا آءُ به راضي سائين جو ۽ اوهان به راضي سائين جا طالب آهيو پنهنجو مرشد ساڳيو آهي. اسان رڳو ان جي امر تحت حق جي راهه ڏيکاري ۽ ٻڌائي رهيا آهيون ۽ جيستائين مالڪ کي منظور آهي ته پنهنجو فرض نڀائيندا رهندا سون" واضع رهي ته سرڪار راضي سائين جن پنهنجي ظاهري زندگي ۾ سرڪار بابا نماڻي سائين کي سند ۾ طالبن ڪرڻ جي اجازت ۽ خلافت عطا فرمائي ۽ لاهور ۾ سائين خيال الله سائين جن کي اهڙي شرف سان نوازيو.

## حالاتُ واقعات

صحيح بخاري ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته " رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جو ارشاد آهي ته جيڪو منهنجي ولي سان عداوت ڪري ٿو ان سان اعلان جنگ ڪيان ٿو ۽ جن اعمالن جي ذريعي منهنجو بندو منهنجو قرب چاهي ٿو ان مان سڀ کان زياده منهنجي نزديڪ اهي عبادتون آهن جيڪي مون انهن جي مٿان فرض ڪيون آهن ۽ هميشه منهنجو بندو نوافل جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي ايتري تائين جو آءُ ان کي محبوب بڻائي ونان ٿو ۽ جڏهن محبوب بڻائي ونان ٿو ته مان ان جا ڪن بڻجي پوان ٿو جنهن سان هو ٻڌي ٿو ان جي اک بڻجي پوان ٿو جنهن سان هو ڏسي ٿو ان جا هٿ ٿي پوان ٿو جنهن سان هو پڪڙي ٿو ان جا پير بڻجي پوان ٿو جنهن سان هو هلي ٿو ۽ اگر هو مون کان سوال ڪري ٿو ته مان ڏيان ٿو ۽ اگر هو پناه گهري ٿو ته مان پناه ڏيان ٿو" الله تبارڪ وتعاليٰ جنهن جنهن هستي کي پنهنجي مقربين ۾ پسند فرمائي ٿو ته ان جي حفاظت پڻ فرمائي ٿو حضرت بابا نماڻو سائين جي ذات پڻ هڪ نڊر بيباڪ اٽر سختگير بهادر بيريا ۽ سچار هئي سندس بهادري جا قصا پڻ مشهور آهن مگر ظاهري روپ ڪجھ به هوندي باطن ۾ باخدا هئا همدرد

هڏوڪي مددگار ۽ محبت ڪرڻ واري شخصيت جا مالڪ هئا. پنهنجي ظاهري زندگي جو روپ سندس اميراڻو رهيو تمام صاف سٿرو رهڻ سهڻ، خوش مزاج، خوش پوشاڪ رهيا، سدائين بهادر ۽ اٽڪر ماڻهن سان سنگت و صحبت رهي. ٻچپن کان ئي هادي پاڪ راضي سائين جن جي محبت دل ۾ جا گزين رهي گهوٽڪي ۽ چڪ شهباز پور ۾ رهائش دوران سدائين ساڻ رهيو پهلواني جو دور به گڏ گذريو. هادي پاڪ راضي سائين جن جڏهن هن علائقي کي خير آباد چئي پنهنجي مرشد ڪامل جي تلاش ۾ اڄاتل ماڳ روانا ٿيا ته پنيان رحمدل سائين جن ۽ بابا نماڻو سائين جن ساڻ رهيا، رحمدل سائين جن ڪڏهن مير پورخاص ته ڪڏهن چڪ شهباز پور ۾ رهندا رهيا، مگر بابا نماڻو سائين جن پنهنجي گهر ڌڻي ٻاري جي ڏنڊي سان لڳا رهيا. ان سان گڏوگڏ فقراءَ جي ميلن، پروگرامن ۾ پڻ شريڪ ٿيندا رهيا جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪا آهيون. جڏهن هادي پاڪ مرشد مرّبي سائين راضي سائين جن سان ملاقات ٿي ۽ سندن دست بيعت ٿيا ته زندگي ۾ هڪ وڏي تبديلي رونما ٿي تمام تعلوقات ترڪ ڪري صرف ئي صرف مالڪ جي اسم سان لنئون لائي آستاني تي مالڪ جي ڊيوٽي سان لڳي ويا ۽ گذر سفر جو اونو لاهي مالڪ ڪريم کي رازق مطلق سمجهي ويهي رهيا. سندس فرزندانِ ارجمندان پڻ فصل پوکڻ جي ڏنڊي يعني هاريءَ جي ذميواري پڻ پنهنجي ڪلهن تي کڻي ورتي تنهن هوندي به سائين پاڪ بابا نماڻو سائين جن رهڪي ۾ سدائين هٿ ونڊائيندا رهيا، آستاني جي جهاڙو مٽي رياضت وغيره سڀ پنهنجي مبارڪ هٿن سان پاڻ ڪندا رهيا.

ان دوران پاڻ ڳوٺ مان ماني وٺڻ پڻ ترڪ ڪري ڇڏي ۽ ٻارن جي درس و تدريس به والد صاحب جي هجڻ تائين جاري رهي پوءِ اهو سلسلو به ختم ٿي ويو پاڻ مسڪيني کي تونگري ۽ اميري تي ترجيع ڏني آخر ۾ اهو عالم رهيو ته گهر ۾ تيار ٿيندڙ سمورو ننگر آستاني عاليه تي آندو ويندو هو اگر ان مان ڪو ننگر بچي ها ته گهر ۾ ننگر ٿي ها ورنه گهر ڀاتي فاقه جي حالت ۾ سمهي رهن ها اهو سلسلو ڪافي عرصي تائين هلندو رهيو ليڪن ڪنهن هڪ اڌ همراز محسن رازدان کان علاوه ڪنهن کي به ڪل نه هئي پاڻ سدائين صبر ۽ شڪر جي عالم ۾ رهيا ڪنهن جي آڏو به پنهنجي دک درد جي روئيداد نه بيان ڪئي ڪڏهن به چهري تان ذک اداسي ۽ مايوسي جو ڪوبه آثار ظاهر نه ٿيو سدائين چهرو منور ۽ نورانيت سان ڀرپور رهندو هو.

سائين پاڪ حضرت بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي رشد و هدايت ۽ محبت و صحبت جو سلسلو سدائين جاري رهندو هو مالڪ ڪريمن وٽ سواءِ وحدانيت، پيار پريت، هيڪڙائي جي ٻيو ڪوبه موضوع نه هلندو هو ڪنهن به بيهوده، فهش ڳالهه يا مذاق کي بلڪل پسند نه فرمائيندا هئا. اگر چند دوستن کي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ڏسندا هئا ته انهن مان ڪنهن هڪ کي سڏي دريافت فرمائيندا هئا ته ڪهڙي ڪچهري هلي رهي هئي اگر الله رسول پنجتن پاڪ جي صحبت هوندي هئي ته ڏاڍو خوش ٿيندا هئا اگر ڪا دنياداري جي ڪچهري هجي ها ته پاڻ ناراضگي جو اظهار فرمائيندي اڪثر چوندا هئا ته اهڙي بيهوده ڳالهائڻ کان خاموش ويهي نتا سگهو. پاڻ ڪنهن به ظاهري ڏيک ويک، روپ رنگ شهرت کي پسند نه فرمائيندا هئا دوران ڪچهري طالب فقراءَ يا احباب سان رلي ملي ويهندا هئا جيئن نئين ايندڙ ماڻهو کي محسوس نه ٿئي ته ڪير طالب ۽ ڪير مطلوب آهي يا ڪنهن سفر دوران پاڻ سڀ جي اڳيان هلڻ کي بنهه پسند نه فرمائيندا هئا ڪجهه دوست اڳيان ۽ پنيان هوندا هئن دوستانا ماحول ۾ هلندا

Gul Hayat Institute

هئا ايئن محسوس ٿيندو هو تہ دوست گڏجي گهمي رهيا آهن.

سندن ميل جول تہ اهڙو شفيقانا ۽ محبت وارو هيو جو جيڪر هڪ ڀيرو ملاقات ٿي تہ هو بار بار ملڻ لاءِ ديوانو هوندو هو. ايتري محبت ۽ پيار ملندو ۽ پنهجائپ هوندي تہ ڪنهن کي محسوس نہ ٿيندو ته ڪنهن رند فقير سان ملي رهيو آهيان مگر ايئن محسوس ٿيندو تہ ڪنهن محسن همراز پرين پياري سان ملاقات ٿي آهي ايڏي نفي عاجزي انڪساري ۽ هيٺائين هوندي جو ڪيڏو بہ ڪٺور دل انسان پگهرجي پاڻي ٿي پوندو- سندن آستاني عاليہ تي هميشہ سالڪ, مست, مجذوب راهي مسافر فقراءَ جي ڪثرت هوندي هئي مسڪينن سان تہ حد درجي جي محبت هوندي هين مجذوب ابدال فقراءَ کي ترڻ ڪرائڻ انهن جا ڪپڙا ڌوئڻ انهن جي سنت سيرب تائين پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ انهن جي نظر ۾ سواءِ مالڪ ڪريم جي ذات جي ٻي ڪا بہ صورت نہ هئي تنهنڪري پاڻ بنا ڪنهن ذات پات رنگ نسل مذهبن جي في سبيل الله شيوا خدمت ڪرڻ فرمائيندا هئا ڪيترائي مست سالها سال ميخاني تي رهيل هوندا هئا جيڪو سلسلو اڄ تائين قائم آهي. سندن آستاني عاليہ تي هندو مسلم سک وغيره هر مذهب جا ماڻهو ايندا رهندا هئا سندن طالبن ۾ بہ ڪافي فقراءَ هندو آهن. پاڻ اڪثر فرمائيندا هئا تہ هادي پاڪ جن اسان کي مذهبن جي ڦندي مان ڪڍي هيڪڙائي جو درس ڏنو اوچ نيچ, رنگ نسل ذات مذاهب ٻولي قوم قبيلي جي لوڙهن کان آجو ڪري ديدارِ يار جي اعليٰ نعمت سان نوازيو هاڻ اسان سواءِ يار ٻيو ڪجھ بہ نٿا ڏسون يار ئي يار آهي, هر جا يار جو ئي اظهار آهي هي هادي ڪريم جو قرب ڪمال ازلي عنايت آهي جنهن هڪ بندي کي فنا مان فيض ڏيئي بقا البقاءَ عطا ڪيو.

هادي پاڪ بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن ميخاني جي صفائي ۽ سينگار تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندا هئا هميشہ صبح شام جهاڙو متي, پاڻي جو ڇڻڪو ڇتن ديوارن جي صفائي حتانڪ ٻُڙهن تڏن کي پڻ آلي ڪپڙي سان صاف ڪيو ويندو هو پاڻ گل گلزاري جا بيحد شوقين هئا سندن آستانو هر وقت موسمي ۽ سدا بهار گلن سان مهڪندو رهندو رهيو ۽ اڄ تائين مهڪندو رهي ٿو.

فقير جي زندگي هميشہ درد هجر فراق سوز جو بي بها خزانو هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ فقير کي سوغات ئي درد ملندو آهي جيئن هادي پاڪ راضي سائين جن فرمائن ٿا تہ درد دلبر مل گيا يہ هئا فاعدا مجهي. تنهنڪري هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن جي زندگي بہ درد جو نادر نمونو هئي ڀٽائي گهوٽ جن فرمائن تہ

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذري
تہ لڳي ماڻ مرن کي، هوند ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري، هوند اوير ايري ڪينڪي

اگر سائين پاڪ جي مڪمل حالات و واقعات جي تفصيل ۾ وڃبو تہ پوريون زندگيون گهرجن تہ بہ فقير جي مڪمل حال کي لکت ۾ آڻي ڪو نہ سگهبو ڇاڪاڻ تہ فقير جي هر ساعت هڪ الڳ حال ۾ هوندي آهي هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن اڪثر پنهنجي صحبت ۾ فرمائيندا هئا تہ فقير چوويهن ڪلاڪن ۾ بهتر هزار خيالن مان گذري ٿو تنهنڪري اسين ڪجھ ظاهري حالات واقعات ۽ ڪرامات جو ذڪر ڪنداسون جيڪي پاڻ مالڪن پنهنجي زباني ٻڌايا يا مختلف پيرپائن کان موصول ٿيا يا ذاتي اسان سان ٿيا سي بہ ڪافي مقدار ۾ آهن تنهنڪري مواد جي وصعت سبب تمام قليل ذڪر

كنداسون ڇو تہ فقير بذاتِخود سراپا ڪرامات هوندو آهي ۽ ڪرامتون فقير جون محتاج هونديون آهن تنهنڪري آءُ پنهنجي محسن پير پائن کان معذرت خواه آهيان اگر ڪنهن جو ذڪر نہ اچي سگهي تہ خدارا هادي جي صدقي مون کي معاف فرمائن ڇاڪاڻ تہ هي سمورو ڪم مالڪن جي رضا ۽ منشا مطابق ٿي رهيو آهي ۽ آءُ هڪ منشي طور سامهون قلم هلائي رهيو آهيان هي عاجز بندو پنهنجي دائراءِ اختيار ۾ ڪجهہ نٿو ڪري ڪلي ڪارساز منهنجو مالڪ ڪريم آهي جنهن جي امر جي طابع هي پوري دنيا هلي رهي آهي هادي پاڪ جا لکين ڪروڙين بي انتها احسان آهن جيڪو هن نالائق کي نوازي هي سمورو ڪم وٺي رهيو آهي.

هادي پاڪ فرمائن ٿا تہ فقير طالب کي درد فراق هجر سوز ۽ عشق جي ٻني مان گذاري ڪندن بڻائي ڇڏيندو آهي جڏهن اسان هن دور مان گذري رهيا هئاسون تہ مالڪ ڪريم جن دم قدم شاملِ حال رهيا. هڪ ڀيري اسان ڪشمور ۾ بس ۾ چڙهي گهوٽڪي لاءِ روانا ٿيڻ واراهئاسون تہ مون ڏنو تہ "سائين پاڪ هادي راضي سائين جن گداگر جي روپ ۾ اچي رهيا آهن جڏهن هن سامهون اچي سدا هنئين تہ اهو فقير بئي روپ ۾ هيو ليڪن آءُ جيڪي ڪجهہ هيو آءُ فقير کي ڏيئي ڇڏيو هٿين خالي صفن صفا سودو بس ۾ ويٺو رهيس ارادو اهو هيو تہ بس واري اگر ڪرايو گهريو تہ ان کي سچي ڳالهہ ڪبي پيادل گهوٽڪي وڃبو مگر ڪنهن کي سوال نہ ڪبو ليڪن بس واري ڪشمور کان گهوٽڪي اچڻ تائين ڪرايو نہ گهريو" سائينجن هڪ لڳا ذڪر ڪيو تہ "هوبهو اهڙو هڪ ٻيو واقعو پنوعاقل بس ۾ پڻ ٿيو ساڳي حال مطابق اسان پنهنجو سمورو حال سارو فقير جي ڪشتي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ هٿين خالي آستاني تي خير خوبي سان پهچي وياسون"

سائين پاڪ هادي شهنشاهہ بابا نماڻو سائين جن فرمائيندا هئا تہ فقير مالڪ هوندو آهي مگر ذڪر واري زبان بہ ڪُن برابر هوندي آهي. "زي زبان ذڪر والي ڪُن برابر جو آکين سو ٿيوي" هڪ واقعو آهي تہ سائين پاڪ جن پنهنجي عزيز و اقارب ۾ مهمان ٿي ويا انهن مان هڪ عورت بار بار حجت واري انداز ۾ سائين جن سان گستاخي پئي ڪري، پاڻ مالڪ فرمائيندا هئا تہ آءُ وڏي برداشت ڪئي پر بيساختہ نڪري ويو تہ "مائي چري آن ڇا تہ هو ان وقت چري ٿي پئي" پاڻ فرمائيندا هئا تہ پوءِ مون تڪڙ ڪري ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. عفو درگذري ۽ برداشت جو اهو عالم هيو جو سندن طالب اڪبر علي لاشاري ويٺل اسلام خان لاشاري ٻڌائي ٿو تہ "هڪ ڀيرو بابا سائين سان فقير شينهن سائين گڏ هجي پاڪ سعودي فيڪٽري آيا جتي آءُ ۽ سندن ٻيو طالب منظوراحمد لاهوري رهندا هئاسون سائين پاڪ جن مسو واهہ جي پل تي اچي هڪ ڇپري نما هوٽل ۾ ويهي رهيا مون ڏانهن پيغام آيو آءُ جلدي اچي مالڪن سان مليس مونکي امر ٿيو تہ وڃي منظور سائين کي وٺي اچان، جڏهن آءُ منظور سائين جي ڪوارٽر تي ويس تہ اندران ان جي گهرواري ڳالهايو آءُ روئيداد ٻڌائي تہ سائين وارا آيل آهن هن ٻڌايو تہ منظور سائين گهر ۾ نہ آهي اسان اچي سائين پاڪ جن کي ٻڌايو ليڪن مالڪ هوٽل تي ئي ويٺا رهيا ڪافي دير کان پوءِ اسان ڏٺو تہ منظور سائين پنهنجي گهران نڪري اسان ڏانهن موٽرسائيڪل تي اچي رهيو آهي اسين روڊ جي هن طرف هئاسون ۽ هو ٻي طرف هيو هن اسان کي ڏٺو اسان هن کي ڏٺو مگر هو اسان ڏانهن اچڻ بدران ميرپور ماٿيلو هليو ويو سائين پاڪ جن ڏسندا رهيا اتي فقير شينهن سائين تمام-جلال ۾ اچي ڳالهائڻ لڳو سائينجن جي پير پائي هجڻ جي ناتي تمام گرمي ڏيکارڻ لڳو ليڪن سائين جن مرڪندي

حضرت سخي سلطان باهو رحمت الله عليه فرمائن ٿا ته

”مرشد ڪامل ايجها هووي جيڪو ڌوٻي وانگون ستي هُو
وچ نگاهه دي پاڪ رکي تي صابڻ تيل نه گهتي هُو.
سوان ڪوهان تي طالب وسدا وچ نگاه دي رکي هُو.

سو فقير هادي شهنشاهه مرشد ڪامل پڻ ايئن ئي پنهنجي طالبن کي هر حال ۾ نگاهه ۾ رکندو آهي اهڙو بيان سائين پاڪ جا مڪمل طالب مختلف روئيداد سان بيان ڪندا آهن جن مان ڪجهه پيش ڪنداسون. علي نواز سائين منگي ويٺل ڳوٺ سائينڏنو گهوٽو بيان ڪري ٿو ته نوراني سائين جي محبت ۽ صحبت سان ميخاني تي آيس فقر جي حقيقت حال ڪان اڻ واقف ڪجهه وقت ڪان پوءِ مالڪن جو طالب ٿيس اسان جو ڪم ٻني ٻارو فصل جو ڪم ڪندا هئاسون هڪ دفعو آءُ زمين ۾ ڪم ڪري رهيو هوس ته ڪمند مان هڪ نوجوان ڇوڪري نڪري مونکي سڏ ڪيو ته مونکي گاهه ڪٽائي ڏيو آءُ ان جي چوڻ تي ان ڏانهن هليو ويس ڇوڪري اڳيان ڪمند ۾ هلندي رهي ته هتي گاهه هيو هتي هيو ڪاڏي ويو ۽ هن جي نگاهه مون ڏني ته هن جي نيت خراب هئي آءُ به نوجوان هيس ۽ ارادو منهنجو به خراب ٿيڻ لڳو جيئن ئي ان جي اسرار تي آءُ ان ڏانهن وڌڻ جو ارادو ڪيوئي مس ڏٺو ته ٻني تي سامهون سائينجن بينا آهن مون پشيماني جي عالم ۾ ٻاهر ڊوڙ پاتي ته پنيان ڇوڪري مونکي ڪپڙن ڪان ڇڪيو جيڪي ڦاٽي پيا. جڏهن ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ آءُ آستاني تي آيس ته سائين پاڪ جن فرمايو ته علي نواز سائين توهان پلا موجود نٿا سمجهو ڇا؟ مون عرض ڪيو ته قبلا معافي ملي آءُ ڀلجي ويو هوس انشاءَ الله ايئن نه ٿيندو“

مرشد ڪامل هميشه ئي پنهنجي طالبن، مجڻ وارن ۽ محبت ڪرڻ وارن جي سڏ تي هر حال ۾ هر جڳهه هر مقام تي پهچندا آهن چاهي اهو سڏڻ وارو اعليٰ آهي يا چاهي ادنيٰ، مرحوم دلنواز سائين ڪنيڙو ويٺل ٿيڻي ڪنيڙا رحيم يار خان سائين پاڪ جن جو ديوانو طالب هو هن جا امائيتا ياءُ ديرا غازي خان جي علائقي ۾ رهندا آهن هن جو انهن وٽ تقريبن اچڻ وڃڻ رهندو هو مرحوم جواني ۾ ئي الله تعاليٰ کي پيارو ٿي ويو هي واقعو ان جو امائيتو ياءُ نور احمد چانڊيو جيڪو منهنجو ڀيرين واقف هيو سو مونکي دلنواز سائين جي قل خواني تي ٻڌائي ٿو ته ”ته دلنواز سائين اسان وٽ گهر ۾ اڪثر سائين پاڪ بابا نماڻو سائين جو ذڪر ڪندو رهندو هو هڪ ڏينهن منهنجي گهرواريءَ دلنواز کي چيو ته ادا مون کي ڪڏهن تون پنهنجي مرشد جو ديدار ڪرائي تنهن تي دلنواز چيو ته ياپي جنهن مهل چوين، هتي يا هُتي هلي ديدار ڪيون. تنهن تي منهنجي گهرواريءَ انهي مهل ئي دلنواز کي چيو ته هائو تون هتي مونکي ديدار ڪرايو پر جڏهن مان رحيم يار اچان ته پوءِ گهوٽڪي هلنداسون شام جو ٽائيم هو ننگر پاڻي سڀ ڪري وينا هئاسون ٿورڙي دير ئي نه گذري ته دلنواز منهنجي گهرواريءَ کي چيو ته ياپي جلدي ڪر ديڳڙو چانورن جو پڪائي. تنهن تي منهنجي گهرواريءَ چيو ته ادا هاڻي ئي ننگر ڪري وينا آهيون هاڻي ڪير ڪائيندو ليڪن هن چيو ته هاڻي جو هاڻي پڪايو چانور پڪي ويا ڪجهه ٻارن ڪاڌا باقي دلنواز چيو ته ديڳڙو پريل ڪٽي ڪمري جي روشندان ۾ رکي ڇڏيو ايئن ڪيو ويو سياري جي رات هئي هر ڪو پنهنجي بسترن ۾ سمهي رهيو نور احمد چئي ٿو ته آءُ وڃين ٻاهر اوطاق تي سمهي رهيس. صبح تهجد جو ٽائيم هيو ته دلنواز اوطاق تي آيو مان به جاڳي پيس ايتري ۾ منهنجي گهرواري به آئي مون هنن کان پڇيو

خير تہ آهي هن مهل تنهن تي مونکي پنهنجي گهرواريءَ ٻڌايو تہ دلنواز جو مرشد رات پنهنجي گهر آيو هيو مون حيرت ۾ پڇيو تہ اهو ڪيئن توهان مونکي نہ ٻڌايو تنهن تي هن چيو تہ مون کي ننڊ اچي ويئي ها ڏسان ٿي تہ پيجارو وڏي گاڏي آهي جيڪا اچي پنهنجي اوطاق تي بريڪ ڏنو آهي هارن تي دلنواز ۽ پاڻ سڀ گهر ڀاتي نڪري هليا آهيون ڇهہ ماڻهو سوار آهن سائين پاڪ جن اڳين سيٽ تي ويٺل آهن پنيان پنهنجوهڪ واقف عبدالجبار سائين باقي چار اڻواقف ماڻهو آهن دلنواز جلدي وڃي گاڏي جو دروازو کوليو سائين پاڪ نفيس حالت ۾ تمام آهستگي سان گاڏي مان لٿا تہ دلنواز کي چيائون تہ دلنواز سائين هاڻي تمام پوڙها ٿي ويا آهيون ايترو جلدي اسان کي نہ گهرائيندا ڪيو. سڀ فقراءَ گهر هلي ويٺا آهن سائين پاڪ جن توکي چيو تہ حقو ٺاهي ڪٽي اچو تون حقو ٺاهي ڪٽي آيو آهين مگر سائين جن حقو ڇڪيو نہ آهي ننگر ڪيو ويو ۽ پوءِ هينئر ئي واپس گاڏي ۾ چڙهي روانا ٿيا آهن گاڏي ۾ ويهندي فرمايائون تہ مائي هاڻي تہ راضي آهين. تہ مونکي جاڳ ٿي ويئي آهي مون دلنواز کي اٿاري ٻڌايو آهي ۽ هاڻي توکي ٻڌائڻ آيا آهيون"

ڳوٺ اسلام خان لاشاري ۾ سائين پاڪ جن هڪ فقير علم الدين سائين رهندو آهي جيڪو ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ايڪسيويٽر جو ڊرائيور پڻ آهي پاڻ سائين پاڪ جا الائي ڪيترا واقعا بيان ڪري ٿو ليڪن طالبن جي ويساهہ لاءِهڪ واقعو بيان ڪنداسون تہ علم الدين سائين ٻڌائي ٿو تہ "اسان هڪ جانور درندا وحشي ڍور هئاسون اسان کي انسانيت جي ڪابہ خبر نہ هئي بابي سائين اسان کي ڍورن مان ڪڍي انسان بڻايو آهي هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ ليبر ۾ هر قسم جا ماڻهو هوندا آهن آءُ سائين پاڪ جو طالب بہ هوس ليڪن اڻڄاڻ جاهل سو منهنجو هڪ ڇوڪري سان پيار ٿي ويو جاهل ڇٽ سدائين شيطان سوار سو مونکان هڪ اهڙو ڪُڌو ڪم ٿي ويو جيڪو مان بيان نٿو ڪري سگهان ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آءُ گهر موٽي آيس مان شام جو گهر پهتس ۽ صبح جو سوير سائين پاڪ جن مون وٽ گهر آيا ۽ فرمائڻ لڳا تہ علم دين سائين اسان اڄ ڀيريون ۽ آخري دفعو توکي سمجهائڻ ۽ روڪڻ آيا آهيون هن ڀيري توکي معافي آهي ۽ ٻئي ڀيري نہ سمجهائبوئي ۽ نہ رياعت ٿيندائي مون پيرن تي ڪري معافي ورتي ۽ هادي پاڪ جن هميشہ لاءِ آجو ڪري ڇڏيو"

فقير ڪامل جي نگاهہ هميشہ طالبن جي سر تي رهندي آهي هو ڪڏهن پنهنجي مڃڻ وارن کي اڪيلو نہ ڇڏيندا آهن آءُ عبدالجبار سائين ڊسمبر 1993 ۾ شادي ڪئي شادي کان ڪجهہ مهينا پوءِ منهنجي گهر واريءَ کي معدي جو اهڙو اچي درد پيو جو روزانو ٻہ ڊاڪٽر بدلائڻا پون پيا ڪوبہ افاقو نہ ٿئي صبح شام ڊريون انجيڪشن ليڪن مرض وڌندو وڃي ڪجهہ ڏينهن انهي اٿنا ۾ گذري ويا تہ هڪ ڏينهن اوچتو سائين پاڪ جن اوٻاوڙو تشريف وٺي آيا ۽ اسان کي فرمايائون تہ عبدالجبارسائين مشتاق سائين وٽ ڪمون شهيد هلندا سون مون عرض ڪيو تہ حضور آءُ شام جو واپس اينڌس ڇاڪاڻ تہ منهنجي گهر واريءَ کي ڏاڍي تڪليف آهي پاڻ فرمايائون تہ ٺيڪ آهي توهان موٽي اچجو اسان مالڪن سان مشتاق سائين جي ميخاني تي هليا وياسون سائينجن سان محبت صحبت ٿيندي رهي شام عصر جو ٽائيم ٿيو تہ مون واپسي جي تياري ڪئي تيار ٿي مالڪن جي آڏو اجازت جي ارادي سان خاموش ٿي ويهي رهيس پاڻ فرمايائون تہ عبدالجبار سائين سودو ڪيو ٿا مون عرض ڪيو تہ قبلہ سودو! پاڻ فرمايائون تہ رات رهي پئو تنهنجي گهر خير ٿي ويندو مون عرض ڪيوسرڪار اوهان جو امر سر اکين

Gul Hayat Institute

تي آءُ ويٺو آهيان جڏهن صبح جو آءُ گهر پهتس تہ گهران خبر پئي تہ ڪلھ عصر کان پوءِ ڪوبہ درد نہ آهي ۽ ساڳيو معدي جو درد وري هادي پاڪ جي نگاھ ڪرم سان اڄ تائين نہ ٿيو آهي“

هڪ ٻيو واقعو مون کي هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن هڪ ڏينهن فرمايو تہ ”عبدالجبار سائين جمعرات اڄجو صبح جو پاڻ رحيم يار خان دلنواز سائين ڏانهن هلنداسون اسان مقرر جمعرات سائين پاڪ جن جي ميخاني تي پهتاسين غالبن 1998,1999 جو واقعو آهي آءُ تنهن وقت اڃان ڳوٺ صالح ڏهر ۾ ويٺو هوس تہ شام جو اتر طرف کان زبردست ڳاڙهو طوفان اوچتو اچي ويو آءُ سائين پاڪ جن وٽ ويٺو هوس ٿورڙي دير پهريان ننگر خاني ۾ چانھ ناهي ويئي هئي سا باھ اڃان ٻري رهي هئي مون کي خيال آيو تہ وڃي باھ کي وسائي اچان ڇو جو ڪکائون ننگر خانو هيو ڪجھ بہ ٿي پئي سگهيو جڏهن آءُ ننگر خاني پهتس تہ باھ پهرين ئي ڪنهن فقير اجهائي ڇڏي هئي ليڪن ايتري ۾ ايڏي اونداهائي ٿي ويئي جو آءُ ديوارن کي وٺي سائين پاڪ جن وٽ پهتس پاڻ حقو پي رهيا هئا حقي جو ڦل بغير ڏول جي وڏي مچ وانگر ٻري رهيو هو تہ اوچتو سائين پاڪ جن فرمايو تہ خير، خير خير . ٽي دفعا خير جو لفظ سائين جن جي منهن مان نڪتو مون پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو تہ اڄ ڪنهن ياءُ تي مصيبت هئي پر الله ڪريم خير فرمائي آهي ليڪن مون کي پنهنجو طرف ڪو خيال نہ رهيو ايترو طوفان خطرناڪ هيو جو هزارين وڻ ٽڻ ٻوٽا ڪري پيا ۽ بجلي جون لائنن جون لائنون پول ڪري پيا صبح جو اسان رحيم يار خان هليا وياسون ٽن ڏينهن کان پوءِ واپس آياسون جڏهن اوباوڙو ۾ پهتاسون تہ مالڪن فرمايو تہ عبدالجبار سائين اسان اڪيلا گهوٽڪي وڃون ٿا اوهان گهر هليا وڃو آءُ سائين پاڪ جن کان موڪلائي جڏهن ڳوٺ واري بس ۾ چڙهي گهر روانو ٿيس ڳوٺ کي ويجهو پهچي ڇا ڏسان تہ منهنجي گهر ۾ جيڪي وڻ هئا سو هڪ بہ نہ آهي گهر ويران لڳو پيو آهي جڏهن آءُ گهر پهتس تہ سمورا ٻار پاٽيجا ڏيڻر وغيره سڀ ٻار روئڻ شروع ٿي ويا ابُو اسان مئا هئاسون، ماما اسان مئا هئاسون. مون ڇيو تہ بابا مون کي خبر پئي پر آءُ سمجهي نہ سگهيس مون اها مصيبت ڪنهن ٻي تي پئي سمجهي جوانن مهرباني ڪئي آهي جو خير ٿي ويو آهي منهنجي گهر جي اڱڻ ۾ هڪ وڏي نم هئي جنهن جي هڪ سائيڊ لڙھ هينان منهنجو ڪمرو ۽ ٻي سائيڊ ٻي لڙھ هينان اديءَ وارن جو بورچيخانو هئا منهنجا ٻار ڪمري ۾ منهنجي اديءَ ٻارن سوڌو بورچيخاني ۾ ويٺل هئا اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ طوفان ۾ وڻ رڳو زمين تي ڪري پوندا آهن ۽ انهن جون پاڙون زمين ۾ ڪتل هونديون آهن اگرهي نم صرف ڪري پئي تہ ڪمرو ۽ بورچيخانو ٻئي ڪرن ۽ هيٺيان سمورا ٻار دٻجي وڃن پر الله ڪريم جو ڪرم ۽ مالڪن جي نگاھ جي مهر اها ٿي تہ نم پاڙان نڪري ڪم ازڪم پنج فٽ اڳتي اڏري بعد ۾ زمين تي ڪري جنهن ۾ ٻئي گهر وڏي نقصان کان مرشد هادي جي دعا سان بچي ويا، سائين پاڪ پنهنجي نگاھ ڪرم ڪري وڏو احسان ڪيو“

پرويز احمد سائين آرائين ويٺل گهوٽڪي ظاهر ۾ طالب تہ فقير هادي سرڪار رحمدل سائين جن جا آهن پر بابا سائين جن کي بہ مرشد واري نگاھ سان ڏسندا آهن ۽ سائين پاڪ جن بہ طالبن کان وڌيڪ محبت ڪندا هئا آخري دم تائين حالتِ بيماري ۾ پڻ سائين پاڪ جن پرويز سائين وٽ گهر يا گريج تي ويندا رهندا هئا پاڻ سائينجن جي خاص قربت ۽ پيار هيٺ رهيا رائو محمد شاڪر سائين ۽ پرويز احمد سائين هميشہ گهر ۾ هجڻ جي صورت ۾ اڪثر رات جو ٻہ بجي کان چار بجي جي درميان روزانو ميخاني تي پهچي ويندا هئا هاڻ جڏهن شاڪر سائين شفٽ تي پنوعاقل هليا ويا آهن پر پرويز

جا لکين شڪر ڪروڙين احسان جو اوهان پاڪ جڳہ کي ناپاڪي کان بچائي ورتو ورنہ منهنجي حقيقت تہ اها هئي جيڪا ٿي رهي هئي“

رائو محمد شاڪر سائين جن وفا سخا جا پيڪر آهن مالڪ ظاهر باطن بي بها خزاني سان نوازيو آهي. ايتري سائين پاڪ جن جي محبت هئي رائو سائين سان اگرچہ هي جي راز و نياز کي لکجي تہ ہي موضوع لاءِ جڳهہ ئي نٿي بچي تنهنڪري چند مالڪن جا واقعات لکڻ جي جسارت ٿو ڪندس. شاڪر سائين نوي جي ڏهاڪي کان مالڪن جي اجازت سان سکر ٽائون شپ جو پروجيڪٽ ڪٽي سکر ۾ پلاٽنگ ۽ بلڊرز جو ڪم شروع ڪيو جلد ڪم ايترو هليو جو ماڻهن ۾ هن جي شهرت ٿي ويئي اڄ جي دور جي مطابق سچي ماڻهو جا دوست گهٽ ۽ دشمن زيادہ هوندا آهن اهڙي نوبت شاڪر سائين سان بہ ٿي. هڪ ڏينهن شاڪر سائين گهوٽڪي کان سکر هليو ويو گهر ٻڌايائين تہ رات آءٌ سکر ۾ رهندس. جڏهن سکر پنهنجي آفيس پهتو جتي سمورو اسٽاف موجود هيو سلام دعا ڪري آفيس ۾ داخل ٿي يڪدم ٻاهر نڪري ڊرائيور افتخار سائين کي چيائين تہ گاڏي ڦير گهر هلنداسون اسٽاف هڪو ٻڪو ٿي ويو ليڪن ڪنهن بہ ڪجهہ نہ ڪڇيو پاڻ يڪدم گاڏي ۾ چڙهي گهوٽڪي روانو ٿي ويو جڏهن روهڙي بائي پاس تي پهتو تہ شور ڪوٽ کان اچانڪ سيد منظور شاهہ صاحب جي ڪال اچي ويئي هن چيو تہ رائو صاحب ڪٿي آهيو پاڻ فرمايائون تہ روهڙي شاهہ چيو تہ جتي بہ آهيو جلدي ڪيو هنن سورتن سان چار رڪعت نماز نفل ادا ڪيو يڪدم ٽائيم ناهي سو پاڻ تاج پمپ جي مسجد ڏانهن گاڏي لاڙي نماز ادا ڪئي، نماز خاطر فون بند ڪيل جيڪو ہي صبح تائين بند رهيو جڏهن فون آن ڪيو ويو تہ ڪالن ميسيجن جي لائن لڳي ويئي آفيس کان ڪال آئي سائين جي پي اي ڳالهايو تہ سائين ڪٿي آهيو تہ پاڻ چيائون تہ گهر ان شڪر جو ڪلمو پڙهيو ۽ ٻڌايائين تہ سائين ڪالهہ توهان جي نڪرڻ جي فورن بعد هڪ ٿو ڊي گاڏي اچي بريڪ ڏنو جنهن ۾ ڊرائيور کان علاوہ چارئي سفيد برقعا پوش مايون لٿيون لهڻ شرط هنن برقعا لاٿا تہ چارئي هٿيار بند هئا سڌو آفيس ويا جهڙتي ورتي واش روم چيڪ ڪيو ٻاهر نڪري توهان جي تازي ويل گاڏي جي ٽائرن جي نشان ڏانهن اشارو ڪيو ۽ پٺيان روانا ٿي ويا ۽ اوهان جو فون بہ بند ٿي ويو اسان بہ مڪمل تصديق کان سواءِ ڪنهن کي ڪجهہ ٻڌائي بہ نہ پيا سگهون سو ڏاڍي پريشاني مان رات گذري آهي الله پاڪ جو شڪر آهي جو اوهان صحيح سلامت گهر ۾ موجود آهيو جيئن ئي اهڙي حقيقت کان آگاهي ملي تہ يڪدم ٻيهر سيد منظور شاہ صاحب جو فون آيو ۽ چيائين تہ رائو صاحب ڏيو احوال؟ شاڪر سائين ان کي ٻڌل ڳالهہ سموري ٻڌائي جنهن تي هن چيو تہ رائوصاحب اهو ايئن ٿيڻو هيو پر الله تبارڪ و تعاليٰ جو شڪر آهي جو بچاءُ ٿي ويو پر رائو صاحب هڪ ڳالهہ ٻڌو ايئن نہ سمجهجو تہ منهنجي پيسي جي ڪري منظور شاهہ مون سان محبت ڪري ٿو پر تنهنجي مرشد توهان جي حفاظت جي ڊيوٽي اسان جي مٿان رکي آهي اسان فقير جي ڊيوٽي نڀائي رهيا آهيون“

پرويز احمد سائين ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڏينهن آءٌ عادلپور ۾ پنهنجي ٽريڪٽرن جي گيريج تي ويٺو هوس تہ شاڪر سائين جي بيل وڳي شاڪر سائين چيو تہ پرويزسائين جيترا بہ ماڻهو ٿيندا آهن سو ڪٺي جلد از جلد سکر پهچو آءٌ ڊانسن واري کي سڏيو پنهنجا سمورا ڪاريگر شاگرد دوست احباب جيڪو بہ واقف رستي ۾ ملندو ويو سڀ کي ڪٺندو ڪجهہ دير ۾ ئي سکر پهچي ويس مون ڏٺو تہ تمام وڏو پنڊال

Gul Hayat Institute

همت ڪري نوراني سائين جن کي اٿاريو ۽ چيو تہ نوراني سائين سائين پاڪ جن حق تي ويا آهن نوراني اکيون کولي فرمايو تہ شاڪرسائين آرام سان سمهي رهو سائين پاڪ کي اجان گهڻا ڪم ڪرڻا آهن ايئن نہ ويندا ۽ مون سان ڪيل وعدا بہ پورا ناهن ٿيا، پاڻ ہي پاسي ڪروٽ بدلائي سمهي رهيا مون کي عجيب لڳو تہ ڈاڪٽر جواب ڈيئي ويا مشينون بند ٿي ويون ۽ هي چئي ٿو تہ سائين پاڪ نہ ويندا آءُ ان عبرت ۾ رات گذاري ڇڏي جو صبح جي آذان جو ٽائيم ٿيو تہ مولوي صبح جي آذان ڈني آءُ ڈٺو تہ سائين پاڪ جن چرپر ڪري رهيا آهن ۽ ڪپڙو منهن تان لاهيندي فرمايو تہ هتي ڇو آهيون هلو ميخاني تي هلون مون عرض ڪيو جي مالڪ هلون ٿا. ان ڪان پهرين آءُ نوراني سائين کي هڪ دوست جي حيثيت سان ڏسندو هوس ان ڪانپوءِ مرشد جي صورت ۾ ڏسڻ شروع ڪيو“

پويان ڪجھ سال سائين پاڪ بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي طبيعت مسلسل ناساز رهندي هئي، رائو محمد شاڪر سائين ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڀيري مون ڈانهن بلال سائين جن جي اوچتو فون آئي تہ سائين پاڪ جن جي طبيعت خراب ٿي ويئي آهي اسان ايمبولينس ڪاهي يڪدم آستاني تي پهتاسون خبر پئي تہ سائين پاڪ جن گهر ۾ آهن مون ڈٺو تہ نوراني سائين سميت تمام فقراءَ جي چهرن تي اداسي ڇانيل آهي سائين نوراني سائين اسان کي حڪم ڪيو تہ شاڪر سائين توهان بابي ڈانهن گهرهليا وڃو مون عرض ڪيو تہ جي سائين ليڪن خيال آيو تہ پوري پاڙي جا ٻار هوندا وري پردو ڪن سو جڏهن سائين پاڪ جن ميخاني تي اچن تہ پوءِ اسپتال وٺي وڃون ليڪن ڪجھ دير بعد نوراني اسان کي ٻيهر چيو تہ شاڪر سائين توهان بابي سائين ڈانهن گهر وڃواسان گاڏيون ڪهرائي جڏهن آءُ ۽ پرويز سائين گهر پهتاسون تہ ٻارن ۾ روج راڙو متل هو مون پرويز سائين کي چيو تہ بابي سائين جي ڪن ۾ حق موجود چئو ۽ منهنجي لاءِ ٻڌايو پرويز سائين ويجهو ٿي سائين پاڪ جن جي ڪن ۾ حق موجود چيو ۽ ڪين ڪن ۾ ٻڌايو تہ شاڪر سائين آيو آهي تہ پاڻ يڪدم ”سدا موجود چيو ۽ فرمايائون تہ اهڙوجوان سڏي ۽ اسان نہ موٽون“ سائين پاڪ جن جي وجود کي جتي بہ هٿ پئي لڳو تہ ڇڻ جسم ڳري چڪو آهي اسان وڏي احتياط سان سائين جن کي ڪار ۾ ويهاريو ۽ اسپتال ڪٽي هليا وياسون آءُ فڪر ڪندو پئي ويس تہ سائين پاڪ جن کي لاهڻ ۾ تمام تڪليف ٿيندي ڪهڙي نموني لاهجي ايتري ۾ اسپتال پهچي وياسون سائين پاڪ جن سيٽ تي منهنجي سيني تي اهليل هئا جڏهن ڪار جو دروازو کليو تہ سائين پاڪ جن فرمايو تہ سپ پري ٿيو آءُ پاڻ لهندس سائين پاڪ جن گاڏي مان لهي مون سان هٿ هٿ ۾ ڈيئي مون سان گهمندي اسپتال ۾ هلندا رهيا دوائون وغيره وٺي جڏهن ميخاني تي موٽي آياسون تہ سائين نوراني سائين ٻڌايو تہ مرد خدا سائين اسان کي سائين پاڪ جي حق تي وڃڻ جو اطلاع ڈيئي چڪو هو“

## سفر

سائين پاڪ حضرت فقير بابا نماڻو سائين جن فرمائيندا هئا تہ سفر حاصل ڪرڻ يا حاصل ڪرائڻ جو نالو آهي تنهنڪري الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب قرآن مجيد والفرقان حميد ۾ ارشاد فرمائي ٿو تہ ”ڪُل سِيرُو في الارض“ سير ڪيو زمينن جي، حيرت ۽ عبرت حاصل ڪيو. دوران سفر اوهان کي الله تبارڪ و تعاليٰ جون نت نيون قدرت جون نشانيون ملنديون نوان خيال، نوان فڪر،

نئين سوچ، نوان نظارا ۽ قدرت جي ڪاريگري هر وقت نئين انداز ۾ ملندي جو توهان الله پاڪ جي تعريف ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهندو. اهوئي سبب آهي جو اوهان ڪنهن بہ ولي درويش فقير جي حالات کي ڏسندا تہ اهي الله تعاليٰ جي حڪم سان سدائين سفر ۾ رهيا آهن جيستائين مالڪ ڪريم ان کي ڪٿي مقيم نہ ٿو ڪري. حضرت فقير بابا نماڻو سائين جن بہ پنهنجي دور ۾ سفر کي ترجيع ڏيندا هئا. علائقي ۾ ڪٿي بہ فقراءَ جو سُنگ هجي ميلو هجي تہ پاڻ ضرور شرڪت ڪرڻ فرمائيندا هئا پاڻ فقراءَ جي پروگرامن جون تاريخون اڪثر ياد رکندا هئا. مگر هونئن بہ جنهن مهل جنهن سان ملڻ جو خيال ايندو هو تہ بغير ڪنهن اطلاع جي انهن وٽ هليا ويندا هئا مختلف وقتن تي تمام فقراءَ سفر ۾ گڏ سفر ڪري چڪي آهي پاڻ سفر ۾ هڪ بہ طالب ساڻ گڏ رکندا هئا فقراءَ جا ميلا ڪرڻ پوري سُنگ سان ويندا هئا ساڻ گهڻو گڏ سفر ڪرڻ وارن ۾ نوراني سائين، گلاب سائين، عنايت سائين، علي نواز سائين، ڊاڪٽر الاهي بخش سائين، عبدالمجيد سائين نڱڙ محمد بخش سائين سولنگي منير احمد سائين پرويز احمد سائين ديدار علي سائين مشتاق احمد سائين قاضي ۽ هي مسڪين عبدالجبار سائين سدائين سفرن ۾ ساڻ سفر ڪندا هئا مگر ڪوبہ اهڙو طالب فقراءَ نہ آهي جنهن ساڻ سفر نہ ڪيو هجي.

سائين پاڪ حضرت بابا نماڻو سائين جن علائقي جي فقراءَ جا ميلا جنهن ۾ هميشہ شريڪ ٿيندا هئا انهن ۾ محمد سائين جو ميلو حسين ٻيلي، انور شاهہ سائين جو ميلو جهانپور شريف، بيدل بيڪس سائين جو ميلو روهڙي، پاڪ پيرل شاهہ جو ميلو سهڪجي، فدا حسين شاهہ سائين جو ميلو لکي غلام شاهہ، جئي شاهہ بادشاهہ جو ميلو سکر، سائين حسين شاهہ بخاري گهوٽڪي، سائين ستارڏني شاهہ جو ميلو جهانپور شريف، انباهہ شريف جا ميلا، غلام مصطفيٰ سائين جوکيو غمدل سائين جي ورثي طور ميلو ملهائيندو هيو. شينهن فقير گڏاٽي جو ميلو خانپور مهر، غوثل سائين جو ميلو فقير غلام قادر وسير جو ميلو سردار بخش سائين نڱڙ وٽ ميلو فقير فقيرمحمد سائين گهوٽو ڪچو ٻنڌي واري جو ميلو اهي ميلا سائين جن اڪثر ڪرڻ ويندا هئا مگر بيدل سائين جو ميلو ۽ حسين ٻيلي محمد سائين جو ميلو باقاعدگي سان ڪندا هئا حضرت منصور آخر زمان سچل سرمست سائين جو ميلو پاڻ هميشہ لاهور ۾ ڪندا هئا مگر سچل سائين جي درگاهہ تي جنهن ٽائيم بہ خيال ايندو هو تہ هليا ويندا هئا.

ڪجهہ اهڙا پروگرام يا ميلا بہ ٿيندا هئا جن تي باقاعدگي سان نہ بلڪ ڪڏهن ڪڏهن وڃڻ ٿيندو هو انهن ميلن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سائين جو ميلو قلندر شهباز سائين جو ميلو ٻڍل سائين جو ميلو روحل سائين ڪنڊڙي واري جو ميلو نصير فقير جلالاڻي سائين جو ميلو قاضي بابا ڪنڊرا واري جو ميلو قاضي بابا سکر واري جو ميلو سائين نور شاهہ بادشاهہ چوڪ چڍڙ واري جو ميلو غمدل سائين جو ميلو استاد محب سائين ٽالپر شهداد پور واري جو ميلو. هي اهي ميلا آهن جتي سائين پاڪ جن ڪڏهن ڪڏهن شريڪ ٿيندا هئا هڪ پيرو جهوڪ شريف، هڪ پيرو محمد سائين ڪٽياڻ جن تي بہ وڃڻ ٿيو.

حضرت فقير بابا نماڻو سائين جن صحبت ۽ ڪچهري جا ڪوڏيا هئا سدائين وحدت جي وائي زبان تي جاري رهندي هئي پنهنجن صحبتي ۽ محبتي فقراءَ ڏانهن اڪثر ويندا رهندا هئا اهي فقراءَ پڻ ميخاني تي حاضري ڀرائيندا رهندا هئا ڪنڌ ڪوٽ،جيڪب آباد سائينجن جا ڪافي پير ڀائي ۽ دوست احباب پڻ هئا جن وٽ اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو جنهن ۾ غلام مصطفيٰ جوکيو صاحب، لالا عبدالڪريم پٺاڻ، محراب خان ڏهاٽي صاحب، فقير شاهہ ڏنو سائين ۽ عبدالمالڪ سائين بنگوار ۽

پهچي وياسين صبح جو سوير سڀ فقراءَ جنهن ۾ نوراني سائين، رائو محمد شاڪر سائين جان محمد سائين وسير،مولابخش سائين دشتي، ڊرائيور افتخار سائين، علي ڏنو پناڻ، دلصفا سائين، ربنواز سائين بلال احمد سائين، گل سائين، مشتاق احمد سائين آرائين، مشتاق احمد سائين قاضي سبحان الله سائين پرويز احمد سائين ۽ هي مسڪين عبدالجبار سائين، مالڪن سان گڏ سفر ۾ روانا ٿياسون سڀ کان پهرين بيدل سائين جي درگاهہ تي روهڙي شريف آياسون ان کانپوءِ درازا شريف سرڪار سچل سائين جي دربار تي پهتاسون سائين پاڪ جن علم شريف وٽ اچي ويٺا ۽ اسان کي فرمايائون تہ عبدالجبار سائين اندر دربار شريف ۾ هلون ڇا مون عرض ڪيو تہ حضور مالڪ آهيو جيئن اوهان جي منشاءَ پاڻ فرمايائون تہ اسان تہ سچل سائين جا غلام آهيون هو ڏسي پسي ٿو اسان جي حاضري قبول ٿي ويئي آهي پاڻ سڌو اچي گاڏين ۾ ويٺا موري ۾ سپر ڪولاچي هوٽل تي ننگر پاڻي ڪري اچي حضرت فقير محمد سائين ڪتياڻ جي دربار شريف تي پهتاسين سجادهہ نشين ڪنهن ڪم سبب هالا ويل هيو تمام فقراءَ پيار قرب ڏنو ويراڳ پڳتي ڪئي سون فقراءَ وٽ ننگر پاڻي ڪري سڌو جهوڪ شريف روانا ٿياسون سفر ڪندا اچي جهوڪ شريف پهتا سون حضرت صوفي شاهہ عنايت سائين جي درگاهہ جو سلام ڪري ٻاهر اچي ويٺا سون درگاهہ جو ويراڳي فقير سڪندر علي سائين مليو جيڪو گهوٽڪي سائين پاڪ جن جي آستاني تي ايندو رهندو هو تنهن فقراءَ جي خدمت چاڪري ڪئي سائين پاڪ جن محبوب فقير جيهو جي ڪافي تي رات رهڻ جو ارادو ڏيکاريو سڪندر سائين وارن يڪدم هنڌ بسترن جو بندوبست ڪري ورتو ليڪن سائين نوراني سائين ۽ ڪجهہ فقراءَ جي اسرار تي سائين پاڪ جن پٽائي سائين جي درگاهہ تي رهڻ جو پروگرام ٺاهيو اتان موڪلائي سڌو ڀٽ شاهہ تي پهتا سون پٽائي جي درگاهہ جو سلام ڪري ٻاهر پاٿاري هٽي ويهي رهياسون ويراڳ ڪلام هلندا رهيا پوري رات گذارڻ کان پوءِ صبح جو سوير واپسي ڪئي ويئي ۽ سڌو آستاني تي موٽي آياسين.

عبدالمجيد سائين ٽنگڙ ٻڌائي ٿو تہ آءُ ۽ فقير سائين جن فقراءَ سميت چڪ شهبازپور ميلو ڪرڻ وياسون رات جو ميلو ڪري صبح جو تمام فقراءَ موڪلائي رواني ٿي ويئي فقير سائين جن فرمايو تہ عبدالمجيد سائين پاڻ سائين صاحبڏني سائين جي درگاهہ کان ٿيندا فقراءَ سان ملندا پوءِ واپس هلنداسي مون عرض ڪيوتہ جي سائين. اسان موٽر سائيڪل تي چڙهي چڪ شهباز پور کان روانا ٿياسون قدرت سان اسان کي علي مدد سائين ۽ يار محمد سائين بہ ڪونہ مليا صاحبڏني سائين جي درگاهہ تي بہ سائين ٻاهر ويل هئا سو اسان سڌو جهانپور شريف هليا آيا سون. انور سائين جي درگاهہ جو سلام ڪري پاڻ اچي حضور سائين جن جي ويهڻ واري جاءِ جي ٻاهرين دروازي تي هٿ رکي ويهي رهيا سامهون حضور سائين ويٺو هيو اسان بہ ڏٺو ان بہ ڏٺو مگر فقير سائين ملڻ بجاءِ واپس ٿيا مون عرض ڪيو تہ سائين سان ملندا هلون پاڻ فرمايائون تہ حق موجود ٿي ويو سو اسان موٽر تي سوار ٿي واپس روانا ٿياسون ۽ اسان پانڌي سائين جي آستاني تي آيا سي جتي وڻن جا پن پوري ميخاني ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا صفائي بلڪل نہ ٿيل هئي ۽ آستاني تي بہ ڪوئي نہ هيو فقير سائين جن فرمايو تہ ڀيلي فقير جي ميخاني کي ائين ڇڏي نہ هلون جهاڙو ڳول تہ صفائي ڪري پوءِ هلون مون عرض ڪيو تہ سائين توهان ويهي رهو آءُ خود اڪيلي سر ڪري ٿو وٺان پاڻ فرمايائون تہ نہ گڏجي ڪنداسي سو جهاڙو کڻي اسان صفائي شروع ڪئي ڪافي جهاڙو ڪري ويا سون تہ پوءِ پانڌي سائين جو وڏو پٽ آيو جنهن اچي فقير سائين

Gul Hayat Institute

کان جھاڙو ونڻ جي ڪوشش ڪئي پر فقير سائين جھاڙو هن کي نہ ڏنو هو ھيو جھاڙو ڪڍي شروع ٿي ويو جڏھن آستاني جي صفائي ٿي ويئي پوءِ پاڻ ويھي ان فقير سان قرب جي ڪچھري ڪئي پاڻ صفائي وغيرھ تي ڪافي ان کي محبت ۾ ھدايت ڪئي پوءِ ان کان موڪلائي گھوٽڪي روانا ٿياسين موٽر سائيڪل تي ويھندي ئي فقير سائين پاور يعني قدم جي صحبت شروع ڪري ڏني پاڻ فرمائڻ لڳا تہ اگر فقير جو دم قدم ساڳيو ناھي تہ ان جو اھو حال آھي جيڪو توھان ڏٺو اھڙي صحبت ھلندي رھي سفر بہ ھلندو رھيو اسان سرحد شھر کان نڪري ٿورو ٻاھر مس آياسون تہ ھڪ مست گھوٽڪي طرف کان اچي رھيو آھي تہ ساڳي ٽائيم ھڪ ڪار بہ گھوٽڪي طرف کان اچي رھي آھي ۽ اسان گھوٽڪي طرف وڃي رھيا ھئاسون جڏھن ٽيئي يعني مست، اسان ۽ ڪار ھڪٻئي جي سامھون لائن ۾ گڏ ٿياسون تہ مست يڪدم بيھي رھيو تہ منھنجي موٽر سائيڪل کي ۽ ڪار کي يڪدم بريڪ لڳي ويو گاڏيون بند ٿي ويون فقير سائين جن فرمايو تہ عبدالمجيد سائين ان کي پاور سڏجي ٿو. اسان پوري ڪوشش ڪئي مگر ڪار ۽ موٽر اصل بہ نہ چريا ٿوري دير ئي نہ گذري تہ مست ھلڻ شروع ڪيو تہ اسان جون گاڏيون بہ ھلڻ شروع ٿي ويون پوءِ اسان آستاني تي موٽي آيا سون.

اڳ ۾ بہ اظھار ڪري آيا آھيون تہ سائين پاڪ جن تمام فقراءَ پير پائن ۽ طالبن ڏانھن گھڻو ايندا ويندا رھندا ھئا اگر ڪوبہ فقير طالب ڪجھ ڏينھن نہ اچي ھا تہ پاڻ انھي ڏانھن ھليا وڃن ھا اڪثر پاڻ فرمائيندا ھئا تہ ڇاپا مار پوليس اچي ويئي ھڪ ڀيري پاڻ فرمايائون تہ شينھن سائين ڪورائي يارھين شريف تہ نہ پھچي سگھيو اسان صبح جو اٿندي ئي شينھن سائين جي ڳوٺ ھليا وياسون شينھن سائين خير تہ ھيو اوھان يارھين شريف تي ڪونہ آيا پوءِ شينھن سائين پنھنجي حياتي ۾ ڪڏھن بہ يارھين شريف نہ گسائي. اھڙي طرح ڪوبہ پرين پيارو ڪجھ ٽائيم تائين نہ اچي ھا تہ پاڻ خود ھليا وڃن ھا اڪثر ايئن بہ ٿيندو ھو تہ ڪنھن وٽ اوچتو وڃڻ تي پاڻ سبزي وغيرھ بہ ساڻ وٺي ويندا ھئا ھونئن بہ سائين پاڪ جن جو حڪم ھوندو ھو تہ ڪنھن وٽ بہ وڃو تہ خالي ھٿ نہ وڃو ڪابہ شيءَ وٺي وڃو جيڪو خالي ايندو سو خالي ويندو آھي. پاڻ مڪمل حضوري صفت جا مالڪ ھئا حد درجي جو خيال رکڻ وارا ايتري تائين جو سائين پاڪ جن ۽ نوراني سائين جن جي ھٿن تي پڪي داڻو چڳندا ھئا ايتري شفقت ۽ محبت جا مالڪ ھئا جو اگر دورانِ سفر اگر جڳھ جي ڪمي آھي تہ پاڻ گڏ فقراءَ کي پنھنجي جھولي ۾ ويھاري سفر ڪندا ھئا اسان پاڻ ڪافي دفعا سائين پاڪ جن جي امر جي آڏو مجبور ٿي جھولي ۾ ويھي سفر ڪيو آھي ڪائڻ پيئڻ تمام سادو پسند ڪندا ھئا زيادا تر سبزي ۾ ڪاريلا ۽ ٽُري پسند ڪرڻ فرمائيندا ھئا اڪثر فضول خرچي کان منع فرمائيندا ھئا اڪثر ڪري فقراءَ جو خرچو ڀاڙو وغيرھ بہ پاڻ ادا ڪندا ھئا مسڪين فقراءَ جي ھميشہ مالي مدد بہ ڪندا ھئا تمام فقراءَ جي ھر ڏک سک ۾ بہ ظاھر باطن ھر حال ۾ شريڪ ٿيندا ھئا پنھنجي طالبن کي پنھنجي اولاد وانگر پائيندا ھئا.

ھڪ ڀيري شام جو اسان پنھنجي گھر ھئا سين تہ سائين نوراني سائين جن جي ڪال آئي تہ صبحاڻي صبح جو ٽي بجي اسان اوھان کي ڪٽنداسون تيار رھجو تہ خواجہ غلام فريد سائين جي دربار تي ڪوٽ مٺڻ ھلندا سون خوشي ۾ ساري رات ننڊ نہ آئي رات جو ٻہ بجي آءُ سائين نوراني سائين جن کي ڪال ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ اسان گاڏين ۾ ويھي رھيا آھيون توھان تيار رھو ٺيڪ ٽي بجي اسان کي اوٻاوڙو بائي پاس تان مالڪن اچي ڪنيو سائين پاڪ جن ناشتو اسان فقراءَ سميت ديرا موڙ ھوٽل تي

Gul Hayat Institute

وجي ڪيو فقراءَ ۾ سائين پاڪ جن سان گڏ نوراني سائين، محمد شاڪر سائين، پرويز سائين، جان محمد سائين وسير، محمد يامين سائين گهوٽو هي مسڪين عبدالجبار سائين ۽ ٻي ڪافي فقراءَ ساڻ هئي ناشتو ڪرڻ کان پوءِ اسان ڪوٽ مٺڻ شريف حضرت خواجه غلام فريد سائين جي درگاهه تي حاضر ٿياسون درگاهه جو سلام ڪري ٻاهر آياسون سجاده نشين جو معلوم ٿيو ته اهي اتي نه آهن درگاهه جي ڏڪڻ واري سائيڊ کان پاٿاري هٽي ويهي رهيا سون ان ڏينهن تازو داتا صاحب جي دربار تي لاهور ۾ بم ڦاٽو هو تنهنڪري هتي پوليس جي نفري تمام زيادا هئي جنهن زيادا هجوم ۽ ويراڳ ڪرڻ کان منع ڪيو ننگر ۾ ڪجھ ديڳون پڪرائي فقراءَ ۾ ورهايون ويون ڪجھ دير کان پوءِ سائين پاڪ جن واپسي لاءِ روانا ٿيا ۽ سڌو پنهنجي آستاني تي موٽي آياسون. هاڻي سائين پاڪ جن جي پنهنجي مرشد ڏانهن ڪيل پيادل سفر جو ذڪر ڪنداسون.

## امن پور شريف ڏانهن پيادل سفر

عشق ۽ مشڪ لڪندا نه آهن عشق هر حال ۾ نيارو هوندو آهي ۽ پنهنجي هجڻ جو ثبوت پيش ڪندو آهي اهو عشق ئي ته آهي جيڪو هر روپ ۾ نيارا نيارا رنگ پيش ڪندو آهي اهو عشق ئي ته هو جيڪو زليخان جي روپ ۾ سالها سال يوسف لاءِ هجر سهندو رهيو اهو عشق ئي ته هيو جنهن شيرين خاطر فرهاد جي روپ ۾ پهاڙن مان پاڻي جون نهرون وهايون. اهو عشق ئي ته هو جنهن مجنون جي روپ ۾ ولهين وڪوڙيو ۽ ليلا جي در جي ڪتن جا پير چميا. اهو عشق ئي ته هو جو هير جي خاطر رانجهي جي روپ ۾ تخت ۽ شهنشاهي کي ٺڪرايو. اهو عشق ئي ته هو جنهن حضرت بلال حبشي رضي الله عنه جي روپ ۾ برندڙ آڱارن تي محمد الرسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جا نعرا بلند ڪيا. اهو عشق ئي ته هيو جنهن حضرت اويس قرني رضي الله عنه جي روپ ۾ ٻتيهه ڏند ڀڳا. اهو عشق ئي ته هو جنهن منصور جي روپ ۾ دار تي به انا الحق جا نعرا بلند ڪيا. اهو عشق ئي ته هيو جنهن شمس تبريز رحمة الله عليه جي روپ ۾ مرده زنده ڪري ڪل لهرائي. ۽ اهو عشق ئي ته هيو جنهن حضرت امام حسين عليه السلام جي روپ ۾ ڪربلا ملهايو. اهو عشق ئي ته آهي جيڪو هر ميدان ملهائي ٿو. سائين عثمان فقير رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته

عشق اوبڙا، ٻهڻ نه ڏيندا
ٿي گداگر، مست ڪريندا
گلي گلي تان گهمائي هي

جيڪو به هن عشق جي اوبڙ ۾ آيو تنهن کي هر شئي ترڪ ڪرڻي پئي. ان عشق جي آڙاهه جڏهن هادي پاڪ بابا نماڻي سائين جن جي اندر پيڙ ٻاريا ته هُو سڀ ڪجھ ترڪ ڪري ۽ مرشد جي ملڪ امن پور شريف پهچڻ لاءِ پيرين پيادا لاهور روانا ٿي پيا. ۽ ساڻ هڪ فقير دوست ميول فقير موچي جيڪو محمد سائين جو طالب هو گڏ روانو ٿيو. ۽ پاڻ ۾ اها صلاح ڪري روانا ٿيا ته ڪنهن کان به ڪجھ گهرڻو نه آهي جيڪو لنگر نصيب ۾ هوندو سو ضرور ملندو. جيڪو به دوست ڀرين جيڪا به صلاح ڏيندو تنهن تي عمل ڪبو.

هادي پاڪ سرڪار فقير بابا راضي سائين جن فرمائيندا هئا ته "سهيلي سڌائي سا دڪندي کي دڪائي

جا" دنيا ۽ فقر جي هميشہ الٽ چال رهي آهي. دنيا جي دوست جو دستور آهي تہ هو اندر جي ٻرندڙ باھ کي پنهنجي صلاح مشوري وغيرھ سان ٺڏو ڪري ٿو. ليڪن حقيقت جو طالب ٻرندڙ باھ کي پنهنجي صحبت محبت ۽ نگاھِ معرفت سان وڌائي ڇڏي ٿو. ۽ طالب جي ذوق شوق ۽ عشق ۾ اضافو ڪري ٿو. اهڙي ريت هڪڙي ڏينهن فقير هادي بابا نماڻو سائين ۽ ميول فقير سائين، فقير نانڪ سائين سان گهوٽڪي شهر ۾ مليا تہ محبت صحبت ۽ پيار جي ڪچهري ٿي تہ اهڙو موضوع آيو جو نانڪ سائين فرمايو تہ اوهان سڏڙيا آهيو اوهان پيادل لاهور نٿا وڃي سگهو. هوڏانهن نانڪ سائين جي روپ ۾ هدايت ڪرڻي هئي ۽ هيڏانهن عشق جو آڙاھ تہ اڳ ۾ ئي ٻريل هو پاڻ يڪدم نانڪ سائين کي فرمايو تہ نانڪ سائين هينئر ئي وڃبو موٽڻ ميار آهي، ساڻ ميول فقير موچي بہ گڏ تيار ٿي پيو.

نقير هادي بابا نماڻي سائين جي کيسي ۾ جيڪا بہ رقم هئي تنهن جون بہ ٻيڙيون وٺي صفن صفا يار کي حامي و ناصر سمجهي، پاڻ کي مالڪ حقيقي جي حوالي ڪري لاهور شريف روانا ٿي ويا. ميول فقير وٽ هڪ ڪنبل ۽ هڪ ڪرمنڊل ساڻ هئا ۽ فقير بابا نماڻي سائين کي ساڻ هڪ بيراڳڻ ۽ ڪشتو هيو. عثمان سائين جي قول مطابق تہ

عشق دي آتش، اها عثمانا
گهن کي ويندي لامڪانا
عرش ڪنون جو آئي هي

۽ هتي بہ عشق جي آتش پنهنجو رنگ ڏيکاريو هو ۽ هڪ طالب مطلوب جي ملڪ ڏانهن روانو هو مڪان کان لامڪان جو سفر شروع ٿي چڪو هو.

سرڪار هادي پاڪ راضي سائين فرمائن ٿا تہ "دل جو درد زبان ۾ ۽ حق جو مشاهدو بيان ۾ نہ ايندو آهي" اهڙي ريت جيڪو طالب مطلوب جي وچ ۾ راز ونياز جو رابطو رهيو ظاهر و باطن مشاهدا رهيا سي تہ اسين بيان نٿا ڪري سگهون مگر ظاهر جي سفري حالات کي مختصر بيان ڪندا سين.

هي هڪ طالب جو معراج هو فنا کان بقا ڏانهن پرواز هئي مڪان کان لامڪان جو پنڌ هو. نفي مان ڪدي اثبات جا علم ڪوڙڻ جو سير هو. "هِن" جي وچڻ ۽ "هُن" جي ٿيڻ جو سير هيو ورنہ هادي پاڪ فقير سخي راضي سائين سرڪار فرمائن ٿا تہ "طالب ۽ مطلوب جي حقيقت هڪ آهي ٻہ نہ آهن جيئن عاشق ۽ معشوق جو عشق هڪ آهي تيئن طالب ۽ مطلوب بہ هڪ آهن عشق ئي منهنجو مرشد آهي" سو هي عشق ئي تہ آهي جيڪو ٻن کي هڪ ڪري ٿو شاھ صاحب فرمائن ٿا تہ:

ڀڙاڏو سوئي سڏ، ور وائي جو جي لهين
هئا هيڪاندا گڏ، رڳو ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا
يا
احد، احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق
آهي مستغرق، عالم انهي ڳالھ ۾

Gul Hayat Institute

اڳيان هر مشڪل گهٽ هئي. هادي پاڪ سائين راضي سائين جي شفقت هميشہ شاملِ حال هئي تنهنڪري ہر جون بد بلائون بہ اسان جي طابع هيون. مالڪ هادي وڏا رنگ ڏيکاريا هئا ۽ حق اليقين ارادن اڳيان هي دنيا هيچ هئي. درياءَ کي ٻيڙي ذريعي ڪراس ڪيو سين. سڌو ملتان روڊ ونڻي روانا ٿيا سين. ڪجھ فاصلو ٿي طي ٿيو تہ پٺيان هڪ ڪار ايندي نظر آئي، مون ميول فقير کي چيو تہ هي ڪار پاڻ کي ڪٽندي, فقير ميول سائين چيو تہ سائين هي اڻ سونهون علائقو آهي سو پاڻ کي ڪيئن ڪٽندو ايستائين ڪار اسان جي ويجهو پهتي، آءُ اتي بيٺو ئي رهيس تہ ڪار واري اچي منهنجي ويجهو اچي بريڪ ڏنو ۽ دروازو کولي ويهڻ لاءِ چيو آءُ ۽ ميول فقير ڪار ۾ ويهي رهيا سين. ۽ ڪچهريون ڪندا رهياسين, ڪافي سفر طي ٿيڻ کان پوءِ ڪار واري گاڏي کي بريڪ ڏنو ۽ چيو تہ هي چار روپيہ ونو ۽ هتي ملتان واري بس ايندي ۽ ٽوٽل چار روپيہ ڪرايو وٺندي سو توهان بس ۾ چڙهي ملتان هليا وڃو. اسين اهو سڀ ڪجھ مالڪن جي مهرباني سمجهي قبول ڪيو سين ۽ ٿوري دير ۾ بس آئي اسان بس ۾ سوار ٿياسون ۽ اچي ملتان شريف پهتا سون. درگاهن جي حاضري ۽ سلام کان پوءِ جڏهن اسان شاھ شمس تبريز سبزواري رحمة الله عليه جي درگاھ تي پهتا سين تہ اتي اسان جي ملاقات فقير نشان علي سائين سان ٿي جيڪو سرڪار هادي پاڪ راضي سائين رحمة الله عليه جو دوست فقير هيو. هن اسان جي وڏي خدمت ڪئي، وڏي پيار ۽ محبت سان پيش آيو. اسان جا ڪپڙا ڌوتائين ۽ سڄي سڄي رات اسان کي زور ڏيندو هو. اسان چند روز ان وٽ قيام ڪيو سين ۽ پوءِ لاهور وڃڻ لاءِ تيار ٿيا سين تہ فقير نشان علي سائين اسان کي چيو تہ اوهان پندرهن ڏينهن رهو منهنجو ميلو آهي ميلو ڪري پوءِ هليا وڃجو. مگر اسان کي ساعت بہ سال برابر لڳي رهي هئي، اسين تہ ايئن ٿي چاهيو تہ هينئر محبوب جي ملڪ تي پهچون ۽ دلبر جو ديدار ڪيون سو اسان فقير نشان علي سائين کان موڪلائي لاهور روانا ٿياسون.

ملتان کان روانگي کان پوءِ پاڻ سير سفر ڪندا منزلون ماريندا, حدون اورانگهيندا, مقام طي ڪندا درجات کي پٺ تي ڇڏيندا هلندا رهيا. تقريبن ٽن مهينن جي طويل مشقت آميز سفر کان پوءِ جڏهن سرڪار بابا نماڻو سائين جن امن پور شريف جي حد ۾ داخل ٿيا تہ پاڻ ان ڏينهن جو ذڪر هن ريت ڪن ٿا. "جڏهن اسان ٿاٽا چوهنگ کان امن پور شريف ڏانهن روانا ٿيا سين تہ مالڪ ڪريم حضرت بابا راضي سائين سرڪار جن اسان کي نهر جي مٿان اسان جي انتظار ۾ مليا هئا. جيئن ئي هادي پاڪ مالڪ ڪريم تي منهنجي نگاھ پئي تہ آءُ يڪدم سائين جن جي قدمن ۾ وڃي ڪريس, هادي پاڪ جن يڪدم مون کي کڻي پنهنجي سيني سان لڳايو ان وقت سائينجن جي پُر نور نيڻن مان آنسو جاري هئا, مون کي گلي سان لڳائي بي انتها پيار ڏنو ۽ فرمايو تہ "نماڻا سائين اسان بہ انهن ڏکن ۽ مشڪلاتن سان هٿ پهتا هئا سين" سرڪار هادي پاڪ راضي سائين جن جو گلي لڳائڻ هو جڙ تہ اسان جي بدن ۾ ڪرنٽ پيدا ٿي ويو ڪجھ وقت پهريون جيڪو جسم چور چور هو سنڌ ساٽا هئا هلڻ ۽ گهمڻ مشڪل هو قدم نٿي کڄيا سو هاڻ پٺائي سائين جي قول مطابق تہ

سوَن ورهين جا ڏکڙا، هڪ لحظي ۾ لاهي

جي مصداق اسين جڻ سفر ئي نہ ڪيو هو ۽ ڪنهن قسم جي تڪليف نہ هئي. ديدارِيار جي ۽ پاڻ محبن جي محبت شفقت, ۽ ازلي عنايت اهڙو تہ پنهنجي هنج ۾ ونئي ورتو هو جو اسان پنهنجو سڀ ڪجھ

پلائي چڪا هئا سون. جسم بلڪل تازو توانو ٿي چڪو هو. سو سرڪار هادي پاڪ بابا راضي سائين جن اسان کي ساڻ ڪري آستانہ عاليہ امن پور شريف ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن اسين آستاني پاڪ تي پهتا سين تہ اتي اڳ ۾ ئي فقراء کي اطلاع ملي چڪو هو سرڪار فقراء کي هدائي چڪا هئا تہ اڄ لنگر پاڻي تيار ڪيو مهمان اچي رهيا آهن. لنگر انهن سان گڏجي ڪنداسون. اسان لاءِ پاڪ صاف ڪپڙا اڳ ۾ ئي تيار رکيا هئا پاڻي گرم ٿيل هو.

امن پور شريف پهچڻ شرط هادي پاڪ بابا راضي سائين جن مون کي گڏ بستري تي ويهڻ جو امر فرمايو مون عرض ڪيو تہ سرڪار مون کي اجازت ملي تہ آءٌ هئي بستري تي ويهان ڇاڪاڻ تہ منهنجا ڪپڙا ۽ جسم وغيره تمام ميرا آهن ۽ سر ۾ جُئون پئجي ويون آهن مگر هادي پاڪ پاڻ مون کي گڏ ويهاري محبت صحبت ۽ ڪچهري ڪئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ امر ٿيو تہ ڪوهي تان تڙ وغيره ڪيو ڪپڙا تبديل ڪياسون ۽ ان ڪان پوءِ سائين جن جي صحبت محبت و خدمت ورياضت ۾ رهياسون.

## فقراء وٽ ملهائيجندڙ ميلا

فقير هادي سخي سرڪار بابا نماڻي سائين جي طالب فقراء ۾ بہ فقر جي رسم مطابق ڏيهاڙا ملهايا ويندا آهن. جن مان سرڪار بابا نماڻو سائين جن بنفسِ نفيس شرڪت ڪرڻ فرمائيندا هئا. انهن ۾ سڀ ڪان مشهورڪمون شهيد جي ويجهو نزد ڳوٺ حامد چاچڙ فقير مشتاق احمد سائين آرائين جي آستاني تي اسلامي مهيني جي هر ايڪويهين تاريخ جي رات, حضرت مولا علي مشڪل ڪشا عليہ السلام جي شهادت سان منسوب ايڪويهين شريف ملهائي وڃي ٿي. مشتاق سائين جو شمار سائين جن بابا نماڻو سائين جي خاص الخاص طالبن مان ٿئي ٿو. پاڻ 1990ع ڪان باقاعدگي سان ۽ پنهنجي عشق وذوق سان ايڪويهين شريف ملهائيندا اچن ٿا. فقير مشتاق سائين صاحبِ حال, صاحبِ ڪلام ۽ طالب فقراء وارو درويش آهي.

دادلوءِ جي ويجهو ڳوٺ عزت خان ڪورائي تعلقہ پنو عاقل ۾ مشهور ملامتي فقير سائين سبحان الله سائين ڪورائي وٽ ذوالحج مهيني جي سورهن تاريخ تي فقيربابا شينهن سائين ڪورائي, جيڪو هادي پاڪ بابا نماڻي سائين جن جو پير پائي بہ هو ان جو ساليانو ميلو ملهايو وڃي ٿو. ان ڪان علاوه اڪثر سائيجن سبحان الله سائين وٽ ايندا رهندا هئا. پنهنجي هادي پاڪ جي عشق ۾ سبحان الله سائين اڪثر ڪئي روپ ڪندو رهندو آهي .پاڻ هميشہ ملامتي روپن ۾ اڪثر خوش رهندو آهي.

ڳوٺ پنجو باغ گهوٽو ۾ فقير علي انور سائين گهوٽو جي آستاني تي هر سال يارهين شريف واري ڏينهن جو ميلو عيد ميلاد النبي ﷺ جي نالي سان ملهايو ويندو آهي جتان وري سڏو فقير علم الدين سائين وٽ ميلي تي هليا ويندا هئا.

ڳوٺ اسلام خان لاشاري تعلقہ ميرپور ماٿيلو ۾ فقير علم الدين سائين لاشاري وٽ ٻارهن ربيع الاول جي رات ميلادِ مصطفيٰ ﷺ سان منسوب ساليانو ميلو ملهايو وڃي ٿو ۽ هادي پاڪ بابا نماڻو سائين خود, فقراءَ سميت شرڪت ڪرڻ فرمائيندا هئا.

پهرين ڳوٺ جيوڻ خان ڪورائي ۽ پوءِ ڏهرڪي شهر ۾ سردار بخش سائين ڪورائي وٽ ٻارهن ربيع

الاول جو ڏينهن ۽ تيرهن ربيع الاول جي رات ميلادِ مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان منسوب ساليانو ميلو ملهائيندا هئا ۽ پاڻ هادي پاڪ بمعہ فقراء شرڪت فرمائيندا هئا سردار بخش سائين هڪ تمام پياري صورت، عشق ذوق ۽ درد وارو انسان هو ريوينيو سپروائزر رضا محمد خان جو فرزند هو اعليٰ تعليم يافتہ پهرين ريلوي پوليس، پوءِ پرائمري استاد ۽ آخر ۾ واپڊا ۾ لائن سپرينٽينڊنٽ پرتي ٿيو. هڪ ڏينهن عليٰ الصبح ڊيوٽي لاءِ اوباوڙو روانو ٿيو ۽ سامهون ايندڙ ويگن جي ٽڪر ۾ شهيد ٿي ويو.

ان کان علاوه حسبِ خواهش ڳوٺ الهيار چاچڙ ۾ فقير علي حسن سائين، نور حسن سائين چاچڙ وارن وٽ هر چنڊ جي ويهہ تاريخ جي ڏينهن، ڳوٺ لانگهو ۾ بڍل سائين ملڪ ۽ رياض احمد سائين ملڪ وٽ هر سال محرم جي چوڏهين تاريخ جي رات، ڳوٺ چنالي ۾ بروهي سائين وٽ، ڳوٺ صالح خان ڏهر ۾ عبدالجبار سائين چنہ. شهيد مشتاق احمد سائين قاضي ۽ ساڏو سائين وارن وٽ ۽ بعد ۾ اوباوڙو شهر ۾ عبدالجبار سائين جي لڏي اچڻ کان پوءِ بہ وٽس ميلا ملهائيندا رهندا هئا. هر طالب فقير جي پيار محبت ۽ دلي دعوت کي قبول ڪرڻ ۾ عار محسوس نہ ڪندا هئا ۽ هر فقير يا ماڻهو جي دعوت تي وڃڻ فرمائيندا هئا جيڪو بہ صدقِ دل سان سڏيندو هو.

## آستانہ عاليہ تي ملهائيجندڙ ميلا

آستانہ عاليہ مرشد پاڪ بابا راضي سائين چوٽي امن پور شريف ڳوٺ جلال خان گهوٽو گهوٽڪي سنڌ تي محبت جي پانڌيئڙن، وحدت جي وڻجارن جو اچڻ وڃڻ هر وقت رهندو آهي سندن هر وقت ميلو متل رهي ٿو. هر عام وخاص لاءِ سدائين فيض جاري و ساري رهي ٿو. پر ان جي باوجود بہ هتي هر جمعي جي رات پري پري کان فقراءَ ڪهي اچي سائين جن جي صحبت ۾ شريڪ ٿيندا آهن. هر اسلامي مهيني جي يارهين شريف جيڪا هادي پاڪ راضي سائين جن طرفان عطا ٿيل آهي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وڃي ٿي، جنهن ۾ محفلِ سماع، محبت صحبت ۽ روح رهاڻيون ساري رات جاري و ساري رهن ٿيون. ان کان علاوهہ هر سال سانوڻ مهيني جي چار ۽ پنج تاريخ تي ساليانو ميلو وڏي پيار پاپوهہ ۽ عشق سان ملهايو وڃي ٿو جنهن ۾ پوري سنڌ ۽ پنجاب کان فقراءَ اچي شريڪ ٿئي ٿو.

## عطا ڪيل خلافت

فقير هادي سخي سرتاج سائين بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن پنهنجي ڪنهن بہ طالب کي خالي نہ ڇڏيو آهي، ان کي پنهنجي حال سارو عطا ڪيو آهي ڪو بہ طالب فقير خالي نہ ملندو. چاڪاڻ تہ ڪوبہ طالب فقير پنهنجي محبت، عقيدت، حال و خيال، ۽ عشق مطابق ئي حاصل ڪري سگهندو آهي. حضرت داتا گنج بخش رحمت الله عليہ جن فرمائن ٿا تہ هڪ شخص ڪنهن درويش وٽ ويو ۽ عرض ڪيو تہ سائين دعا ڪيو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ مون سان محبت ڪري، ان درويش الله تبارڪ وتعاليٰ جي حضور بدست دعا عرض ڪيو تہ ”اي منهنجا مالڪ هي بندو جيتري توسان محبت ڪري ٿو اي منهنجا مالڪ تون بہ ان سان اوتري محبت ڪرڻ فرماءِ“ ان دعا کان بعد ان شخص کي اچي فڪر پيدا ٿيو تہ منهنجي تہ خدا تعاليٰ سان ذري برابر بہ محبت نہ آهي، هن درويش دعا ۾ فرمايو آهي تہ جيتري هي محبت ڪري ٿو تون بہ اوتري محبت ڪرڻ فرماءِ. ان فڪر جي پيدا ٿيڻ سان هن جي اندر ۾ الله تبارڪ

مگر انهن نوي لک طالبن مان سرڪٽي اهي ئي چند طالب آيا جيڪي سر ڏيئي ۽ سر وٺي ويا ڇاڪاڻ تہ عشق سرن جو سوداگر آهي.

گلان نال نہ ماهي ملدا، جيسين سر نہ ديوين.
سر ديوين تان دلبر هٿون، پيالا عشق دا پيوين
راضي بيٺهہ سجن دي در تي، عمر نبهاوين ايوين

سائين هادي پاڪ جن پنهنجي موجودهہ طالبن منجهان هن وقت تائين ٽن شخصيتن کي خلافت عطا ڪئي، طالب ڪرڻ ۽ اڳتي فيض هلائڻ جي اجازت فرمائي. سڀ کان پهرين سائين نوراني سائين، فقير مشتاق احمد سائين ۽ ٽيون رائو محمد شاڪر سائين جيڪي روبرو جي رمز مان حال حاصل هوبهو ڪيو آهي. نوراني سائين جو ذڪر پهرين ڪري آيا آهيون.

مشتاق احمد سائين ولد محمد شريف سائين ذات آرائين حال مقيم ڪمون شهيد کان ڏکڻ طرف ڳوٺ حامد چاچڙ جي وبجهو پنهنجو ميخانو قائم ڪري پنهنجي مرشد هادي پاڪ جي مشن کي جاري وساري رکي رهيا آهن سندن والد صاحب حضرت بابا فريد گنج شڪر رحمت الله عليہ جي لڙهي مان طالب هيو. پاڻ هڪ نيڪ ۽ الله پرست انسان هو. مشتاق احمد سائين ظاهري علوم حاصل ڪري انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي ۽ ڪراچي ۾ ڪجهہ سال بطورِ انجنيئر ڊيوٽي پڻ ڪئي. ان وقت فقير ديدار سائين جي صحبت ۽ توصل سان فقير هادي مرشد مهدي سائين بابا نماڻو سائين سان پهرين ملاقات ٿي جيڪا فقير رنگيلو سائين جي آستاني تي ڳوٺ خميسو چاچڙ ۾ ٿي. پهرين ملاقات ۾ ئي هميشہ لاءِ طالب ۽ مطلوب هڪ ٿي ويا ۽ پاڻ ڊيوٽي ڇڏي اچي ڳوٺ رهيا. ڪمون شهيد ۾ ٽينٽ شاميانن جو ڪاروبار شروع ڪيو ليڪن اهو بہ جلد بند ڪري مرشد هادي بابانماڻو سائين جي امر سان 1990ع ۾ ميخانو قائم ڪيو ۽ سائينجن جي طرفان مولا علي عليه السلام جي ياد آباد ۾ ايڪويهين شريف هر مهيني ڪرڻ جو امر صادر ٿيو. جيڪا اڄ تائين پاڻ وڏي عشق و ذوق سان ملهائيندا ٿا اچن. طالب ٿيڻ جي ڪجهہ سالن بعد ئي سائين پاڪ جن کين طالب ڪرڻ جي اجازت ڏني. پاڻ صاحبِ حال ۽ صاحبِ ڪلام درويش، آهن اوائل دور ۾ سائين پاڪ بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن هفتن جا هفتا هتي رهي مشتاق سائين سان محبت و صحبت ۽ رهنمائي عطا ڪندا رهيا ۽ پنهنجي حيات طيبہ ۾ بابا سائين بذاتِ خود ۽ هاڻ نوراني سائين بمعائہ تمام فقراءَ شرڪت ڪرڻ فرمائن ٿا.

رائو محمد شاڪر سائين ولد رائو محمد حنيف رهائش گهوٽڪي هڪ نهايت محترم شفيق انسان آهن الله تعاليٰ کين ظاهر باطن نوازيو آهي سائين پاڪ هادي بابا نماڻو سائين کين پنهنجو محبوب سڏ يندا هئا، اڪثر طالبن کي فرمائيندا هئا تہ جڏهن شاڪر سائين اچي تہ اوهان اٿي ويندا ڪريو. پاڻ ڪريم اڪثر فرمائيندا هئا تہ "شاڪرسائين شڪ ڇڏي حق تي آيو پنيان پرويزسائين پرواز ڪندو آيو. پاڻ فرمائن ٿا تہ مونکي جيئن شاڪرسائين ڏنو ۽ سڃاتو تيئن ڪنهن بہ نہ سڃاتو ۽ نہ ڪنهن ڏٺو منهنجو واحد طالب شاڪر سائين آهي جنهن جي منهن مان مون ڪڏهن بہ "نہ" نہ ٻڌي هميشہ ها ئي نڪتي" پاڻ هڪ سخي بهادر ۽ سچو انسان آهي. ظاهري شهنشاهيت هوندي مرشد جي عشق کين هر شيءِ کان آجو ڪيو ۽ فنا مان فيض پائي خلافت جي اعليٰ منصب تي فائض ٿيا.

## خط و ڪتابت

هادي پاڪ بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جو پنهنجي پير پائن ۽ پيار محبت ڪرڻ وارن سان خط و ڪتابت جو سلسلو تمام گهڻو رهيو. جنهن ۾ پيار، محبت، هدايت هيڪڙائي ۽ وحدانيت جو عڪس جهلڪي رهيو آهي خطوط تمام گهڻا آهن انشاءَ الله انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو ويندو چند خطوط قارئين ڪرام جي نظر ڪجن ٿا.

هي خط سائين پاڪ فقير هادي سخي بابا نماڻو سائين جن پنهنجي پيرِ مغان حضرت فقير سخي سرتاج سائين راضي سائين صوفي قادري قلندر جن کي لکيو آهي جيڪو سائين پاڪ جي پنهنجي هٿ اکرن ۾ قارئين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.



هٿ اکر حضرت فقير سخي بابا نماڻوسائين صوفي قادري قلندر سائين پاڪ جن جي هٿ اڪرلکيل خط جو متن.

Gul Hayat Institute

الله هادي سچو راضي هِت هُت آبادي

مرشد محبوب جي ملاقاتي

قدمن چمڻ جي عرض تہ چنچر رات تي ديدار ٿيو مرشد محبوب جي ملاقات جو اها رمز روحاني هر وقت ڏيندا رهو من مثل دل کي وصل شراب پيئاريندا رهو. جو منهنجو الله بہ تون، محمد بہ تون، پنجتن پاڪ بہ تون، علي مشڪل ڪشا بہ تون، عبدالقادر جيلاني قطب رباني بہ تون. داتا سخي گنج بخش فيضِ

عالم مظهر علي بہ تون، عبدالحق، سچو سائين سخي قبول محمد بہ تون، سخي شفيع محمد قلندر علي بہ تون، نماڻي کي روحاني راز ڏيندڙ راهہ جو راضي بہ تون.

محبوب سائين هن وقت ٻيو ڪير بہ ڪونہ آهي هڪ تون ئي آهين توهان چئو ٿا تہ هيئن هججي. جا هت لکي ٿي اهو اندر جو خيال بہ تون آهين. محبوب سائين هي مخفي راز بند ٿو ڪريان جو بردبار اچي ٿو اجان پري آهي هاڻي ويجهو آيو آهي. جو بند ٿو ڪريان.

محبوب سائين ٻيو عرض هيئن آهي تہ ڪرشن لال کي اکين جي روشنائي گهٽ آهي جو چشمو پائيندو آهي ڪرم نوازي ڪندا جو چشمو لاهي اوهان جو ديدارِخاص ڪري جو ڪرشن لال جو تنهنجو آهي توهان کان سواءِ ٻي ڪا واهہ نہ آهي جو دوا ڪري تون مالڪ مختيار آهين.

هي خط فقير سائين خيال الله سائين طرفان بابا نماڻي سائين جن جي لکيل خط جي جواب ۾ لکيو ويو.

بسم اللہ الرحمن الرحیم

سائیں راضی فقیر صوفی قادری قلندر

دار الفقراء امن پور شریف ڈاکخانہ چوہنگ ملتان روڈ

تحصیل و ضلع لاہور

ھو حق موجود مسکین سائیں خیال خدا

بخدمت اقدس محب الفقراء، باعشق، طالب الحق پیارے فقیر حضرت بابا نمانا سائیں جی

السلام علیکم، اللہ علی مدد، دائم المحبت، قائم الوحدت، سک سلامت، درد ھدایت سدا راضی ھو دیں شال، حال حقیقی نال، اللہ ھو حق موجود، ہادی سچا مشہود

دعائے خیر۔ و دیدہ بوسی بعد۔ واضع ہو کہ۔ آپ جناب کا باوفا پر لطف محبت نامہ موصول ہوا۔ حال کاشف ہوا۔ امید ہے کہ آئندہ بھی ایسے پیار محبت شفقت نوازش سے نواز کر اپنے دل سے ہر گز دور نہیں کریں گے انشاء اللہ باتوفیق باللہ۔ آپ کی یاد آوری کا بہت بہت شکریہ۔۔۔جناب بابا نمانا سائیں صاحب! آپ اس راز سے بخوبی واقف ہیں۔ کہ یہ مسکین بندہ مرشد محبوب کی محبت و درد عشق کی بھٹی سے کندن ہو نکلا ہے۔ اور اس ذات کی رضا مرضی کے ماننے والا ہوں پیار محبت کا قائل محبوب حقیقی کا مائل اور اس کے در کا درد سائل ہوں۔ مجھے کسی شیخی جتانے والے خود غرض کو ماننے یا منانے سے کوئی سروکار نہیں ہے، خود پرست۔ خدا پرست نہیں ہوتا۔ اور خود پرست۔ خدا پرست نہیں ہو سکتا۔ خود پرست شیطان۔ خدا پرست انسان ہوتا ہے۔ یہ یار کے سامنے یار کی بات ہے۔ خود پرست۔ دوئی پسند ہوتا ہے جو انسان و اللہ کو دو دیکھتا ہے جیسا کہ

جن ڏٺو هڪ کي، سو ٻئي جي بات نہ ڪن

نائي نيڻ ڏسن، راضي الله من ۾

ہم تم سب سچے سائیں بادشاہ کے فقر سے پیوست ہیں۔ اور فقراء طالبان حق سے فقر کی ریت و پریت نبھانے کا اللہ ہادی پاک ذات نے بار بار تلقین وہدایت فرمائی ہے، کہ آپ فقراء طالبان حق ایک دوسرے کے حقیقی برادر۔ ایک جند جان۔ ایک حال خیال۔ ایک محبوب مالک کا مال ہیں۔ اس لئے ہم کو ایک دوسرے پر سبقت لینے کی ضرورت نہیں۔ نہ کوئی چھوٹا ہے۔ نہ کوئی بڑا۔ سب میں سائیں سچا

ہے۔ کوئی بڑا نہ کوئی بچہ ہے۔ وحدت حق میں ہم سب ایک بحر عمیق کے موتی ہیں۔ اس لئے ایک ہو کر۔ ایک مالک حقیقی کو ایک دوسرے میں ایک دیکھنا چاہیے۔ ہم تم سب ایک ہیں۔ آپ کئے کلتار۔ جس باسی کو ندیئے۔ ندک ہے کمھیار۔ اگر طالب حق ہے اور وہ مرشد محبوب کی محبت میں مستغرق ہے یعنی فنافی الشیخ طریقت پر قائم۔ اور ہادی مرشد پاک کے حال خیال۔ رازرموز سے واقفیت و آگاہی رکھتا ہو۔ تو ہمیں اس کی عزت واحترام کی نگاہ سے دیکھنا چاہیے۔ جو کہ اللہ ہادی پاک کے درد عشق سے نوازا گیا ہو۔۔۔۔ سخی ہادی پاک نے مخلص محبت کرنے والے کسی سچے طالب حق کو اپنی محبت شفقت رحمت سے خالی نہیں چھوڑا۔ اگر کوئی حق سچ سے منہ موڑ کر پیچھے رہ گیا ہو۔ اس کی نیت میں فرق یا فتور ہو سکتا ہے۔ مرشد کو پاک نگاہ سے دیکھنا چاہیے۔ اس کا کیا قصور۔ نیت نیک مراد حاصل

مرشد محبوب پاک کا قرب وکرم بے حد احسان ہے جس نے حق وباطل کی پہچان عطا فرمائی کہ سچ کیا ہے اور جھوٹ کیا ہے اس لئے ہم سب کو سچائی صفائی ووفائی سے ایک دوسرے کے قرب میں قریب قریب ہونا چاہیئے۔ نہ نزدیکی نہ دوری۔ یہ دوستی ہے پوری۔ آپ جناب نمانا سائیں صاحب! اس بندہ مسکین کو ہر سال میلا مبارک میں شرکت کی دعوت دی ہے۔ اور بشرطیکہ زندگی۔ اگر حیاتی وفا کی اور اللہ پاک کو منظور ہے تو بندہ آپ کا پیار دیدار محبت حاصل کرنے کی ضرور کوشش کرے گا۔ آئیندہ جو مالک کو منظور۔ وہ ہو گا ضرور۔۔۔

ایک معصوم بچہ ہوتا ہے اس کو جو کوئی پیار سے اپنے نزدیک پاس بلاتا ہے۔ تو وہ دوڑ کر آجاتا ہے اس لئے فقیر کا روح بھی معصوم ہوتا ہے۔ جہاں پیار ملے۔ وہاں یار ملتا ہے۔ اب زیادہ لکھوں تو خط بہت طویل ہو سکتا ہے۔ بس اسی پر اکتفا کرتا ہوں۔ تمام فقراء طالبان حق سادھو سیرت وفا سائیں، فقیر سعاد تمند سائیں، فقیر نورانی سائیں، رحیم اللہ، فقیر مرد خدا وغیرہ اور آپ کو اور آپ سے پیار کرنے والوں تمام ہی کو ہم سب مسکین فقراء کی طرف سے عجز ونیاز سے ھو حق موجود۔ والسلام ختم کلام

خادم الفقراء مسکین خیال خدائی۔ آستانہ المصطفائی دار الفقرا امن پور شریف تحصیل وضلع لاہور

اگر ہو سکے تو خط کے جواب میں اپنے حال دل سے آگاہ فرمادیں تو عین نوازش ہوگی۔ اگر خط لکھنے میں کوئی غلطی یا کوئی بات موافق نہ آئی ہو تو للہ معاف فرمادیں۔

کیونکہ بندا ابنا غلطی ہے، حق حق ہے اس میں کیا شک ہے

آپ اپنا پتہ ایڈریس درست لکھ کر ارسال فرماویں اس لئے کہ ہمارے خط بذریعہ ڈاکخانہ آپ کو باحفاظت مل سکیں شکریہ، اللہ ھادی پاک آپ کو حقیقی عشق ومحبت میں ثابت قدم قائم ودائم رکھے آمین آپ کی دعائے خیر کا طالب

فقط خیال خدا۔ ہے سب سے جدا

یہ خط فقیر عبد الکریم صاحب کے ہاتھ یعنی دستی بھیج رہا ہوں انشاء اللہ آپ کو مل گیا ہو گا

Gul Hayat Institute

باقی سب کی خیر۔ نہیں کوئی غیر

***

هي خط بابا نماڻي سائين جن فقير خيال الله سائين جن جي لکيل خط جي جواب ۾ ارسال فرمايو آهي

حق موجود

سدا موجود

بخدمتِ اقدس، محبِ مقدس، صاحبِ شفقت، برادرِ حقيقت، هاديءِ حق، بلکل برحق، سائين خيال خدا، سڀ ۾ شامل سڀ کان جدا، سلامِ محبت الله علي مدد، الله هُو حق موجود

بعد از ديدہ بوسي و عجز ونياز عرض تہ اوهان جو محبت نامو مليو چا خوب فقير رهنمائي فرمائي تہ

بيت نہ پانئيو ماڻهان، آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

سو سائين فقير جو حال، خيال، گفتگو سنگت، صحبت، محبت، قول، فعل سڀ قرآن ئي هوندو آهي ۽ جيڪا بہ بات فقير جي زبان مان جاري ٿيندي آهي اهائي مالڪ حقيقي جي بات هوندي آهي. سو ساڳي بات سمنڊ ڪوزي ۾ سمائي خط روانو ڪيو. حقيقت ۾ تہ صادق اليقين ۽ سچي طالب درد مند لاءِ وڏي هدايت، محبت ۽ رهنمائي آهي. چاڪاڻ تہ علم جي گهڻائي مان حاصل رڳو هڪ نقطو ڪرڻو آهي، باقي سمورو علم ان نقطي جي تشريح لاءِ ئي آهي گهڻائي تہ آسمان ۾ ستارن جي بہ آهي مگر گهرج فقط هڪ سج جي آهي سو فقير جي بات سمجهڻ، هڪ سچي دردمند طالب لاءِ هڪ نقطو ئي ڪافي هوندو آهي سو اوهان مذڪورہ نقطو ئي فقراءَ جي هدايت و رهنمائي لاءِ عيان فرمايو آهي.

بسطامی نے بات کہی، کوئی سمجھن والہ ہو

سو هدايت و صحبت آهي بہ سمجهڻ واري لاءِ، درد واري، سچي عشاق ۽ محبت واري لاءِ، با وفا باسخا، باحيا پيار وارن لاءِ ئي فقيرن فيض ونڊيا. جن فقيرن سان سچي محبت ڪئي، پنهنجو حال خيال، مال، دين دنيا، ۽ عقبيٰ سڀ ڪجهہ قربان ڪري يار سان سچا رهي سچا ٿي ويا. پنهنجي سچائي ۽ صفائي سان فقير ۾ فنا ٿي فقير ٿي ويا. تن تي فقير پنهنجي ازلي عنايت فرمائي چاڪاڻ تہ

دنيا بي وفا غدار کان، نکري نروار ٿيو ڪو ڪو
لاهي سر ساهہ جو سانگو عاشق ايثار ٿيو ڪو ڪو

عاشق هڪ ڪي هڪ سمجهي هڪ ٿي ويا ٻي غير بات کان بلڪل پاڪ ٿي، حق ڪي حق چاٽي، حق جا بہ حق ٿي ويا سو ساري بات آهي محبت ۽ درد عشق جي. درد کان سواءِ ٻي ڪابہ بات ڪي بات نہ سمجهيائون ۽ صرف مالڪ کان مالڪ گهري ورتائون مگر ٻي بات جو مقصد و مطلب نہ رکيائون.

سب کا تو مقصود ہے، میر افقط محبوب ہے

سو جن هيڪڙائي جو سنڌرو ساهي ٻڌو ۽ غير وجودون ترڪ ڪري، بحرِ عميق ۾ ڪاهي پيا، تن ئي وحدت جو مزو چکيو ۽ محبت جي مام ڪي پروڙيو. وحدت جي پروڙ ان تي مستحڪم رهڻ ۽ محبت جي مام اهائي آهي جيڪا سرڪار پنهنجي خط ۾ اظهار فرمائي آهي تہ هڪ ٿي سڀ ۾ هڪ ڏسو ۽ هڪ ٿي وڃو.

اسان حق نوں جاتا حق وے
کڈھ آپے اپنا شک وے

جڏهن پنهنجا شڪ شبهات، غير وهم، دوريون نزديڪيون، ختم ٿي وڃن تڏهن ئي مالڪ حقيقي جي وحدت جو نظارو سامهون اچي ٿو ۽ طالب ان وحدت جي مزي کان واقف ٿئي ٿو.

خودي ۾ خدا، ڪين ماپندا من ۾
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾

سائين خيال الله سائين صاحب جي، عرض ته اگر خط ۾ ڪنهن قسم جي گنجائش هجي ته درگزر فرمائيندا ۽ رهنمائي فرمائيندا. اميد ته اهڙا محبت نامه سدائين جاري رکندا وبا التوفيق با الله.

سنڌ جي ڪل فقراءَ طرفان عجز و نياز محبت و صداقت سان اوهان محبوبن ۽ سچي سائين جي ڪل فقراءَ کي الله هُو حق موجود

والسلام ختم ڪلام قلم بند راضي خداوند
خادم الفقراءَ
مسڪين فقير سائين نماڻو سائين

ايڊريس
فقير نماڻو سائين
معرفت ذوالفقار علي هوٽل وارو
بگو واهه پل قادر پور روڊ پوسٽ آفيس گهوٽڪي
تعلقه و ضلع گهوٽڪي

***

هي خط فقير خيال الله سائين سنڌ مان ساڻوڻ جو ميلو ڪري جڏهن واپس لاهور پهتا ۽ فقير بابا نماڻو سائين طرفان خيريت جي لکيل خط جي جواب ۾ ارسال ڪيو.

بسم اللہ الرحمن الرحیم

سائیں راضی فقیر صوفی قادری قلندر
دار الفقراء۔ امن پور شریف۔ ڈاکخانہ چوھنگ۔ ملتان روڈ۔ تحصیل و ضلع لاہور

ھو حق موجود
مسکین سائیں خیال خدا

بخدمت اقدس برادران حقیقی، طالبان حق، حضرت فقیر بابا نمانا سائیں صاحب و باقی تمام فقراء بھائیوں کی خدمت میں ۔السلام علیکم۔ اللہ علی مدد۔ دائم المحبت۔ قائم الفقر۔ سدا سلامت اللہ ھادی سچا سائیں سدا سلامت رکھے آمین

دعائے خیر و دیدہ بوسی بعد واضح ہو کہ، آپ جناب کا پر لطف محبت نامہ ملا۔ حال کاشف ہوا۔ عرض حال یہ ہے کہ میلہ سانون شریف پر آپ تمام فقراء بھائیوں سے ملاقات محبت و شفقت حاصل کرنے کے بعد بندہ مسکین بمعہ تمام فقراء اپنے مسکین خانے پر سلامت پہنچ گئے۔ یہاں آتے ہی بہت زیادہ مصروف رہا۔ کیونکہ کلام دیوان درد عشق کی چھپوائی وغیرہ کے لیئے مالی طور پر مشکل پیش آ رہی تھی۔ جو کہ پیار کرنے والے طالبان حق عقیدت مندوں سے گدا کر کے پریس وغیرہ کا خرچہ پورا کرنا پڑا ہے۔ اللہ ھادی پاک میری مدد و توفیق بخشنے والے ہر حال میں کافی و وافی ہیں۔ وہی ہر حال میں میری رہنمائی و مشکل کشائی فرمانے والے

ہیں، کسی غیر محرم سے سوال نہیں کرتا۔ جو کچھ مانگتا ہوں اس مالک محبوب سے مانگتا ہوں۔ دنیاو دنیا کا مال اہل دنیا کے لیے ہوتا ہے۔ میں تو اپنے مرشد کے درد حال، درد عشق، فقیری، مسکینی، بیکسی، مفلسی میری مایا ہے۔ جو مجھے اپنے محبوب سے مل گئی ہے اور یہی اللہ ھادی کی طرف سے عطا کردہ اعلیٰ نعمت ورحمت ہے۔ اس لیئے کہ درد محبت ہی طالب الحق کا مقصود ہے۔ باقی سب بے سود ہے اللہ موجود ہے سواء اللہ پاک ہر شئی نابود ہے۔ اور یہ کہ ھادی پاک سچے سائیں نے ہی تو فرمایا ہے کہ میں ایک خیال ہوں اور مجھے خیال میں دیکھو۔ خیال ہی سے ملتا ہوں۔ اور یہ بندہ مسکین نہیں کہتا کہ کوئی مجھے دیکھے۔ مجھے کیا پڑی ہے کہ مجھے کوئی دیکھے ۔ یا کسی کو دکھاؤں، اس لیے کہ خیال کی صورت خیال پچھانے۔ اور یہ ضرور ہے اگر کوئی طالب الحق مرشد محبوب کی محبت میں مستغرق ہو چکا ہے۔ یعنی فنافی مرشد ہے۔ تو اس کو ہر ذرہ میں۔ ہر جان میں۔ ھر دل میں۔ ہر سر میں۔ ہر سھنی صورت موہنی مورت۔ گکھ پتے میں۔ ہر ڈالی میں، مرشد مولا پاک کا مشاہدہ ظاہر و باطن دیکھنے والوں کو دیکھنے میں آتا ہے۔ شک وگمان میں رہنے والوں کو یہ حال وراز نصیب میں نہیں ہوتا۔ کیونکہ شک شیطان کے حصے میں آتا ہے، جیسا کہ جنہاں چھڈیا شک گمان۔ انھاں ویکھیا سب سبحان۔ اور یہ کلام دیوان درد عشق اللہ مرشد پاک کے درد سوز کی امانت تمام طالبان حق کے لئے ہے۔ جو کہ خیال سائیں کے سپرد کی گئی ہے اور اس درد محبت کی داستان کو اہل فقراء درد مند درویشوں طالبان میں تقسیم کرنا۔ اور اس حقانی حال کو پوری دنیا میں پھیلانے کا عزم صمیم رکھتا ہوں۔ اور مجھے حکم بھی ہے۔ اب یہ کلام عاشقانہ لنڈن انگلینڈ تک پہنچ چکا ہے، اور وہاں اس کا انگریزی میں ترجمہ کر کے پھیلایا جائے گا۔ تانکہ وہاں کے لوگوں کو اللہ پاک کی وحدت وتوحید کا پتہ چل جائے۔ کہ بندہ کیا ہے اور مولا کیا ہے۔ مطلب کہ بندہ فانی اللہ باقی ہے۔ جو کہ زمین آسمان میں سمایا ہوا ہے۔

آپ جناب نے بندہ مسکین کی کچھ زیادہ ہی تعریف کر دی ہے لیکن یہ بندہ گناہگار بہت بدکار کسی تعریف کے ہر گز لائق نہیں ہے۔ جو کچھ آپ نے اپنی حیرت سے تحریر کیا ہے وہ میں نہیں ہوں، اور یہ سب میرے اللہ ھادی لجپال سخی سر تاج کا احسان وقرب کمال ہے۔ تمام تعریف اس ذات پاک کیلئے ہے، خالق کائنات کے لئے ہے اور وہی لائق حمد ہے۔

خودی سے جو خالی ہوا۔ وہ دیکھتا نہیں اپنے آپ کو
عاشق ھستی سے کر گذر۔ زائل کیا حجاب کو

اگر زیادہ لکھوں تو خط بہت طویل ہو جائیگا۔ اس لئے اس پر اکتفا کرتا ہوں، کیونکہ فقیر کثرت کا دریاء اور وحدت کا سمندر ہوتا ہے

تمام فقراء بھائیوں دوستوں کو ہم تمام فقراء المصطفائی آستانہ امن پور شریف کی طرف سے اللہ ھو حق موجود قبول ہو۔ زیادہ نیاز بے انداز دعا وسلام ختم کلام۔ آپ اپنی صحت وخیریت سے آگاہ فرماویں۔۔ جواب جلد راضی خداوند۔

خادم الفقراء مسکین خیال اللہ المصطفائی آستانہ امن پور شریف چوہنگ ملتان روڈ لاہور

هي خط بابا نماڻي سائين صوفي قادري قلندر ڏانهن لاهور جي فقراءَ طرفان لکيو ويو جنهن ۾ لاهور هادي پاڪ مالڪ راضي سائين جن جي عرس تي نہ پهچڻ سبب ٿيل بيچيني جو اظهار ڪيو ويو آهي هي خط عارف سائين طرفان لکيو ويو ليڪن ڪوٽ لکپت ۽ چوهنگ جي فقراءَ جي طرفا ن گڏيل خط آهي.

بسم اللہ الرحمن الرحیم

حق موجود سدا موجود

قابل احترام بابا نمانا سائیں

السلام علیکم اللہ ہو حق موجود۔ امید ہے کہ اللہ سائیں کے فضل کرم سے آپ تمام فقراء خیریت سے ہونگے آمین۔ ہم بھی یہاں مرشد سائیں کے کرم سے بالکل خیریت سے ہیں۔ آج شام کو میں آپ کی خدمت میں خط لکھ رہا ہوں، آپ کی طرف سے بھیجا ہوا خط میرے سامنے رکھا ہوا ہے۔ جس میں آپ نے عرس مبارک پر آنے کا لکھا ہے۔ اسے پڑھ کر میری دل سے بار بار یہ کلام نکل رہا ہے

اج آونا جانی میرا جیوے جانی۔ لکھیا خط وصل دا میرے یوسف ثانی

ہم سب فقراء کو آپ تمام فقراء کا بہت انتظار تھا۔ اور آپ خود ہی یہ فرماتے تھے کہ پنجابیوں کا میلہ سندھ سے آنے والے درویشوں کی وجہ سے ہوتا ہے۔ اس وجہ سے ہمیں آپ سرکار کی آمد کا بہت زیادہ انتظار تھا۔ لیکن جب آپ باباجی کے نہ آنے کا سنا تو بہت تشویش ہوئی اور دل۔۔ گیا بہت پریشانی ہوئی۔ اور ہم سب نے یہ دعا کی کہ اللہ کریم اپنا کرم کریں اور آپ خیریت سے ہوں۔

یہاں سائیں پاک کا میلہ خیریت وعافیت سے ہوا۔ ہم نے پہلی کی طرح دربار شریف کے سامنے دودھ کی سبیل لگائی، اور ۴۵ من دودھ فقراء میں تقسیم کیا۔

ہمارے دل میں آپ سرکار کے آنے کی بہت چاہت تھی جو نہ جانے کیوں پوری نہ ہوئی۔ اور باباجی سرکار آپ کے یہاں تشریف نہ لانے کی وجہ سے ہمارا میلہ ادھورا رہا۔ باباجی سرکار ہماری آپ سے درخواست ہے کہ آپ ہمیں یہاں نہ آنے کی وجہ تو بتائیں کہ آپ سرکار عرس پر تشریف نہ لا سکے میرے دل کی دعا ہے کہ

اللہ کرے شل میں گھر آویں ہن ہجر وچھوڑا سٹ سجن
پاگل کملی وحشن کر کے چیتا لیو ئی چٹ سجن
جو ہیں میرے عیب گناہ بخش مہر کر پاک اللہ
تیری عنایت باجھوں سائیں دکھڑے سہندی ہاں سدائیں
مالک میتوں چت نہ چائیں لاہ اندھیرا سخت سیاہ

بابا سرکار آپ کے درشن نہ ہونے کی وجہ سے دل بہت اداس ہے، جو کچھ ادھر لکھا ہے مجھے اس کی بھی سمجھ نہیں آتی، بس یونہی قلم چلی جارہی ہے میری آپ سے التجاء ہے کہ میرا دل آپ سرکار کی جدائی سے بہت زیادہ غمزدہ ہے اور میرا ساتھ نہیں دے رہا اگر کوئی غلطی لکھی گئی تو مجھے معاف فرمادیں میرے سامنے سائیںؒ کا کلام پڑا ہوا ہے۔ اور اس میں جو بھی درد فراق بھرے کلام ہیں تمام ہی خط میں لکھ دینے کو جی چاہتا ہے۔ اور میری التجاء ہے۔ منت ہے۔ درخواست ہے کہ آپ سرکار کے لئے میرے دل کے سب دروازے کھلے ہیں اگر آپ کرم فرمائیں اور تشریف لائیں اگر ظاہری طور پر نہیں تو پھر باطنی طور پر ہی درشن دیں تاکہ میرا دل جو جدائی کی آگ میں تڑپ رہا ہے اسے کچھ سکون میسر آسکے۔

محترم باباجی۔ ماموں بھلا سائیں، طفیل سائیں، شاہ محمد سائیں، بابا سیانا سائیں، اور ہمارے تمام ساتھی بھی میری طرح ہی کے

جذبات رکھتے ہیں۔ اگر مناسب ہو تو عرس پہ نہ آنے کی وجہ تو بتائیں تاکہ ہمیں کچھ تو سکون ہو سکے۔ ہم سب کو آپ سرکار کے واپسی خط کا شدت سے انتظار ہے دوبارہ درخواست کرتا ہوں کہ اگر کوئی غلطی گستاخی ہو گئی ہو تو معاف فرما دیں۔

آپ کا ادھنا غلام

فقیر محمد عارف سائیں

اللہ ھو حق موجود سدا موجود

والسلام ختم کلام

۱۱-۴-۹۸ء

***

**هي خط حضرت بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن پنهنجي پير پائن سخي فقير سياڻو سائين پر سوز سائين ۽ عارف سائين و ديگر فقراءَ کي هادي پاڪ بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جي مقرر ڪيل ساوڻ جي ميلي جي دعوت جي سلسلي ۾ لکيو جيڪو پڙهندڙن جي خدمت ۾ حاضر آهي-**

۷۸۶

حق موجود سدا موجود

محترم جناب فقیر سخی سیانو سائیں، پر سوز سائیں، عارف سائیں و دیگر فقراء

سلام محبت، اللہ علی مدد، اللہ ہو حق موجود، سچا سائیں مشہود

بعد از دیدہ بوسی و سلام و سجود عرض ہے کہ ہم فقیر ہادی کے فضل کرم سے بخیریت ہیں اور آپ کی خیریت نیک مطلوب چاہتے ہیں۔ کیونکہ ہمارا اٹھنا بیٹھنا گھومنا پھرنا سب کچھ اللہ ہادی کی طرف سے ہے، اور جہاں مالک نہیں ہے وہاں کچھ بھی نہیں ہے۔

عارف دی گل عارف جانن۔۔ کیا جانن نفسانی ہو

مالک کا ظہور ہر ذرے ذرے میں موجود ہے اور باقی سب نابود ہے، عارف سائیں آپ کو پہلے بھی معلوم ہے کہ ساونن پاک کا میلہ آپہنچا ہے اور جیسے وقت قریب آتا جارہا ہے ویسے انتظار کا مزا بھی دوبالا ہو رہا ہے اور ایک ایک پل کو گن گن کے گذار رہے ہیں کیونکہ

میرا روح منگدا محبوب آوے۔۔ صنم آ صحن تے قدم چا گھماوے

یہ تمنا تو سب کی ہوتی ہے اور آپ کی بھی ہے کہ نمانو سائیں لاہور آئیں مگر کیا کریں کہ وجود ہم سے ساتھ چھوڑ گیا ہے اور سفر کرنا دشوار ہو گیا ہے، ورنہ کوئی بھی اور بات نہیں ہے اور ہماری ان انکساری کو سمجھتے ہوئے آپ ضرور باضرور میلے پاک پر آئیں اور ہماری دل کی پیاس بجھائیں۔ جو بیچاری آپ کے لیے منتظر و بیقرار ہے۔ فقیر ہر کیفیت کو جانتے ہیں اور ہماری التجاء بھی آپ کے سامنے ہے ہماری دل کی تمنا پوری فرمائیں کیونکہ فقیر کے دروازے سے کوئی بھی خالی نہیں لوٹا اور ہم بھی یہی سوال کیئے ہوئے ہیں، امید کہ ہماری امید بر لائے گی۔ میری بھی تو خواہش ہے کہ جائوں اپنے فقراء سے ملوں ان کے دکھ درد کا شریک کار بنوں مگر اللہ ہادی پاک نے جو منظور فرمایا ہے، ہم اس پر کاربند ہیں۔

ایک عرض ہے کہ ہماری طرف سے سب فقراء کو میلے پاک کی دعوت دیں اور خود بھی ضرور آئیں، اور ہمارا میلہ ہو تا بھی تمہارے

دم سے ہے

گر تو مہر ہے تو ذرہ ہم ہیں ۔۔ گر تو بحر ہے تو قطرہ ہم ہیں
تو صورت ہے اور آئینہ ہم، ہمیں تم سے غرض تجھے ہم سے غرض

دیگر احوال تو روبرو ہی کریں گے اور ہم سب نقراء کی طرف سے آپ کو اور سچے سائیں کے کل فقراء کو تہدل سے اللہ ہو حق موجود، سچا سائیںؒ مشہود

والسلام ختم کلام۔۔ قلم بند راضی خداوند
خادم الفقراء
فقیر سخی نمانو سائیں صوفی درازی قادری قلندر
گھوٹکی سندھ

***

هي خط حضرت بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن پنهنجي پير پائي فقير راضي رشيد مستانه سائين، سرمستي ميخانہ قصور وارن کي لکيو آهي.

بسم اللہ الرحمن الرحیم

اللہ ھو حق موجود سدا موجود

قابل احترام جناب فقیر راضی رشید مستانہ سائیں
اللہ علی مدد، عشق سلامت، السلام محبت، اللہ ہو حق موجود

ہم یہاں خیریت سے ہیں اللہ ہادی پاک کے کرم سے آپ بھی بمعہ فقراء خوش وخرم ہوں گے۔ میلے پاک کے بعد کافی وقت گذر گیا لیکن آپ کی طرف سے کوئی پرت پیغام نہیں پہنچا نہ کوئی رابطہ ہوا۔ ہم تو یہی سمجھیں گے شاید ہم سے کوئی ایسی چیز میں کمی ہوگئی ہے جس سے آپ نے رابطہ منقطعہ کرر کھا ہے اگر ایسی کوئی بات ہے تو ہم آپ سے معذرت خواہ ہیں کیونکہ کمی بیشی رہ جاتی ہے کبھی ریاضت میں، خدمت میں، یا صحبت میں اس لئے پھر معذرت کررہے ہیں۔ کیونکہ ھادی پاک فرمایا کرتے تھے کہ جس نے راضی کا روپ دھار لیا وہ کبھی بھی ناراض نہیں ہوتا اور ہمیں بھی امید ہے کہ آپ ناراض نہیں ہونگے۔ لیکن خط وکتابت سے بھی محبت میں اضافہ ہوتا ہے ویسی بھی ہادی پاک نے کمی نہیں چھوڑی، مگر پھر بھی۔ بحر عمیق ہے عشق سمندر۔ جس کا آر نہ کوئی پار ہے۔ یہ لامحدود ہے اور اس سے کبھی بھی جی نہیں بھرتا۔ کیونکہ ""اکھیاں تھکدیاں نہیں دل رجدا نہیں""

درد حال والے کو درد حال والے سے ہی مزا ملتا ہے اس لئے اپنے درد حال سے ہمیں بھی مستفیض کرتے رہیں کیونکہ ہم تو ہیں خدمتگار، مالک کے آستانے کے جھاڑو بردار ہیں، اور مالک کے سوا آگے کچھ نہیں جانتے، جو کچھ جانتے ہیں تو اسی کو جانتے ہیں اور بس۔ یہاں بھی وہاں بھی۔ ادھر بھی ادھر بھی۔ بس اسی کو جانتے ہیں جو حی القیوم لاقدیم ذات ہے جس نے راضی کا روپ دھار کے اس جہاں میں جلوہ نما ہوئے۔ اور اس وجود واحد کے سوا اور کوئی وجود ہی نہیں۔ یہ اس مالک کا کرم ہے جس نے وجودی سے لاوجودی میں، اور نابودی سے بودی میں، اور بودی سے لابودی میں پہنچادیا۔ اب نزدیکی نہ دوری یہ دوستی ہے پوری۔ اس کے باوجود بھی کبھی جبرائیل علیہ السلام کو

قاصد بنا کے رکھا ورنہ یہ کون تھا اور وہ کون ہے اور میں کون ہوں۔ سب ہی مالک ہے۔ """تو""" """میں""" کا تو وجود ہی نہیں اس کے یہ رنگ ہیں کہ روپ ہزاراں اللہ ایک۔ اس لیے جبرائیل کی طریقت کے مصداق ایک دوسرے سے خط وکتابت ہونی چاہیے ورنہ تو کوئی دوری نہیں کیونکہ

چھپو تم لاکھوں پردوں میں، ہم عاشق ہیں ایسے
نگاہیں بند کر کے، دل کے اندر دیکھ لیتے ہیں

رشید سائیں خیال تو بحر بیکراں ہے لکھتے گئے تو لکھتے جائیں گے اور طوالت کے خوف سے اس پہ اکتفا کر رہے ہیں۔ اپنے حال سے آگاہ کریں۔ آپ کے جواب کا انتظار رہے گا۔ امید ہے خط کا جواب جلد ارسال کر کے ہمیں اپنی محبت سے نوازیں گے۔ سب سندھ کی فقراء بلکل خیریت سے ہے اور امید ہے کہ یہاں پر بھی خیریت ہو گی۔ سب فقراء کی طرف سے اللہ ہو حق موجود

والسلام ختم کلام۔ قلم بند راضی خدا

خادم الفقراء

فقیر سخی نمانڑو سائیں صوفی درازی قادری قلندر گھوٹکی سندھ

رشید سائیں آپ نے مجھ سے ٹیلیفون نمبر مانگا تھا وہ تو ریاضت وغیرہ میں نہیں دے سکا اس لاپرواہی کی معذرت اور نمبر ہے ۰۷۰۳۸۸۵۸۶ اوباڑو کا نمبر ہے اور مغرب تک بات ہو سکتی ہے شام کے ٹائیم تو میں مل سکتا ہوں ورنہ جو بھی پیغام ہو گا مجھے جوں کا توں مل گا۔

فقط جبار سائیں اوباڑو ۲۲۔۱۰۔۲۰۰۲ع

ایڈریس

عبدالجبار سائیں

معرفت علی برادرس کریانہ اسٹور ریتی روڈ

اوباڑو ضلع گھوٹکی سندھ

***

هي خط سر مستي ميخانہ قصور کان بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي پير پائي فقير راضي رشيد مستانہ سائين جن لکيو جيکو فقراءَ جي پيش خدمت آهي-

Gul Hayat Institute

بسم اللہ الرحمن الرحیم

سدا موجود حق موجود اللہ ھو

نبی علی مدد۔ دیدہ بوسی نیاز طلب

فقیر سائیں نمانہ بادشاہ۔ میرے قابل احترام بزرگ

السلام علیکم!

یہاں آستانہ عالیہ سرمستی میخانہ پر خیر و خیریت۔ ہادی پاک کی مہربانی سے حالات کے مطابق دم گذر ہو رہی ہے، آنے جانے والوں کے ساتھ محبت صحبت کے دوران کسی قسم کا فکر اندیشہ کبھی لاحق نہیں ہوا۔ ہر صورت میں یار کی دید۔ دیدار صنم میں خیال لگا ہوا ہے آپ ہمارے بزرگ اور بڑے بھائی ہیں ہمارے حق میں دعا کرتے رہا کریں، آپ کی دعاؤں کا صدقہ مرشد محبوب کی مہربانی سے لا مقصود خیال سے خدمت اور ریاضت میں لگے ہوئے ہیں۔

لا الہ ہو کے فقیراں نے کہنا۔۔ الا اللہ ہو باقی بقادار رہنا

ڈاکٹر صاحب (عبد الجبار سائیں) نے چٹھی میں خوب لکھا کبھی راضی سائیںؒ امن پور شریف میں اور کبھی قصور شریف میں۔ بہت خوشی ہوئی کہ سچے طالبوں کو مرشد کامل ہر وقت فیض بخشتا ہے۔ دونوں جہاں کے اندر نفس واحد کے سوا اور کچھ نہیں۔ کل کائنات میں کلمہ لا الہ الا اللہ کے سوا کچھ نہیں ہے

خلق فنا خالق بقا -- لا الہ الا اللہ

ذاتی تجلی نور ضیاء ۔ ظاہر باطن مصطفیٰ

یعنی جان جسم میں روحی راز ھو کے ساتھ وابستہ ہے۔ میرے محترم نمانہ صاحب آپ کو مبارک ہو کہ جن کو ڈاکٹر صاحب جیسے پاک خیال طالب اللہ ملے ہیں۔ الحمد اللہ، اس مسکین کی دعا ہے کہ سچے سائیںؒ کے تمام طالبوں اور تمام فقر کو سچا سائیں اپنی رحمت میں ڈھانپ لے۔ آمین

دل چاہتا ہے کہ چٹھی لکھتے جائیں مگر ساون کا میلہ قریب ہے انشاء اللہ باقی باتیں میلے پاک پر ہوتیں رہیں گی۔ اور محبت صحبت میں بیٹھ کر روحانی لذت پائیں گے۔ اور پیار ہو گا خوشیاں منائیں گے۔ جناب آپ نے فرمائش کی ہے کہ ہمارے لیے حقالے کر آئیں انشاء اللہ حقا ضرور آئے گا، اور کوئی فرمائش ہو برائے مہربانی بتادیں۔ شکریہ

تمام سندھ شریف کے جتنے بھی فقراء ہیں سب کو اللہ ہو حق موجود۔ دعا سلام ختم کلام قلم بند۔ راضی خداوند

آپ کے چھوٹے بھائی

فقیر سائیں راضی رشید مستانہ خادم الفقراء

سرمستی میخانہ قصور

۲۸۔۰۶۔۲۰۰۲ء

Gul Hayat Institute

***

هي خط جناب غلام مصطفيٰ جوکيو مختيار ڪار ڪشمور کي لکيو ويو جيڪو ڊي سي ٽي ريٽائرڊ ٿيو ۽ فقير غمدل سائين جو طالب هيو سائين پاڪ بابا نماڻو سائين کي سپ ڪان وڌيڪ خط پڻ غلام مصطفيٰ صاحب جا لکيل آهن.

الله هو                                        حق موجود

بخدمت جناب برادرم حقيقي سائين غلام مصطفيٰ

عرض تہ خط اوهان پيارن جو پهتو احوال معلوم ٿيو پڙهي روح راضي ٿيو وري بہ اهڙي ياد کان نہ وساريندا هادي غمدل سائين اوهان کي اسان مسڪينن جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو آهي انهي ۾ ڪا سستي ڪرو تہ وڏيڪ مالڪ آهيو هڪ ڏينهن هڪ گهڙي اميرن جي بہ گذري ٿي ۽ مسڪينن جي بہ گذري ٿي پر گهڙي اها چڱي آهي جيڪا يار جي ياد ۾ گذري جي وساريندين تہ اسان کي ياد آهي ۽ خط ۾ دير ڪندا آهيو انهي مان معلوم ٿيندو آهي تہ بيزار ٿي پيا آهيو عشق ۾ بيزاري نہ ٿيڻ گهرجي جو عشق اسان جو رهبر آهي جو سر مال ڏيو بجي عشق خريد ڪريجي، جو پيارا محبوب سائين اوهان جو نالو غلام مصطفيٰ آهي اسان تہ تنهنجي نالي تي عاشق آهيون.

یار تیری یاد میں تن من تمام ہے
میرا کام ہر دم لینا تیرا نام ہے
کر کر یاد تساڈی سجنا نت آون خیال نویں نویں

جمعي جو واعدو ڪيو هو تہ مان ايندو رهندس اسان تہ جمعي جي ڏينهن کي پيا واجهايون پر نا اميدي معلوم ٿي پر مون تہ جمعو خطا نہ ڪيو آهي وڏيڪ مالڪ آهيو متان ناراض ٿي وڃو جو اسان مسڪين آهيون جو يتيمن تي ڪاوڙ گهٽي هوندي آهي سو معاف ڪندا.

اوهان جو خادم نماڻو

❊❊❊

هي خط جناب غلام مصطفيٰ جو ڪيو سائين جن جواب ۾ لکيو

بسم الله الرحمن الرحيم.

مدايون مون ۾ ڪوڙين آهن ڪانڌ،
پرين ڏي پاند، لڄ لڪائج لوڪ کان.

GHULAM MUSTAFA JOKHIO
B.A L,L,B
MUKHTIARKAR

REF;

DATE; 27 / 4 / 82

بخدمت جناب فقير سائين

ادبن نيازن پيرن چمڻ جي عرض تہ اڄ توهان بزرگن جي تار بہ پهتي ۽ خط بہ پهتو تار ڏسڻ سان اکين مان ڳوڙها ڪري پيا تہ رب تعاليٰ هڪ فقير سهارو ڪري ڏنو آهي خدا تعاليٰ اهو ڪين ڇندو پر وري خط بہ کولي پڙهيم پوءِ تہ اوهان پيارن جي صحبت جي خوشي ٿي. مان جمع تي نہ اچي سگهيس جو جمع جي ڏينهن ڪشمور ۾ هندن ۽ مسلمانن جو جهڳڙو ٿي پيو هيو جنهن جي ڪري موڪل بند آهي بابا سائين جي طبيعت بہ بلڪل ٺيڪ نہ آهي ان جو بہ ڏاڍو انتظار آهي 93 ورهيہ عمر آهي ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي دعا ڪندا رهندا جلد اچي پير چمبا، باقي زماني جي ڳڻتين بہ سڪائي ڇڏيو آهي ڪمشنر صاحب ناراض ٿيو آهي دعا ڪندا. هن منهنجي خلاف بورڊ کي لکيو آهي تہ غلام مصطفيٰ جي خلاف

اي مالڪ مهربان تو کي کلي معلوم آهي تہ آءٌ دنيا جي ماڻهن جو ستايل آهيان هاڻ مون ۾ وڏيڪ سهڻ جي سگه نہ رهي آهي جو آءٌ تنهنجي ڪنهن آزمائش ۾ پورو لهي سگهان. پر اي لائقِ ڪل مالڪ! تون ئي لڄپال آهين تون ئي رکوال ۽ ننگپال آهين تون ئي هن پنهنجي عاجز بندي جو حال محرم ازلي هادي حقيقي دوست آهين. هاڻ ئي اوهان جي قرب سان خبر پئي آهي تہ "اے دل تیرا سچا سجن اللہ سوا کوئی نہیں" اهو سڀ ڪجهہ هادي رهبر تنهنجي مهرباني ۽ ازلي عنايت سان آهي. جو پنهنجي محرم راضي عطا ڪئي وئي آهي ورنہ تہ هي بندو بيڪار ۽ عاجز آهي. آقا! آءٌ اوهان کان سواءِ آءٌ ڪجهہ بہ نہ آهيان، ڪجهہ بہ نہ آهيان. تنهن ڪري رحيم، ڪريم، غفور، شفيع سڏائڻ وارا مالڪ! مون بندي گندي جي حال تي ڪرم ڪريو آءٌ اوهان کان اوهان کي گهريو آهي ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ ڇڏيو آهي هي جيڪو بہ ڪجهہ ٿي رهيو آهي اوهان جي منشا ۽ مرضي آهي، ورنہ هڪ خاڪي ۾ ڪهڙو دم جو ڪجهہ ڪري سگهي تنهن ڪري آءٌ اوهان جي وسيع ۽ شفيع درگاهہ ۾ بدستِ دعا آهيان تہ مون کي ٻيو ڪجهہ نہ کپي ليڪن پنهنجي حاضر مجلس کان مون کي محروم نہ ڪريو اوهان ڪل ڪائنات کي گنج ڏيو سڀ ڪجهہ ڏيو جنهن کي وڻي جيڪي ڪجهہ ڏيو مگر مون کي اوهان جي غلامي تي فخر آهي. تنهن ڪري هن عاجز غلام کي پنهنجي حاضري کان محروم نہ رکيو. بس

توکان گهران ٿو توکي، ٻي ڪا ناهي ضرورت
دنيا کپي نہ عقبيٰ، درڪار يار تنهنجو
مون کي ڪرائي منٿا، ديدار يار پنهنجو

آءٌ جڏهن تائين انساني روپ ۾ اوهان کي ڏٺو تہ آءٌ سمجهي نہ سگهيس، هزارين وسوسا، دليل ۽ خيال ايندا رهيا ۽ هاڻ جڏهن اوهان خبر ڏني ۽ معلوم ٿيو تہ اوهان گوناگون گنج آهيو مخفي بحرِ بيڪران آهيو تہ بہ منهنجون وايون بتال ٿي ويون تہ اوهان تہ منهنجي وهم و گمان، عقل ۽ قياس کان بہ بالا تر آهيو اهو تڏهن ٿيو جڏهن اوهان مهرباني ڪئي ورنہ تہ هي عاجزبيڪار بندو آهي ۽ تون ئي مالڪ آهين هي سڀ ڪجهہ تنهنجي امر جي طابع آهي ۽ بس صرف ۽ صرف تون ئي مالڪ آهين ۽ گوناگون گنج تنهنجا پيد آهن ۽ هر پيد ۾ مون تو کي لاشريڪ ڏٺو آهي. ۽ ڪو بہ تنهنجو شريڪ نہ آهي. ۽ تنهنجي باري جيڪو خيال ڪيو وڃي اهو رڳو خيال ئي آهي مگر تون هر خيال ۽ حال کان اعليٰ ۽ بالا آهين. منهنجا هادي مالڪ هن عاجز گناهگار بندي تي پنهنجي شفقت، عنايت ۽ رحم و ڪرم کي قائم ودائم رکو جيئن تنهنجي شان حي القيوم آهي تيئن پنهنجي هن ٻانهي تي ازلي راز محرمي ۾ يڪتا رکو اهو ئي مون لاءِ گنج آهي ۽ توهان کان سواءِ ڪابہ لالچ طمع ۽ لوڀ نہ آهي. اي منهنجا مالڪ منهنجي حال خيال دل کي انهي سيني ڳالهين کان آزاد ۽ پاڪ رک. ڇاڪاڻ تہ هي سڀ ڪجهہ تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ تنهنجي ازلي مهرباني کانسواءِ سڀ ڪجهہ ناممڪن آهي تنهن ڪري هر ناممڪن کي ممڪن تنهنجي شان ازلي جي صفت آهي تنهنڪري سڀ صفاتي ۽ ذاتي صفتن جي صدقي منهنجي حال تي رحم ڪريو. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي شان ئي رحيم آهي

"سميعُن عليمي لطيفن خبيري، هڻ حال ڪيها دل دا سڻاوان"

مالڪ تو کي معلوم آهي اڄ تنهنجي ڪچهري کان پري ۽ دور منهنجي حالت ۽ ڪيفيت ڪي توهان ڏسي رهيا آهيو آءٌ هڪ بسمل وانگر تڙپي رهيو آهيان ڪوئي حال محرم نہ آهي پنهنجي مطلب لاءِ دنيا وارا مون کي استعمال ڪري ڦٽو ڪري ڇڏيندا آهن پوءِ بہ آءٌ نٽو سمجهان. توهان تہ هزارين مشاهدا ڪرايو ٿا مگر آءٌ اڻڄاڻ آهيان وري وري هليو ٿو وڃان اها ئي خامي آهي جو دنيا وارن سان زيادا لڳن آهي. ها مالڪ! مون کي معلوم آهي تہ آءٌ دنيا ۾ ڦاٿل آهيان. تارڪ الدنيا ناهيان. پر اها بہ اوهان جي ازلي عنايت آهي.

الله جس نوں چاہے، اپنا راہ وکھائے

ولی کر وصل دیاں، باتاں سکھائے

آهن مالڪ سڀ مون ۾ هوتن ۾ نہ هڪ. پر آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان جو اوهان ئي فرمايو آهي تہ

توڙي هلين تڪڙي، توڙي هلين وِڪ

لکيي منجهان لِڪ، لهي ڪين لطيف چئي.

سو آقا و مولا شل پنهنجي لطف و ڪرم سان نوازين. تنهنجي ازلي عنايت کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهيان. ڪجھ بہ نہ آهيان. هي سڀ ڪجھ تون ئي آهين. تون ئي آهين آءٌ صدقِ دل سان اقرار ڪيو آهي تہ اِن الله عليٰ ڪلِ شئيءِ محيط تہ پوءِ هي بندو بہ تنهنجي دائراءِ اختيار ۾ آهي جيئن وٽي تيئن هلايو "واڳ ڏٽي تو وس، آءٌ نہ پاڻ وهيٽي" مالڪ تون ئي مالڪ آهين. تون ئي ڪار ساز آهين تون ئي هادي، تون ئي مهدي، ۽ تون ئي مولا آهين سڀ روپ رنگ ۽ بيرنگي سڀ تنهنجوئي شان ازلي آهي. ۽ هي سڀ بہ تنهنجي شان ازلي سان هلي رهيو آهي. تون آهين تہ سڀ ڪجھ آهي تو کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي، مگر تون آهين هئين ۽ هوندين، حي القيوم تنهنجي شان آهي تون ئي بقا آهين ۽ باقي سڀ فنا آهي بقا ذاتِ واحد تنهنجي آهي ۽ تو کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي اي منهنجا مولا هن عاجز بندي تي مهر ڪر، مولا پنهنجي غلامي ۾ قبول ڪر. هادي صرف ۽ صرف هڪ التجاء هڪ مدعا ۽ هڪڙوئي عرض آهي.

اے کو جھڑی کر منظور سائیں۔۔ رکھ حاضر وچ حضور سائیں

نہ ڪوئي دوئي نہ ڪو غير .... هر صورت ۾ تنهنجو سير

قلم بند ... راضي خداوند. والسلام ختم ڪلام

عبدالجبار سائين

10 محرم الحرام 1425 هـ

## سندن پير ڀائي

هادي پاڪ سخي سرتاج بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر رحمت الله عليہ جن جي طالبن جو سلسلو تہ تمام وسيع آهي پر اسان هتي سائين جن جي انهن طالبن جو ذڪر ڪندا سون جيڪي هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن سان قريب تر رهيا ۽ سندن محبت، صحبت ۽ ڪچهري ۾ هڪٻئي جي رهنمائي پڻ ڪندا رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

## پنجاب جي فقراءَ

نقير هادي شهنشاهہ سائين رحمدل سائين صوفي قادري قلندر سجادهہ نشين درگاهہ عاليہ امن پور شريف لاهور

نقيرهادي سائين خيال الله سائين صوفي قادري قلندرالمصطفائي آستانہ امن پورشريف لاهور

بابا علم دين سائين امن پور شريف لاهور..... بابا ساڈو سائين، امن پور شريف لاهور

بابا سمندا سائين لاهور...... مولا داد سائين لاهور .... ملنگ مولا سائين ٹاٹا چوهنگ لاهور

بابا ننڍا سائين ٹاٹا چوهنگ لاهور..... بابا پلا سائين ٹاٹا چوهنگ لاهور

صادق اليقين سائين امن پور شريف لاهور..... عزيز الحق سائين آزاد ڪشمير

نور الله سائين لاهور..... سيد الطاف الحق المعروف پُر سوز سائين اڇرا لاهور

سيد اڪرام الحق المعروف اڪرام شاهہ سائين اڇرا لاهور.. بابا دين سائين ڪوٹ لکپت لاهور... امانت سائين ڪوٹ لکپت لاهور.. نيڪ سيرت سائين ڪوٹ لکپت لاهور

دوست الله سائين ڪوٹ لکپت لاهور.... خوش نصيب سائين ڪوٹ لکپت لاهور

سائين راضي رشيد مستانہ سر مستي ميخانہ راضي پور شريف قصور.. پرت پال سائين لاهور درويش لطيف سائين انار ڪلي لاهور.... صوفي صلاح الدين سائين لاهور.... مرزا انور بيگ عرف الله والا سائين لاهور.... فضل الله سائين انار ڪلي لاهور... مرد حقاني سائين امن پور شريف لاهور .... فقير بابا سياٹو سائين ڪوٹ لکپت لاهور ... هردلعزيز سائين لائلپور... نياز محمد سائين لاهور... محمد نواز سائين لاهور... محمد عارف سائين سيال ٹاٹا چوهنگ لاهور.. بابا رانجها سائين لاهور.... بابا هرا سائين امن پور شريف لاهور.. بابا مکڻ سائين لاهور... مرتضا ئي سائين ٹاٹا چوهنگ لاهور .... بابا رشيد سائين انار ڪلي لاهور.. بالي شاهہ سائين لاهور... بابا غلام محمد سائين فيصل آباد... سائين اخلاق سائين فيصل آباد ... مشتاق احمد سائيں فيصل آباد -- سائيں حال فقير سائين لاهور... هر دل عزيز سائين لاهور ... مهر الدين سائين لاهور .. شڪر گذار سائين لاهور .. رحمان الله سائين لاهور .. بابا پيارا سائين لاهور .. رنگ علي شاهہ سائين .. بلند حوصلہ سائين امن پور شريف لاهور... بابا باوفا سائين لاهور.. بابا لال سائين لاهور..... بابا حسين سائين لاهور... بابا فضل سائين لاهور... خوشي محمد سائين باگڙيان لاهور.. بابا پاڳ سائين لاهور.. بابا عاشق سائين لاهور... بابا خوشي محمد ڪوٹ لکپت لاهور.. شاهہ محمد سائين لاهور.. بابا حسين بخش سائين لاهور... دين محمد سائين لاهور .. بابا لطيف سائين لاهور، بابا طفيل سائين ڪوٹ لکپت لاهور

## سنڌ جي فقراءَ ؒ

سائين روشن ضمير سائين مير پور خاص

فقير شينهن سائين ڪورائي ڳوٹ عزت ڪورائي داد لوءِ.. عبدالڪريم سائين لاشاري جيڪب آباد.. عبدالغفور سائين سولنگي بداٹي، غلام اڪبر سائين پنو ڳوٹ مبارڪپور جيڪب آباد .. سائين وزير احمد سائين ڪلهوڙو الله رکيو سائين سولنگي ويراڳي ڪشمور

Gul Hayat Institute

علي گل سائين المعروف سرد دل سائين ڳوٺ ڏنو ماڪو... فقير جمال الله سائين چاچڙ رانوتي... استاد عبدالصمد شيخ المعروف سعادتمند سائين گهوٽڪي ... حقنواز سائين منگي ڪنڊ ڪوٽ, ڪرشن لعل المعروف سيرت وفا سائين گهوٽڪي ... خدا پرست سائين شيخ گهوٽڪي .. برد بار سائين گهوٽو ڳوٺ جلال گهوٽو... ڪل خير سائين گهوٽو ڳوٺ جلال گهوٽو... غلام نبي عرف جهنگل سائين المعروف پڌر سائين برادرِ حقيقي... وفادار سائين ڪوري چڪ شهباز پور, دلڪشا سائين چڪ شهباز پور, فقير هادي رنگيلو سائين منگي ڳوٺ خميسو چاچڙ ڪمون شهيد.. محمد عمر المعروف محمدي سائين چاچڙ ڳوٺ خميسو چاچڙ... حاجي محمد پريل سائين چاچڙ ڳوٺ حامد چاچڙ... قربان علي چاچڙ المعروف وڏو سائين ڳوٺ حامد چاچڙ... پانڊي چاچڙ عرف چاندي سائين ڳوٺ حامد چاچڙ... علي محمد سائين چاچڙ ڳوٺ الهيار چاچڙ... مير مهر عرف سچار سائين چڪ شهباز پور.. بکن باخدا سائين چڪ شهباز پور...

جن درويشن جي صحبتن ۾ شريڪ ٿيا

01 فقير سائين عبدالحق سائين سجادھ نشين درگاھ عاليہ سچل سرمست درازا شريف پاڻ بابا نماڻو سائين جن سائين عبدالحق سائين جي پهرين ملاقات بابت هن طرح فرمائن ٿا تہ "آءُ پهريون پيرو حضرت سخي سرتاج مرشد هادي بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر ؒ جن سان گڏجي درازا شريف وياسون, سنڌ پنجاب جي ڪافي فقراءَ سائينجن سان گڏ هئي, سرڪار راضي سائين جن لاهور کان هڪ چادر سچي سائين جي درٻار اقدس تي چڙهائڻ لاءِ آندي هئي ۽ لنگر ۾ هڪ ديگ چانور پڪائي هئي. سچي سائين جي درٻار تي حاضر وينا هئا سون تہ فقيرهادي سائين عبدالحق سائين جن پاڻ بنفسِ نفيس آيا فقراءَ سان مليا ۽ سائين راضي سائين جن سان گڏ ويهي رهيا. هادي پاڪ جن سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ سائين فقراءَ لاهور کان هڪ چادر سچي سائين تي چڙهائڻ لاءِ آندي آهي ۽ لنگر ۾ هڪ ديگ چانور پڪائي آهي سو براءِ ڪرم اوهان پاڻ پنهنجي دستِ مبارڪ سان چادر چڙهائن ۽ لنگر پڻ تقسيم ڪرڻ فرمائن. تنهن تي پاڻ عبدالحق سائين تبسم فرمايو ۽ فرمائڻ لڳا تہ "چادر مون کي ڏيو آءُ پائيندس, سچي سائين کي ڪافي چادرون پاتل آهن ۽ لنگر گهر حويلي ۾ موڪلي ڇڏجو" اهو ڪجهہ فرمائڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجي چادر ۾ ٻڌل ڪجهہ کوليو تہ ٻہ انب هئا پاڻ سرڪار عبدالحق سائين هڪ انب سرڪار راضي سائين جن کي ۽ هڪ انب اسان کي عطا ڪيو" جڏهن عبدالحق سائين جن وصال ڪرڻ فرمايو تہ اها لاهور واري چادر سائين عبدالحق سائين جي درٻار تي چڙهيل هئي.

02 حضرت فقير ڊاڪٽر سخي قبول محمد سائين چهارم موجودھ سجادھ نشين درگاھ عاليہ درازا شريف جن سان امن پور شريف لاهور ۾ ملاقات ٿي.

03 حضرت فقير سائين سخي انور علي شاھ سائين جهانپور شريف.

04 حضرت فقير سخي سائين محمد سائين گهوٽو. حسين ٻيلي.

05 حضرت فقير سائين سيد داتا ولايت علي شاھ سائين انباھ شريف.

06 حضرت فقير سائين غمدل سائين دايو درگاھ عاليہ قلندر شاھ جيلاني نبي شاھ وڳڻ.

07 حضرت فقير سائين سيد چيزل شاھ سائين درگاھ عاليہ رڪيل شاھ بادشاھ فتح پور.

همعصر فقراءَ ۽ اهلِ محبت جيڪي محبتن ۽ صحبتن ۾ رهيا

## درگاهه حسين هيلي جي فقراءَ

حضرت فقير محمدڻ سائين گهوٽو سجاده نشين درگاهه عاليه حسين هيلي
حضرت فقير ارشاد علي سائين موجوده سجاده نشين درگاهه عاليه حسين هيلي
حضرت فقير لڏو کوکر عرف فقير نانڪ سائين.. حضرت سائين عبدالله فقير انصاري سکر .. حافظ محمد عالم سائين انصاري سکر ... حضرت فقير غوثل سائين شهيد .. فقير سائين الهرکيو خان گهوٽو حسين هيلي .. فقير سائينڏنو عرف سائينل سائين حسين هيلي .. فقير جان محمد سائين حسين هيلي .. فقير هادي استاد محب علي سائين ٽالپر شهداد پور .. فقير سائين اعجاز علي سائين سجاده نشين درگاهه محب علي سائين شهداد پور

فقير ڊاڪٽر حاتم علي سائين ٽالپر شهداد پور .. فقير استاد محمد عمر سائين شهداد پور ... فقير استاد عبدالغني سائين شهداد پور..سائين استاد محمد ابراهيم سائين ميمڻ شهداد پور .. سائين ڊاڪٽر سهراب علي خان شهداد پور ... فقير سيد سائين عظيم شاهه سائين مهيسرو ... ارباب فقير شيخ گهوٽڪي ... محمد صديق سائين ملڪ گهوٽڪي .. استاد غلام شبير سومرو سکر .. سائين غلام نبي سومرو سکر .. هيڊل فقير ميراڻي لانگهو اوباوڙو ... فقير ميول سائين موچي گهوٽڪي .. سائين سنجر فقير وسير گهوٽڪي

## درگاهه غمدل سائين جي فقراءَ

فقير هادي استاد لطف علي سائين رحمة الله عليه سجاده نشين درگاهه فقير غمدل سائين رتوديرو... فقير علي مراد سائين بسمل بکراڻي ڪنڌ ڪوٽ ... فقير غلام رسول سائين جيڪب آباد ... سائين غلام مصطفيٰ جوکيو رٽائرڊ ڊي سي لاڙڪاڻو.... فقير محمد مٺل سندراڻي قادرپور ... سيد شير محمد شاهه سائين ڪودا شر محمد پور .. مولوي غلام رسول ڪاتب گهوٽو گهوٽڪي .. استاد محمد رفيق سائين ڊومکي گڊو

## درگاهه بخت فقير جي فقراءَ

حضرت فقيرسائين عاشقِ رسول سائين بخت فقير احمد پور لمه ... فقير بختزاده سائين محمود الحسن سائين سجاده نشين درگاهه بخت فقير احمد پور لمه ... بختزاده عزيزالحسن سائين ... فقير محراب خان ڏهاڻي تنگواڻي ڪنڌ ڪوٽ.

## درگاهه نور شاهه جي فقراءَ

حضرت فقير سائين محب علي سُائين درگاهه عاليه نور شاهه سائين ... فقير سائين مالهي فقير درگاهه عاليه نور شاهه سائين ... مومن سائين ڪوش

## درگاهه عاليه جهانپور شريف جي فقراءَ

حضرت فقير سائين حضور بخش شاهه سائين سجاده نشين درگاهه عاليه جهانپور شريف ... فقير سائين منگهن سائين منظورِ نظر انور سائين ... فقير سائين پانڌي سائين منگي سرحد ... فقير

Gul Hayat Institute

## درگاهہ بيدل بيکس سائين جي فقراءَ

فقير هادي سائين بيگ محمد سائين سجادهہ نشين درگاهہ عاليہ بيدل سائين روهڙي .. فقير سائين غلام نجف سائين سجادهہ نشين درگاهہ عاليہ بيدل سائين روهڙي ... عبدالقادر قريشي صاحب روهڙي ... سائين الاهي بخش شيخ صاحب رٽائرڊ سي او روهڙي

## درگاهہ رکيل شاهہ جي فقراءَ

سيد حڪيم فقير سائين فدا حسين شاهہ لکي ... فقير محمد عارف سائين سومرو جيڪب آباد ... فقير سيد ظفر علي شاهہ ويراڳي جيڪب آباد

## درگاهہ جهوڪ شريف جي فقراءَ

فقير سائين امام الدين ڏکڻ ... سائين پنهل فقير جوڻيجو مديجي ... سائين محبوب فقير جيهو ... فقير سڪندر علي ويراڳي ... فقير عبدالمجيد ويراڳي ... استا د محمد صديق ڪلوڙ سکر

## درگاهہ درازا شريف جي فقراءَ

سائين لعل بخش فقير گڏاٽي خانپور مهر ... فقير علي غلام سائين گڏاٽي ... خانپور مهر ... فقير بابو بچل سائين ... فقير سيد موتڻ شاهہ ويراڳي پير ڳوٺ ... فقير غلام حسين فقير ويراڳي پير ڳوٺ ... محمد اشرف سائين شيخ روهڙي ... فقير غلام مصطفيٰ سائين درازا شريف .بابو سائين ڪمال فقير ڪنير، رخ فقير ماڙيچو

## درگاهہ احمد سائين خانگڙهہ جي فقراءَ

فقير هادي سائين عبدالجبار سائين مست درگاهہ عاليہ احمد سائين ...فقير بابو جمعو سائين گهوٽو (والد بزرگوار) ڳوٺ جلال خان گهوٽو.... بابو محمد بچل سائين ڪلوڙ چنگلاٽي ... فقير سائين مير احمد رڪ رڪ فارم... سائين عبدالقادر سومرو گهوٽڪي ...

## درگاهہ سوئي شريف جي فقراءَ

استاد خان محمد سائين رڪ، رڪ فارم گهوٽڪي .. فقير غلام رسول چاچڙ ڳوٺ الهيار چاچڙ.... فقير علي بخش سائين سومرو ڳوٺ الهيار چاچڙ ... فقيرصوفي الهوڏايو سميجو ڳوٺ مراد سميجو ... استاد نور محمد مسافر سومرو ڳوٺ الهيار چاچڙ..

## انهن کان علاوهہ

فقير سائين حسين شاهہ بخاري گهوٽڪي، فقير هادي سائين رئيس مولا بخش ٽرهلي ولهار ... فقير

هادي سائين مست مقيم سائين سجادہ نشين درگاھ عاليہ ٻڍل سائين ... فقير سيد منظور احمد شاھ صاحب شور ڪوٽ پنجاب ... فقيرهادي سائين علي گوهر فقير سندراڻي ... فقير عبدالوهاب سائين سجادہ نشين درگاھ عاليہ قاضي بابا سکر ... فقير سائين مانجهي فقير بوداڻي ٻروڙ شهداد پور ... فقير گرو عنايت سائين صادق آباد ... فقير مير زوار حسين ٽالپر خيرپور ميرس،،، علامہ مولانا فقير عبدالستار چشتي نور مسجد گهوٽڪي ... پريل فقير شر نرلي اوٻاوڙو ... فقير محمد اڪرم سائين ملتان ... فقير سيد امام علي شاھ صاحب اوٻاوڙو ... فقير سيد علي بلاول شاھ بخاري اوٻاوڙو ... ميجر ڊاڪٽر قادر بخش دائود پوٽو گهوٽڪي ... فقير صفت ديوان رهندو مل المعروف موٽواڻي صاحب ... حڪيم ڪوثري صاحب سکر ... حاجي اڪبر علي سائين ملڪ اوٻاوڙو ... استاد محمد پريل چانڊيو اوٻاوڙو سعيد احمد سائين ڪنبوھ ڳوٺ جمن پنوا اوٻاوڙو ... فقيرسائين ريشم علي سائين ولهار سنجر پور پنجاب، الهوڏايو سائين گهوٽو ڳوٺ پنجو باغ.

## ميخاني جي قيام تزئين و آرائش ۾ فقراءَ جون خدمتون

جيئن تہ پهرين بہ بيان ڪري آيا آهيون تہ سرڪار هادي پاڪ بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر رحمۃ اللہ علیہ جي طرفان جڏهن ڪوھ تي بيٺل ڪوٺي جي مرمت ڪرڻ جو امر عطا ٿيو تہ حضرت بابا نماڻو سائين جن جلد ئي ڪوٺي جي پُستي وغيرھ جي رياضت ۾ لڳي ويا ۽ وڏي شوق، ذوق ۽ عشق سان آستاني جي رياضت ڪندا رهيا. ميخاني جي ڪم ۾ شروعاتي دور ۾ پاڻ اڪيلي سر شروع ٿي ويا. مگر راھ ۾ همسفر ملندا رهيا ۽ قافلي جي صورت اختيارڪندو ويو. سڀ کان پهرين تہ سندن حقيقي ڀاءُ سائين غلام نبي عرف جهنگل المعروف پڌر سائين جن وڏي جوش جنون ۽ جذبي سان سائين بابا نماڻو سائين جن جو ساٿ ڏنو. عشق جي راھ ۾ دل کولي سخا ۽ قرباني ڏني ميخاني جي قيام لاءِ پنهنجي زمين پڻ ڏنائين. ان کان علاوہ جاني مالي قربانين ۾ اڳ کان اڳرا رهيا. ۽ آخري دم تائين ان حال تي قائم رهيا. ان کان پوءِ حضرت بابا نماڻي سائين جن جي اولاد جن ۾ مرد خدا سائين، نوراني سائين، حاڪم علي سائين ۽ محمد رفيق سائين پنهنجي پنهنجي وقت سان هر حال ۾ دم قدم، همدم ۽ همراھ رهيا. وڏي رياضت ۽ جُهد ڪيائون.

ميخاني پاڪ جي شروعاتي دور ۾ بابا نماڻي سائين جن جي پير ڀائن جون بہ وڏيون خدمتون ۽ قربانيون شامل آهن انهن پير ڀائن جن هر وقت هر حال ۾ پنهنجي حال سارو ساٿ ڏنو انهن ۾ سڀ کان پهرين فقير هادي سخي سائين رحمدل سائين سجادہ نشين درگاھ عاليہ بابا راضي سائين امن پور شريف جو نالو اچي وڃي ٿو. ان کان علاوہ استاد عبدالصمد سائين المعروف سعادتمند سائين شيخ گهوٽڪي، ديوان ڪرشن لعل المعروف سيرت وفا سائين گهوٽڪي، علي گل سائين المعروف سرد دل سائين ڏنو ماڪو خداپرست سائين شيخ گهوٽڪي، بردبار سائين گهوٽو نزد آستانہ هذا، فقير شينهن سائين ڪورائي ڳوٺ عزت ڪورائي، فقير وزير علي سائين ڪلهوڙو چڪ رستم، اڪبر علي سائين، عبدالڪريم سائين لاشاري جيڪب آباد، فقير رنگيلو سائين منگي ڳوٺ خميسو چاچڙ اوٻاوڙو، ڪلخير سائين گهوٽو ڳوٺ جلال خان گهوٽو سائين غلام اڪبر سائين پنو ڳوٺ مبارڪ پور جيڪب آباد جن آهن جن جون ميخاني جي قيام ۾ وڏيون رياضتون ۽ قربانيون شامل آهن.

جڏهن هادي پاڪ بابا نماڻي سائين جن کي مرشدي و سيدي حضرت فقير بابا راضي سائين جن جي طرفان خلافت عطا ٿي ۽ طالبيت جو سلسلو جاري ٿيو ته شروعاتي دور جي طالبن وڏيون رياضتون ڪيون، انهن ۾ خان محمد سائين ڪوري ڳوٺ ڪچو بندي، محمد بخش سائين ماڇي ڪشمور، حافظ امام بخش پتو بداڻي، قلندر بخش سائين ٻولڪ نواز علي نواز سائين منگي ڳوٺ سائينڏنو گهوٽو عنايت سائين گهوٽو ڳوٺ جلال گهوٽو گلاب سائين گهوٽو ڳوٺ نزد جلال گهوٽو هزارو سائين شيخ، وارث علي مير بحر ڳوٺ سائينڏنو گهوٽو صابو موچي عرف رياضت علي سائين ۽ فقير ديدار علي سائين موچي ڳوٺ خميسو چاچڙ اوباوڙو فقير رميش لعل سائين جيڪب آباد، حاجي انور علي سائين گهوٽو ڳوٺ پنجو باغ، اقبال احمد سائين نوناري انڙ واهه، گل محمد لاشاري، پير بخش پتي جيڪب آباد، حافظ مير محمد سميجو بداڻي ۽ واحد بخش کهاوڙ شهداد ڪوٽ ۽ جن سرِ فهرست آهن. جن پنهنجي مرشد پاڪ جو دم قدم ساٿ ڏنو ۽ هر حال ۾ شاملِ حال رهيا.

هادي پاڪ بابا راضي سائين صوفي قادري قلندر جن جي تمام فقراءَ چاهي سنڌ جي هجي چاهي پنجاب جي آستانه عاليه بابا راضي سائين ڇوٽي امن پور شريف ۾ خدمت و رياضت ڪئي آهي. هادي پاڪ راضي سائين جن رياضتن ۾ شامل رهي فقراءَ سان گڏ پڻ رياضت ڪرڻ فرمائي آهي. پنجاب جي فقراءَ ۾ فقير سائين خيال الله سائين، پُر سوز سائين، اڪرام شاهه سائين، سائين راضي رشيد مستانه، سياڻو سائين، بادل سائين، دوست الله سائين، نيڪ سيرت سائين، ملنگ مولا سائين، بابا پلا سائين، بابا تنيا سائين، مرتضائي سائين، مرد حقاني سائين، عارف سائين ۽ باقي تمام فقراءَ سانوڻ جي ميلي ۾ پنهنجون مقرر ڪيل ڊيوٽيون سر انجام ڏيندا رهيا آهن.

انهن کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين سائين پاڪ هادي مرشد محبوب بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جي فقراءَ محبت ۽ عقيدت رکڻ وارن ميخاني جي نئين سر تزئين و آرائش ۾ ۽ خدمت و رياضت ۾ اڳي کان اڳرا آهن. ۽ هي سڀ ڪم مرشد هادي پاڪ جن جي لطف و ڪرم مهرباني، ۽ عنايت سان، سندن زيرِ نگاهه، عطا ۽ منشاء سان هلي رهيو آهي. ۽ تمام فقراءَ جن ۾ فقير مشتاق احمد سائين آرائين ڪمون شهيد، فقير علم الدين سائين لاشاري ڳوٺ اسلام خان لاشاري ميرپور ماٿيلو الطاف حسين سائين آرائين ڪمون شهيد، محمد اشرف سائين آرائين ڪمون شهيد، غلام ياسين سائين چاچڙ ڪمون شهيد، نور حسن سائين چاچڙ، فقير علي حسن سائين چاچڙ ڳوٺ الهيار چاچڙ، بروهي سائين چاچڙ ڳوٺ چنالي، عبدالجبار سائين چنا عرف عزيز حيدري اوباوڙو مشتاق احمد سائين قاضي، عبدالڪريم عرف ساڻو سائين قاضي ڳوٺ صالح ڌهر، رياض احمد سائين ملڪ، ٻيدل سائين ملڪ ڳوٺ لانگهو دلنواز سائين ڪنيڙو تبي ڪنيڙا رحيم يار خان، سردار بخش سائين ڪورائي ڌهرڪي، محمد رياض سائين، محمد فياض سائين ڪوڪر چڪ 182 منثار صادق آباد، مختيار احمد سائين ڪنيڙو صادق آباد، ڊاڪٽر الاهي بخش سائين گهوٽو گهوٽڪي، پرويز احمد سائين آرائين، محمد اڪرم سائين آرائين گهوٽڪي، رائو محمد ناصر سائين، رائو افتخار سائين، رائو سيٺ ساجد سائين، رائو علي بهادر سائين، حقنواز عرف پپو سائين آرائين گهوٽڪي، جان محمد سائين وسير تپيدار گهوٽڪي، سبحان الله سائين ڪورائي، ظهور احمد سائين ڪورائي، غلام مرتضيٰ سائين ڪورائي، قربان علي شيخ سائين داد لوءِ، مولا بخش سائين دشتي ڳوٺ جمع خان دشتي جيڪب آباد، منير احمد سائين چاچڙ ۽ الهوڏايو عرف دلصفا سائين چاچڙ

Gul Hayat Institute

ڪمون شهيد ۽ طارق سائين سومرو عادلپور جن پنهنجون پنهنجون ڊيوٽيون پنهنجي پنهنجي وقت ۾ عشق ذوق، جوش و جذبي ۽ محبت و عقيدت سان ڏنيون بہ آهن ۽ ڏيئي بہ رهيا آهن.

انهي سيني ڪان هڪ محترم قابلِ تعظيم، لائق فائق ۽ سچي عشق محبت وارو نالو رائو محمد شاڪر سائين جن جو آهي، جنهن ميخاني پاڪ جي نئين سر تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندن جاني ۽ مالي قربانيون بي انتها آهن. هادي پاڪ بابا نماڻي سائين جن جي نگاهِ خاص ۽ صحبت هيٺ رهيا آهن ۽ آءُ صرف ايترو اظهار ڪري سگهان ٿو تہ عاشق و معشوق وارو مقام آهي. پاڻ مالڪ ڪريم بابا نماڻو سائين جن اڪثر فرمائيندا هئا تہ مون کي جيئن شاڪر سائين ڏنو ۽ سڃاتو آهي بي ڪنهن بہ نہ ڏٺو ۽ نہ سڃاتو آهي، هي منهنجو محبوب آهي الله هادي پاڪ کين ظاهر وباطن شهنشاهيت عطا ڪئي آهي ۽ سندن درجات بلند فرمايا آهن.

طالب فقراءَ سان گڏوگڏ سائين هادي پاڪ بابا نماڻو سائين جن جا پوٽا ۽ ڏوهٽا سندس خاندان جنهن ۾ لعل بخش عرف لالڻ سائين، ذوالفقار علي سائين، عاشق حسين سائين، عبدالحق سائين، جمال الدين سائين، خادم حسين سائين، ربنواز سائين، طالب حسين سائين، آصف علي سائين، محمد بلال سائين، اويس علي سائين ۽ عبدالخالق سائين، وقاراحمد سائين، اظهار علي سائين، محمد جيئل عرف جيلو سائين، پيار علي سائين ڏاڏو مسو سائين، عمران سائين جن نهايت ئي عاجزي، انڪساري، پيار ۽ پابوهہ، عشق ۽ محبت سان رياضت و خدمت ۾ مشغول آهن انهن سان گڏ گل سائين مغل، راجا سائين دايو محمد يامين سائين گهوٽو الف سائين گهوٽو ڳوٺ جلال خان گهوٽو ۽ بي ڪافي فقراءَ پڻ خدمت و رياضت ۾ مصروف آهن.

## طالب فقراءُ

هادي پاڪ بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي فقراءَ طالبان، محبت و صحبت ۾ رهڻ وارن ۽ عقيدتمندن، ۽ محبت پيار ڪرڻ وارن جو تعداد تمام ڪثير آهي هتي سندن انهن طالبن، فقيرن ۽ صحبتين جو ذڪر ٿيو آهي جيڪي منهنجي علم ۽ ڄاڻ ۾ اچي سگهيا آهن. اگر ڪن محبانِ فقراءَ جو ذڪر نہ اچي سگهيو آهي تہ منهنجي ناقص علمي سبب معاف ڪرڻ فرمائن، ڇاڪاڻ تہ ڪامل و مڪمل منهنجي مالڪ جي ذات آهي آءُ هڪ عاجز بندو ۽ غلامن جو بہ غلام آهيان.

جيهي ڪي تيهي، تہ بہ ٻانهي ٻروچن جي
هُو جا پائن پير ۾، تنهن جتي نہ جيهي
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان.

خان محمد سائين ڪوري( مرحوم) ڪچو ٻنڊي، ديوان گل يڳت سائين گهوٽڪي، حافظ امام بخش سائين ٻٽو ( مرحوم) ۽ حافظ مير محمد سميجو بداڻي، سائين پير بخش ٻٽي جيڪب آباد، عنايت علي سائين گهوٽو ڳوٺ جلال خان گهوٽو گلاب سائين گهوٽو نزد ڳوٺ جلال خان گهوٽو محمد رفيق سائين گهوٽو (فرزندِ بابا نماڻو سائين)، علي نواز سائين منگي، هزارو سائين شيخ ۽ وارث علي سائين ميربحر ڳوٺ سائينڏنو گهوٽو رميش لعل سائين، ڪنول ولد رميش لعل سائين، بابر سائين ولد رميش لعل سائين

جيڪب آباد، محمد بخش سائين سولنگي ڪشمور، فقير امام بخش المعروف فقير ديدار علي سائين موچي، صابو موچي عرف رياضت علي سائين ڳوٺ خميسو چاچڙ، حاجي انور علي سائين گھوٽو ڳوٺ پنجو باغ، اقبال احمد سائين نوناري انڙ واهہ، گل محمد لاشاري ۽ واحد بخش کهاوڙ شهداد ڪوٽ، غلام پهلوان سائين (مرحوم) ڪوري جو ڪوهہ، محمد صديق سائين ( مرحوم) اقبال آباد، بابا بشير احمد سائين ( مرحوم ) عرف بابا سبزي والا اقبال آباد، فقير علم الدين سائين لاشاري، اڪبر علي لاشاري، وڏيرو حسين بخش لاشاري ڳوٺ اسلام خان لاشاري، منظور احمد سائين لاهوري لاهور، علي گل سائين بلوچ، فقير مشتاق احمد سائين آرائين، الطاف حسين سائين آرائين، زاهد حسين سائين آرائين، محمد اشرف سائين آرائين ڪمون شهيد محمد امين سائين سومرو ڏهرڪي، نور حسن سائين چاچڙ، فقير علي حسن سائين چاچڙ، امداد علي سائين چاچڙ ۽ غلام ياسين سائين چاچڙ ڳوٺ الهيار چاچڙ، پيار علي سائين چاچڙ ڳوٺ حامد چاچڙ، پير بخش سائين چاچڙ ڳوٺ خميسو چاچڙ، عبدالجبار سائين چنا مسلم ڪالوني اوباوڙو مشتاق احمد سائين قاضي (مرحوم)، عبدالڪريم عرف ساڌو سائين قاضي ڳوٺ صالح ڏهر، سردار بخش سائين ڪورائي( مرحوم) ڏهرڪي، دلنواز سائين ڪنيڙو (مرحوم ) ٽبي ڪنيڙا رحيم يار خان، بروهي سائين چاچڙ، الهوڏايو عرف دلصفا سائين ولد بروهي سائين، منير احمد سائين چاچڙ ڪمون شهيد، غلام رسول ڪورائي المعروف فقير سبحان الله سائين، ظهوراحمد سائين ڪورائي، غلام مرتضيٰ سائين ڪورائي، نياز محمد سائين ڪورائي ولد شينهن سائين، ولي محمد سائين ولد شينهن سائين ڪورائي ڳوٺ عزت خان ڪورائي، قربان علي سائين شيخ داد لوءِ، عبدالروف سائين فيصل آباد، ناصر عباس ناصر سائين ملتان، محمد بچل سائين ڪنيڙو مختيار احمد سائين ولد محمد بچل سائين ڪنيڙو صادق آباد، اڪبر علي سائين ڪنيڙو آدم صحابہ، فقير رائو محمد شا ڪر سائين، رائو محمد ناصر سائين، رائو عبدالغفار سائين، رائو افتخار حسين سائين، ڊاڪٽر رائو محمد عمران سائين (حال رهائش لندن) رائو سيٺ ساجد علي سائين، رائو جاويد احمد سائين، رائو علي بهادر سائين، محمد عظيم سائين، رتن لعل سائين، محمد اڪرم سائين آرائين، جان محمد سائين وسير تپيدار، حاجي غلام سرور سائين آرائين، حقنواز عرف پپو سائين آرائين، محمد يامين سائين گهوٽو گهوٽڪي، خادم حسين سائين ڏاريجو منڊو ديرو ڊاڪٽر يعقوب شاهہ سائين ڪراچي، مولا بخش سائين دشتي ڳوٺ جمع خان دشتي جيڪب آباد، بروهي سائين چاچڙ، ڪيهر عرف شينهن سائين چاچڙ، بگن سائين چاچڙ، خوشحال سائين چاچڙ، جمن سائين چاچڙ ڳوٺ چنالي، عبدالحفيظ سائين چاچڙ، عبدالرشيد سائين چاچڙ، ڪمون شهيد، رياض احمد سائين ملڪ، ٻيل سائين ملڪ، مختيار احمد سائين پنهور ڳوٺ لانگهو محمد رياض سائين، محمد فياض سائين ڪوڪر چڪ 182 منئار، عبدالغفار سائين منئار، غلام عباس سائين ڪورائي، نزد داد لوءِ، نذير احمد سائين ڪلوڙ (مينيجر) پنو عاقل، خادم حسين سائين گهوٽو (سند ن پوٽو) خالد حسين سائين چنا مير پور ماٿيلو شوڪت علي سائين سيال ميرپور ماٿيلو طارق حسين سائين سومرو عادل پور، ڊاڪٽر خورشيد احمد سائين سکر ۽ ٻيا.

## سائين جن جو وصال

فقير پاڪ هميشہ دردن جو درياہ هوندو آهي راضي سائين جن فرمائن ٿا تہ دردان نال ملاحظ دل دا،

سولان نال پيار اي نت واڌاري. سو سائينجن بابا سخي نماڻو سائين جن جي حيات طيبہ ہڪ دردن جو مجموعو رهي آهي جن حالات مان سائين جن گذري آيا آهن تن مان هڪ عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. آخري دور ۾ اڪثر پيشاب جي بندش جو عارضو بار بار ٿيندو رهيو. ڪنگهہ بلغم ۽ دمي جي شڪايت جو هميشہ ساٿ رهيو ڦيڦڙن جيئن اها حالت هوندي هئي تہ جو بقول ڊاڪٽرن جي ستر پرسنٽ ختم آهن ڏسڻ وارن جي حالتِ زار هوندي هئي ليڪن ان حالات جي باوجود ڪڏهن بہ سائين پاڪ جي چهري تي مايوسي، پريشاني يا تڪليف جي شدت جي ڪا بہ نشاني نمودار نہ هوندي هئي سدائين هشاش بشاش رهندا هئا سدائين مالڪ جو شڪر ادا ڪندا هئا ۽ سرڪار راضي سائين جن جو هي شعر فرمائيندا هئا تہ درد دلبر مل گيا يہ هوا فائدا مجهي. آءٌ راقم الحروف هڪ ڀيري سائين جن جي شدتِ تڪليف ڏسي دل ۾ فڪر ڪندو رهيس تہ مالڪ هي وجود سو سالن تائين وڏي ڪرب مان گذريو آهي اگر اوهان چاهيو تہ هي سڀ ڪجهہ بدلجي سگهي ٿو پوءِ ڇا وجہ آهي جو تہ يڪدم پاڻ اسان ڏانهن متوجہ ٿيندي فرمائڻ لڳا تہ "عبدالجبار سائين هي اسان کي سچل سرمست سائين طرفان امانت مليل آهي" آءٌ هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ "جي حضور" مالڪن جي زندگي جا تقريبن آخري پنج ڇهہ سال مسلسل علالت جي حالت ۾ گذريا پاڻ علاج معالجي کي تمام گهڻ پسند ڪرڻ فرمائيندا هئا مگر فقراءَ جي اسرار تي وڏي مشڪل سان ڪا دوا وٺڻ يا کائڻ لاءِ راضي ٿيندا هئا فقير هادي بابا نماڻو سائين جن تاريخ 23 ذوالحج سن 1435 هجري بروز آچر بمطابق 19 آڪٽوبر 2014ع ٽائيم اٽڪل 2:00 کان 2:30 منجهند جي درميان واصل بحق ٿيا. ذات رلي وڃي ذات سان جاءِ جهلي نہ جسم. وصال وقت سائين پاڪ جن پنهنجي پوٽي بلال احمد سائين ولد حاڪم علي سائين جي جهولي ۾ سندس سيني سان ٽيڪ ڏيئي وينا هئا جتي سندن وصال ٿيو. سائين پاڪ جن جي رسمِ غسل شام جو ست بجي ادا ڪئي ويئي ۽ نماز جنازا شام جو اٺ بجي ادا ڪئي ويئي غسل ۽ نمازِ جنازا جي سعادت مولانا عبدالمسعود پنو پيش امام جامع مسجد گهوٽڪي جن کي نصيب ٿي بعد از نماز جنازا تدفين جو بندوبست 23 ۽ 24 ذوالحج جي درمياني شب ڪيو ويو ٽئين ڏينهن رسم قل خواني ادا ڪئي ويئي ۽ 04 صفر 1436 هجري بروز خميس بمطابق 27 نومبر 2014ع چهلم جو ختم شريف ٿيو. سائين پاڪ جن جي ظاهري زندگي جو صحيح نموني ڪاٿو لڳائڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ تہ سائين پاڪ جن جي جنم جي تاريخ نہ ملي سگهي آهي. سائين پاڪ جن جا وڏا فرزند فقير مرد خدا سائين ٻڌائن ٿا تہ پاڪستان نهڻ وقت بابا سائين پنهنجي وارن کي ڪيس ڪندا هئا اگر 1947ع ۾ اگر ڪيس ڪرڻ جي بنياد تي چاليهہ سال مقرر ڪجي ۽ پوءِ 2014ع تائين 67 سال ڳٽپ ڪجن تہ پوءِ سائين پاڪ جن جي عمر 107 سال بيهي ٿي پاڻ اڪثر فرمائيندا هئا تہ آءٌ سو کان ڪجهہ سال وڌو آهيان هي هڪ اندازو آهي باقي الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو. والله علم با الصواب.

## دربار شريف جي تعمير

سائين پاڪ حضرت فقير سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جي وصال کان ڪجهہ مهينا پوءِ سائين جن جي روضي مبارڪ جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو روضي پاڪ جي تعمير جا تمام اخراجات سائين پاڪ جي محبوب صورت رائو محمد شاڪر سائين پنهنجي عشق ذوق ۽ شوق سان ادا ڪيا آهن روضو پاڪ تمام وسيع عريض مضبوط ۽ نهايت ئي خوبصورت تعمير ٿيو آهي الله

هادي جن رائو شاڪر سائين جن کي ظاهر وباطن بادشاهي و اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي روضي پاڪ جي تعمير جي باري ۾ رائو محمد شاڪر سائين اسان سان هن ريت اظهار ڪيو ته ”درٻار شريف جو ڪم ڪنهن انجنيئر، مستري يا ڪنهن نقشي جي تحت نه ٿيو آهي بس جيئن خيال ايندو رهيو ايئن ڪندا رهياسون“ سو خيال مالڪ آهي تمام ئي ٿوري عرصي ۾ درٻار شريف جڙي راس ٿي ويئي آهي شاڪر سائين جن طرفان راڻا دلشاد نگراني ڪئي ۽ سمورو سامان مهيا ڪيو ۽ سمورو ڪم بلال سائين، ربنواز سائين ۽ پرويز احمد سائين جن جي نگراني ۾ ٿيندو رهيو آهي الله تعاليٰ جو بي حد احسان آهي جو جلد از جلد سمورو ڪم خوش اسلوبي سان پايئه تڪميل تي پهچي ويو آهي.

## سائين جن جو ميلو

نقير هادي سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جن جو ساليانو عرس مبارڪ سائين پاڪ جن جي وصال مطابق اسلامي ڪلينڊر مطابق هر سال ذوالحج مهيني جي تاريخ 23.2[illegible].2[illegible] تي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي.

# كلام

# حضرت فقير سخي
# بابا نماڻو سائين
# صوفي قادري قلندر

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ڪافي 01

آيو چمن ۾ دلبر، ٿي چوطرف بهاري
هُو هُو هڳاءَ هر هنڌ، عاشق ٿيو اظهاري

بشري جو ويس پائي، آيو لوڪ ڪان لڪائي
عجب هي تاهه تاهي، نوري ڪٿي آ ناري

ڪيڏِي درد جون ڏمالون، ڪٿي ڪاف ڪوهه ڪشالون
ڪٿي قيل مقال قالون، ڪٿي حال تي هسواري

حسن تنهنجي جون لاٽون، روشن وهڻ ۾ واٽون
ڪنوڻ بدل ۾ چاٽون، چمڪار ٿيا چوڌاري

بقا مان فنا ٿيو فنا مان بقا ٿيو
عجب هي لقا ٿيو آهي الڳ راند ساري

آيو مسڪين تي نماڻو روءِ زمين جو راڻو
اٿئي عبده جو هلاڻو حاذق رک هوشياري

Gul Hayat Institute

# ڪافي 02

آ محبت جو مخمور عجب
سور عجب، منصور عجب
هر دم هادي حال ڏسي ٿو
خيال ٿي دل ۾ خيال وسي ٿو
آ چاهت جو هي، چُور عجب
دم دما دم، ڏم ڏمالي
هر دم هادي، خيال وصالي
آ عين عيان، حضور عجب
چپ جي بازي، چپ چپوتي
روپ رنگيلو انگ پيوتي
آ محبت جو منظور عجب
عشق عيان ۾، عشق اجاگر
عشق سرن جو يار سوداگر
درد جو هي، دستور عجب
خيال جو سير آ خيال جي بازي
خيال نماڻو خيال آ راضي
خيال سندو مذڪور عجب

Gul Hayat Institute

# ڪافي 03

آهين اصل تون پاڻ
مرد اها ڪوئي مام پروڙي
اشرف تنهنجو شان آ اشرف
خاڪي پائي پهراڻ
پاڻ پيو ٿو وندر ووڙي
الف ڪيو آ، ميم جو برقعو
مخفي رکي سڀ ماڻ
عبده جو جامو جوڙي
ناه نفي سان، ناٿ نمائي
عشق جا اهي اهڃاڻ
اثباتي جا علم ڪوڙي
فا ينما جو امر ڏيئي
فثم وجه الله پاڻ
وحدت وارو گس ولوڙي
وحدت ڪثرت،ڪيل ڪلائي
نماڻو ٿي، سڃاڻ
ڪثرت جا سڀ ٽڳا ٽوڙي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 04

آهي اصل، اعتبار
يقين ڪامل، رک تون طالب
روپ سروپ، رنداني جوڙي
جوڙي سڀ، جنسار
خود پائي آيو خاڪي قالب
ميم جي مام ڪي مرد پروڙن
اٿئي سر، اسرار
عشق اچي ٿئي، عشق تي غالب
اول آخر، ظاهر باطن
حق اٿئي، اظهار
مُور اهو ٿئي سجو مطالب
نينهن نماڻو نام رڪائي
الستي ڪري، اقرار
فقير ٿي ڪيائين سير هي سالم

Gul Hayat Institute

# ڪافي 05

اهو راضي يار، ويراڳ آهي
دنيا ساري، خواب آهي

الله هادي، سچو سائين
راضي مون سان ساڻ آهي

رهندو هڪڙو ئي، خيال آهي
ٻين خطرن خامن کي جواب آهي

اهو پيار اسان جو سردار آهي
نينهن نسنگ نواب آهي

اهو عشق اسان جو اسرار آهي
نماڻو اسان جو الله آهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 06

اڪ دم قدم ۾ تون آوين جاوين
ٻي مُڪي چا رولي يار
هڪ نظر ۾، تون ئي نظرين
هر رنگ ۾ تون بيرنگ نظرين
اها ريت سڪائي، سهڻي يار

اڪ ٻي نہ آئي، وائي واتي
ڏينهان راتان، تيري تاتي
اها پريت سڪائي ڏولي يار
هڪ تون ئي آهين سهڻل هادي
نماڻي کي رڳو تنهنجي تاتي
ٻي ٻو ٻڳي سڀ ٻولي يار

Gul Hayat Institute

# ڪافي 07

اهڙي ڪا، رمز ڪجي
جنهن ۾ هادي ، هٿ ڪجي

دل جان روح، ڏنو سي
بي ڪا، ڪا نہ سُجهي

ڇڏيم خواهشان، ڳُلي رسمان
تہ بہ هينئو نہ ٿو پلجي

سنگت ساٿي، ناني ماسي
تن سان سنگت، ڪين ڪجي

حقي حسن واريون اکيون ڪاريون
تنهن سان ٿو روح رلجي

نماڻو نينهن جو نالو ڪري سنيالو
وحدت سان ، صورت پسجي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 08

اهو راهه رندن جو آهي
پنهنجو پاڻ کي، پار پهچائي

گسندو رسندو ريت انهي کي
راضي راهه ڏيکائي

جهڙي تهڙي وينديس پنهل ڏي
هنڙي منهنجو چا هي

جيڪو سمجهي خيال رهبر جو
تنهن کي، پار پهچائي

ڏکڙا سکڙا، سهنديس سر تي
گوندر منهنجو گهر آهي

نماڻا پئو پيار انهي ۾
بي وار، کين واجهائي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 09

اسين سالڪ مست، ديوانا آهيون
اسين سر ڏڙ ڪان، ڏار آهيون

اسين غير خيال ڪان پاڪ آهيون
اسان صوفي سر، آڏار آهيون

اسان علي احمد، آڏار آهيون
اسان نيزي سر، نروار آهيون

اسان حسن حسيني حبدارآهيون
اسان مالڪ خود، مختيار آهيون

اسان پنجتني ويهي ڪار ڪريون
اسان دم انا الحق، نروار آهيون

اسان قرب سچل جو پيار آهيون
اسان نماڻا ٿي، نروار آهيون

Gul Hayat Institute

# كافي 10

اسان ذڪر ورتو سي ذاتي جو
محبت واري، مماتي جو

ڪُن واروا سان، قول پڌوسي
ٻيو وهم ويو سڀ چاتي جو

پاڻ سڃاڻڻ، الله ڄاڻڻ
اهو فرق پڳو سي فسادي جو

نماڻا گوندر گهارڻ، پاڻ سڃاڻڻ
اهو قرب ٿيو آ هادي جو

# كافي 11

اڄ اڱڻ تي يار پيارا، ڪي گهڙيون مون وٽ اچو
ڪيون رهاڻيون روح جون، باهه پڙڪن ڪان بچو

وحدت سندي وائي اٿم، ميخاني اندر نپائي اٿم
ڏک ڏولائي ڏيهه جي، ۽ ڏونگرن ڪان بچو

هي دلڙي آهي نماڻي، يار خاطر مونجهي پراڻي
يار آهي راضي اسان تي، مونجهه مونجهارن ڪان بچو

# ڪافي 12

اها يار سڪائي ريت
لڳي ازل دي الله چاٽي

تي ڪيمياگر، يج ڪوتالي
اتي هار ناهي ڪا جيت

مين تي رانجهن هڪ ٿيوسي
گل عامن ناهي پريت

ديد ملائي ديدار ڪيو سي
هي نماٽي آهي نيچ

# ڪافي 13

اهو دم اسان جو ڪم آ، ٻيو ڪهڙو اسان کي ڪم آ
وسري ويون ٻيون ٻاتيون، اهو خيال اسان جو ڪم آ

ٻي ڏانهن اصل ڪين واجهايون
پنهنجو پاڻ سان وياهون لايون
راضي هادي جو اسم آ

هي راز التو اوبڙو آ
جيڪو لائي سو مرد مٿيرو آ
هتي ڪيڙن جو ڪهڙو ڪم آ

پُور پنهنجي ۾ پيا آهيون
نماڻا تي ويهي نيايون
اهو هادي تنهنجو ڪرم آ

Gul Hayat Institute

# ڪافي 14

آيو آدم جي اولي، ڪري اوٽ اولي
جي آدم نہ هجي ها، تہ پاڻ ئي نہ ٻجهي ها

اهڙو ڍنگ ٺاهي، آيو پاڻ لڪائي
پنهنجو پاڻ تي ڪيئن سجدو ڪرائي ها

اهڙو پيار لڳڙوئي، پتو ڪونہ پيئڙوئي
محبوبي راز ٺاهي، ٻي جا ڪيئن ريجهائي ها

پيائي چٽنگ چولي، پيو پاڻ کي ڳولين
نماٽو ٿي پيو ڦولين، پيو تہ ڪو ڦولائي ها

# ڪافي 15

اسان رک رکيو آ، هادي جو
محمد مولا، مهدي جو
پور انهي ۾، جيڪي وبئڙا
پنتي اصل، ڪين جو مڙيا
جنهن قول سچاتو قالو جو
خيال اسان جو پاڪ جي آهي
عام سان ڏاڍو ناحق جي آهي
نہ سير ڪيو جنهن مماتي جو
پاڻ سڃاٽي، پاڻ کي ماٽي
نماٽو ٿي پيو موجان ماٽي
وحدت .واري، وادي جو

Gul Hayat Institute

# ڪافي 16

اسين مستو مست، ديوانا يار
پنهنجو پاڻ ۾ ويٺاهون لايون يار
بي ڏي اصل، ڪين نهاريون
پنهنجو ئي قرب، وڏايون يار
اکڙيون تنهنجون مست شرابي
ڦرين دم ويون، گهايون يار
اک اک سان، اهڙي اڙايئي
آئي نماڻي ڪي، تاڙيون يار

# ڪافي 17

الانسان سري وانا سره
اهو پهه پيو سي پڪو پڪو
پرين پڇاڻ آپي آيا
اهو سير ڪيو سي يڪو يڪو
نوري هون نه ناري هون
محمد نام نيارا هون
پوش انهي ۾ لڪو لڪو
پول انهي ۾ رهجي ويا ڪي
تي رهو نماڻا جهڪو جهڪو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 18

بي مثل هيس، هت مثل تي آيس
قرب وڏائڻ واسطي
حيلا هلايم، ڪجھ نہ تيئڙم پوءِ
آيم شفقت ڪرڻ جي واسطي
ناھ منجهاران عشق لڳو پوءِ
آيم نينهن نيائڻ واسطي
بي سر تي ڪري سر ڏنم
سر سڃاڻڻ واسطي
نينهن نماڻا، نروار ڏنڙم
درد لڳائڻ واسطي

## ڪافي 19

بحرِ عميق آ تنهنجي اندر، تي غوطا زن غواصي
هيڏي هوڏي ٻيو ڪجھ ناهي، نہ دلڙي تي اداسي

ڪنز قدوري قافيا ڇڏي، ڪر تون خود شناسي
باقي علم عقل سارو بلڪل آ بڪواسي

پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ پروڙج، نہ ڪر تون نراسي
تنهنجو تو ۾ راز سمورو پنهنجو تي وچ واسي

الانسانُ سري وانا سره، خوءِ سندن خاصي
نماڻا پنهنجو پاڻ ۾ خاص ڪر خلاصي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 20

تنهنجي نانءُ جو وٽندو ورد عجب
تنهنجي حسن ديدار جو رنگ عجب

تنهنجي جوڳ جوڳين جي، جڳت عجب
تنهنجي سيڪ سيڪاري جو ڍنگ عجب

تنهنجي پيار محبت جو انداز عجب
تنهنجي سيرت صفت جا ونگ عجب

تنهنجي نيچي نماڻي جا، ميخانا عجب
تنهنجي حال خيال جا، رنگ عجب

Gul Hayat Institute

# كافي 21

تنهنجي راضي ٿيڻ جو انداز عجب
تنهنجي ديدن جو آهي ديدار عجب

تنهنجي ناتي نيائڻ جو انداز عجب
تنهنجي قرب وفا جا انداز عجب

تنهنجي وفا عجب، منهنجي جفا عجب
توتي محمد شفيع جو راز عجب انداز عجب

تون ناراض هووين، مين راضي ڏسان
اهو ڏسڻ جو آهي ڏسڻ عجب

تون ئي ڏسين، مان نہ ڏسان
اهو ئي آهي ڏسڻ جو ڏسڻ عجب

تون نوري ، مين ناري
اهو ازلي نماڻي، جو ملڻ عجب

Gul Hayat Institute

# ڪافي 22

توکي نُور چوان يا حضور چوان، يا ساري مظهر جوظهور چوان
توکي منصور چوان يا مخمور چوان، يا نينهن نشو پرپور چوان
توکي اول چوان يا آخر چوان، توکي ظاهر چوان يا باطن چوان
توکي جان جگر يا من چوان، يا پيار پريت جو پور چوان
توکي آدم چوان يا دم چوان، يا گُل تي قائم قدم چوان
توکي سائين چوان يا صنم چوان، يا محبت جومذڪور چوان
توکي احد چوان يا احمد چوان، توکي حد چوان يا لاحد چوان
توکي شد چوان يا مد چوان، يا نقطي جو منشور چوان
توکي نام چوان يا الهام چوان، توکي قالُو بليٰ ڪلام چوان
توکي مئي ساقي يا جام چوان، يا مئي نوش مست مشهور چوان
توکي سونهن چوان يا سينگار چوان، توکي بلبل گل گلزار چوان
توکي يار چوان يا اغيار چوان، يا مست منگهن مخمور چوان
توکي سوز چوان يا ساز چوان، يا توکي انا الحق آواز چوان
توکي ناز چوان يا نياز چوان، يا تن من جو طنبور چوان
توکي باري برحق چوان، يا توکي مرشد هادي حق چوان
توکي نام نماڻو پڪ چوان، توکي وحدت ۾ وهلور چوان

# ڪافي 23

تنهنجي حسن جي تاب شتاب مٿان، دانا ديوانا پيا ٿيندا
اچي گهوٽ هزارين گهُور مٿان، نظر نشانا پيا ٿيندا

جڏهن نازمنجهاران توڪنئي آ نظر، گهوٽ گهڙي ۾ڏين لاهي سر
تنهنجي ديد جو دلبر هي آ اثر، سر نظرانا پيا ٿيندا

تنهنجي وار واسينگن ونگ وڏا، ڏاڍا ڏول اڙانگا ڏنگ وڏا
تو جي قيد اچي اڙبنگ وڏا، سي نينهن نشانا پيا ٿيندا

تنهنجي شوق شمع جي جوت مٿان، حق حسن حقيقي هوت مٿان
سر گهور اچي هن گهوٽ مٿان، پتنگ پروانا پيا ٿيندا

نہ ڪو لعل لبن جي لالاڻ مثل، نہ سونهن حسن سرهاڻ مثل
تون پاڻ آن پنهنجي پاڻ مثل، باقي بهانا پيا ٿيندا

نينهن نماڻا سر عام ملي، جامِ وصل مان پُر جام ملي
ساغر ساقي صبح شام ملي، تہ پُر پيمانا پيا ٿيندا

Gul Hayat Institute

# ڪافي 24

ٽي زير نہ ٽي زبر، اڳيان پيش پوٽو ٽي
هيٺي حال اڳيان ماهيوال، درويش وڄٽو ٽي

هئڻ هستي خود پرستي، اٿئي حال هي خصتي
ڪري اختيار حوالي يار، وٺ موج ۽ مستي
هئڻ حجاب عين عذاب، اڳيان دربيش اڇٽو ٽي

مين ماري اصل ڳاري، ڇڏي يار ٽي ساڙي
خودي خام اٿئي حرام، نہ ويهہ تنهنجي پاڙي
پريت پيار هلندو ئي يار، نہ ڪو خيش هلٽو ٽي

اصل عازي ڪر نيازي، نہ ڪي حجت جي بازي
وڃائي پاڻ موجان ماڻ، ڪري وٺ يار تون راضي
ڪر زاري عمر ساري، نہ تڪبر تيش هلٽو ٽي

نماٽو يار ڪر اختيار، پيءُ پُر جام وحدت جو
ہڏي هڪ تڪ اها سڪ، پيءُ پُر جام محبت جو
نفي جو ناد اٿئي استاد، اهو هميش رهٽو ٽي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 25

پيا يار وسي تيڏي ويڙهي    ہي قصد ڪريندئين کهڙي

جي ڪولين اندر دي ڪل تون    تان يار ويکين پلپل تون
اوجهڙ نہ وچ اويڙي

وَفِي اَنفُسِكُم آکيا ماهي    الانسان سري تي آگاهي
نال اپڻي لا تون جهيڙي

تين وچ تيڏا راز رباني    مٺ نہ تيڏا ڪوئي ثاني
سڀ تئين وچ راز پکيڙي

رڳ رڳ وچ هي رازسمايا    دل وچ دلبر ديرا لايا
نَحنُ اقرب نيڙي

ڪڏهان انا الحق پيا الاٽا    ڪڏهان نوڙت نياز نماٽا
اهو راز عشق نبيڙي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 26

پريت لڳي آهي نئين
اڄ اسان ايئن رهياسون
يار ڪئي آهي سنئين

خيال اسان جو اهو ئي آهي
ڳالهه اها من کي ڀانئين

حرام حلال ڏي خيال ئي ناهي
ڳالهه اها دل کي ڀانئين

وحدت واري واٽ اها ئي
نماڻي ٻڌائي آهي نئين

Gul Hayat Institute

# ڪافي 27

پاڻ ۾ جاڻي، پاڻ سڃاڻي
اها رمز سڪائي سياڻي يار

پاڻ پنهنجو پاڻ ڏنوسي
پاڻ پنهنجو پاڻ لڪيوسي
پيار پنهنجو پيو ماڻي يار

پاڻ کي عشق ۾ ڏکيو رکيوسي
پاڻ کي پنهنجو سکيو ڏنوسي
اهي بيئي مزا پيو ماڻي يار

پاڻ ئي پنهنجو خيال ئي آهي
پاڻ کي ڏاهي، پاڻ کي ڏاهي
اهو درد ڏنو نماڻي يار

Gul Hayat Institute

# ڪافي 28

ڦريون پاڻ ۾ پيهي پسجي  پوءِ دم انا الحق نروار ڏَسجي

جيڪو تو ۾ آهي اولي  اهو پاڻ ۾ پرين پسجي
جيڪو تو ۾ پيو ٻولي  اهو الله علي ڏسجي

جيڪو ٻولي تو ۾ ناهي  اهو سارو اسرار ڏسجي
جيڪو ٻولي چوي آهي  اهو خود خيال ڏسجي

جيڪو چوي ناهين ناهين  اهو پاڻ بي پرواھ ڏسجي
جيڪو چوي آهين آهين  اهو سير سمورو سلجي

جيڪو ٻولي اندر ڪولي  سو سچ جو سچ ڏسجي
جيڪو آيو تنهنجي چولي  اهو نماڻا نروار ڏسجي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 28

پهريون پاڻ ۾ پيهي پسجي پوءِ دم انا الحق نروار ڏَسجي

جيڪو تو ۾ آهي اولي اهو پاڻ ۾ پرين پسجي
جيڪو تو ۾ پيو ٻولي اهو الله علي ڏسجي

جيڪو ٻولي تو ۾ ناهي اهو سارو اسرار ڏسجي
جيڪو ٻولي چوي آهي اهو خود خيال ڏسجي

جيڪو چوي ناهين ناهين اهو پاڻ بي پرواهہ ڏسجي
جيڪو چوي آهين آهين اهو سير سمورو سلجي

جيڪو ٻولي اندر ڪولي سو سچ جو سچ ڏسجي
جيڪو آيو تنهنجي چولي اهو نماڻا نروار ڏسجي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 30

جوڳي ٿا جاڳن .. جوڳي ٿا جاڳن
ننڊ ڦٽائي پنهنجي، روحي رمز رڙهن

ظاهر باطن تن جا، ظاهر باطن تن جا
مچڙا مچ ٻرن

اندر اور الله سين، اندر اور الله سين
ٻاهر ٻاڦ نہ ڪن

پيهي پنهنجو پاڻ ۾، پيهي پنهنجو پاڻ ۾
لوچي لعل لهن

جوڳي جالن جڳ ۾، جوڳي جالن جڳ ۾
لڪيا نہ لوڪن

ٿي نماڻا لوڪ ۾، ٿي نماڻا لوڪ ۾
ٻره ٻهاريون ڪن

Gul Hayat Institute

# ڪافي 31

جيڪي آيا هن سِير ۾، سي ويا گهيرا گهري
قبل الموت الانت موتو سي ويا تارا تري

جيڪي ٿيا چاسڪ چسوڪي، سي ويا لڙهه ۾ لُڙهي
جن سڃاتو پاڻ پنهنجو سي ويا ساجهر سري

جوڳ جهوري ۾ وچ جهري، واهه وحدت ۾ وچ مري
نماڻو ٿي وڃ تري، سور انهي ۾ سوري چڙهي

# ڪافي 32

جاڏي ويو پاڻ
آهي هادي اوڏانهين ساڻ

هڪ ٿي مزا ماڻ
ڪڏ نہ ڪنهن جي ڪاڻ

جي آهن وحدت ساڻ
سي وڃي پسندا پاڻ

نماڻا ناڻ سڃاڻ
تہ پرين پسندين پاڻ

Gul Hayat Institute

# ڪافي 33

جلوو تنهنجو پيو ڏي، جهل جهل جهلڪا
عڪس عيان آ تنهنجو شاهد شيءِ سڀ ڪا
اللهُ نور السموٰتِ ولارض ۾
صوم صلوات چاهي سنت فرض ۾
ڏي لاٽ تنهنجي چم چم چمڪا
ذرو ناهي خالي چاهي ڪک پن ۾
ٿيين عيان مگر، محبتي من ۾
مخفي ڏيين ٿو تون، جهم جهم جهمڪا
بر ۾ بحر ۾ چاهي جل ٿل ۾
ڪيو تو قيام آ انساني محل ۾
ڪيائي اوٽ آدم ۾ ڪري رل مل ڪا
خلقيل آدم اعليٰ صورت
مام ڪو ان ۾ آ مخفي مورت
انهي روپ ۾ بہ رکي راند رب ڪا
نينهن نماڻو ڪري روپ راضي
ڪنئي سون سر تي، برهہ جي بازي
اڇي عشق آڙاهہ ۾ ڪري ڏوم ڏڏڪا

Gul Hayat Institute

# ڪافي 34

جڏهان اندر پاتي مين جهاتي اي
ٿي الا الله اثباتي اي

فثم وجههُ الله سڃاتي
هر جا هئي اثباتي اي

هيڏي هوڏي هو هڪ آهي
ڪئي يار اچي قرباتي اي

الستُ بربڪم وارو قول سڃاڻو
اچي ديدن هڻ ڏُم لاتي اي

درد نماڻي ڪي نياز سيڪاريو
وحدت ڪئي دل راضي اي

# ڪافي 35

ڇڏ ورد وظائف چال چڪر سر جو ساجن سودو ڪر

دوئي جي دور ڪان خالي ٿي تون پنهنجي پاڻ جو مالهي ٿي تون
در الله جي سوالي ٿي تون پوءِ گهوٽ اٿئي يار تنهنجي گهر

ور ڇڏي نہ واٽڙو ٿي، اهو پنهل جو پيرو ٿي
اهو وحدت وارو ويرو ٿي، پوءِ سير اٿئي سارو سر

جيڪي گر ۾ گوهر گهاري ويا، سي پنهنجو پاڻ ڪي تاڙي ويا
سي نماڻا ٿي گذاري ويا، توڪل ڪنيائون ترهو تر

Gul Hayat Institute

# ڪافي 36

در مرشد جو مور نہ ڇڏ تون
اچي پڪا پڪن سان، اڏ تون

دلبر جا درشن دم دم
جامِ وصل جاني جم جم
ڇڏ مڙهيون مڪان مڏ تون

جنهن دل ۾ مرشد جو ديرو
سو من ڪڏهن نہ ٿيندو ميرو
دل دلين سان گڏ تون

دين دنيا سان دل نہ لائج
صورت صنم جي سيني سمائج
سٽ ڪوڙ ڪفر، سڀ ڪڏ تون

نينهن نماڻو راز آ راضي
طالب معنيٰ عاضي نيازي
سائين ڪي وڃنو سڏ تون

Gul Hayat Institute

# ڪافي 37

ديد ملائي ديد سان
ديد ڪيو ديدار آ

وحدت جو مست مزو
اکڙين ڪيو ديدار آ

پاڻ ۾ پيهي يار لڌوسي
روح ته ڪيو قرار آ

نام نماڻو نالو سچاڻي
نالي ڪيو ته نروار آ

# ڪافي 38

در تنهنجي تي آيس، دل جي دوا کپي ٿي
هن مريضِ عشق کي، تنهنجي نگاهه کپي ٿي

طرحين طرحين جا دل ۾ لاحق جو مرض آهن
ڪر تون آجو انهن کان، تنهنجي شفا کپي ٿي

آهي هڪڙو سوال ساقي، من تون منهنجو خدارا
هن پُر خطا کي اوسائين، تنهنجي عطا کپي ٿي

پنهنجي آذار تي مون، وس وڏا ڪيا جي
هر هڪ ادا لاءِ ليڪن، تنهنجي رضا کپي ٿي

اهڙو پياريو ساقي، جو هوش رهي نه باقي
مدهوشي لاءِ اهڙي، تنهنجي ادا کپي ٿي

مون ۾ لک مدايون، آهن معلوم توکي
هن مسڪين کي او مالڪ، تنهنجي سخا کپي ٿي

# ڪافي 39

ڏنو هٿ حيدر جو هادي سچي
هلي جيڪو اوڏانهين خود کي ڏسي اچي

پاڻ کي ماري وري جياري
ڪنز قدوري سڀ وساري
رنگ انهي ۾ رچي اچي

جيڪو آيو فقر جي ٽولي
ان ۾ مالڪ پاڻ ٿو ٻولي
جيڪو لوڀ لالچ سٽي اچي

نماڻو ٿي ماڻڻ پاڻ سڃاڻڻ
خود ٿي خود کي خود ماڻڻ
انهي پيچ جيڪو پيهي اچي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 40

ڏنو پُر پرين آ جام
ٿيو تن من آهي تمام

هادي واري مئي جي مستي
گم ٿي وبئي ساري هستي
جنهن پُر پياريو جام

اولو آدم جو ٿاهي وڏائين
سر ۾ سارو سير رکيائين
ڏنو هادي روحاني جام

ليئڙو پائي پاڻ سڃاڻ
الانساني صحيح سر ڄاڻ
نماڻا ٻولن انا الحق ڪلام

# ڪافي41

ڏيئي پيار ڪري اظهار بدنام ڪيو تو
ڳجهو راز ڪري آواز گمنام ڪيو تو
ڏيئي اولو وڏوئي رولو اهو ٻولو ٻڳو تو
اهو نالو آهي نرالو راضي راز ڏنو تو
آئي وحدت وبئي غلاظت اها عادت ڏني تو
جان سماڻو ڪيوئي نماڻو پنهنجو پيار ڏنو تو

Gul Hayat Institute

# كافي 42

رو رو روحڑا ريجھاوڻ، انا الحق
اسان جوڳيان دي چال وي
اسان ملنگان دي چال وي

ڪُڏ ڪُڏ آپ اگھاوڻ، ڦُل پاوڻ
بيوس نينھڑا لاوڻ، آپ ڏکاوڻ
اسان جوڳيان دي چال وي

روپوش جوڳي، رهن جڳ وچ
ڪنهن ڪنهن نون رنگڙا لاوڻ
اسان جوڳيان دي چال وي

محمد مصطفيٰ نال نينهڙا لڳڙا
العشق نعرا ڳاوڻ، درد پراوڻ
اسان جوڳيان دي چال وي

علي دي در تون درد مليوسي
نماڻا تي نياوڻ، دل لاوڻ
اسان جوڳيان دي چال وي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 43

سهڻا ساز وڄن منهنجي اندر ۾
اٿئي سر ساڳيو ڏوبن ڇو ڏُنڌر ۾

هادي راز کوليو ڀڳو ڀو ڀولو
نظر جيڪو ملائي، رهبر جي نظر ۾

اشارو وحدت وارو آهي اندر ۾
ڪري خيال پختو رک تون نظر ۾

سنجهي سمهن، سويرو اٿن
اهو ٿي پيچ پيرو گهڙي پو اندرم

ڪر پيارا عاضي، ٿئي يار راضي
نماڻو ٿي رهه تون، ٿيي پو پڌر ۾

# ڪافي 44

سني شيعا ناهيون ....... اسان حبدار علي جا آهيون

اسان عاشق ازلي آهيون، اڄ ڪلهه جا ناهيون
حبدار علي جا آهيون

اسان هُت هِت ثابت آهيون، حبدار حسين جا آهيون
حبدا رعلي جا آهيون

آهي ۾ ناهيون ناهي ۾ آهيون، ناهي ۾ آهيون آهي ۾ ناهيون
حبدار گهوٽ جا آهيون

Gul Hayat Institute

# كافي 45

شان شوڪت سڀ ميڏي شاهي مين هان هادي مين همراهي

رب اَرني آپ الايم، لَن تراني راز رڪايم
موسيٰ ڪوهه طور جلايم مين هان ڪل راز الاهي
قُم باذني آپ الايم تبريز تي ڪل لاهايم
مويان ڪون مين آن جوايم مين هلاوان حڪم خدائي
انا الحق مين آپ الايم منصور تي سولي چڙهايم
عشق اڏي تي سيس ڪٽايم مين هان ڪل عشق آگاهي
نفي وچون اثبات بڻايم صفاتون ثابت ذات ڪرايم
ٻڪرا قصائي، ڪات گهايم سڀ هي ميرا سير سياحي
آدم دا ڪر اولا آيم بشري بوتا چولا پايم
مظهر سارا ميم ملايم مين جوڙي خلق خدائي
نينهن نماڻا نام ڌرايم فقر فقيري فيض ونڊايم
انا الحق آواز الايم مين هان آقا مين سپاهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 46

عاشق تي آگاهہ
ڳوٺ ڳلي پيا ڳايون ڳايون

پنهنجو آهي سير هي سارو
تي ٻيڙو ونجهہ ملاح
بحر عميق ۾ ڪاهيون ڪاهيون

الانسان سري راز رباني
تي نحنُ اقرب نگاهہ
ٻيو اصل ڪين پايون پايون

سير صوفياڻو فيض فقيري
اصل آهيون شهنشاهہ
حد لاحد ناهيون ناهيون

آدم اولو چولو پائي
وٺي رنداني راهہ
بار برهہ سر چايون چايون

نينهن نماڻو نام ڏرايم
منصب آهي الله
لنئو اها ئي لايون لايون

Gul Hayat Institute

# ڪافي 47

عجب ڳالهيون، محبت واريون
اچي هادي مون سان ڪيون

عشق سمجهايو راز روحاني
وحدت واري وات مرداني
وچ پاڻ ۾ پنهنجون لايون

جيڪو اچي هن راز ڳجهي ۾
سراسر هن اسرار سچي ۾
سو سرڙو پنهنجو اچي لاهيون

گهير انهي ۾ گهڙي پئو گهيرا
محبت وارا لائي ويه ميڙا
وچ تون اڳتي قدم وڌايون

ڪيڙا پيڙا ڪندائي اچي جهيڙا
عشق ڪندو اچي ڳُل جا نبيڙا
نماڻو تي وچ نپايون

Gul Hayat Institute

# ڪافي 48

عجب خيال هي ٿو هادي ڏکائي
خيالن کي خود هي خيال هلائي

ڪڏهن خيال دل ۾ خدائي بہ آهن
ڪڏهن وري اهي وائي بہ آهن
عجب خيالن جا ٿو چرچا ڏکائي

ڪڏهن خيال دم ۾ عدم جا بہ آهن
ڪڏهن سور درد ۾ غم جا بہ آهن
ڪڏهن هي گدائي، ڪڏهن شهنشاه آهي

اندر جي اندر ۾ اهڙي اٿس پٽري
سواءِ مرد جي پيو نٿو سگهي نڪري
اندر جا اندر ۾ ٿو آئينا ڏکائي

خيالن جي ڪيڏ عجب هي ٿو ڪيڏي
ڪڏهن هلائي هوڏي ڪڏهن يار هيڏي
انهي راز ۾ ٿو هو مانجهي منجهائي

خيالن جو جهنگ آ خيالن جو ٻيلو
ويهاريو اندر ۾ ڪو شينهن مريلو
گدڙ بگهڙ جيڪو سڀ ڪجھ پچائي

سموريون ئي واڳون ڪري يار هٿ ۾
اچي نر ويهي رهيو آهي سٿ ۾
رکي نام نالو ٿو نماڻو سڏائي

# ڪافي 49

عشق نہ سمجھو چھریون گجران
هت سودو سر جو آهي

راز سلڻ جو ناهي ناهي
هت جيڪو لائي سو پائي

ڳالهيون باتيون يار هلن ٿيون
هت جيڪو سر ڏي سو پائي

مرڻ جيئڻ ڪامن ڪنڌا
اهو فڪر ڇڏي جيڪو لاهي

جيڪو ذڪر ذاتي ڪمائي
سو دلبر جو درشن پائي

هي راز ڪو لکن ۾ سجاٽي
سچ نماٽا اهو آهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 50

ڪر حق جي ڳولا ۽ حق سڃاڻ، باقي سارو ناحق ڄاڻ

اول خودي ڪان خالي ٿي تون، مئي محبت جو موالي ٿي تون
هادي هٿاران پيالي پيءُ تون، تنهجي اندر ۾ وندر وڻاڻ

پاڻ وڃائي پاڻ کي ڳولج، عمر اجائي تون نہ رولج
هيڏي هوڏي تون نہ ڦولج پنهنجي اندر ۾ تنبو تاڻ

آبي خاڪي مان ڪر تون لاڙو باھہ هوا جو ڇڏ تون پاڙو
رمز روحي مان ٿيندوئي چاڙهو هادي هٿاران منزل ماڻ

آهي تنهنجي وچ وچولي، رکيو مخفي تو ۾ ڍنگ آ ڍولي
ڏس تہ اندران ڪير ٿو بولي، پنهنجي پيارا ڪر پهچاڻ

ميم جو اولو خاڪي چولو بشري بوتي ۾ آيو ڍولو
دور ڪري ڇڏ پوءَ ۽ پولو هر سُو صاحب پنهنجو پاڻ

وٺ تون دامن هٿ حيدر جو پوءِ پيئندين جام ڪوثر جو
نينهن نماڻا سودو سر جو باقي ساري ڪوڙ ڪهاڻ

Gul Hayat Institute

# ڪافي 51

ڪئي ڪيا تو روپ تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

يلي ڪر تون اوج اوشاقي پهري اچ تون لباس خاڪي
يلي خلق جو اولو خوب، تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

لڪين نالا لڪين ٻوليون ڳجهہ ڳجهارت پرت پروليون
ڪيئي ساز سروپ تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

ظاهر باطن رنگ رچايائي پاڻ لڪڻ جا ڍنگ ٻڌايائي
روپ سروپ بهروپ تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

ڪاٿي عاشق عشق ڪمائين ڪاٿي معشوق ناز ڏيکائين
ڪاٿي مست سالڪ مجذوب تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

ڪاٿي نماڻو فقير سڏائين، ڪاٿي سميع بصير قدير سڏائين
ڪاٿي هادي مرشد محبوب تہ بہ حق موجود آ حقيقت تنهنجي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 52

ڪيڏا لڪ لڪائي او ساجن
اچي عالم ۾ اظهار ٿيين
ڪاٿي عشق الستي وارو ڪاٿي مام مستي وارو
ڪاٿي هوڪو هستي وارو دم ماري نروار ٿيين
ڪاٿي احد احمد بڻجي، علي ولي محمد بڻجي
ڪاٿي لا الہ لاحد بڻجي، ڪاٿي الا الله انوار ٿيين
ڪڏهن آدم جو اولو وٺي، بيخ بشري چولو وٺي
محبوب محمد ڏولو وٺي، عشق سندو اقرار ٿيين
مٿي جو هي محل بڻائي، عشق اڏي ۽ سولي سجائي
سبحاني سندا حُل هُلائي، اچي انا الحق اظهار ٿپين
ڪڏهن موسيٰ ٿي طور جلائين، ڪڏهن عيسيٰ ٿي مسيح سڏائين
ڪڏهن تبريز ٿي کل لهائين، ڪڏهن نيزي سر نروار ٿيين
ڪاٿي نفي ۽ اثباتي ٿي ڪاٿي ٻڪرو ۽ ڪاتي ٿي
ظاهر ظهورو ذاتي ٿي اچي عالم ۾ آشڪار ٿيين
ڪاٿي ملان قاضي بڻجي، ڪڏهن فاتح غازي بڻجي
ڪاٿي مرشد راضي بڻجي ڪلجگ جو تہ آڌار ٿيين
ڪاٿي مومل راڻو بڻجي چريو مست سياڻو بڻجي
ڪاٿي روپ نماڻو بڻجي وحدت سندو وهنوار ٿيين

Gul Hayat Institute

# ڪافي 53

ڪئي سون رياضت، آئي عادت
تي مست متاسي

جسم خالي، آ زوالي
وڃي وحدت ۾ رسيا سي

لوڪ لاڙو ڪري سنيارو
ڳانڍيو تي نہ ڳتا سي

حال اهڙو آهي دم جهڙو
پنتي هڪ تر نہ ترسيا سي

هٽي ڏاڙو ڪري مارو
نماڻا تي وڃي رسيا سي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 54

ڪيچ ڏٺي ڏي وڃان تو ڪاهي
سر جو سودو ڪنهن ڪنهن جو آهي

سڏڙين ڪي سوڙ جي ڪل ناهي
سچا سر سينگاري ڏين ٿا ٿاهي

ڏنو واٽ وحدت جي رستو ناهي
تي فڪر ۾ فاني پوءِ ويا ڪاهي

چپ چپوتي وڃون ٿا ڪاهي
سبق سورن جو سلڻ جو ناهي

ناتو نماڻا نياڻو آهي
پيچ پرين سان ازل ڪان آهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 55

ڪُل شيءِ اعليٰ نُورن نُور ڪُل شيءِ اعليٰ نُورن نُور

هادي هتاران حيرت آئي تي عيان اج عبرت آئي
صورت صنم جي سيني سمائي هر جا ويکيم عين حضور

جاڏي بہ هي نظر وجي ٿي خود ٿي خود کي خود ڏسي ٿي
مخفي سارا راز سلي ٿي جامِ وحدت ڪيو مخمور

ڪونہ ٿو ڏسجي ڪاڏي ڪوئي جوئي ڏسندڙ ٻڌندڙ سوئي
هر جا حاضر حق هڪوئي دوئي ڪيو آ ڪُل کي، دُور

درد عشق جو فيض مليو آ لون لون رڳ رڳ يار رليو آ
بشري بوتو فاش ٿيو آ چار عناصر ناهيون مُور

قطرو بہ ۽ بحر بہ آهيون ذرو بہ ۽ مهر بہ آهيون
ٻيو ڪجھ اصلي ناهيون ناهيون نہ ڪي بندا رب غفور

ڪاٿي حاڪم شوق شهاڻو ڪاٿي نوڙت نياز نماڻو
غلام ۽ آقا هڪ آ راڻو غير ڏسڻ جو کهڙو ضرور

Gul Hayat Institute

## ڪافي56

ڪُن هجي يا فَيڪُون سپ سليا مون وو مون

الست بہ اندران قالو چيو مون بشري بوتو ويس ڪيو مون
پنهنجي آڏو پاڻ جهڪيو مون سارا منهجا فن فنون

انگ پيوتي بلڪل بسمي سر تي گيڙو ڳل ۾ ڪفني
رنگ نيارو روپ هي جسمي ظاهر ڪيو آ جوش جنون

توريت زبور انجيل بہ آيو عيسيٰ موسيٰ خليل بہ آيو
هر جا حاضر عذازيل بہ آيو ڇو ٿا ڪيو شڪ شگون

وحدت وارو جام مليو مون قبل الموت انعام مليو مون
ڪُنتُ ڪنز مام مليو مون لآخوف ۽ لايحزنون

روپ هزاران هڪ آ راڻو ڪاڻي چريو مست سياڻو
ڪاٽي رهبر نينهن نماڻو عشق جا آهن ڪُل قانون

## ڪافي 57

ڪيم عاضي ٿيو راضي
اها ملي رمز روحاني

دائم ديرو ڪيائين پيرو
اهو ويرو آ سبحاني

ٿيم خاموش مليو اهو پوش
اچي گڏيا يار لاثاني

نماڻونينهن ۾ دائم وجائي وهم تي قائم
پوءِ هر جا يار نوراني

Gul Hayat Institute

# ڪافي 58

گمراهي ۾ گم ٿي طالب گمراهي ۾ گم

ريءَ گم ٿيڻ ٻيو چارو ناهي ريءَ وحدت ٻيو وڻجارو ناهي
حق بنا ٻيو نعرو ناهي ڇڏ غير خيال وهم

وٺ راهه رنداني وحدت وارو هر جا حاضر نينهن نظارو
هر جا هڪڙو آهي نيارو هڪ تار طبل طلتم

ڇڏ شڪ شبهه نه ٿي شودو سر ڏيئي ڪر سر جو سودو
شينهن سان ڪوئي جالي جوڏو ٿي ساڏو سنت وٺ صنم

ٿي غواصي غوطي ۾ اچ ٻاهر نه وڃ ٻوتي ۾ اچ
اندر ٻولينڊڙ طوطي ۾ اچ آ راز رباني تو ۾ زم

ٿي نماڻو ڪر تون عاضي يار ڪري وٺ پنهنجو راضي
برسر سر تي بره جي بازي چا ڪندين هڏ چم

# ڪافي 59

گوندر گهارڻ، گڏ گذارڻ
وحدت جي اها واٽ آهي

چپ ڪئي سي چپ نه آئي
چپ جا اها واٽ آهي

پاڻ کي ماري وري جيارڻ
پاڻ جي اها ذات آهي

نماڻو ٿي ماڻڻ پاڻ سڃاڻڻ
نماڻي جي اها ذات آهي

Gul Hayat Institute

## ڪافي 60

گل مليا ، گوهر ڪليا
دل ميري گلزار وي

هادي بنا جگ وچ جالڻ
هي وڏا وبال وي

من ميري وچ سڪ صنم ڪي
دنيا ساري آزار وي

دي هدايت باطن ظاهر
توئي ميرا مختيار وي

تيري سوا نهين ڪوئي گلي
نہ تہ هو جاوان مردار وي

دڪان دردان وچ دلڙي نماڻي
آوي هادي راضي دي پيار وي

## ڪافي 61

گرو وٽ پُر جام پيتوسي
اکڙين ڪيو ديدار آ

جام جوڳي جم جم ڏنڙو
ديد تنهنجي ۾ ديدار آ

پاڻ ۾ پيهي پاڻ ڏنوسي
تنهنجي صورت ۾ اسرار آ

وحدت تنهنجي سهڻي صورت
نماڻي ڪي ڪيو نروار آ

Gul Hayat Institute

# ڪافي 62

ٻگليون پچان پئي ڳوٺ
آءُ راڻا تي راضي راضي

هت اچي ڪيم سومل سوگھو
پئي اچي اها ڪوٺ
من هاڻي تون عاضي نيازي

ڪاڪ ڪنڌيون ۽ مومل ماڻا
ڇُور ڪيا هڪا چوٽ
ٿون ڪٿي وئين بازي بازي

قول قديمي توسان ڪيئڙم
قالو بلىٰ واري ڪوٺ
توسان هيئڙم سازي آوازي

آءُ ننڌر نماڻي تون آ راڻو
آءُ وني تون گھوٽ
بخش خطائون تون ٿي نہ قاضي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 63

محبت ڪيا جي مشتاق
مليو تن کي فيض فقيري

ڏويڊو دلبر، ديد دوناليِ
چشمن اچي ڪيا چاڪ
پئي پُڪي تن عشق اسيري

شان شوڪت، شاهي ساري
فنا ڪئي سا فراق
پلجي ويئي سڀ پيري اميري

مئي ملي جن محب هٿاران
عشق ڪولين ادراڪ
ملي تن کي لطيفُن خبيري

صوفي معنيٰ مصفيٰ صافي
پرت ڪئي جن پاڪ
قائم آ تن جي دستگيري

نينهن نماڻا نر نوائي
محبت نہ آهي مزاق
عشق جي ڪل تي قائم قديري

Gul Hayat Institute

# كافي 64

مرد ويا اهي پاڻ سڃاڻي
درس دروني ديرا

پاڻ سڃاڻي خيال ئي آڻي
ڄاڻ ورتو پنهنجو ڄاڻي
پوءِ آهن وحدت وارن جا ميڙا

جيڪي گر ۾ گرو سان گهاري ويا
اهي پنهنجي صورت تاڙي ويا
تن سان لوڪ ساري جا جهيڙا

نماڻا ويهي نيايون ويا
ڪنهن کي ڪين ٻڌايون ويا
تن کي سارو لوڪ چوي وائڙا

Gul Hayat Institute

## ڪافي 65

مون ڏي رات رانجهن آيو گهر ۾ گهڙي
پنهنجو قرب ڪرڻ آيو ڙي اديون

هر هر ملڻ آهي پيار وڌڻ
اها چال چلڻ چڱي آهي ڙي اديون

هر هر رسڻ آهي پاڻ ڏسڻ
اها ريت عجب ڏاڍي آهي ڙي اديون

هر هر گل سنگهڻ وري پٽ تي وجهڻ
اها پريت چڱي ناهي ڙي اديون

هر هر نماڻو تيڻ آهي پيار وڌڻ
اهو پيار سڄڻ جو آهي ڙي اديون

## ڪافي 66

مرشد جو در ڪعبو قبلو مرشد راز حقاني
مرشد گفت آواز الستي مرشد سر سبحاني

مرشد صورت معنيٰ الله مرشد روپ رباني
مرشد آهي حق حقيقي سبحاني ما اعظم شاني

مرشد انا الحق آواز پڪاري سولي متي سلطاني
لا الہ جي لڪ لڪوتي تي الا الله بياني

ڪنتُ ڪنزا مخفي مورت صورت ۾ انساني
نام نماڻو صفاتي صورت آهيون لاحدٗ لامڪاني

Gul Hayat Institute

# كافي 67

مهتاب رخِ انور، صاحب سونهن جا سرور
تنهنجي حسن مٿان هي، پيرا ڏين ٿا پنوّر

ڏسي لعل لبن جي لالي، ياقوت بيٺو سوالي
واه نازُ ادا جي چالي، سراپا حسن جا پيڪر

رخسار تي جو خال آ واھ واھ عجب ڪمال آ
ٻريل ڄڻ مشعال آ پتنگ ڪِرن ٿا ڦَر ڦَر

واه واه حسن جو تاب آ، شوق شور ڄڻ شتاب آ
آيو اڄ بي نقاب آ ڏيئي تاب حسن ڪي هيڪر

تون تير نظر جا هٽي، دلڙي منهنجي وئين ڪٽي
واھ واھ عجب آ ٻٽي، در در ڦران ٿو بي گهر

مسڪين هي نماڻو تو در آهي وڪاڻو
راضي رهي بس راڻو جنهن جي آهيان مان آڌر

Gul Hayat Institute

# ڪافي68

نہ ڪو ساجد نہ مسجود حُل هُليو آ حق موجود

راند رچائي آيو اوشاقي — بات بقا جي آهي باقي
آيو پهري لباس هي خاڪي — سر سڃاڻڻ آ مقصود

ٻيڄ هي تون دام دوئي جو — هِن هُن ۾ نہ ڪو سنڌ سوئي جو
راند رندن ۾ اچي ڪوئي جو — لاطمع ۽ لامقصود

قيل مقال ڇڏ مسلاتي — پاءِ تون اندر ۾ جهاتي
پنهنجي ڪر تون اثباتي — ناهہ نفي ۾ ڪر نابود

درد دفع ڪيا ڪل درجات — آگ عشق ۾ جليو جسمات
حق بنا نہ ٻي ڪا بات — عابد اوڏو نہ معبود

نينهن نماڻا نسنگ نانگو — لاهي آ تون سر جو سانگو
سر بنا ٻيو ناهي لانگهو — دام دوئي جو ڇڏ وجود

Gul Hayat Institute

# ڪافي 69

نائي ڪر نگاهه تو ۾ آهي دوست جو ديرو

ڇا هئين ۽ ڇا تون آهين جوڙ جسم جو جي تون ڏاهين
ٿئي سڀ آگاهه ڇو ٿو وڃين تون اوجهڙ اويڙو

وَفي اَنفسڪم سمجهه اشارو تنهنجو تو ۾ نينهن نظارو
چِٽ سان رکج چاهه پنهنجو پاڻ سان لائج جهيڙو

ظاهر باطن ذات ظهورو سمجهه سالڪ سير سمورو
لا موجود الا الله دوئي ڪيو تنهنجو من آ ميرو

ملڪ فلڪ جو معبود آدم نابود آ بوتو بود آ آدم
اولو رکيو الله بوتو بشري رکيل آ ڦيرو

روپ هزاران هڪ آ راٽو ڪاٿي حاڪم ڪاٿي نماڻو
راز رکيائين واهه واهه پيچ دوئي جو گهاتو گهيرو

Gul Hayat Institute

# ڪافي 70

وحدت بنا نہ واندو ويھہ هادي بنا نہ واندو ويھہ

ڪوڙ جا مسئلا ڪوڙا ڄاڻين عاشق وحدت ۾ پاڻ سڃاڻين
ڪوٻيري جو اهو پير

خيال سمجھايو راز ربوبي جيڪو مرڻئون اڳي مرندو
تنھنجو آهي سارو سير

اهو هادي رهبر سير ڪرايو وحدت وارو راھہ ڏيکاريو
صوفي بنا ٻيو سمجھي ڪير

پاڻ سڃاڻي پاڻ کي ماري هڪ تي ويھي گوندر گھاري
اهو راز نماڻا ترت نبير

Gul Hayat Institute

# ڪافي 71

واهه واهه عجب يار جو ديدار ٿو پسان
هر هر هر خيال ۾ پيار ٿو پسان
جاڏي نظر وجي ٿي، جلوو جمال آ
ٻيو نه ڏسڻ ۾ آيو حق جو وصال آ
ذري ذري ظاهر، يار ٿو پسان
اول به پاڻ ٿيو آخر به پاڻ آ
باطن پاڻ ٿيو ظاهر به پاڻ آ
هر حال هر خيال ۾ اظهار ٿو پسان
ناسوت ۾ ملڪوت ۾، جبروت ۽ لاهوت ۾
باهوت ۽ هاهوت ۾، قلب ۽ قلبوت ۾
عجب هي اسرار جو انوار ٿو پسان
هِن ۾ ۽ هُن ۾، الست ۾ ۽ ڪُن ۾
درد جي هن دُن ۾، جان جسم ۽ من ۾
عجب هي عشق جو اسرار ٿو پسان
سوز ساز سروپ ۾ راضي سندي روپ ۾
عاشق ۽ معشوق ۾، سالڪ مست مجذوب ۾
سواءِ ذات نماڻو نه ٻيو تڪرار ٿو پسان

Gul Hayat Institute

# ڪافي 72

هادي تنهنجو نام
حيّ القيوم آ هوڪو تنهنجو

عشق سمندر جو آر نہ پار آ
مخفي تنهنجو مام
حيّ القيوم آ هوڪو تنهنجو

روپ رباني ۾ سير صفاتي
جوڙي ڪئي اجسام
حيّ القيوم آ هوڪو تنهنجو

اول آخر ظاهر باطن
جاري تنهنجو جام
حيّ القيوم آ هوڪو تنهنجو

ڪرڻ تنهنجو روپ نماڻو
پرت جو آ پيغام
حيّ القيوم آ هوڪو تنهنجو

Gul Hayat Institute

# ڪافي 73

هادي دي ميخاني تي
گولي ٿي رهسان، مول نہ مڙسان
جهاڙو مٿي دونهان دکيسان
چاڙهي اهين چڙهسان، مول نہ مڙسان

دم هادي اُتي ثابت قدم رکيسان
راهہ اهين رڙهسان، مول نہ مڙسان
راضي راهہ دا راٹا نماٹي دا ماٹا هي
اهين توڪل ترهي ترسان، مول نہ مڙسان

Gul Hayat Institute

# ڪافي 74

هڪ عشق اسانجو نواب آهي
ٻيو ڏسڻ سڀ ثواب آهي

ڏسڻ گسڻ اهڙو آهي
رهندو هڪڙوئي خيال آهي

اچڻ وڃڻ اهڙو آهي
رات ڏينهن خواب آهي

تار اها ئي سار آهي
رهندو انهي ۾ خوشحال آهي

جيڪو رهندو پيار کان ڏار آهي
سو جڳ ساري ۾ خوار آهي

اهو پيار اسان جو سردار آهي
رهندو جڳ ۾ نروار آهي

اهو سور اسان جو پُور آهي
نماڻو ان ۾ وهلور آهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 75

هر جا ٻولي چولي يار مين گهر آئي ڏولي يار

رمز اها ئي، سو سر چاڻي
جيڪو پاڻ تي هڻڙا ڪوڙي يار

ٻول انهي ۾ پيو ٻلائي
اهو ور سمجهي ڪو ووڙي يار

هادي مون کي سرسمجهايو
ٻي ٻو ٻڳي سڀ ٻولي يار

ٻور ٻهرين ۾ چڙهي وياسون
دوئي دغا سڀ ٻڳڙي يار

خطرا خاميون ٻوءَ ٻڳوسون
اهو سبق سيکاريو سياڻي يار

راضي روحي قرب جو ڪيئڙو
پنهنجو ئي پيار وڌائي يار

ٻور پنهنجي ۾ پاڻ ٽياسي
پنهنجو پاڻ وڃائي يار

نماڻا ٻڄي ويهي رهياسون
پاڻ ئي آهيون پاڻ ئي يار

# ڪافي 76

هن شهر بحر کان دلڙي ڦري
ميخانو وڃي اختيار ڪيو

مونجهاري جي مرض کان
وحدت سان وڃي پيار ڪيو

هادي ڏنو صورت ۾ ڏس
پيهي پاڻ مان گلزار ڪيو

نينهن نماڻا اوکو اهنجو
عشق وارن وڃي اختيار ڪيو

Gul Hayat Institute

# كافي 77

هي دلڙي نماڻي مونجهي ماندي
ڪر اچڻ جي وائي يار

ساٿ ساري جي سار جو لهندين
قدم اڱڻ تي گهمائي يار

اسان سڀ ئي اياڻا آهيون
تون ڪر وصل جي وائي يار

هي هُو نماڻا هڪ آهي
ڪر وحدت جي وائي يار

# كافي 78

ياد تيڏي من ياندي اي
دم دم روحڙا ريجهاوندي اي

متڙي جهاڙو پئي ڏيندي اي
ول امن پور ياد ڪريندي اي

تيڏي نين نوراني صورت سبحاني
وچ ديدان مشق ٻريندي اي

هوش نهين مدهوش رهي اي دل
روش وهي تہ بہ خاموش رهندي اي

نينهن تيري وچ هي نماڻا راضي
وچ وحدت ڏيان ڏريندي اي

Gul Hayat Institute

# ابيات

پيهي جن پاڻ ۾، ڪئي پاڻ پڇاڻ
وفي انفسڪم افلا تبصرون، ڄاتائون ڄاڻ
سي سامي ٿيا سرواڻ، نماڻا پنهنجو پاڻ ۾

پنهنجو جن پاڻ ۾، پيهي جي پسيائون
ان الله عليٰ ڪُلِ شيءِ قدير، وجي مزا ماڻيائون
مزا ماڻي پاڻ ۾ پوءِ، گوهر گل ڪيئيائون
پوءِ واس ورتائون، نماڻا پنهنجو پاڻ ۾

آهي ڏسڻ ناه ۾، ٻيا ور سمجھ وائي
دنيا آهي شهوت، گاڏن ڏي آئي
جنهن نماڻا واپرائي، سي گڏ ٿيا گڏه سان

گڏ ٿيا گڏه سان، سي ڦريا ڦوڪ ويا
عاشق اڳئي لنگهي ويا، مڙيا ڪين وريا
وڃي ڏٺائون پاڻ کي، جتي اڳ هئا
نماڻا ٿي ويا، سي ته پنهنجو پاڻ ۾

لامڪاني آمڪان ۾، توڙ تون طلسم اهو
وفي انفسڪم سمجھ اشارو اٿئي جڙيو جسم اهو
اولو آدم بشري بوتو لڪ جو آهي قسم اهو
سمجھ ڪر ته نام نماڻو پيو ڪنهن تي اسم اهو

پنهون ڪارڻ پنڌ، پئي ڪري ڪيچ جا
ڏيئي باهه ڀنڀور کي، رڙهي هلي رَنڊ
ڪري ڪشالا ڪاف جا، ٿي موچاري منڊ
ڪين ڪڍيائين ڪنڊ، ڏاران حاصل هوت جي

حاصل ڪيائين هوت کي، لائي سر ڌڙ جي بازي
نام ناموس ننگ ڏيئي، رهبر ڪيائين راضي
فاذڪروني اذڪرڪم، فائق ڪيس فياضي
ٿي بي سروسازي، ته پنهون گڏيس پنڌ ۾

گنجو تڪر گام ڪري، پهتي حب ۾ هاڙو
ڏيئي ترڪ تمام کي، چڏيائين پنهون لاءِ پاڙو
ڪوهه ڪشالا ڪاف جا، ڪري روهه مٿان راڙو
سٺائين سڀ سر تي، پر ٻوليائين نه ٻاڙو
چڙهي جڏهن چاڙهو ته پنهون گڏيس پنڌ ۾

طالب نه ٿي تقويٰ سندو اچ عشق جي ايوان ۾
موتو مري ماڻج مزا، محبت جي ميخان ۾
سر ڏيئي ڪر سر جو سودو اڏي جي امتحان ۾
چشمن سنديون چوٽون کائي، چاهت جي چوغان ۾
نينهن نماڻا نينهن سان لائج، السري انسان ۾

نه ٿي وائڙو نه وڃ اوبڙو چوٿو وڃين وجدان ۾
تنهنجو تو ۾ راز آ سارو ڳولي ڏس جند جان ۾
دل جو دلبر دل ۾ وسندو، تنهنجي مڙهي مڪان ۾
ٿي غواصي ڪاءُ غوطا، توحيد جي طوفان ۾
نينهن نشابر ٿيو نماڻا، السري انسان ۾

جي پائين جوڳي ٿيان، ته جوڳين ساڻ گذار
ڪيڙن ڪان پاسو ڪري، گوندر منجهه گذار
نماڻا نام سڃاڻ، پنهنجو آهين پاڻ تون

مـردن ملهايو ميدان کـي، ڀڏي لاهـوتي لنـگ
وحـدت جـي هـن وادي ۾، کـي جـوان کـٽن ٿـا جنـگ
سـي آڏوتـي اڙٻنـگ، جيکـي سـر ڏيئـي سرها ٿيا

سـر ڏيئـي سـرها ٿيـا، ۽ ورتـائون ٻـ سـر
مـن عـرف نفسـ فقـد عـرف ربـ، پروڙيائون پنهنجي پر
لاهـوتي لاخـوف ٿـي، چڙهيـا پـٽ پـڌر
علـم کـوڙي اثبـات جـا، کيائون نينهن نشابر
مـن رانـي فقـد راءِ الحـق، کئـي پنهـوارن پچـر
سـبحاني مـا اعظـم شـاني، کئـي کـاهوڙين خبـر
نـ جتـي بـوءِ بشـر، تـت نعـرا هنيـائون نينهن جـا

سـڏو پنـڌ صـورت جـو بـاقي سـيـ ولا
يلـي راهـ پـلا وتـي، هلنـدا بـ پـلا
جـن کي سير صـورت جو سي ٿيا کلهي سان کلها
بـاقي سـکا پـادر کـلا، بنـا عشـق الله جـي

سـڏو پنـڌ صـورت جـو صـورت بـ سـاڳي
کٺـي پيـر پٺيـرا، اتـي پهچـي کـو پـاڳي
نکـري منجهـان ناسـوت، جبـروت جـن جهـاڳي
مـاٺي مـزا ملکـوت جـا، ٿيـا لاهـوت روان راڳـي
جڳـايو جـن جـاڳي، سـي نماڻـا نينهن ۾ نهـال ٿيـا

هـادي جـي هـدايت جـي، ڳالهـ کيـان کيهـي
دوئـي غيـر غفلـت، هـن تڙايـا ٿيئـي
هـادي حـق سـمجهايو وحـدت ۾ ويهـي
تـڏهن کـل پئـي، نمـاٽي سـندي نـام جـي

Gul Hayat Institute

نماڻي سندي نام جي، تڏهن پئي ڪل
ڏني جڏهن اوچتو اچي عشق اچل
نہ ڪي سسئي سور ۾، نہ ڪي پار پنهل
روپن سندي راند ۾، ڪئي واحد آ ول چل
هئي هڪ هڪل، رڳو ٻڌڻ ۾ پئي تيا

رڳو ٻڌڻ ۾ پئي تيا، سسئي ۽ پنهل
اونهي انهي راز جي، ڪنهن ڪنهن پئي ڪل
نہ جاڙون جبل جون، نہ هجر نہ وصل
ڪثرت مان وحدت ٿي، جهلڪا ڏي جهل جهل
آهي هيڪڙائي هُل، ريءَ نماڻي ناهي ٻيو

ريءَ نماڻي ناهي ٻيو جي چاڻ ڪو چاڻي
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ، پنهنجو پاڻ پڇاڻي
من راني فقد راءِ الحق، صاحب ڪي سڃاڻي
ڪيو رنگ عجب راڻي، انا احمد بلا ميمي

اول عشق مجازي ساڪون، ڏتڙي يار ڏيکالي جي
دلڙي ساڏي لٽ ڳڌس، ڏي ڪي حسن دي چالي جي
نينان نال نين ملا ڪي، ڏيتس پُر پيالي جي
نينهن نماڻا نروار لڳڙا، ڪيتس قرب ڪمالي جي

برهہ دا بار جو آيا، برسر سر تي چايم جي
عشق حقيقي حملا ڪيتا، آن ڪي سر نوايم جي
وس ڪنون بيوس ڪر ڪي، گهتيان آن گهمايم جي
عشق نماڻا احسان ڪيتا، غير سجو گنوايم جي

Gul Hayat Institute

تار لڳي جڏهان يار والي، اهين تار اتي تر ويسان مين
جنهن قرب كريم كرم كيتا، اهين كرم اتي تر ويسان مين
جي محبوب چا مک موڙ ڏيوي، قسم سڄڻان دي مر ويسان مين
جي هادي حبيب دا هٿ هويا، نروار نماڻا نر ويسان مين

ثمر ساكون صبر دا ڏتڙس، نفي دا ناد اي تي دلشاد اي
عجز نياز تي عاضي هميش، اهو ٿيا ارشاد اي تي امداد اي
غير حسد بغض سارا، بلكل ٿيا برباد اي تي دل آزاد اي
صورت سڄڻ دي سيني سمائي، نماڻا عشق استاد اي سبق ياد اي

جڏهان حسن ڏيكالي ڏتي، تڏهان اڏ ڳيا هوش حواس سارا
حال خيال وچ يار رهيا، ٻيا غير ڳيا وسواس سارا
ماءَ پِيُو تي سنگت ساٿي، پل ڳيا ٻيا آس پاس سارا
بس هك دلبر دي درشن خاطر، دل رهي اداس سارا

حال هادي جڏهان حال ڏتا، جند ڇٽ پئي قيل مقال كنون
حق حقيقت هادي ڏتڙا، ٿيس آزاد ٻئي خيال كنون
اهو عجيب احسان كيتا، ٿيس دور سيئي جنجال كنون
نينهن نماڻا پُر پلايا، جامِ وصل كلال كنون

درد دلبر تحفہ ڏتڙا، درد كون دل وچ جاءَ ڏيتس
كُٹ قليجا قيما كيتس، جند جان سڀ جلا ڏيتس
ميڏا حسن جواني ماڻ غرور، هك لحظي وچ گنوا ڏيتس
اهين درد نماڻا داد كيتا، محب ميكون منوا ڏيتس

ذكر فكر يار دا رهيا، نہ پڙهدي دل قرآني
مک محبوب دا ويكڻ كيتي، بڻيوسي يار ديواني
گهر ٻار تي سنگت يار، مارن سَئي سَئي طعني
مرگ جنهن كون مدهوش كيتا، سي رهن يار نماڻي

Gul Hayat Institute

# مداح

## باحضور ميران محي الدين محبوب سبحاني پيرانِ پير دستگير رحمۃ اللہ علیہ

رس اچي تون راھ ۾ يا غوث اعظم دستگير

الف اوکي ۾امداد کر هن درد مندي جو داد کر
ويران دل آباد کر ميران محي الدين مير
رس اچي تون راھ ۾

ب بار بره جو باري آهي منهنجي وس نہ سواري آهي
نفس مجھڻ کان عاري آهي رس اچي روشن ضمير
رس اچي تون راھ ۾

ت تار گھريو آن تاري تنهنجي سير گھريو هان سهاري تنهنجي
اچي پيس مان پناري تنهنجي آهين بادشاھ بي نظير
رس اچي تون راھ ۾

ث ثابت رک تون سير اسانجو نہ من ۾ رهي کو مير اسانجو
مٺاءِ دل مان غير اسان جو تنهنجا داتا دامن گير
رس اچي تون راھ ۾

ج جوش ۽ جذبو سير جو واهرو ٿي دلگير جو
آهي آسرو تو وير جو ٿوَدانهون کري دلگير
رس اچي تو راھ ۾

ح حامي ٿي هر دم اسانجو جيئن ثابت رهي قدم اسانجو
تون ئي آهين ڀرم اسانجو کل پيرن جو تون آن پير
رس اچي تون راھ ۾

خ خوار کيو آ نفس اسانکي هر دم ڏي ٿو کس اسان کي
هن حال ۾ تون رس اسانکي نہ تہ رلي ويندوئي راهگير
رس اچي تون راھ ۾

Gul Hayat Institute

د دانهن جو تون داد ڪر اچي اوڪي ۾ امداد ڪر
هِن ۽ هُن ڪان آزاد ڪر تون آن والي منهنجو وير
رس اچي تون راهه ۾

ذ ذرا غور ڪر ڪو حال تي هن ٻانهي سندي ٻال تي
حال ڏي تون قال تي ڪل تي آهين تون قدير
رس اچي تون راهه ۾

ر راهه ۾ تون رس اچي حال هيڻو تون پس اچي
ڏکي ڪي ڪو ڏس اچي عشق محبت جو نظير
رس اچي تون راهه ۾

ز زور ناهي بس زاري منهنجي ويئي عمر اجائي ساري منهنجي
آئي آ هاڻي واري منهنجي ضامن پوءَ تون ضامن گير
رس اچي تون راهه ۾

س سڪندي جو تون سوال ٻڌ هن درد مندي جي ڳالهه ٻڌ
هن هيڻي سندو حال ٻڌ تون آن هيڻن جو همير
رس اچي تون راهه ۾

ش شان تنهنجو شاهي آهي هر دم تنهنجي همراهي آهي
توتي راز الاهي آهي باقي سڀ در جا فقير
رس اچي تون راهه ۾

ص صاف اسان جو سينو ڪر ياور يار يقينو ڪر
پرين پار سفينو ڪر سڙهه ڪنئي آهي سير
رس اچي تون راهه ۾

ض ضامن سڀ جو يار تون آهين اڙين جو آڌار تون
هن اوکي مان اڪار تون تون آهين مولا جو وزير
رس اچي تون راهه ۾

ط طاقت ناهي هيڻي آهيان آءُ نه پاڻ وهيڻي آهيان
ڏاڍي درد رنجيڻي آهيان ڪرڪو مونتي قرب ڪبير
رس اچي تون راهه ۾

Gul Hayat Institute

ظ ظالم نفس زور آور آهي | مون کي نہ ايڏو پاور آهي
بس توتي ئي باور آهي | مدد کر منهنجي مير
رس اچي تون راهہ ۾

ع عاجز آهيون عاجز آهيون | نفس جي هٿ ۾ قابض آهيون
ٿيا در تنهنجي تي حاضر آهيون | تون آن والي منهنجو وير
رس اچي تون راهہ ۾

غ غلام جو تنهنجي در جو آ | دارين جو سو رهبر آ
هي سائل هڪ نظر جو آ | کر کا نگاهہ اکسير
رس اچي تون راهہ ۾

ف فيض فقيري سائل آهيون | گھُور نظر جا گھائل آهيون
قرب تنهنجي جا قائل آهيون | کر کو سائين فيض فقير
رس اچي تون راهہ ۾

ق قرب کرڻ آ کم تنهنجو | کوجهن تي سائين کرم آ تنهنجو
سڏ ۾ سڏ ازم آ تنهجو | اڙيو ٻيڙو وچ آ سير
رس اچي تون راهہ ۾

ڪ کوجهن تي کرم کرين تو | چورن تي بہ پرم کرين تو
درد مندن جا غم وڃين تو | مون بہ کيو عرض صغير
رس اچي تون راهہ ۾

ل لائق تنهنجي در تان سارا | غوث قطب قلندر پارا
چاهي هجن سکندر دارا | تون شهنشاهہ سڀ وزير
رس اچي تون راهہ ۾

م محبوب الثقلين جي صدقي | پنجتن پاک حسنين جي صدقي
علي ولي حرمين جي صدقي | عرض اگھاءِ دستگير
رس اچي تون راهہ ۾

ن نعرا لڳن ٿا نينهن جا | فيض تنهنجي جي مينهن جا
ڏي پر جام عشق شينهن جا | دلبر آيو دم اخير
رس اچي تون راهہ ۾

و ولهن جو آهين والي تون
كونهِ ڇڏين كو خالي تون
پنهنجي لاڄ تو پالين تون
كر اسان تي قرب كبير
رس اچي تون راهه ۾

هه هادي تون همراهي تون
شان شوكت سڀ شاهي تون
بيواهن جو واهي تون
تنهنجي الفت كيو اسير
رس اچي تون راهه ۾

ء الله كارڻ عرض اگهاءِ
جاني پنهنجو قرب كماءِ
جلوو پنهنجو پرين پساءِ
دل كي آهي اها اكير
رس اچي تون راهه ۾

ي يا غوث اعظم ميران ميران
هادي نماڻي جون ٻڌ اكيران
بخشي منهنجون كل تقصيران،
ديدار كراءِ دستگير
رس اچي تون راهه ۾

Gul Hayat Institute

# کافی ۸۱

اللہ اللہ کا پتا، اللہ والوں سے ہی پوچھ
اور کیا جانیں راز اسی کو، میم کے متوالوں سے پوچھ

سر سپرد یار کر کے، فارغ ہوئے اختیار سے
بے سر بازی جنہوں نے کھیلی، ان جیالوں سے ہی پوچھ

گم صنم میں گم جو ہو کر، سر کا سودا کر دیا
خوب بسے جو خیال میں، ان خیالوں سے ہی پوچھ

پڑھ کے کئی قاضی کتب، الجھ پڑے مسلات میں
علم عقل سے عشق اعلیٰ، یہ مئے والوں سے ہی پوچھ

ڈھونڈھتا ہے اس جہاں میں، کیوں خدا کو دور دور
مڑ ہی مکان ہے تیرے اندر، اندر والوں سے ہی پوچھ

نہ کبھی اس کی رضا میں، خود کو دخل انداز کر
کر کے اپنا روپ راضی ، یہ رضا والوں سے ہی پوچھ

عشق والوں کے اندر میں، یار کی بیٹھک بنی
دل کے اندر ہے نمانا ، یہ دل والوں سے ہی پوچھ

Gul Hayat Institute

# کافی ۸۲

اس عشق کے میدان میں
چالاک جانا چاہیے
علم عقل دی جانہ کائی
دل سخاوت چاہیے
مولا کے در سے درد ملیو سے
شیر دلاور چاہیے
میں نمانا سائیں تیرا
محبت لطافت چاہیے

# کافی ۸۳

سوھنی موسم ساون دی
آئے پیارے مورے میخانے
آیا لطیفی لات کر کے
پر سوز دل ما نے
مر د حقانی حق پہ ہیں
فضل اللہ دل مانے
دوست اللہ کے درد میں
نیک سیرت دے خانے
خیال خدائی خیال کے اندر
درد والیاں دے ٹکانے
ہوئیاں نمانیاں مونجھیاں مانديان
وہ مرتضیٰ دل جانے

Gul Hayat Institute

# کافی ۸۴

ہر وقت تجھ کو، شامل حال دیکھوں
یہاں بھی وہاں بھی، یہ خیال دیکھوں

کئی روپ تیرے، کئی رنگ کرتا
ہر رنگ میں یہ، بے رنگ بستا
ذرے ذرے ظاہر، یہ جمال دیکھوں

کہیں عین عیاں، کہیں پردہ نشیں ہے
کبھی فرش پہ توں، کبھی عرش بریں ہے
یہ حیرت یہ عبرت، یہ کمال دیکھوں

ہر وقت حاضر، کل تخلیق ہے تو
کئی روپ تیرے، بہت شفیق ہے تو
کہیں رحمان بنتا، کہیں جلال دیکھوں

میرے سنگ ہمیشہ ، ہے مرشد کامل
میرے ساتھ ہر دم ، ہر حال شامل
ہر مثل میں میں ، بے مثال دیکھوں

کہیں راز محرم، کہیں تو بیگانہ
کہیں روپ راضی، کہیں تو نمانا
کہیں سچا سائیں ننگپال دیکھوں

Gul Hayat Institute

# اقوال زرين

قال چڏ حال وٺ
دوئي چڏ ديدار وٺ
زر چڏ توکل وٺ
کلفت چڏ الفت وٺ
آزي چڏ راضي وٺ
کوڙ چڏ سچ وٺ
هستي چڏ مستي وٺ
ماضي چڏ مستقبل وٺ
وقتي چڏ هر وقتي وٺ
ماٽو چڏ نماٽو وٺ

# اقوال زرين

جتي ناچيز هئي تتي چيز ڏنم
جتي دوئي هئي تتي ديوار ڏنم
جتي درد ڏنم تتي سرد ڏنم
جتي سور ڏنم تتي پرپور ڏنم
جتي نياز ڏنم تتي پرواز ڏنم
جتي خيال ڏنم تتي حال ڏنم
جتي نماٽو ڏنم تتي بي نياز ڏنم

Gul Hayat Institute

# ديوان نوراني

خادم الفقراءَ فقير هادي محمد حاجن المعروف فقير سخي نوراني سائين سجادہ نشين درگاہ عاليہ حضرت بابا فقير نماڻو سائين صوفي قادري قلندر جي ديوان نوراني مان چند ڪلام قارئين جي نظر ڪجن ٿا.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

## ڪافي 01

اگن ساڈے یار آویں، سن داہن میری وے
ڈیہاں رات تانگھ دل کوں، لگی یار تیری وے
کیتے قول واعدے، کر یار پورے وے
یاری آپے یار لائی، ہن ہویوں ویری وے
ناقص نمانی، ہاں یار تیری
توں لجپال سچا، میں لج تیری وے
دیدار تیرے دی، ہاں یار پیاسی
دلڑی دکھاں نے، ہن یار گھیری وے
نین نورانی، وکھا یار راضی
سکدی دی سوھنا، کر آس پوری وے

Gul Hayat Institute

# ڪافي 02

آهي مرضي جو مختيار
زورون زور زُراور يار

ٿاهہ عجب آيو ٿاهي
عاشق ٿو محبوب سڏائي
ڪٽي درد برهہ جو بار

هر جا وسي ٿو هر هنڌ ڏسي ٿو
پنهنجو پاڻ ڪي، پاڻ پسي ٿو
رکي ڪُلي ٿو اختيار

اَينما ڪنتم، اهو ئي آهي
فثمّ وجهہ الله ڏس ٿاهي ٿاهي
ڪر آيت تي اعتبار

عين ميم سان، عبد سڏائي
الف لام سان، الله آهي
نسنگ نوراني نروار

Gul Hayat Institute

# ڪافي 03

انڌيري ۾ ڪيو روشن، نوراني نور جو جلوو
سڙي غير ٿيو سرمو جيئن ڪوھ طور جو جلوو

اندر روشن ڪيو ٻاھر روشن، ظاھر روشن ڪيو باطن روشن
دوئي جو دور ڪيو پردو ذاتي ڪيو ظھور جو جلوو

تون آن مالڪ، تون آن خالق، تون آن قادر تون آن رھبر
ڪيو پورو پنھنجو واعدو ھِر دي حضور جو جلوو

مظلوم محتاج آھيان تنھنجو طالب، ختم ڪيو نفسي خلت سچيون سالم
وريءَ واو وصال جو ڏسان محب مخمور جو جلوو

الله نور السموات تنھنجو قول آ قائم، ھلي حڪم تنھنجو ٿو ھر جا دائم
روحاني راز آ راضي، اکين جي نور جو جلوو

Gul Hayat Institute

# ڪافي 04

اي هادي سچا همراز منھنجا، تون راضي آھين تون راضي آھين
سڀ ناز نياز انداز تنھنجا، تون راضي آھين تون راضي آھين

ھي حال حقيقي حيرت، سڀ معلوم آ توکي ساجن
آھين گڏ سدا ناھين مونکان جدا، تون راضي آھين تون راضي آھين

ڪڏھن مارين ٿو ۽ جيارين ٿو پيالو آب حيات پيارين ٿو
آھي ھر ھڪ تنھنجي سھڻي ادا، تون راضي آھين تون راضي آھين

ھن درد جي آھي دوا، ديدار تنھنجو آ شفا
ٻڌ سائل جي ھڪڙي آ سدا، تون راضي آھين تون راضي آھين

ڪڻي نيڻ نوراني نھار پرين، لھ سار نہ مون کي وسار پرين
سر ساھہ سارو آ توتان فدا، تون راضي آھين تون راضي آھين

Gul Hayat Institute

# ڪافي 05

آهي عاضي آهي عاضي
هو الله راضي هو الله راضي

جيئن ڪپڙو ڪپهه کي عاضي ڪري
ايئن بندو خدا کي پيو راضي ڪري
واهه واهه عشق تنهنجي آ بازي
هو الله راضي هو الله راضي

تنهنجي عشق جي آتش آڳ ٻري
انهي آتش ۾ پيو عاشق سڙي
مام محبت جي آ محبوب مجازي
هو الله راضي هو الله راضي

آئين يار نوراني، وبس ڪري
ڏنم ڏاڳو ڪپڙي ۾ ڏيان ڪري
واهه تنهنجي آ حڪمت سازي
هو الله راضي هو الله راضي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 06

تون طبيب آن ڪر منهنجي دوا، بيمار پيو هان تنهنجي بِلي
سچا رب ڏي شفيع شفا، شفاعت جي سرڪي ملي

ڏاڍو بار برهه جو باري آ، بس بيوسي بي اختياري آ
زاري تو در زاري آ، هي سور ڪنهن سان ڪين سلي

هن درد جي آهي دوا، ديدار تنهنجو دلربا
ديدار جي ڪر سخا، سخاوت جي دري ڪلي

سڀ ڄاڻ هوندي اڻڄاڻو آن، واه واه يار سڄڻ ڏاڍو سياڻو آن
هي اياڻو يار نماڻو آ، نماڻن کي ماڻ ملي

نوراني نانءُ تنهنجو سڀ کان اعليٰ، هڪ تون آن سو تنهنجا نالا
اهي نالا آهن نرالا، نالي جي نجات ملي

# ڪافي 07

پسند صورت ڪيم پنهنجي، ڪڍيم نہ ڪاڻ ٻئي ڪنهن جي
خلق الآدم اعليٰ صورت، ظاهر ظهور آ منهنجي

بشري جو برقعو پائي، آيس محمدي مظهر ۾
آهيان همدم هر جاءِ مان، علي الله پيس ٻڌجي

صفاتي سير آ سارو ظهورو ذات منهنجي جو
حسن هر جاءِ آ منهنجو وٺي ناهي هڪ ٽِر جي

شفاعت ۾ شفيع هان، آهيان رضا تي راضي
نوراني نياز نوڙت ۾ پيو هان پيار ۾ ڪڙجي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 08

جيڪو پنهنجو پاڻ سڃاڻي
لامقصود الّا هُو جو مقصد ماڻي
پاڻ سڃاڻڻ پنهنجو ڪم آ
فڪر فهم نہ ٻيو ڪوئي غم آ
پاڻ ۾ ويهي موجان ماڻي
پاڻ ڪان پري ٿي، پاڻ سڃاڻج
پنهنجو پردو پاڻ ئي لاهج
نفي اثبات جيڪو ڄاڻي
ڪُلّ نفس ذائقت الموت پاڻ تي آيو
انهي پاڻ ۾ پاڻ ڇپايو
رمز انهي کي جيڪو سڃاڻي
پاڻ ۾ آيو پاڻ ٻيهي
لم يلِد وَلَم يُولد ٻڌو سڀ ڪنهن هي
پنهنجي ٻول ۾ ٻلو آ هاڻي
پاڻ تي نالا يار رکي ٿو
لڪ انهي ۾ يار لڪي ٿو
نوراني نروار ٿيو هاڻي

Gul Hayat Institute

# ڪافي 09

ڇا عشق عاشقن سان، تو ايئن ڪيو آ
جيئن مون نماڻي ڪي، نهوڙي نيو آ

ٿيا سال سڪندي، سڪايل ڪي سڪ ۾
واعدو وصال جو توڪان وسري ويو آ

نيڻين ننڊ ناهي، ڪائڻ نہ خوشي جو
جگر جيءُ سارو جھُري پيو آ

آ يار راضي، ڪري ڪرم نوازي
عجز ساڻ عاجز، تو در پيو آ

ڏسان نين نوراني، نروار تنهنجا
هيڏو حال منهنجو هاڻي ٿيو آ

Gul Hayat Institute

# ڪافي 10

حسن تنهنجو بيمثالي، هر هر نرالي شان ۾
ڇا ڪريان تعريف تنهنجي، بي حد آ بيان ۾

ڪلُ شيءِ قدير تون، هر جا حاضر جا بجا
حق ئي حق موجود تون، باقي نہ ڪجھ درميان ۾

ذات تنهنجي جو ظهورو آهي سمايل صفات ۾
صفاتي آهي سير سارو فرما يو آ فرقان ۾

لڪين لقب تو لائيا، آدم ڪان عبد تائين
عبد ۽ معبود تون، آئين نظر انسان ۾

حق پاڪ راضي رهنما، تون ئي منهنجو مشڪل ڪشا
توڪان سواءِ ناهي ٻيو عرش و ز مين آسمان ۾

هر ناز تنهنجو آ نرالو سڀ ڪنهن نئين انداز ۾
نور نوراني آ تنهنجو سڀ شان ڪان وڌ شان ۾

Gul Hayat Institute

# کافی ۱۱

ڈھول میرا سوھنا، راضی میرا ڈھول بول بول بول، گیت پیار والے بول

راضی سائیں، رحمدل سائیں طالب اپنے دی لاج نبھائیں
گندی مندی جیھی تیھی رکھیں اپنے کول

راضی سائیں دا، میلا لگ دا رم جھم بونداں، بادل گج دا
مور پپیھا کوئل بولے گاون عشق دے بول

سندھ پنجاب دے، سارے آون رل مل سھیلیاں، میندڑی لاون
پا پا چھیریاں پھیریاں پاون سارے ساز سرول

اللہ راضی دا، نعرا وجدا ویکھ نورانی، دل نہ رجدا
حق موجود سدا موجود دا بولیں پیا بول

Gul Hayat Institute

# ڪافي 12

سڪندي ڪي نہ سڪاءِ پيارا
آءُ هلي تون آءُ پيارا

تانگه طلب تنهنجي آهي
بيوس دلڙي منهنجي آهي
ننگي ننگ نڀاءِ پيارا

ويجهو ٿي تون ويٺو آهين
پيار ئي پردو پنهنجو آهين
ڏکندي کي نہ ڏکاءَ پيارا

نالو جنهن جو نوراني آهي
سو مالڪ منهنجو جاني آهي
پلي پاڪر پاءِ پيارا

Gul Hayat Institute

# کافی ۱۳

شان جنھین دا سب توں اعلی
سو ہے راضی رحمدل رب رحمان
سوھنا سب توں سوھنا ماہی نال اھیں دے پریت لگائی
ہتھ تہین دے، اے جند جان
نینھن لاون دی خبر نہ کائی رمز عجائب یار سکھائی
بے حد کیتا، اے احسان
جھہڑا تیں در، سوالی آوے سوالی کدی نہ، خالی جاوے
میں سوالی، توں سلطان
راہ عشق دی، عشق وکھائی ظاہر باطن، راضی سائیں
نور نورانی، شان بشان

Gul Hayat Institute

# کافی ۱۴

عجب دیدار وکھایا یار، سکھایا پیار بسم اللہ
شکر ہر بار لکھ لکھ وار، پڑھاں میں یار بسم اللہ
چشم چمکار دی جھلکار، ویکھاں ہر وار بسم اللہ
شکر ہر بار لکھ لکھ وار، پڑھاں میں یار بسم اللہ
گل گلزار خوشبوء دار، آوے ھبکار بسم اللہ
شکر ہر بار لکھ لکھ وار، پڑھاں میں یار بسم اللہ
راضی سرکار دی دربار، امن پور یار بسم اللہ
شکر ہر بار لکھ لکھ وار، پڑھاں میں یار بسم اللہ
سدا سینگار ہے نروار، نورانی یار بسم اللہ
شکر ہر بار لکھ لکھ وار، پڑھاں میں یار بسم اللہ

Gul Hayat Institute

# کافی ۱۵

عشق اولڑی چوٹ چلیندا
تیر مریندا پیار دا دیدار دا
راضی رحمدل آپ ہے رہندا ناز نیاز نماناں جنھن دا
واہ نین نورانی یار دا دیدار دا
روح اللہ ہوکے راز ڈسیندا عارف ہوکر آپ الیندا
واہ سخن سچے سرکار دا دیدار دا
سیرت وفا سخی سخا کریندا بھر کر وحدت جام پلیندا
واہ رنگ رنگیلے یار دا دیدار دا
مکھ مہتاب نورانی جنھن دا، ایویں ویکھیم ہر دم اھیں دا
نور اللہ نروار دا دیدار دا

Gul Hayat Institute

# کافی ۱۶

کیا ہوا بے تاب دل، کیوں تڑپتی ہے سدا
جس کی تجھ کو یاد ہے، وہ تو تیرے ساتھ ہے

کیا سنتا نہیں پکار تیری، کہتی ہے تو ہو راضی خدا
دیکھا نہیں قرآن میں، وہ سمیع و بصیر ذات ہے

یہ عشق عجب مرض ہے، جس میں یاد کرنا فرض ہے
فاذکرونی اذکرکم، کی سچی تسلات ہے

دیکھا نہیں تونے کبھی، جس کے لیے ہے منتظر
دیکھ لیں تو کہدے، وہ نورانی ذات ہے

Gul Hayat Institute

# ڪافي 17

ڳالهيون يارن سان ني صاف
هر ڪو پاڻ ڪري انصاف

پاڻ کي سڀ ڪو چڱو چوائي
پنهنجا عيب ٿو پاڻ لڪائي
ڪيڏي ڪوڙي هٽي ٿو لاف

هئڻ هستي کي هر ڪو چاهي
دوئي دغا ۾ رکيو چا هي
ڪري ڪو نہ ڪوئي اعتراف

رب رحمدل راضي چوائي
نہ مجڻ واري تي لعنت آهي
ڪري ٿو مجڻ واري کي معاف

پوشاڪ نوراني پاڻ ٿو پائي
راضي رحمدل نانءُ رکائي
ڏسي صورت سهڻي صاف

Gul Hayat Institute

# ڪافي 18

مان چوان ٿو مان ئي آهيان تون چوين ٿو تون ئي آهين
ڪير آن ڪنهن کي چوين ٿو تون ئي سارو تون ئي آهين

هي راند آ رنگ برنگي هر رنگ ۾ آهي بي رنگي
سڀ ۾ آهي سير تنهنجو ڳالھ هي لوچي لهين

شان منهنجو آ شريعت حسن منهنجو آ حقيقت
طالب طريقت تي هلي معرفت منجهون لهين

هن حال حقيقت جي هدايت وٽ تہ مزو ماڻيين
هي راز هادي ڏسيو هر حال ۾ راضي رهين

بي نياز بي پرواھ آهي حسن جو هو بادشاھ
ناز نوراني ڏسي مون نياز مان نوڙت ڪئي

# کافی 19

وکھا نور جمال وے واسطا تینوں تیرے ناں دا
درد عشق نے اگ چا لائی سک دیدار دی روز سوائی
برہ کیتا بے حال وے
یاری تیں نال میں جو لائی بھل گیاں بھیناں بابل بھائی
کدی آ کے نہ پچھیا حال وے
امن پور دا توں ہیں والی میں ہاں منگتا در تے سوالی
کر نظر کرم دی بھال وے
آ مل ہن توں دلبر جانی وکھا اپنی صورت نورانی
ہے معلوم تینوں حال وے

Gul Hayat Institute

# کافی ۲۰

واہ واہ یار سجن ہے میرا
لایا سب وچ سوہنے دیرا
کتھے خیال خدائی دسدا
ہے روپ رنگیلا جس دا
اہو میرا ہے تے تیرا
بن رنگ برنگی آیا
چا پوش فقیری پایا
سر تاج یاسین دا سہرا
رب رحمدل نام رکھیندا
راضی آپ خدا ہے کہندا
جنھن دا نور نورانی ہے چہرا

Gul Hayat Institute

# ڪافي 21

واهه واهه مالڪ تنهنجو ڏنڏو
با اختيار تون مالڪ، بي اختيار بندو
وچون سوئي ناهي سنڌو

ڏوهه گناهه ثواب سمجهائين
نيڪي بدي کي گڏ هلائين
جيڪو جيڪي ڪندو

عشق عاشق کي محبوب ملائي
درد وندن جي دل بهلائي
شوق ڪري شرمندو

جنهن دل ۾ آ ياد الاهي
تنهنجي آهي سڀ سڻائي
جيڪو راضي رب ڪندو

ناري نوري، نور نوراني
الانسان، سر سبحاني
سڀ ڪنهن ۾ آ سنڌو

Gul Hayat Institute

# ڪافي 22

واهه واهه عشق ڪرايو سجدو سجود
ڏس پنهنجي اندر ۾ حق موجود

حق حقيقت هادي ڏسي آ
تنهن اسان جي دلڙي ڪسي آ
وسريو سارو وهمي وجود
عشق اچي لائي جاتي ديرو
عقل نه پائي اوڏانهين ڦيرو
ٿو دکي دردن جو دوڙ
وبڙهه وحدت ۾ جيڪي ويتا
پنهنجي اندر ۾ سي ئي پيتا
ڪيائون نفس اماري کي نابود
رب رحمان آهي راضي
باقي سب آ ڪوڙي بازي
مليو نور نوراني معبود

Gul Hayat Institute

# ڪافي 23

واھ واھ يار سڄڻ ڏاڍو سياڻو آن
سڀ ڄاڻ هوندي اڻ ڄاڻو آن

ڪنهن جي لاءِ سڪين ٿو ڪنهن کان لڪين ٿو
هر جاءِ وسين ٿو هڪ جاءِ ٽڪين ٿو
بس راضي رضا جو راڻو آن

هر روز نيون نت، چالون چلين ٿو
ڳجھ اندر ۾، ڳالھيون ڪرين ٿو
ڪڏهن ملڻ لاءِ ماندو ڪڏهن ماٺو آن

تنهجو سوز فراق، ساڙي ٿو
درد ڏکن سان دل کي، ڪاڙهي ٿو
ڪڏهن بي پرواھ ، ڪڏهن نماڻو آن

ڏسان نور نوراني، تنهنجو ٿو
ڏسي من مستانو منهنجو ٿيو
مان چريو تون سهڻو سياڻو آن

Gul Hayat Institute

# ڪافي 24

هي بندي بدڪار آهي نوڪر تعبيدار
تون سھڻو آهين سھڻو آهين سھڻن جو سردار

ڪونہ ڏنو مون ڪاڻي آهي، تو جھڙو ٻيو يار
هن ڪوجھي تي آهي ڪيڏو ڪرم تنھنجو يار

آهي راضي راضي، راضي منھنجو يار
پردي اندر پنھنجي، پاڻ ڏيئي ٿو پيار

نيڻ نوراني نازن وارا، ڪٽي ڪلين ٿو يار
لب لعل گلابي آهن، آهين صورت جو سردار

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

# تعارف مرتب



نالو عبدالجبار ولد محمد قاسم ذات ڪنير چنا تخلص عزيز حيدري جنم جي تاريخ 01.8.1968 ويٺل ڀهرين ڳوٺ صالح ڏهر هاڻ مسلم ڪالوني اوٻاوڙو پرائمري تعليم, گورنمنٽ پرائمري اسڪول قائم الدين ڪلهوڙو, سيڪنڊري گورنمنٽ هاءِ اسڪول اوٻاوڙو, بي اي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گھوٽڪي ۽ بي ايڊ شاه لطيف يونيورسٽي خيرپور 1988 کان ويڪسينيٽر جي حيثيت سان تعلقه هاسپيٽل اوٻاوڙو ۾ ڊيوٽي شروع ڪئي. ڀٽائي سائين جو رسالو زيادا پڙهڻ سان فقر طرف رجحان ٿيو 1989 ۾ فقير ديدار علي سائين جي صحبت و محبت نصيب ٿي جنهن جي معرفت سائين پاڪ جن سان ملاقات ٿي 1992 ۾ مالڪن طالبيت جي شرف سان نوازيو. صحت کاتي جي نوڪري سان لڳاءُ گهٽ هيو ۽ سائين پاڪ جن بہ فرمائيندا هئا تہ عبدالجبار سائين ماستري جي ڪوشش ڪريو 1990 ۾ پي ايس ٽي آرڊر بہ مليو مگر سياسي ۽ سرڪاري وجوهات جي بنا تي جوائننگ نہ ٿي محتسب اعليٰ جي ڪورٽ مان بہ اسان جي حق ۾ فيصلو آيو مگر آرڊر نہ مليو. سائين پاڪ جن فرمايو تہ عبدالجبار سائين اسان تاريخ 27.8.1995 تي اوهان وٽ 8:30 بجہ صبح جو ايندا سي پوءِ مشتاق سائين ڏانهن هلندا سون سائين پاڪ جن واعدي جا پابند هوندا هئا ڏنل ٽائيم کان اول پهچندا هئا مگر ليٽ نہ ٿيندي هئي مگر ان ڏينهن سائين جن 1:30 بجہ منجهند تائين نہ پهتا آءُ تمام پريشان هيس ۽ ڪڏهن ايئن ٿيو نہ هيو فون تي رابطو بہ نہ هيو مالڪ سائين 1:30 کان ڪجهہ ليٽ اڪبر سائين جي دوڪان تي پهتا ۽ فرمايائون تہ عبدالجبار سائين مير پور ماٿيلو ۾ ڪم ٿي پيو هيو سو ليٽ ٿي ويا سون ڏي احوال تنهنجي نوڪري جو ڇا ٿيو مون عرض ڪيو تہ سائين ڪجهہ بہ ڪونہ, پاڻ فرمايائون تہ وڃ وڃي آرڊر ڪڍي اچ. آءُ خوشي مان مير پور ايس ڊي او آفيس ويس تہ آرڊر ورهائجي رهيا هئا آءُ پهتس ئي تہ منهنجو نالو پڪاريو ويو آرڊر وٺي يڪدم واپس پهتس سائين پاڪ مسڪرائڻ لڳا يار مون تہ تنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ ڀوڳ ڪيو آرڊر ملي ويو مون عرض ڪيو تہ

جي حضور اسان جو پوڳ ۾ ئي ڪم تي ويو ان ڏينهن کان تعليم کاتي ۾ نوڪري شروع ڪئي. لکڻ پڙهڻ ۾ پهرين شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ليڪن هادي پاڪ جي صحبت کان پوءِ تصوف ڏانهن لاڙو تي ويو. باقي جو لکجڻ بند تي ويو.

سائين پاڪ جن جي خاص عنايت جو پنهنجو ديوان جام عشق عطا ڪيوءِ پنهنجي نهايت ويجهڙائي قرب ۽ صحبت و محبت عطا ڪئي. سائينجن جي حياتِ طيبہ ۾ ديوان تيار تي چڪو هيو مگر پاڻ في الحال اشاعت کان منع فرمائي، ترتيب ڏنل ديوان بار بار سائين جن کي ڏيکاريو ۽ تصديق ڪرائي، سائينجن طرفان پنهنجي پڏايل سوانح عمري لکائي ويئي ۽ وصال کان پوءِ باقي ڪجھ رهيل ڪم سائين نوراني سائين جي مصلحت سان پورو ڪيو ويو. هن ڪم ۾ منهنجو سدائين هر حال ۾ معاون و مددگار مشتاق احمد سائين رهيو.

Gul Hayat Institute

# مشتاق احمد سائين قاضي



مشتاق احمد سائين ولد رحيم بخش قاضي وينل ڳوٺ صالح ڏهر سندس جنم. 04.4.1982 ۾ ٿيو پرائمري تعليم. گورنمنٽ پرائمري اسڪول صالح ڏهر, سيڪنڊري تعليم گورنمنٽ هاءِ اسڪول اوباوڙو مان حاصل ڪئي. اسانجي صحبت ۽ پيار جي سبب سان مالڪن سان ملاقات ٿي ۽ سدائين لاءِ سائينجن جا ٿي ويا. نهايت ئي مسڪين طبقي سان واسطو هجڻ سبب تعليم اڌ ۾ڇڏي پهرين سائين محمد شاڪر سائين جي بسم الله ميڊيڪل هاسپيٽل گهوٽڪي ۾ نوڪري شروع ڪئي بعد ۾ پاڪ فوج ۾ 27 سنڌ ريجمنٽ ۾ انفينٽري ۾ سپاهي طور ڀرتي ٿيو سيڪنڊ ڪمانڊو ۽ ميزائل فائر تائين ٽرينگون سٺي پوزيشنن ۾ حاصل ڪيائين اٺن سالن کان پوءِ فوج کي الوداع چئي ٻيهر سکر ۾ شاڪر سائين وٽ ڪم شروع ڪيو ڪجھ سالن کان پوءِ سکر کي ڇڏي منهنجي پاڙي ۾ دوڪانداري ڪيائين. پاڻ هڪ بهادر نڊر اڻتر ۽ سچو انسان هو دوستن جو دوست ۽ محبت ۾ سر ڏيڻ وارو انسان هو غلط ڳالھ ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندو هو ڪير بہ هجي ان کي سچ منهن تي چوڻ وارو هيو ان ڪري عزيز و اقارب جي خاص عتاب هيٺ رهيو تنهنڪري ڪنهن جي خوشامد بجاءِ تنهائي کي ترجيح ڏيندو هو منهنجو هڪ سچو همراز همدرد. هڏڏوکي, مخلص ۽ نهايت ئي پيار ڪرڻ وراو دوست هيو جنهن منهنجي هرحال ۾ هر مدد ڪئي ۽ منهنجو سهارو بڻيو رهيو سائين پاڪ جن ۽ تمام فقراءَ جو لاڏلو فقير رهيو سائين نوراني سائين جن کان موسيقي جي تربيت حاصل ڪيائين تمام مٺي ۽ سريلي انداز ۾ ويراڳ ڪندو هو آخري ايام ۾ ماڙي گيس ڪمپني داد لغاري ۾ سيڪورٽي گارڊ جي ڊيوٽي ملڻ سبب دوڪان بند ڪري داد لغاري هليو ويو جتي تاريخ 14.4.2015 تي رات جو تقريبن 9 بجي ڊيوٽي تي ويندي سامهون ايندڙ تيز رفتار موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ شهيد ٿي هميشہ لاءِ زندھ ٿي ويو سندس نمازِ جنازا ۾ سائين نوراني سائين طرفان سائين بلال احمد سائين شريڪ ٿيا ۽ پنهنجي دستِ مبارڪ سان لحد ۾ لاهي ڳوٺ باغ علي چاچڙ جي قبرستان ڪمون شهيد ۾ جاءِ ڏنائون. سائين پاڪ بابا نماڻو سائين جن جو هي پهريون ئي طالب هو جنهن سائين پاڪ جي وصال کان پوءِ هن دارِ فاني مان راهي ٿي الله تعاليٰ کي پيارو ٿيو ۽ سڀ کان پهرين مالڪن جي محفل ۾ شريڪ ٿيندو انشاءَ الله. ڏٺي در دعا آهي تہ الله هادي مالڪ ڪريم ڪيس ڪيل خطائن جي معافي عطا ڪري پنهنجي خاص قرب ۽ جوارِ رحمت هيٺ جڳھ ڏي ۽ سندس جا درجات بلند فرمائي. آمين

# مددي ڪتاب

| جريان | نالو ڪتاب جو | ميڊيم | ليکڪ يا مرتب |
|---|---|---|---|
| 01 | ديوان درد عشق | اردو | حضرت فقير سخي راضي سائين لاهور، مرتب حضرت فقير خيال الله سائين |
| 02 | فرحت الفقر | اردو | حضرت فقير سخي راضي سائي لاهور،مرتب حضرت فقير خيال الله سائين |
| 03 | ديوان درد عشق | اردو | حضرت فقير سخي راضي سائين لاهور مرتب محمد سهيل سائين |
| 04 | ڪشف المحجوب | سنڌي | حضرت داتا عثمان بن علي هجويري لاهور مترجم عطا محمد حامي |
| 05 | درويشون ڪي ڪسوٽي | اردو | حضرت سخي سلطان باهو رح مترجم ملڪ فضل الدين مجددي نقشبندي |
| 06 | گلزارِ غمدل | سنڌي | حضرت فقير سخي غمدل سائين مرتب سائين لطف علي سائين |
| 07 | جامِ عرفان | اردو | سيد محمد فاروق القادري ايم اي |
| 08 | صوفي سونهون ياڳوهيو | سنڌي | حضرت فقير سخي نصير سائين جلالاڻي رح |
| 09 | سوانح حيات حضرت مير محمد پهوڙ | سنڌي | حافظ محمد نواز ڪوسو |
| 10 | سوانح پيرانِ پير | اردو | پروفيسر فياض ڪاوش |
| 11 | ماهانہ سلطان الفقر ماهہ مارچ 2010 | اردو | مدير حماد الرحمن سروري قادري |
| 12 | رسالہ غوث الاغظم جواهر العشاق | اردو | حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني پيرانِ پير رح حضرت خواجہ سيد محمد حسيني گيسو دراز |
| 13 | نهج البلاغہ | سنڌي | مترجم الطاف ملڪاڻي |
| 14 | رسالو سچل سرمست | سنڌي | عثمان علي انصاري |
| 15 | ديوان عرفان الله | اردو | حضرت سخي محمد شفيع سائين ﷫ نارووال مرتب عبدالجبار عزيز حيدري |
| 16 | سچل جو سنهيو | سنڌي | ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي |
| 17 | گلدستہ فيضِ روحاني | سنڌي | الحاج مولانا علي محمد مشوري قادري |
| 18 | اسرار الاهي | اردو | خواجہ معين الدين چشتي اجميري رح |

## تمت بالخير



Gul Hayat Institute

# ديوان جام عشق

## ڪلام

### حضرت فقير سخي
### بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر

تحرير و ترتيب

**چنا عبدالجبار سائين "عزيز حيدري"**